شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

# ڪرزما

ڊائجسٽ



"تي ڪتائون"

امر جليل جي اڻ ڇپيل لکڻي

"عمر خيام" عظيم ايراني شاعر

۽ سائنسدان جي زندگيءَ جو احوال

"هڪ دفعو وري" هندوستان جي سنڌي ليکڪ

گوبند خوشحالاڻيءَ جو ناول

ماهوار

SS-1231

# ڪرزما

جلد پهرين، شمارو ڏهون ، اپريل 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني
ايڊيٽر (اعزازي) : الطاف ملڪاڻي
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
: ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ٽائيٽل لي آئوٽ : محبوب علي زرگر
ڪمپيوٽر ڊزائنر : صدر الدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز- ڪراچي
021-2214834، موبائيل: 0300-2800427

قيمت في پرچو : 30 روپيا
ساليانو في : 300 روپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

**سول ڊسٽريبيوٽرس** (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي کان وٺي نواب شاهه تائين)
فون نمبر 0333-2745033
(1) اختيار علي سولنگي (موري کان وٺي جيڪب آباد تائين)
فون نمبر 0333-7594472

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عرفان علي نوراني**
بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ
پنجون، ڪلفٽن ڪراچي
فون نمبر: 0333-2745033
موبائل: 0300-9223834

**الطاف ملڪاڻي**
معرفت ارم ڪمپيوٽرز
ويجهو چائينز ريسٽورنٽ گاڏي
کاتو، حيدرچوڪ حيدرآباد
موبائل: 0301-3520695

E-mail: krizmadig@yahoo.com

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڪرزما پوسٽ — 16 — پوسٽ

عمر خيام — 20 — الطاف ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

ٽي ڪتائون — 59 — امر جليل

ڊيل — 69 — حسن منصور

اکين ۾ فريز ٿي ويل هڪ رات — 75 — فياض چند ڪليري

منع ٿيل ميوو — 88 — ريتا شهاڻي

زندگي — 94 — جميل احمد پنو

دهلي — 97 — اختر رند

هڪ گمنام ماڻهوءَ جو موت — 111 — جان خاصخيلي

پٽ — 116 — جين پال سارتر / ڊاڪٽر منظور ميمڻ

ڪاروسچ — 137 — ڪرشن چندر / عرفان ميمڻ

خودداري
150
عمر سيف‌الدين ترکی / گلزار علی ولیاٹی

بيڪٽيريا جي چوري
161
ايچ جي ويلس / نصرالله عباسي

امان تون مري وڃ!
168
بيڪريلڊز / امر اياز

شڪي ڪردار
176
احمد صغير صديقي / اين جي پرزو

محشر
182
سڊني شيلڊن / محمد ميمڻ

پراسرار برمودا ٽڪنڊو
212
ڊاڪٽر خالد نوراني

ڪوزو نبي طليحہ اسدي
232
محبوب سمون

شاعري
247
متفرقہ

هڪ دفعو وري
258
گوبند خوشحالاڻي

اخبار ۽ رسالن جي وڪري سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ

# خوشخبري

- ڪرزما ڊائجسٽ پنهنجي اجراءَ جي مختصر عرصي ۾ سنڌي پڙهندڙن پاران وڏي موٽ ماڻي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي ماڻهو معياري شين جو قدر ڪرڻ ڄاڻن ٿا. پر جيئن ته سنڌ ۾ ڪتابن جي ترسيل جو ڪو جامع نيٽ ورڪ نه آهي، ان ڪري سواءِ ڪن مخصوص ڪتابن جي عام سنڌي ڪتاب ۽ رسالا سڄي سنڌ ۾ نه ٿا پهچي سگهن.

جيئن ته ڪرزما ڊائجسٽ "ڪرزما پبليڪيشن" پاران جاري ڪيو ويو آهي ۽ هن اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ کان علاوه ٻين ضروري موضوعن تي به ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو آهي. جن کي هر جاءِ تائين پهچائڻ لاءِ اسانجو ادارو هڪ جامع نيٽ ورڪ ٺاهڻ جو خواهشمند آهي. ان سلسلي ۾ اخباري صنعت سان وابسته ايجنٽن ۽ ڪتابن جي فروخت سان تعلق رکندڙن کي ضلعي، تعلقي يا شهرن جي سطح تي ڪرزما پبليڪيشن جي رسالن ۽ ڪتابن جي ورهاست لاءِ ايجنسي وٺڻ جي يا نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ دعوت ڏجي ٿي. ان سلسلي ۾ خواهشمند ساٿي هيٺين پتن تي لکپڙه ڪري سگهن ٿا.

**پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي**

**۽**

**ڊاڪٽر خالد نوراني، بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834**

# پنهنجي پاران

ڪرزما جو نئون شمارو حاضر آهي. ڪجھ ڳالهين جي ڪري پويان ٻئي پرچا ليٽ پهتا هوندا. جن جي لاءِ معافيءَ جا طلبگار آهيون. اسان پرچو ليٽ ڪرڻ نہ چاهيندا آهيون. پر ڪجھ مجبوريون هونديون آهن، جنهن جي ڪري پرچو دير سان اوهان جي هٿن ۾ پهچي ٿو. اسان جي پوري ڪوشش آهي تہ پڙهندڙن جي هٿن ۾ پرچو وقت سر پهچي.

سنڌيءَ ۾ ڪتاب ۽ رسالا تمام گهٽ آهن.جيڪي آهن، اهي بہ ڪي خاص نہ آهن. حال اهو آهي جو سنڌ ۽ هالار ڊائجسٽ بند ٿي چڪا آهن. صرف هزار داستان ۽ ڪرزما نڪري رهيا آهن. اسان کي اها ڳالھ مڃڻ گهرجي تہ اسان هڪ سست قوم سان تعلق رکون ٿا. اسان کي ڪم ڪندي تپ ٿو چڙهي. هر هنڌ اسان پٺ تي آهيون. پنهنجو پاڻ کي سنڌ سان سچو چئي نہ ٿڪندڙ ٽولو. جيڪو حڪمرانن جي مدد ۽ اسان جي ميرن، پيرن ۽ وڏيرن جي مدد سان نہ صرف سنڌ جي شهرن پر پوري سنڌ تي قابض آهي، سنڌين کي پٺتي پيو ڪري. ڏوھ انهن جو ناهي. اسان کي پنهنجي اندر ليئو پائڻ گهرجي.اسان وٽ ٽيڪنيڪل ماڻهو بلڪل ڪو نہ آهن. بجليءَ جو خسيس ڪم هجي يا ٽي وي جي مرمت جو مامرو.گاڏين جي ناهڻ جو ڪم هجي يا ٻيو ڪو اهڙو ڪم. اسان وٽ ڪجھ بہ نہ آهي. اسان جي پڙهندڙ طبقي وٽ ڊگريون آهن، پر علم ڪونهي. اسان اهو دعويٰ ڪيون ٿا تہ سنڌي ٽي ڪروڙ آهن، پر حال اهو آهي جو اسان کي ڏہ ڇٽا اهڙا نہ ٿا ملن جيڪي وقت سر مواد لکي ڏين. اهو بہ ڪونهي تہ ڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ هزارين رسالا پيا ڇپجن ۽ لکڻ وارا رات ڏينهن لکي لکي ٿڪجي پيا آهن. اسان جي ڀيٽ ۾ اردو آباديءَ جو تناسب پنجين پتي بہ برابر ڪونهي، پر ان هوندي بہ انهن جا ليکڪ سون رسالن، ڊائجسٽن ۾ مهيني سر انيڪ موضوعن تي لکي رهيا آهن.اردوءَ جو صرف هڪ ليکڪ هڪ ڊائجسٽ ۾ ٽيهن سالن کان مسلسل هڪ قسطوار سسلسلو لکي رهيو آهي. هو هر مهيني سنڌي ڊائجسٽ جي سو ڪن صفحن جيترو مواد لکي ٿو. ان ليکڪ صرف ان قسطوار سلسلي لاءِ ايترو لکيو آهي جو ان جا پنجاھ کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ اڃان ڇپجن پيا. جيڪڏهن رڳو ان هڪ ليکڪ جو مواد گڏ ڪيو وڃي تہ اسان جي ڇپيل ڪيترن سالن جي ادب جي برابر ٿي ويندو. ماڻهن جي ذهنن ۾ موضوع سرجبا آهن ۽ هو انهن مٿان لکندا آهن. اسان کي ڪو اهڙو ماڻهو نہ ٿو ملي جيڪو ڪرزما ڊائجسٽ ۾ سسلسليوار لکي ۽ نہ وري اسان کي ڪو اهڙو ماڻهو ڪنهن ٻئيءَ سنڌي رسالي يا ڊائجسٽ ۾ لکندو نظر اچي ٿو. ڳالھ صرف سچائيءَ جي آهي. ورنہ ڪم ڪو ايترو مشڪل ناهي. آدي نور ناز جهتيال، الطاف ملڪاڻي ۽ يوسف سنڌي نوڪريون ڪندي بہ ايترو ڪجھ هر مهيني لکي سگهن ٿا تہ پوءِ ٻيا ڇا جي ڪاڻ نہ ٿا لکن. جيڪڏهن ٽن ڪروڙ سنڌين مان صرف پنج هزار ماڻهو، جيڪڏهن هڪ صفحو هر روز لکن تہ بہ جيڪر اسان وٽ ٻن ٻن سون صفحن جا پنجويھ ڪتاب روز شايع ٿين. جيڪڏهن اسان جي قوم جو هڪ سيڪڙو بہ هڪ ڪتاب مهيني سر خريد ڪري تہ بہ اسان هزارين ڪتاب مهيني سر وڪڻي سگهون ٿا.

اديب پنهنجي ضمير سان سچو هوندو آهي. هو چاهيندو آهي تہ سندس لکيون، جنهن ۾ سندس خيال ۽ آدرشا اهوندا آهن، ماڻهن تائين پهچن ۽ سوچ ۾ تبديلي اچي. پر سنڌي اديبن جي ڳالھ ئي ڪجھ مختلف آهي. انهن جا هٿ لکندي ڏکن ٿا. بهانو تہ اسان ڊائجسٽ لاءِ ڪو نہ لکنداسين. اها ڳالھ اسان جي "شان" جي خلاف آهي. امر جليل سنڌ جو سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار آهي، پر هن تہ ڪڏهن بہ ڪرزما ۾ لکڻ کان ڪين ڪيٻايو آهي.اسان کي تہ فخر آهي تہ سائين امر جليل ڪافي سالن کان پوءِ جڏهن وري سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون تہ اهو ڪرزما ڊائجسٽ ئي هو، جنهن کي اهو اعزاز بخشيائين تہ اها سندس لکڻيون شايع ڪري. در حقيقت اسان جا سنڌي اديب بہ ان زوال پذير معاشري کان متاثر ٿي رهيا آهن، جيڪو سنڌ کي اڌوهيءَ وانگر کاهي رهيو آهي ۽ اسان جي ذهني صلاحيتن کي زنگ هڻي رهيو آهي. اديبن جو ڪم اهڙن ذهني بحرانن کان قوم کي بچائڻ هوندو آهي، نہ ڪي خود ان جو شڪار ٿيڻ. ان جو نمونو توهان کي هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي ملندو. پوءِ چاهي اها ڪيتي ٻاڙي هجي يا ڪارخانو. نوڪري هجي يا ڪاروبار. تعليم هجي يا رانديون. اسان کي مڃڻ گهرجي تہ اسان سماجي طرح نهايت پٺتي رهجي ويا آهيون ۽ اسان کي اڳتي وڌڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻي آهي ورنہ زندگي تہ جانور بہ گذاري ويندا آهن. اسان بہ جيئن تيئن ڪري گهاري تہ ڪهڙو تير هنيوسين.

# ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي تہ پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نہ ٿا وٺن. چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ، هائوس نمبر B/121-D، بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي بہ موڪلي سگهن ٿا . دوستن ڪي درخواست ڪجي ٿي تہ پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان ڪي هر مهيني پندرهين تاريخ ڪان پهرين موڪلين چو تہ ان ڪان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن ڪي اهو بہ عرض آهي تہ پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرياسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪليندا تہ مهرباني ٿيندي. ڇو تہ ان صورت ۾ ادارو ساڻن مواد لاءِ ترت رابطو بہ ڪري گهي ٿو.

——— (ادارو)

ڪرزما جو نئون شمارو مليو. امر جليل جي ڪمي ڏاڍي محسوس ٿئي ٿي. ان جي لکڻي ڇو نہ ٿا شايع ڪريو؟ اسان انهيءَ جي لکڻين جا ديوانا آهيون.هن ڀيري ريٽا شهاڻي جو ناول ۽ نور ناز جهتيال جو مضمون "روشن فلسفي" رسالي جي جان هئا. حسن منصور. نثار برڙو.زبير سومرو، عزيز ڪينجهرائي جي ڪهاڻين موهي وڌو. ترجمن واريون سيئي ڪهاڻيون سٺيون هيون، خاص ڪري ڪرشن چندر، نصرالله عباسي، بيدل مسرور، ۽ گلزار ولياڻي پاڻ ملهايو.شاعري بہ بهترين هئي.خاص ڪري فياض چنڊ ڪليريءَ جي شاعري مست ڪري وڌو.

*رئوف ڪونلر، مورو*

توهان جو ڪرزما ڊائجسٽ ورتم. پڙهڻ بعد ڏاڍي خوشي ٿي تہ اهڙي معيار وارو ڊائجسٽ سنڌيءَ ۾ نڪري رهيو آهي.جنهن ۾ ڪهاڻين ڪان سواءِ صوفي بزرگن جي باري ۾ بہ ڄاڻ آهي. اميد تہ اهو سلسلو جاري رکندو.

*عبدالوهاب سومرو، نصيرآباد*

آئون ڪرزما ڪي ان جي پهرين شماري جي شايع جي وقت ڪان پڙهي رهيو آهيان. امر جليل صرف توهان جي ڊائجسٽ ۾ لکي ٿو. جنهن منجهان توهاني جي رسالي جي معيار جو پتو پوي ٿو. پر سائين وري عرصي ڪان غائب ٿي ويو آهي. اسان جي اروڙ جي مست ڪان گذارش آهي تہ هو هر مهيني ڪا نہ ڪا ڪهاڻي لکي. اهو سندس مٿان سنڌي ٻوليءَ جو قرض آهي. هن ڀيري ريٽا شهاڻي جو ناول ڏاڍو وڻيو. اهو پهريون دفعو هو جو اوهان ڪو اصولڪو سنڌي ناول ڇپيو هو. باقي ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جي لکڻيءَ دماغ جا پردا کولي ڇڏيا. حسن منصور پلوڙ ليڪڪ آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين لڳندو آهي تہ ڄڻ سائين امر جليل، حسن منصور جي نالي سان لکي رهيو آهي. هن ڀيري نثار برڙي، زبير سومري ،

ڪرشن چندر. نصرالله عباسيءَ جي ڪاوشن مٿن عاشق ٻٽائي ڇڏيو آهي. شاعري بہ سٺي هئي خاص ڪري فياض چنڊ ڪليري جي. اميد تہ معيار کي قائم رکندا ايندا.

***محمد حسن پنهور، حيدرآباد.***

آئون نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا مواد موڪلي چڪو آهيان. پر الاءِ ڇو توهان شايع نہ ٿا ڪريو. سائين مهرباني ڪري ڪرم جي نگاه اسان تي بہ ڪريو.

***بابر بيوس ڀٽ ، موئن جو دڙو، لاڙڪاڻو***

ادا مهربانيءَ جا ڪا ڳالهہ نہ آهي. مواد جيڪڏهن ڇيڇڻ جهڙو هوندو تہ ضرور شايع ٿيندو. اسان هر مهيني ٽي سو چوڏنهن صفحا ڇپي رهيا آهيون. اهو بہ تہ دوستن جو مواد آهي جو ڇپجي پيو. هن ڀيري توهان نثري نظم موڪليو آهي. ٿوري وڌيڪ محنت ڪريو. توهان جو مواد شايع ٿي ويندو( ادارو)

گهٽ قيمت ۾ نوان ۽ نرالا ناول، ڏيهي توڙي پرڏيهي شاهڪار پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. توڙي جون ڪهاڻيون بہ شاعريءَ سان گڏ دلين کي انسپائر ڪن ٿيون.پر ناول نيٽن نيرن نگاهن جي رنگن جي جادوگري آهي.هڪ غزل موڪليان پيو. اميد تہ ساڳي پلوڙ موٽ ملندي.

***منور ملاح، ڪپرو سانگهڙ***

ادا توهان جي مهرباني جو ايتري تعريف ڪئي اٿو. توهان جي شاعري شايع ڪئي وڃي پئي( ادارو)

ڪرزما جو شمارو هڪ دوست هٿان مليو. مون ڪرزما کي پهريون دفعو پڙهيو آهي. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي تہ سنڌيءَ ۾ اهڙو ڊائجسٽ نڪري ٿو. جيڪو سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو.اميد تہ لاٽ سدائين ٻرندي رهندي. پنهنجي ڪجهہ شاعري موڪليان پيو. اميد تہ سٺي موٽ ملندي.

***ثقلين لاشاري، قمبر***

ادا توهان جي شاعريءَ کي ضرور شايع ڪيو ويندو. صرف ٿورو انتظار ڪندا( ادارو)

ڪرزما جو فيبروريءَ جو شمارو مارچ ۾ مليو. هيڏو ادارو ۽ هيڏو مشهور ڪتاب بہ وقت سر نہ ملي سگهي تہ حيرت ٿئي ٿي. بهرحال اوهان جي ڪا مجبوري هوندي. هڪ ڪهاڻي لکي آهي، جيڪا انگريزن جي دور جي آهي. اها مون انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي. شايع ڪريو تہ موڪلي ڏيان، نہ تہ ايڏو خرچ نہ ڪريان. باقي ڪرزما پنهنجي مٹ پاڻ هو.سڀ ڪهاڻيون پنهنجي مٹ پاڻ هيون. پڙهڻ کان پوءِ ايئن لڳو تہ ڄڻ ليکڪن پاڻ ۾ مقابلو ڪري هڪٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. توهان کي گذارش آهي تہ ڪرزما کي هر مهيني جي پنجين تاريخ تائين پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندا. دل چوندي آهي تہ ڪرزما مهيني ۾ بہ دفعا شايع ٿئي.

*پرديسي مير محمد سومرو، بدين*

ادا توهان پنهنجي ترجمو ڪيل جي باري ۾ ته ڪجھ ٻڌايو ئي ڪونهي ته ڪهڙي ليکڪ جي آهي، ڪهڙي موضوع تي آهي. اسان کي اها به خبر ناهي ته توهان ڪيئن ترجمو ڪيو آهي. جيڪڏهن موضوع سٺو هوندو ۽ ترجمو به چڱو هوندو ته ضرور شايع ڪئي ويندي. توهان ڏسندا هوندا ته ڪرزما ۾ هر مهيني ترجما شايع ٿين ٿا، جيڪي گهڻو ڪري سڌو انگريزيءَ مان ڪيا وڃن ٿا. باقي رهي ڳالھ فيبروريءَ جي پرچي جو مارچ ۾ ملڻ جو، اهو توهان پنهنجي ضلع جي نمائندي کان پڇيو ته ان جو سبب ڇا هو. اسان ته اهو شمارو سڄي سنڌ ۾ فيبروري مهيني ۾ ئي موڪليو هو( ادارو)

ڪرزماڊائجسٽ پهريون دفعو ورتم، ايترو وڻي ويو آهي جو اوهان کي خط لکي رهيو آهيان.مان اديب پڻ آهيان. مختلف رسالن ۾ شاعري ۽ ٻيو مواد موڪليندو رهندو آهيان. هڪ غزل موڪلي رهيو آهيان. جيڪڏهن صحيح لڳيو ته شايع ڪندا. مون وٽ ڪهاڻيون به لکيل آهن. شاعريءَ جا صفحا وڌايو. جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ اهڙا سنا رسالا نڪرندا ته اسان جي ٻولي ترقي ڪندي ۽ اهو ڏينهن ڏور نه آهي جو اسان پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪنداسين.

*وقار علي هانيي عرف علي شاهد سنڌي، جيڪب آباد، سنڌ*

سائين توهان جي مهرباني جو توهان ڪرزما ڊائجسٽ ورتو ۽ ان کي پسند ڪيو. توهان جي شاعري شايع ڪئي پئي وڃي. توهان جو ٽيليفون نمبر ڏنل ڪو نه هو. نه ته توهان سان فون تي به رابطو ڪجي ها. ڪهاڻيون موڪلي ڏيو، جيڪڏهن سٺيون هونديون ته ضرور شايع ڪيون وينديون، بلڪل اهڙي نموني جيئن توهان جي شاعري ڇاپي پئي وڃي( ادارو)

ڪرزما کي سڄي سنڌ ۾ آهستي آهستي پذيرائي ملي رهي آهي، ان جو سبب مواد ۾ معيار جي چونڊ، ترتيب ۽ ادبي ذوق آهي. ڪرزما جي لاءِ شاعري اماڻيان پيو. اميد ته ان کي ڇپيندا.

*ساحر راهو.*

ادا توهان جي شاعري ڇاپي پئي وڃي. اميد ته آئنده به اسان کي نه وساريندا (ادارو)

ڪرزما جو پرچو سني بڪ اسٽال تان مليو. ڪرزما جا سيئي سلسلا من کي موهڻ لڳا. ڪهاڻيون ۽ مضمون تمام بهترين هئا ۽ شاعري به لاجواب هئي. فياض چنڊ ڪليري جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ هئي. محمد يوسف ٻٽو، آزاد بابر سنڌي، امين ٻٽو، ۽ ٻين دوستن سٺو نڀايو. شاعريءَ جا صفحا وڌايو. هڪ غزل موڪليان پيو. اميد ته ڇپيندا.

*عبدالمجيد سومرو ٻنو عاقل.*

ادا توهان جي شاعري ضرور شايع ڪئي ويندي . صرف پنهنجي واري جو انتظار ڪريو(ادارو)

ڪرزما جو نئون پرچو مليو. ساڳي طرح سهڻي نموني سان سجايل هو. ڪهاڻيون ۽ شاعري تمام گهڻي پسند آئي. خاص ڪري فياض ڪليري جي شاعري. من کي سرور مليو. ڪجهه وقت اڳي اوهان ڏانهن مواد موڪليو هو، ان جي ڪا خبر ڪا نه پئي. نئين اميد سان ڪجهه نڪور غزل موڪلي رهيو آهيان. مهرباني ڪري شايع ڪندا.

*رحمت سومرو، اسحاق راهي ادبي فورم، ميهڙ، دادو.*

ادا اسان کي توهان جو پهرين وارو مواد ڪو نه مليو آهي. هن ويل واري شاعري ملي آهي. توهان جي شاعري ضرور شايع ڪئي ويندي. صرف پنهنجي واري جو تورو انتظار ڪريو (ادارو)

ڪرزما جو مارچ وارو پرچو ڪافي دير سان مليو. هر شماري جون اڳ به ڪاپيون وٺندو هوس. هن ويل چار ورتم ته جيئن دوستن يارن کي ڏئي سگهان. مارچ واري شماري ۾ منهنجي غزل ڇپي آهي. ان سان جيڪا ويڌن ڪئي وئي آهي، ان جو ڏاڍو ڏک ٿيو. توهان منهنجي غزل جي پوري هڪ سٽ نه ڇپي آهي.منهنجي غزل جا بند " ڳالهه دل جي ڇا ڪريان ۽ ڪيئن ڪريان" کان پوءِ جي بند" خوب حجابن ۾ رنا نيڻ منهنجا رات ڀر " اوهان نه شايع ڪيو آهي. هاڻ اوهان پاڻ فيصلو ڪريو ته هن پروف جي غلطيءَ سان منهنجي غزل جو مزو ۽ وزن ڦٽي ويو. پروف تي ڌيان ڏيو. ريتا شهاڻي، نثار برڙو، زبير سومرو جون ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻيون.

*غريب نواز جمالي، جهڏو*

ادا توهان جي شاعريءَ ۾ پروف جي غلطين ڪري اسان توهان کان معافي ٿا گهرون. توهان جي رهيل سٽ هن ڀيري هتي شايع ڪيون ٿا. اميد ان کي پڙهي پڙهندڙ توهان جي غزل جو مزو وٺندا. توهان جي شاعري اسان پاڻ وٽ سنڀالي رکي آهي. اميد ته جلد شايع ڪنداسين (ادارو)

انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نه هئڻ ڪري شايع نه ڪري سگهيا آهيون:

صادق لاشاري سجاول، نثار نوتڪاڻي ماتلي،سرمد آڪاش پنهور سچل ڳوٺ ڪراچي،گلاب ڪوسو جوهي، جانوري"ساگر" سانگهڙائي،ايم طاهر سومرو لاڙڪاڻو،غلام حيدر ملاح دادو،ناز منو مل مهيشوري لياري ڪراچي،الطاف چانڊيو ڪنڊياري،عبدالجبار ڪوسو ڳوٺ جامن ڪوسو، مسافر هاليپوٽو ٺلڪارا،شبير جوڻي ڏامراه لاڙڪاڻو،رضوانه لياقت رند دادو،محرم علي مغيري قمبر،ساگر صحرائي بارگ اسٽاپ، مهڪ ناز لاڪو باڊه،نعيم شيخ سکر،محمد حسن لولائي، زاهد علي لاڪو،اداسي جکراڻي ڪنڊڪوٽ،يار محمد جوڻي ٽري مير واه خيرپور،شهزاد علي شيخ ميرپور ماٿيلو،آزاد عطيق الرحمان منگريو بازيد پور لاڙڪاڻو،عزيز وساڻ سانگهڙ،فراخ جانوري لاڙڪاڻو،اختر علي ڪيريو سڪرند،ساگر محمد حسين مهر لکي خيرپور ۽ ٻيا.

هڪ اهڙي فلسفي ۽ شاعر جي داستان حيات، جيڪو هڪ آزاد خيال مفڪر هئڻ سان گڏوگڏ سائنسي علمن جو مالڪ پڻ هو ۽ مسلم سائنس ۽ فلسفي تي اهڙا تہ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن جو اڄ تائين انهيءَ جو پڙاڏو سموري دنيا ۾ ٻڌجي ٿو.

# عمر خيام

الطاف ملڪاڻي
ع
ڊاڪٽر نورناز جهتيال

## عظيم شاعر، سائنسدان جي زندگيءَ جو احوال

نيشاپور جي جامع مسجد کان باغ ڏانهن ويندڙ رستي تي ٻنهي پاسن کان بيٺل گهاٽا وڻ هر موسم ۾ پنهنجي ڇانوَ سبب رستي تان گذرندڙ مسافرن کي فرحت بخشيندا هئا. انهيءَ رستي سان لڳولڳ ساڄي طرف انگورن جو باغ هو. انهيءَ باغ جي وچ ۾ هڪ جاءِ تي ٿڌي مٺي پاڻيءَ جو چشمو هو ۽ انهيءَ چشمي تان شهر جون نازڪ نفيس ۽ خوبصورت نارين دلا مٽ کڻي نہ رڳو پاڻي ڀرينديون هيون، پر انهن جي ڪچهريءَ جو مرڪز پڻ اهو چشمو هوندو هو. جتي اهي هڪ ٻئي سان چرچا ڪنديون، گلا غيبت بہ ڪنديون هيون تہ عورتاڻي قسم جون سڀ مشڪريون اتي ٿينديون هيون ۽ اهو باغ پرسان گذرندڙ نوجوانڙين جا ٿهڪ ٻڌندو اڳتي وڌندو انگورن جي باغ کٽڻ ڪانپوءِ ڪتاب فروشن جي هڪ پاڙي ۾ پهچي ويندو هو. انهيءَ ڪتب فروش جي پاڙي ۾ سڀ کان وڏو دڪان ياسمين جي پيءُ جو هو. ياسمين، ڪتاب وڪرو ڪرڻ واري ڌنڌي ۾ پنهنجي پيءُ جي مدد ڪندي هئي. دڪان جي صفائي ڪرڻ، ڪتابن ۽ قلمي نسخن جي احتياط سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ صفائي ڪرڻ، پيءُ کي پاڻي پيارڻ ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم ڪرڻ هن جي ذميوارين ۾ شامل هئا. هن کي دڪان تي ويهڻ سٺو نہ لڳندو هو، پر اها هن جي مجبوري هئي. هن کي سڀ کان گهٽي ڪاوڙ پنهنجي ننڍي عمر تي ايندي هئي، جنهن ڪري شهر


این قافله عمر عجب میگذرد
دریاب دمی که با طرب میگذرد

مغرور آهي جو ڪنهن سان ڳالهائي به نه ٿو..."

"نه، عمر سنجيده ۽ علم وارو آهي. هو مدرسي ۾ استادن کان اهڙا اهڙا سوال پڇندو آهي جو هن جي ذهانت کان استاد به ڇرڪيل رهندا آهن. باقي رحيم زادو، امير پيءُ جو پٽ آهي. هن کي علم جي ڪا خبر ڪانهي. هو ته دولت جي ڪري خوش آهي."

پر ياسمين جي دل رحيم زادي ڏانهن، مائل رهي ۽ عمر لاءِ هن وٽ ڪو به پسنديده جذبو ڪونه هو.

پوءِ ڏينهن اهڙو عجيب اتفاق ٿيو. جنهن ياسمين جي دل ۾ عمر جي محبت جا ڏيئا ٻاري ڇڏيا ۽ هن کان رحيم زادو وسري ويو.

ٿيو هيئن جو ان ڏينهن ياسمين جي ٻلي "مانو" کي شرارت سجهي سو هوءَ ياسمين جي جهوليءَ مان ٽپو ڏئي هيٺ لهي ۽ رستي تي ڊوڙڻ لڳي. ڪجهه شرارتي ٻارن ٻليءَ کي ڏسي پٿر هنيا ته ٻلي ڊوڙندي هڪ ڊگهي وڻ تي چڙهي وئي. ياسمين به پنهنجي پياري ٻليءَ جي پٺيان وڻ تي چڙهي وئي، پر هاڻ هوءَ هيٺ نه ٿي لهي سگهي. ڪيس ڊپ ٿي رهيو هو. ياسمين رستي تي ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي مدد لاءِ سڏي رهي هئي، پر هن ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو. سواءِ عمر جي. عمر وڻ جي هيٺان بيهي پنهنجون ٻانهون کولي ياسمين کي چيو، "تون ڊڄ نه اڪيون ٻوٽي هيٺ ٽپو ڏي، مان پاڻيهي ٻانهن ۾ توکي سنڀالي وٺندس."

"نه، نه، ڏک لڳندو."

"تون، مون تي ڀروسو ڪر. مان توکي ڏک لڳڻ نه ڏيندس." عمر جي لهجي ۾ تمام گهڻو اعتماد هو. نيٺ ياسمين هيٺ ٽپ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پنهنجي ٻليءَ کي ياڪر وڌو ۽ اکيون ٻوٽي هيٺ ٽپ ڏنائين. ٿوري ئي دير ۾ هوءَ عمر جي ٻانهن ۾ اچي پئي ۽ هن جا چپ عمر جي ڇپن سان اچي لڳا. انهيءَ خيال کان ته هوءَ هڪ نوجوان جي ٻانهن ۾ آهي، سندس بدن ۾ سياٽا پئجي ويا.

"هاڻ ڇڏ به ڪٽي." ياسمين، عمر جي ٻانهن مان پاڻ کي ڇڏائيندي چيو.

"تون هٿ ڪڍندين ته مان به ڇڏيندوسانءِ نه!" عمر جواب ڏنو ته ياسمين کي احساس ٿيو ته عمر کي ته هن ياڻ به ياڪر پائي رکيو آهي. هن هڪدم پنهنجي پڪڙ ڍري ڪئي. سمورو ڏينهن توڙي پوري رات هن جي خيالن ۽ خوابن ۾ عمر ايندو رهيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ سندس سوچن ۾ عمر ئي گهوڙي سوار شهزادو بنجي ايندو هو. ياسمين جي دل ۾ عمر لاءِ محبت جا جذبا جاڳي پيا هئا. ياسمين جي اها حالت هئي جو جڏهن عمر سندس

دڪان تي ايندو هو ته هوءِ هن جي هر چرپر کي غور سان ڏسندي هئي. هاڻ هن کي اها به خبر پئجي وئي هئي ته عمر کي ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پسند آهن. انهن مان هڪ ڪتاب ته هو بار بار پڙهڻ لاءِ کڻي ويندو هو. انهيءَ ڪتاب ۾ عجيب و غريب چوڪنديون، ٽڪنديون تصويرون ۽ ابتيون سبتيون ليڪون هيون. عمر اهو ڪتاب ڪيترائي ڀيرا پڙهي چڪو هو. هڪ ڏينهن ياسمين چا ڪيو جو عمر جو پسنديده ڪتاب ٻين ڪتابن پٺيان ڪٻٽ ۾ لڪائي ڇڏيو. ٿوري ئي دير ۾ عمر ۽ ان جو دوست رحيم زادو، دڪان ۾ آيا. رحيم زادو ته ياسمين کي اکين ۾ ڏسڻ ۽ هن جي حسن جي تعريف ڪرڻ ۾ لڳي ويو، جڏهن ته ٻئي پاسي عمر پنهنجي پسند جو ڪتاب ڳولڻ ۾ لڳي ويو هو. جيڪو ياسمين لڪائي ڇڏيو هو. وري اوچتو ياسمين انهيءَ ڪٻٽ کي لوڏو ڏنو، جتي هن ڪتاب کي لڪايو هو. ڪتابن جو ڍير اچي پٽ تي پيو. ڪتابن جي ڍڪ ۾ ڳاڙهي جلد وارو عمر جو پسنديده ڪتاب پيو هو. ياسمين جهٽ ڏئي ڪتاب کنيو ته ان جو هڪ صفحو ڦاٽي پيو. ان وچ ۾ ياسمين جو پيءُ دڪان ۾ اندر داخل ٿيو. هن، ڌيءَ جي شرارت کانئ ڏٺي هئي، سو هن جو ڪتاب ڦاٽل ڏٺو ته ڪاوڙ سبب سندس پيشانيءَ تي گهنج اچي ويا. عمر به هن جي ڪاوڙ سمجهي ورتي هئي ۽ يڪدم چيائين "هيءُ سڀ ڪجهه مون کان ٿيو آهي. مان هيءُ ڪتاب خريد ڪندس، ڪيتري قيمت ٿيندي هن جي..؟"

"هيءُ اقليدس جو ڪتاب آهي. اصل تصويرن ۽ خاڪن سان گڏ، انتهائي ناياب نسخو آهي. نيشاپور جي مدرسي جي لائبريريءَ ۾ به اهڙو نسخو موجود ڪونهي. هن جي قيمت جي خبر الئي! وڏو آيو آهين ڪتاب خريد ڪرڻ وارو!"

ياسمين جو پيءُ ڪاوڙ ۾ ڪڙهي رهيو هو. انهيءَ وچ ۾ عمر جي دوست رحيم مداخلت ڪئي ۽ چيائين، "هيءُ ڪتاب مان خريد ڪندس. ابراهيم جي پٽ عمر لاءِ مان اهو ڪتاب علم جي شوقين عمر کي سوکڙيءَ ۾ ڏيڻ ٿو چاهيان."

عمر خوش ٿي ويو ۽ هن، انهيءَ ناياب نسخي کي ڪڇي سيني سان لاتو.

پوڙهي ڪتاب وڪرو ڪندڙ موٽ ۾ ڪجهه چوڻ پئي چاهيو ته وري رحيم يڪدم ڳالهايو. "نه نه، بابا. اهو نه چئجانءِ ته اقليدس جي ڪتاب جو هيءُ اهو ئي نسخو آهي، جيڪو سلطان محمود پاڻ سان گڏ تخت آندو هو ۽ هن جي جلد تي سون جو پاڻي چڙهيل آهي. مان سمجهان ٿو ته هن ڪتاب جي قيمت چوڏهن

دينارن کان مٿي ڪانهي. چاڪاڻ ته هيءُ ڪتاب هڪ يوناني ڪافر جو لکيل آهي."

انهيءَ ڪانپوءِ رحيم زادي ۽ پوڙهي ۾ ڪتاب جي قيمت بابت ڏي وٺ ٿيڻ لڳي. نيٺ ڪافي بحث ڪانپوءِ رحيم زادي اهو ڪتاب خريد ڪري ورتو.

اها شام عمر خيام لاءِ هڪ يادگار شام هئي. سچ لهڻ ڪانپوءِ هن تڪڙو ماني ڪاڌي. هڪ دوست کان هڪ وڏيڪ شمعدان اڌارو ورتائين ۽ هو پنهنجي ڪمري ۾ پهتو. ٻئي شمعدان ٻاريائين. اڄ هن جي قسمت سٺي هئي. ٻاهر هوا به ڪانه هئي. هن در دريون کليل رکيون، جتان چنڊ توڙي سيارن ۽ ستارن کي چڱيءَ طرح ڏسي پيو سگهي. هن شمعدان ٽورو مٿي رکيا ۽ پاڻ فرش تي پلٿي هڻي ويهي رهيو. سامهون اقليدس جي ڪتاب جو نسخو کولي رکيائين ۽ پوءِ هو اقليدس جي لفظن ۽ لڪيرن ۾ گم ٿي ويو. هن کي آسپاس جو ڪو هوش نه رهيو هو.

عمر، اقليدس جو ڪتاب پڙهندو ويو. مسئلن ۽ مونجهارن کي حل ڪندو رهيو. اٿين رات گذري وئي ۽ فجر جي ٻانگ مسجد مان بلند ٿي. هن شمع وسائي هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ ڪيهه جي گدي تي ليٽي مٿان ڪمبل وجهي ڇڏيائين.

اقليدس جي ڪتاب واري واقعي ڪانپوءِ ياسمين، عمر سان وڏيڪ چاهه رکڻ لڳي هئي. جڏهن به عمر دڪان تي ايندو هو يا هن جي دڪان اڳيان لنگهندو هو ته ياسمين بيهاري ڪانئس ڪانه ڪا ڳالهه ٻولهه ڪندي هئي. هوءَ عمر جي باري ۾ وڌ کان وڌ ڄاڻڻ جي خواهشمند هئي.

هڪ ڏينهن هوءَ چشمي تان پاڻي ڀري رهي هئي ته عمر وٽس هليو آيو. ان کي ڏسي ياسمين خوش ٿي وئي ۽ هن کان يڪدم سوال ڪيائين، "نيٺ عمر تون زندگيءَ ۾ ڇا ڪرڻ ٿو چاهين؟ ۽ تون مستقبل بابت ڇا سوچيو آهي؟"

مان هڪ رسدگاهه بنائڻ چاهيان ٿو. جتان دوربينيءَ سان ويهي سيارن ۽ ستارن جو مشاهدو ڪري سگهان. آسمان جي گنبذ ۾ هڪ ڪمرو چاهيان ٿو. بطليموس جي نجوم واري جدول جوڙڻ چاهيان ٿو ۽ اهي سڀ شيون هڪ ئي وقت ناهڻ جو خواهشمند آهيان." عمر خلائن ۾ ڏسندي چوڻ لڳو. جڏهن ته ياسمين هڪ هٽ ڪاڏيءَ هيٺان ڏٺي هن کي غور سان ڏسي رهي هئي.

"معنيٰ ته تون سيدي احمد جيان نجومي بنجي ماڻهن کي سندن قسمت جو حال ٻڌائڻ چاهين ٿو!" ياسمين، عمر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو. اٿين ڪرڻ سان هن کي

هئي. اهو ماگ نيشاپور کان اٺن جي قافلي جي پنجن ڏينهن جي پنڌ تي هو. هتي سلطان الپ ارسلان عيسائي لشڪر جي انتظار ۾ هو. سلطان الپ ارسلان جو مشڪرو جعفر پنهنجي گڏهه تي ويٺل هو ۽ ڳوڙهي سوچ ويچار ۾ ٻڏل هو. جعفر، سلطان جو درٻاري مشڪرو هو ۽ سلطان کي کلائيندو رهندو هو. پر هاڻ هن کي اندازو ٿي ويو هو تہ ايندڙ جنگي معرڪو معمولي ناهي، ڇاڪاڻ تہ سلطان ايترو سنجيده ٿي ويو هو جو ان کان کلڻ ئي وسري ويو هو. عيسائين ۽ مسلمانن ۾ گذريل ڇئن صدين کان ويڙهه هلي رهي هئي. هن وقت تائين الپ ارسلان قسطنطنيہ جي عيسائي بادشاهه جي مختلف قلعن تي قبضو ڪندو رهيو هو. سلطان جي انهن ڪارروائين کان تنگ ٿي قسطنطنيہ جي بادشاهه الپ ارسلان سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو سوچيو هو. انهيءَ مقصد لاءِ هن پنجهتر هزار ماڻهن تي ٻڌل فوج جوڙي هئي. جڏهن تہ انهيءَ جي مقابلي ۾ الپ ارسلان وٽ رڳو پندرنهن هزالر فوجي هئا ۽ انهيءَ ڪري الپ ارسلان جي فوجين ۾ بيچيني ڇانيل هئي تہ ڀلا پندره هزار فوجي ڪيئن ٿا پنجهتر هزار فوجين جو مقابلو ڪري سگهن!

هن وقت تائين تہ سلطان الپ ارسلان، عيسائين مٿنا راتاها هنيا هئا يا گوريلا جنگ ڪئي هئي. حملو ڪري ڀڄندي هئي اچڻ، رات جو اوچتو حملو ڪرڻ، انهيءَ حڪمت عمليءَ سبب سلطان دشمن کي ڪافي نقصان پهچايو هو. پر هاڻي دوبدو جنگ جو اهو پهريون موقعو هو ۽ انهيءَ ۾ سلطان جي جنگي سالارن جي سوچ هئي تہ هن واري سلطان کي شڪست ملندي.

"هرگز نہ!" جڏهن سلطان کي خبر پئي تہ سندس ساٿي مقابلي کان اڳ ئي دل هاري رهيا آهن تہ هن شينهن واري گجگوڙ ڪندي چيو، "هرگز نہ! اهو قسمت جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ اڳ جيان هن ڀيري بہ رومين کي شڪست ملندي ۽ اسان سوڀارا ٿينداسين."

سلطان جي اهڙي دعوي تي جعفر ڇرڪ ڀري بادشاهه ڏانهن ڏٺو. هن کي هن جي چهري تي هڪ پختو عزم نظر اچي رهيو هو.

++++++

رحيم سج اڀرڻ کان اڳ ئي سجاڳ ٿي ويو هو. هن پنهنجي تلوار کي ٻارهون ڀيرو تکو ڪرڻ لاءِ ڀرمڪ کي ڏني ۽ ٻئي نوڪر کي ڪارو گهوڙو تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ٽڪرو ڪجهه ڪجيون کائي مٿان کير پيتائين. ناشتي کان واندو ٿي هو گهوڙي تي سوار ٿيو تہ هن ڪجهه مفاصلي تي ڪجهه گهڙي سوارن کي

ڪنهن رومي سردار جي ٻانهي هئي.
هو اڃا غنيمت جو مال گڏ ڪري رهيا
هئا جو اوچتو ڪٿان لوهي ٽوپ پاتل
رومي فوج جو دستو مٿن اچي
ڪڙڪيو ۽ جيستائين عمر ۽ رحيم
جا ساٿي پاڻ سنڀالين، انهن، مٿانئن
حملو ڪري ڏنو. بهرحال ڪجهه ئي
دير ۾ رومي فوج جا سپاهي فرار ٿي
ويا. پر رحيم انهيءَ ويڙهه ۾ سخت
زخمي ٿي پيو هو. عمر هڪدم
گهوڙي تان لهي هيٺ ڪريل رحيم جو
مٿو پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ هن جا
زخم صاف ڪرڻ لڳو. پر رحيم آخري
پيرو حسرت سان پنهنجي دوست جي
چهري ڏانهن ڏٺو ۽ وڏو ساهه کڻي دم
ڏنائين. رحيم جي اوچتي موت سڀني
کي حيران پريشان ڪري ڇڏيو هو.
ڪجهه گهڙين لاءِ ماٺار ڇانئجي وئي.
پوءِ رحيم جو خاص ملازم اڳتي وڌيو
۽ رومي ڇوڪريءَ کي وارن کان
جهليندي چيائين، "خون جو بدلو خون.
هن اسانجي سردار کي ماريو آهي،
اسان انهن جي هن خوبصورت دوشيزه
کي قتل ڪنداسين."

"ڇريو نه ٿيءُ." عمر رڙ ڪئي،
"هن بيگناهه جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟"
پوءِ عمر انهيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ
کي خيمي ۾ اندر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ
ٻين ساٿين جي مدد سان رحيم کي
ٻئي خيمي ۾ کڻي ويو.

اڳين نماز کانپوءِ درياهه جي
ڪناري تي هڪ مٿاهين ماڳ تي
هڪ وڻ هيٺان رحيم کي دفن ڪيو
ويو. عمر، رحيم جي قبر جي
سيرانديءَ کان ٻيهي سوچي رهيو هو
ته زندگي ڪيڏي نه بي پروسي آهي.
پرمڪ به روئي رهيو هو. شام تائين
عمر دوست جي قبر جي سيرانديءَ کان
وينو رهيو. ڇڻ ته مٽيءَ هيٺان ستل
دوست سان ڳالهائي رهيو هو.

"اي منهنجا پيارا دوست!
منهنجا ڀاءُ رحيم! تنهنجو جسم ته
بس هڪ خيمو هو، جنهن ۾ تنهنجو
روح ڪجهه ڏينهن لاءِ ترسيو هو ۽
هاڻي انهيءَ خيمي ۾ رهندڙ مسافر
روح هڪ ڊگهي سفر تي روانو ٿي ويو
آهي ۽ هڪ ڏينهن مونکي به انهيءَ
سفر تي روانو ٿيڻو آهي ۽ شايد انهيءَ
سفر دوران ڪٿي اسانجي ملاقات به
ٿي وڃي."

اتان ڪان ٿورو پرڀرو واديءَ ۾
سج لهڻ کان اڳ سلطان الپ ارسلان
جو شاهي خيمو جوڙيو ويو هو. جڏهن
سلطان شاهي تخت تي جلوه افروز ٿيو
ته قيدي حڪمران رومانوس کي
سندس اڳيان پيش ڪيو ويو. سلطان
جي ساڄي پاسي ڪرسيءَ تي ولي
عهد شهزادو ويٺل هو. سلطان ڪجهه
گهڙين تائين سامهون بيٺل قيدي
حڪمران کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کيس
مخاطب ٿي چيائين، "رومانوس! سچ
پيچ ٻڌائي ته جيڪڏهن مان تنهنجي

اڳيان قيديءَ جي حيثيت ۾ اچان ها تہ تون مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪرين ها؟"

رومانوس بيخوفيءَ سان جواب ڏنو، "مان توسان نهايت سختيءَ سان پيش اچان ها."

سلطان الپ ارسلان جي چپن تي هڪ مرڪ تري آئي، "۽ ها! تنهنجو ڇا خيال آهي، مان توسان ڪهڙو سلوڪ ڪندس؟"

رومانوس، سلطان جي چهري ڏانهن ڏٺو. پوءِ خيمي ۾ موجود پنهنجي فوجي سردارن ڏانهن ڏٺائين ۽ چيائين، "ٿي سگهي ٿو تہ تون مونکي هتي ئي قتل ڪري ڇڏين. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ تون مونکي زنجيرن ۾ جڪڙي قيدي بنائي حڪومت جي ديگهہ ۽ ويڪر ۾ گشت ڪرائين ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ تون مون کان ڍنگ وٺي مونکي آزاد ڪري ڇڏين."

قسطنطنيہ جي بادشاهہ جون ڳالهيون ٻڌي الپ ارسلان جي دل ۾ هن لاءِ همدردي پيدا ٿي ۽ چيائين، "ها، سچ پچ توکي ڪا خبر ڪانهي تہ تو لاءِ مون ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي!"

ولي عهد شهزادي غور سان پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. هن جون مٺيون بند ٿي ويون هيون. هن کي نيشاپور جي هڪ شاگرد جي پيشنگوئي ياد آئي، جنهن چيو هو تہ "جنگ ۾ فتح مسلمانن کي ملندي، پر حڪمران ٻئي ماريا ويندا."

"مان نہ رڳو توکان ڍنگ وٺندس، پر تنهنجي ملڪ کان جنگ جو خراج بہ وصول ڪندس ۽ توکي عزت ۽ احترام سان واپس تنهنجي ملڪ موڪليندس."

"سلطان جو اهو حڪم ٻڌي شهزادي سک جو ساهہ کنيو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن مخالف بادشاهہ قتل ٿئي ها تہ پوءِ يقينن انهيءَ شاگرد جي پيشنگوئي صحيح ثابت ٿئي ها ۽ هڪ حڪمران جي موت کانپوءِ ٻيو بہ ضرور مري ها.

سلطان الپ ارسلان جو فيصلو ٻڌي مخالف بادشاهہ رومانوس دنگ رهجي ويو.

جنگ ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻ انهن کي واپس نيشاپور موٽڻو هو.

عرب سپاهين جا دستا تہ ڪافي عرصو اڳ واپس وڃي چڪا هئا. انهن پهاڙن ۾ هاڻ رڳو ترڪ سپاهين کي رهڻو هو.

عمر واپسيءَ تي پنهنجي دوست رحيم جي ڪاري گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ پنهنجو گهوڙو رومي قيدياڻيءَ کي ڏنائين. انهيءَ قافلي ۾ ڪوڙ سارا رومي جنگي قيدي هئا، جن کي فاتحن جي غلام طور هاڻ زندگي گذارڻي هئي.

+ + + + + +

نيشاپور جي آباديءَ کان ٿورو پرڀرو درياهه جي ڪناري تي پر ٿورو مٿاهينءَ تي هڪ قبرستان موجود هو. هر سال جيان هن پيري به بهار جي موسم ۾ زمين جو سينو چيري جهنگلي گل ۽ ٻوٽا ٽٽل ڦٽل قبرن ۽ رستن جي وچ ۾ اپري آيا هئا. هر طرف خوبصورت رنگ ٽڙيل هئا. قبرستان به ڄڻ ته ڪنهن گلن جي باغ جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو.

اهو جمعي جو ڏينهن هو. مردن ۽ عورتن جا ٽولا معمول مطابق قبرن تي گل چاڙهڻ ۽ فاتحه پڙهڻ لاءِ اتي موجود هئا. اهو وقت خاص ڪري عورتن لاءِ مقرر هو. مردن کي انهيءَ وقت ۾ قبرستان اچڻ کان روڪ ٿيل هئي.

قبرسيان ۾ موجود عورتن ۾ ياسمين به هئي. ڪتب فروش جي ڌيءَ، پر هوءَ هتي ڪنهن قبر تي گل رکڻ يا فاتحه پڙهڻ نه آئي هئي، پر هوءَ هتي پنهنجي محبوب عمر خيام سان ملڻ لاءِ آئي هئي. عمر خيام جنگ تان واپسيءَ کانپوءِ هڪ پيري ياسمين جي پيءُ جي ڪتابن واري دڪان وٽان گذرندي هن کي ملاقات جو اشارو ڏئي آيو هو. انهيءَ قبرستان جي پرسان هڪ پهاڙيءَ تي هڪ وڏو منارو بيٺل هو. انهيءَ مناري جي چوڌاري هڪ وڏي پٽ ڪنيل هئي، جيڪا هاڻ ڪافي هنڌن تان ٽٽي ڦٽي وئي هئي. اهو منارو ڪنهن دور ۾ درياهه جي ڪناري جي نگرانيءَ لاءِ جوڙيو ويو هو. پر پوءِ انهيءَ جو استعمال ترڪ ويو ويو هو. هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪو واڻهڙو ٽڪ پچڻ لاءِ ان جي پاڇي ۾ اچي ويهندو هو يا وري عمر خيام جهڙا ماڻهو راتين جو اتي اچي ان مينار تان سيارن ۽ ستارن جو مشاهدو ڪندا هئا.

ڪجهه دير پنهنجي هڪ ساهيڙي ۽ عورتن سان وقت گذارڻ کانپوءِ ياسمين لڪيڇپ ۾ قبرستان مان نڪري آئي ۽ مينار جي ٽٽل ڦٽل چوديواريءَ جي اندر اچي گاهه تي سڌي ٿي ليٽي پئي ۽ آسمان تي اڏامندڙ ڪبوترن کي ڏسڻ لڳي. هن کي اتي ليٽندي اڃا ڪجهه گهڙيون مس گذريون هونديون جو عمر خيام به اچي سندس پرسان ليٽي پيو. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي بک هئي. هن جي لاءِ ياسمين جا ڳورا ڳل، ڳاڙها چپ ۽ گهاٽا پرون عجيب ڪشش ۽ ڇڪ جو سبب بنجي رهيا هئا.

"ڇا پيو ڏسين؟" ياسمين هن کي مسلسل گهوريندي ڏسي چيو.

"خدا جي قدرت پيو ڏسان ۽ خدا سان دل ئي دل ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. تنهنجي ۽ تنهنجي حسن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان."

"هل ڪوڙا!" ياسمين پرسان ئي

هڪ خوبصورت گل کي پٽينديءَ خيام جي ڇپن تي گسائيندي چيو ۽ پوءِ اهو گل وري پنهنجن چپن تي رکيائين. "تون نه جنگ تي ويو هئين. تمام گهڻو پري ۽ سفر ۾ تو بادشاهه به ڏٺو هوندو. ڪوڙ سارا شهر به گهميو هوندين ۽ انهن شهرن ۾ ڦهليل ڪوڙ خوبصورت عورتون به ڏٺيون هونديءَ. سچ ٻڌاءِ نه تو اتي ڇا ڇا ڏٺو هو؟"

عمر خيام جي ذهن ۾ زويا جو خيال آيو. پر پوءِ هن چيو. "مون اڄ تائين جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي. اهو انهيءَ قابل ئي ڪونهي جو ان کي ياد رکجي يا بيان ڪيو وڃي. اسان نه شطرنج راند جي مهرن جيان آهيون. جنگ جي بازي پوري ٿي ته پنهنجي پنهنجي خانن ۾ پورجي وياسين."

"هاڻ تون نيشاپور ۾ ڇا ڪندين؟"

"خبر ناهي؟"

"نه ڇا تون وري هتان هليو ويندين؟" ياسمين سوال ڪيو.

عمر خيام نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو. هاڻي هن ڪيڏانهن به وڃڻ نه ٿي چاهيو ۽ نه ئي هن ياسمين ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي بابت سوچڻ پئي چاهيو.

"ماڻهو چون ٿا نه استاد علي تو مٿان تمام گهڻو مهربان هو. ڇاڪاڻ نه تون ان جو سڀ کان هوشيار شاگرد هئين." ياسمين وري هٿ ۾ جهليل گل هن جي چپن تي ڦيريو. "ڇا تون به استاد ٿيندين؟"

عمر کي اهو ٻڌي ڪا حيرت نه ٿي، ڇاڪاڻ نه ڪتب فروش جي پاڙي ۾ استاد عليءَ جي دانشگاهه بابت اهڙ قسم جون ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون.

"ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين؟ مان پلا استاد ڪيئن ٿو بنجي سگهان. نه نه منهنجو ڪو نڪاڻو آهي، نه مون وٽ ڪو سرمايو آهي. نه ئي ڪو منهنجو سرپرست آهي. مون وٽ نه ڪابه شيءِ پنهنجي ڪانهي. استاد ٿيڻ لاءِ سرمايو کپي، جيڪو مون وٽ ڪونهي."

ياسمين چيو. "تون، مونکي سيدي احمدي کان به موڳو ٿو لڳين. گهٽ ۾ گهٽ هو ڪوڙيون سچيون اڳڪٿيون ڪري ماڻهن کان سون چاندي نه ڦري وٺي ٿو."

پوءِ ياسمين ٿورو مٿي ٿي ڏٺو نه عورتون قبرستان کان ٻاهر وڃي رهيون هيون. "اڙي عورتن جي آخري ٽولي به ٻاهر وڃي رهي آهي! هاڻي مونکي هلڻ گهرجي."

عمر هن جي ڪارائيءَ کي جهلي ورتو. "اڃا ٿورو ترس."

"نه، دير پئي ٿئي." ياسمين ڪمزور لهجي ۾ چيو. پر هن عمر جي پڪڙ کان پنهنجي ڪارائي ڇڏائڻ جي ڪوشش نه ڪئي.

"ڇو نه ٽڪ ٽڪ ڪرين. ٿوري دير ڪانپوءِ چنڊ ۽ ان سان گڏ هڪ تارو نڪرندو. اهو خوبصورت منظر ڏسي پوءِ وڃجانءِ." عمر خيام چيو.

"نه عمر! مونکي ناهي ڏسڻو اهو خوبصورت منظر." ياسمن شوخ انداز ۾ ٺهڪ ڏيندي چيو. "تون اڪيلو ئي هن نجوم واري مناري تي ويهي اهو منظر ڏسندو رهه. عمر توکي، هن قبرستان جي پرسان رات جو اڪيلو ويهندي ڊپ ناهي ٿيندو؟"

"ڇا جو ڊپ؟"

"جنن ڀوتن جو."

"جنن ڀوتن کان ڊپ ڇا جو؟ اهي سڀ ته منهنجا دوست آهن. اهي ڀوت ته مونکي اڳ ڪئيون ٻڌائين ٿا ۽ ستارن جو حال احوال ڏين ٿا."

"مذاق ڇڏي، سچي ٻڌاءِ ته واقعي هتي ڀوت ايندا آهن؟" ياسمين تجسس مان پڇيو ۽ انهيءَ سان گڏ هوءَ ڀوتن جي خوف کان عمر کي اڃا به وڌيڪ ويجهو ٿي ويهي رهي. هن جون نظرون قبرستان ۾ ڦهليل قبرن تي هيون، جيڪي هاڻي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويون هيون.

خوف سبب هن سيسراٽ ڀريا ته عمر سندس چيلهه ۾ هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ياسمين هڪ ڪمزور مزاحمت ڪئي. هن جو ڪنڌ جهڪي ويو. سندس اکيون ٻوٽجي ويون. هڪ عجيب مدهوشي ۽ سرور هن تي ڇانئجي ويو. هن کي عمر خيام جي دل جي ڌڙڪن صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي ۽ عمر خيام کي نه رڳو ياسمين جي دل جي ڌڙڪن، پر هن جي تيز ساهن سبب سندس سيني جي اڀارن جو هيٺ مٿي ٿيندڙ ڇهاءُ ۽ سندس جسم ۾ ٻرندڙ شعلا ۽ اندر ۾ اٿندڙ طوفان ۽ زلزلو به صاف محسوس ٿي رهيو هو ۽ خود عمر جي اندر ۾ جيڪا اڄ ۽ اساٽ پريل هئي، ان جو ته بيان ئي مشڪل هو.

"عمر! منهنجا محبوب! منهنجا ديوتا! مونکي خوف محسوس ٿي رهيو آهي، ڊڄان ٿي پنهنجو پاڻ کان!" ياسمين سرٻاٽن ۾ چيو ۽ هن جي ٻنهي هٿن عمر جي ڇهري کي پنهنجي پيالي ۾ ورتو.

عمر خيام به سرٻاٽن ۾ جواب ڏنو. "ياسمين.... ياسمين، مونڌانهن ڏس."

پر ياسمين جون اکيون بند هيون.

چنڊ ۽ پرسان وارو تارو هاڻي آڪاش تي نروار ٿي چڪا هئا. انهن ياسمين ۽ عمر خيال کي پيار جي مدهوشي ۽ سرور ۾ ٻڏل ڏٺو. تاري ۽ چنڊ کي گهوريندو ڏسي عمر خيام پنهنجي جسم ۾ مٺو مٺو درد محسوس ڪيو.

۽ پوءِ انهن ٻنهي جا وجود نرم ۽ شبنمي آگ جي دونهين ۾ ويڙهجي

ويا ۽ باهہ پڙڪندي عروج تي پهتي ۽ پوءِ هلڪي بارش جهڙي ڦوهار سان ٺڏي ٿي وئي.

سومهڻي نماز کي بہ ڪافي وقت گذري ويو. ان ڪانپوءِ اهي ٻئي شهر ۾ داخل ٿيا هئا. اجا تائين انهن متان پيار جي مدهوشي ۽ سرور ڇانيل هو. انگورن جي باغ ۾ چشمي وٽ پهچي اهي ٻئي ويهي رهيا. هاڻي هتان کان انهن کي جدا ٿيڻو هو.

ياسمين جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا هئا. هاڻ هن لاءِ عمر خيام ٿي سندس پهرين ۽ آخري محبت هو. اهو ٿي هن جو عاشق بہ هو تہ محبوب بہ. هن ڪانسواءِ نہ هوءَ ڪنهن کي چاهيندي هئي، نہ ٿي چاهي سگهي پئي. جڏهن هوءَ عمر کي الوداع ڪري پنهنجي گهر ڏانهن هلي تہ چڻ هن جي جنگهن ۾ ساهہ ئي نہ هو. شايد ڪنهن اڻڄاتل قوت پراڻي مناري هيٺان هن جي جسم جي انگ انگ کي نچوڙي سندس سمورو رت چوسي ورتو هو.

عمر خيام، ياسمين کي ڇڏي جڏهن پنهنجي گهر پهتو تہ هن گهر جي ٻاهران دروازي وٽ هڪ فقير کي سُتل ڏٺو. انهيءَ فقير کي پنندي روزانو هو شهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جاءِ تي ڏسي وٺندو هو ۽ خبر ناهي تہ ڇو هو گهر ۾ اندر وڃڻ بدران واپس هڪ تلاءُ ڏانهن وڌي ويو. جتي اڪثر فقير ۽ ٻي گهر ماڻهو سمهندا هئا. هڪ اڇي رنگ جو گڏهہ بہ تلاءَ جي ڪناري تي زمين تي ويٺو هو. هڪ پوڙهو ڪُٻڙو همراهہ بہ انهيءَ گڏهہ جي پرسان ويٺو هو. عمر خيام کي لڳو تہ چڻ هن انهيءَ پوڙهي ڪبڙي کي خواب ۾ ڏٺو هجي. عمر خيام انهيءَ ڪبڙي جي پرسان اچي ويٺو.

"مهربان دوست تون هڪ لاچار ۽ غريب ماڻهوءَ جي پرسان اچي ويٺو آهين." عمر خيام کي ان همراهہ جي گفتگوءَ جو انداز پسند آيو. پر موٽ ۾ هو ماٺ رهيو جو في الحال هن جي دل ماٺ رهڻ چاهيو پئي.

ڪبڙي تلاءَ جي پاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "ڏس دوست! چنڊ پاڻ کي هن لڙڪن جي درياهہ ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي. خبر ناهي تہ ڪهڙي درد ۾ وڪوڙيل آهي!"

عمر تلاءَ جي ماني پاڻيءَ کي ڏٺو ۽ پاڻيءَ جي تري ۾ چنڊ جو عڪس ڏٺائين. اڄ هن تي عجيب سرور ڇانيل هو، سو هن کي احساس ٿيو تہ اهو ڪبڙو ڏاڍو غمزده ۽ ڏکايل آهي، سو هن همدرديءَ طور ان کان سوال ڪيو، "تون ڇا ڪندو آهين؟"

"مان تہ بس مشاهدو ڪندو آهيان. هن دنيا کي ڏسندو آهيان. هنن ماڻهن کي ڏس، ڪيترو نہ ٻي فڪريءَ سان سمهي رهيا آهن. مان چنڊ کي پاڻيءَ ۾ ٻڏندي ڏسي رهيو

آهيان. مون لاءِ تہ هيءَ غرق ٿيل هڪ حقيقت آهي. آسمان وارو چنڊ تہ وري سياٽي بہ اڀرندو ۽ هن لاءِ رات جي ڪا اهميت ڪانهي."

"ها تون ٺيڪ پيو چوين دوست." عمر خيان چيو.

"هي ماڻهو...!" ڪيڙي چوڌرف ستل ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "انهن ماڻهن مان هر هڪ جو ڪرڻ ڪو آقا ۽ مالڪ آهي. هڪ مالڪ مري ٿو تہ اهي وري ٻيو ٿا ڳولهي وٺن. پر مان.... مان جعفر آهيان، منهنجو آقا مونکان جدا ٿي ويو آهي. منهنجو آقا ڏاڍو شفيق ۽ مهربان هو. هو لاوارثن جو مددگار هو. غريبن جو همدرد هو. هو ايترو تہ عظيم انسان هو جو مون جهڙي مشڪري سان بہ پيار ڪندو هو. پر هاڻ هو هن فاني جهان کي هميشہ لاءِ ڇڏي ويو آهي. هاڻ مان سلطان الپ ارسلان جي وفات بعد ڪنهن جي چانوَ هيٺ رهيان؟ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي!"

"اوه! افسوس ٿيو. مونکي خبر ڪانہ هئي تہ سلطان الپ ارسلان فوت ٿي ويو آهي." عمر خيام چيو.

"ڪمال آهي، تون ڪهڙي دنيا ۾ گم هئين. توکي نيشاپور ۾ ٿيندڙ ايڏي وڏي سانحي جي ڪا خبر ڪانهي! اڄ صبنح جو تہ هن جو لاش سمرقند کان ڪٽي هتي پهتا آهن. منهنجو آقا ڏاڍو طاقتور ۽ مهربان هو. پر افسوس! موت کي پلا ڪير روڪي سگهيو آهي." جعفر جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ هو سچ پچ ڏکايل نظر اچي رهيو هو. پر سلطان فوت ڪيئن ٿيو؟" عمر خيان هن کان سوال ڪيو.

"ٽيڻو ڇا هو. منهنجي سلطان جي اڳيان هڪ قيديءَ کي آندو ويو. اهو قيدي ڇا هو. ڪتي جو ڦر هو. ٻہ طاقتور سپاهي هن کي پڪڙي سلطان جي سامهون وٺي آيا هئا ۽ انهيءَ قيديءَ اتي بہ منهنجي آقا کي گهٽ وڌ ڳالهايو. سلطان ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڪمان کنئي، تير ڪڍي ڪمان ۾ لڳايائين ۽ سپاهين کي پري هٽي بيهڻ لاءِ چيائين. پر ڇا چوان قسمت ڪي!" جعفر لڙڪ اگهندي چيو.

"منهنجو آقا اهڙو تيرانداز هو جو ان جو تير ڪڏهن بہ خطا نہ ٿيو هو. پر سندس زندگيءَ جو اهو پهريون موقعو هو جو هن جو هلايل تير گسي ويو ۽ انهيءَ ڪتي جي ڦر قيديءَ، جيڪو تمام گهٽو پهلوان هو. آقا تي حملو ڪري ڏنو. هن جي ڪپڙن ۾ زهريلو خنجر لڪل هو ۽ هن لاڳيتا ٻہ ٽي خنجر جا وار سلطان تي ڪيا. سپاهين يڪدم انهيءَ قيديءَ کي گرفتار ڪري ورتو. پر هن جو خنجر پنهنجو اثر ڏيکاري ويو ۽ آقا سلطان الپ ارسلان چار ڏينهن تائين زندگي ۽ موت جي ويڙھ ڪندي نيٺ هن فاني

سوارن ۾ ڪتاب فروشن جي گهٽيءَ مان اينڊز وينڊز ماڻهن کي ڏسڻ لڳو. پرسان ٿي مدرسي ۽ مسجد ۾ به ڪافي چهل پهل هئي. اڄ پوري نيشاپور ۾ ڏاڍي گهماگهمي هئي. اڄ شهر جي هر جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز جي خطبي ۾ سلطان الپ ارسلان جي سوڳوار موت جي اعلان سان گڏوگڏ ان جي پٽ ملڪ شاهه جي تاج پوشيءَ جو اعلان به ٿي رهيو هو. ملڪ شاهه کي ماڻهو "شينهن زادي " جي نالي سان به سڏيندا هئا. ملڪ شاهه کي ته اڃا ڏاڙهي به پوريءَ طرح نه آئي هئي. هو اڃا ننڍو هو، پر پيءُ جي، وفات ڪري ڪيس شاهي تخت ۽ تاج سنڀالڻو پيو هو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جي ڳالهه آهي ته هڪ همراه پٽ تي سٽل فقير جي پاسرائين ۾ لتون هڻندي چيو، "خيام ڪٿي پيو آواره گردي ڪندو وتي؟"

"عمر خيان حسينيه حمام ڏانهن ويو آهي، صفا هينئر هينئر."

ايترو چئي فقير پنهنجو ڪشڪول هن جي آڏو جهليو. طوطش خان جي موڪليل همراه ڪشڪول ۾ خيرات وجهڻ بدران ٿڪ اڇلائي ۽ هليو ويو.

"تنهنجي جسم ۾ ڪيئان پون، خدا ڪري مرڻ ڪانپوءِ توکي ڪفن به نصيب نه ٿئي." فقير دل ئي دل ۾ هن کي بددعا ڏني."

"ڪجهه دير ڪانپوءِ طوطش خان جو همراهه عمر خيام کي ساڻ ڪري قلعي ڏانهن وڃي رهيو هو. قلعي جي شروعاتي آڱر ۾ اڌ ڪان وڌيڪ اميرن جا محافظ گهوڙن سميت بيٺل هئا. اتي ئي طوطش به بيٺل هو. طوطش، عمر خيام کي ڏسي ڊوڙندو وٽس آيو.

"خدا جو شڪر آهي، ملاقات جو وقت گذري وڃڻ جي باوجود اڃا تائين توکي نظام الملڪ ناهي سڏايو. نه ته مصيبت ۾ پئجي وڃين ها."

عمر خيام کان ڇرڪ نڪري ويو. هن کي حيرت ٿي ته آخر هتي هن کي گهرائڻ جو مقصد ڇا هو.

نظام الملڪ طوسي، الپ ارسلان جي موت ڪانپوءِ به بادشاهه جي حضور ۾ پنهنجي خاص وزير مملڪت واري عهدي تي برقرار هو ۽ هاڻي ته ڇڻ هو وڌيڪ اختيارن جو مالڪ بنجي ويو هو. هاڻي سواءِ فوج جي، هن سمورا اختيار پاڻ وٽ رکيا هئا.

طوطش، عمر خيام کي ساڻ وٺي ديوان خاني ۾ داخل ٿيو. هن نوڙي سلام ڪيو، سامهون نظام الملڪ بيٺو هو. نظام الملڪ ڪجهه گهڙين تائين عمر خيام جو جائزو وٺندو رهيو، پوءِ هڪ ڪاغذ ڪڍي ان کي ڏنائين ۽ چيائين، "تون ابراهيم جو پٽ آهين، رياضيءَ جو شاگرد

رهيو آهين. استاد علي بہ تنهنجو استاد رهيو آهي. جڏهن تون ڇوڪرو هئين تہ تو امام موفق کان فلسفي جا سبق پڙهيا هئا. ڪيئن نيڪ آهي نہ؟"

عمر خيام ڪمزور لهجي ۾ هائوڪار ڪئي تہ وري نظام الملڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"استاد عليءَ تنهنجي سفارش ۾ دربار ۾ هڪ خط موڪليو آهي ۽ چيو آهي تہ توکي قدرت عجيب و غريب صلاحيتن سان نوازيو آهي. تون ماڻهن جي مستقبل بابت اڳڪٿيون ڪري سگهين ٿو ۽ ستارن جي چال کي سمجهي سگهين ٿو. پر ياد رک، اصل طاقت الله وٽ آهي. انسان وٽ صلاحيتون خدا جون ڏنل آهن ۽ ها، جي تو ڪڏهن پنهنجين صلاحيتن جو غلط استعمال ڪيو تہ پوءِ توکي قيدخاني ۾ وڌو ويندو."

"پر سائين مان تہ شاگرد آهيان. مونکي نہ تہ دربار سان وابستگيءَ جو شوق آهي، نہ ئي ڪنهن انعام جي خواهش يا لالچ...."

نظام الملڪ کي ڇڻ تہ هن جي انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿي آيو. پوءِ بہ هن، انهيءَ سرڪش نوجوان کي متاثر ڪرڻ لاءِ چيو، "مان سلطنت جو خاص وزير آهيان. سلطان ملڪ شاهہ جو خادم آهيان. ان لاءِ مان تو ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايان ٿو. چاڪاڻ تہ توکي ڪنهن صلي يا انعام جي لالچ کانهي. اي ابراهيم جا پٽ! مان توکان پڇان ٿو تہ ڇا توکي منهنجي سرپرستي قبول آهي؟ مان دشمنن کان تنهنجي حفاظت ڪندس علم جي حاصلات لاءِ توکي پئسا ڏوڪڙ ڏيندس."

عمر خيام جون اکيون انهيءَ مهربانيءَ سبب خوشيءَ هاڻن ڳوڙهن سان پرجي ويون. هن گهٽيل آواز ۾ چيو، "مونکي قبول آهي، توهانجي سرپرستي مونکي قبول آهي ۽ مون لاءِ سعادت جو سبب آهي."

"تہ پوءِ عمر خيام، مونکي تون پنهنجين ضرورتن کان آگاهہ ڪر تہ جيئن مان انهن کي پورو ڪري سگهان."

"مونکي هڪ رصد گاهہ جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ بغداد جي جڙيل هڪ اهڙي دوربيني بہ هجڻ گهرجي، جنهن جي گولائي ساڍن ڇئن فوٽن جي هجي. ان کانسواءِ مونکي ستارن بابت بطليموسي جدولون، جست جو ٺهيل هڪ آسماني سيارو، جنهن جي ڇوڏاري هڪ چلو ۽ هڪ پرنڌڙ قنديل پيل هجي ۽ هڪ پاڻيءَ واري گهڙي بہ گهرجي."

نظام الملڪ، عمر خيان جي بيچيني ۽ جذباتي پڻي مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. "نيڪ آهي مان سمجهي ويس. طوطش خان، هيءُ نوجوان عمر خيام تنهنجي حوالي آهي

صحيح رهندو نہ؟" عمر خيام پڇيو.

"نہ، هرگز نہ!" ياسيمن هن جي ڳالهہ کي رد ڪندي چيو. "ان جو نالو تون ايوان سيارگان رک، ڇاڪاڻ تہ تون اتان ستارن جي چال ڏسين ٿو ۽ ماڻهن کي سندن قسمت جو حال ٻڌائين ٿو."

"مان ماڻهن کي سندن قسمت جو حال احوال ٿو ٻڌايان!" عمر خيام حيران ٿيندي چيو. "اهو توکي ڪنهن ٻڌايو؟"

"ٻڌائيندو وري ڪير، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ تو ملڪ شاهہ جي تخت نشين ٿيڻ جي پيشنگوئي ڪئي هئي." ياسمين خوش هئي تہ هن جو محبوب بادشاهن کي بہ سندن قسمت جو حال ٿو ٻڌائي.

"ماڻهن کي ڇا آهي، اهي تہ افواهون اڏائيندا رهندا آهن."

"خير ماڻهو اجايون ڳالهيون تہ ناهن ڪندا. ايندڙ مهيني جي آخر تائين تنهنجي رصدگاهہ مڪمل ٿي ويندي، پوءِ تون اتي ويهي ستارن جي چال ڏسجانءِ ۽ منهنجي والد سان بہ اچي ملجانءِ ۽ منهنجي ٻانهن گهرجانءِ."

"پر مان ايترا ڏوڪڙ ڪٿان آڻيندس جو تنهنجي پيءُ کي..."

"تون بہ صفا ڪو چريو آهين. هاڻي تون نظام الملڪ جو خاص ماڻهو آهين. سو منهنجا مائٽ پئسن بابت توسان گهڻو بحث ڪونہ ڪندا. مان چاهيان ٿي تہ پنهنجي شادي جلد کان جلد ٿي وڃي تہ مان تو سان، تنهنجي گهر اچي رهان." ياسمين تڪڙ ۾ چيو.

"تون نڪر نہ ڪر ياسمين، منهنجي مٺي! توکي بس ڪهڙي خبر تہ توکي پنهنجو ڪرڻ لاءِ مان ڪيترو پريشان آهيان. بس، هاڻي مهيني اڌ جي ڳالهہ آهي، پوءِ اسان هميشہ لاءِ هڪ ٿي وينداسون." عمر خيام جذباتي آواز ۾ چيو هو. اها رات عمر خيام ياسمين سان ويجهو ٿيڻ جا خواب ڏسندي گذاري.

ٻي رات انتظار ڪندي پرهہ ڦٽي وئي، پر عمر خيام وٽ ياسمين ڪانہ آئي.

فجر جي ٻانگ مهل عمر خيام، چشمي وٽان اٿيو. هن جي دل ڏاڍي اداس هئي. انهيءَ ڏک جي ڪيفيت ۾ هن جي دل تي هڪ رباعي تري آهي، جنهن جو مفهوم اهو هو تہ "بهار جي موسم جو چمڪيلو جادو ساون ستابن ميدانن ۾ هر طرف ڦهليو پيو آهي. مان سرمستيءَ جي حالت ۾ شراب جو جام هٿن ۾ ڪٽي ويٺو آهيان ۽ منهنجي جان پياري، حورن کان وڌيڪ تنهنجو حسن آهي. مان تنهنجي سارهہ جا گيت لکي رهيو آهيان." اهڙن پيار جي پلن ۾، جي جنت جو خيال بہ منهنجي دل ۾ اچي تہ

مان بي وفا چوائڻ جي لائق آهيان.
بهار جي موسم جو جادو جڏهن
چؤطرف ڦهليل هجي تہ پوءِ دل ڪٿي
ٿي قابوءِ ۾ رهي."

عمر خيام جو خيال هو تہ
ياسمين انهيءَ رباعيءَ کي پڙهي خوش
ٿي ويندي ۽ بي اختيار هن کي چنبڙي
پوندي.

پر ٻئي ڏينهن بہ ياسمين هن
وٽ نہ آئي ۽ ائين ٻہ ٽي ڏينهن پيا بہ
گذري ويا. پر ياسمين هن وٽ نہ آئي.
ياسمين جو هن وٽ نہ اچڻ سندس لاءِ
قيامت بڻجي ويو هو. هو حيران
پريشان، ڏينهن جو آواره ڦرندو هو ۽
رات جو انتظار ۾ وقت گذاريندو هو.
هڪ ڏينهن نيٺ هو مسجد جي در وٽ
آيو ۽ هن منڊي رولو فقور کان پڇيو،
"تو انهيءَ حسينہ کي ڪٿي ڏٺو آهي،
جيڪا مون سان باغ ۾ ملندي هئي."

"نہ سائين، مون ان کي ناهي
ڏٺو. پر ايتري خبر اٿم تہ هاڻي هوءَ
هتي ڪانهي. وڏيڪ چا ٻڌايان، مون
کي چڪر پيا اچن. بک بہ لڳي آهي."
فقير چيو.

چانديءَ جي هڪ سڪي فقير
جي بک لاهي ڇڏي ۽ ان جي چڪر جو
بہ علاج ٿي ويو. هن عمر کي ٻڌايو تہ
ياسمين چار ڏينهن اڳ جڏهن عمر
سان ملاقات ڪري رات جو دير سان
گهر پهتي تہ ان جي والد ۽ چاچي هن
کي دير سان اچڻ تي نہ رڳو ماريو،

پر انهيءَ رات ئي واپاري ا بو زيد سان
هن جو نڪاح پڙهائي ڇڏيو ۽ مون
پاڙي جي عورتن جي واتان ٻڌو آهي تہ
ياسمين انهيءَ نڪاح تي راضي ڪانہ
هئي. هن گهڻو روڄ راڙو ڪيو، پر هن
جي دانهن ڪوڪ ڪنهن بہ نہ ٻڌي.
واپاري، ياسمين جي پيءُ کي بدلي ۾
ڪوڙ سارا ڏوڪڙ ڏنا هئا ۽ ابو زيد،
ياسمين کي ساڻ ڪري صبح جو سوير
پنهنجي قافلي سان گڏ ڪنهن پاسي
روانو ٿي ويو هو.

"اهو قافلو ڪيڏانهن ويو؟" عمر
خيام سوال ڪيو.

"مونکي ڪا خبر ڪانهي."
فقير وراڻيو، "بازار وڃي ڪنهن
دڪاندار کان پڇ، ٿي سگهي ٿو تہ
اتان توکي ڪا خبر پئجي وڃي."

عمر خيام کي بازار مان بہ ڪا
خبر ڪانہ پئي. نيشاپور کان ٻاهر ڪوڙ
سارا رستا ويا پئي. ڪهڙي خبر تہ ابو
زيد ڪيڏانهن ويو. سوين رستا ۽
سوين قافلا ان صبح نيشاپور مان
نڪتا هئا.

نيٺ عمر خيام مدد لاءِ طوطش
خان وٽ آيو. طوطش خان سوچيو تہ
جي هن ياسمين جو پتو عمر خيام کي
هٿ ڪري ڏنو تہ هيءُ ان جي پٺيان
نڪري ويندو. جڏهن تہ نظام الملڪ،
عمر خيام کان ڪو ڪم وٺڻ چاهي
پيو ۽ عمر خيام جو ائين نڪري وڃڻ
هن لاءِ مناسب نہ هو، جو ڪيس پوءِ

نظام الملڪ اڳيان جوابده ٿيڻو پوي ها. طوطش خان، عمر خيام کي ٺارڻ وارو جواب ڏيندي چيو. "تو ڏاڍي دير ڪري ڇڏي آهي عمر خيام. اها ڳالهه ڪجهه عرصو اڳ ڪرين ها ته ڪو پلئو ٿي، وڃي ها. توکي خبر آهي ته هاڻي هن جو نڪاح پڙهجي ويو آهي ۽ ڪنهن جو به زوريءَ نڪاح نه ٿو ٽوڙائي سگهجي. وري به مان پنهنجا جاسوس موڪليان ٿو ته اهي پتو لڳائين ته ابوزيد جو قافلو ڪيڏانهن ويو آهي. ان ڪانپوءِ مان ابوزيد ۽ ياسمين کي گهرائيندس ته جيئن ابوزيد کي چوان ته ياسمين کي طلاق ڏي."

ٻئي ڏينهن طوطش خان کي جاسوسن اطلاع ڏنو ته انهن ابوزيد جو قافلو ڳولهي ورتو آهي، پر قافلي سان گڏ ابوزيد ۽ ياسمين ناهن. ابوزيد ڪنهن ٻئي قافلي سان گڏ ڪيڏانهن نڪري ويو آهي.

جاسوس ڪافي ڳولها جي باوجود اها ڄاڻ حاصل نه ڪري سگهيا ته ابوزيد ڪٿي آهي. طوطش کي آسرو هو ته اهڙا اطلاع ٻڌڻ ڪانپوءِ عمر خيام ماٺ ڪري ويهندو، پر نتيجو ان جي ابتڙ نڪتو. عمرخيام پاڻ ياسمين ۽ ابوزيد جي ڳولها ۾ نڪري ڪڙو ٿيو.

عمر خيام مختلف شهرن کان ٿيندو مشهد اچي پهتو هو. ڇاڪاڻ ته ابوزيد جو اصل وطن مشهد هو ۽ خيام کي پڪ هئي ته ابوزيد مشهد ضرور پهچندو.

عمر خيام جو حال ياسمين جي وڇوڙي سبب عجيب ٿي ويو هو. هن جا ڪپڙا ميرا هئا، مٽي ۾ مٽي پرچي وئي هيس. گرمي، بک ۽ ٿڪ هن کي بيحال ڪري ڇڏيو هو. نيٺ عمر خيام عشق جي باهه ۾ پچرندي بيمار ٿي پيو. هن کي تيز بخار وڪوڙي ويو. بيماريءَ هن کي ڪمزور ۽ لاچار بنائي ڇڏيو هو. هن جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. هو صفا رحم جوڳو بنجي ويو هو. عمر خيام جي حالت ڏسي هڪ واپاريءَ کي هن سان همدردي ٿي پئي ۽ ان، هن کي واپس نيشاپور هلڻ جي صلاح ڏني. عمر اهڙي حالت ۾ اهو ئي بهتر ڄاتو ۽ هن کي اها به اميد هئي ته متان هاڻي ياسمين مائٽن سان ملڻ لاءِ واپس نيشاپور آئي هجي، سو نيشاپور ڏانهن روانو ٿيو.

نيشاپور پهچي عمر خيام کي وري به مايوسي پلئه پئي جو اتي ياسمين ڪانه هئي. هو پنهنجي رصدگاهه ۾ آيو ته حيران ٿي ويو. هن جو گهربل سمورو سامان، ڪتاب ۽ ضرورت جي هر شيءِ اتي موجود هئي ۽ هن لاءِ مقرر ڪيل خادم خاص به موجود هو. هن جو نوڪر هن لاءِ چانديءَ جي وٽي ۾ پاڻي ڀري آيو ۽

پاٽيءَ جا ڍڪ پرينديِ خيام ان کان سوال ڪيو، "مون لاءِ ڪو پيغام وغيره ته ڪونه آيو؟"

"يا خواجه، آقاءِ طوطش خان پاران روزانو پيغام ايندا رهندا آهن. هو اهو ئي ڄاڻڻ پيو چاهي ته توهان واپس ايندا يا نه. مون هينئر ئي هڪ ماڻهوءَ هٿان طوطش خان ڏانهن نياپو موڪليو آهي ته توهان واپس اچي ويا آهيو."

"ان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جو ڪو پيغام؟"

"نه سائين!" نوڪر جواب ڏنو.

عمر خيام پاٽيءَ جو خالي وٽو خادم کي ڏنو ته ايتري ۾ هڪ اڇي ڏاڙهيءَ وارو پوڙهو شخص اتي اچي ويو. سلام دعا ڪانپوءِ خبر پئي ته اهو بغداد جي نظاميه مدرسي جو استاد ميمون الواسطي هو ۽ نظام الملڪ جي حڪم تي عمر خيام لاءِ بطليموسي جدول ۽ ٻيو سامان کڻي آيو هو. عمر خيام ان سان سردمهريءَ سان پيش آيو ته اهو همراهه مايوس ٿي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير طوطش خان، عمر خيام سان ملڻ لاءِ رصدگاهه پهچي ويو. هن عمر خيام کي جذباتي انداز ۾ ڀاڪر پاتو ۽ چيو، "اف! تنهنجي حالت مان ته ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو جوڳي ڪيترائي سال بربٽ لتاڙڻ ڪانپوءِ شهر ۾ واپس آيو هجي. آخر تون ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟ نظام الملڪ تنهنجي لاءِ پريشان آهي. هاڻي هلي ان سان مل ته هن جي ڪاوڙ به ڪجهه ڍري ٿئي. هن کي ڪجهه ٻڌائڻ ڪانسواءِ تون ائين هليو وئين، اها ڪا سٺي ڳالهه ته ڪانهي."

عمر خيام هن جي سوال جو ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. پر چيائين، "مونکي اهو ٻڌايو ته منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ ياسمين جو ڪو پيغام يا ڪو تحفو وغيره ته ڪونه آيو هو؟."

"نه، هن تو لاءِ ڪو تحفو يا پيغام ناهي موڪليو. منهنجي جاسوس به هن کي هر پاسي ڳولهيو آهي، پر هن جي ڪا خبر چار ناهي پئي. تون ان هڪ ڇوڪريءَ لاءِ ڇو پريشان آهين؟ توکي ٻيون به ڪوڙ ساريون ڇوڪريون ملي سگهن ٿيون. عرب، هندي، ايراني ۽ چيني حسن جو شاهڪار ڇوڪريون! ان ڇوڪريءَ جو خيال دل مان ڪڍ ۽ پنهنجي رصدگاهه تي توجهه ڏي، جنهن لاءِ تو نظام الملڪ کي پنهنجو سرپرست مقرر ڪيو آهي. آخر ان رصدگاهه مان تون ڇا ٿو حاصل ڪرڻ چاهين. اهو منصوبو هلي نظام الملڪ کي ٻڌاءِ."

"منصوبو صاف ظاهر آهي، مان سال جي نئين تقويم جوڙڻ ٿو چاهيان، جنهن سان اسان جو هڪ ڪلاڪ به

ضايع نہ ٿئي." عمر خيام چيو، "پر ان لاءِ مونکي رصدگاهہ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرائڻي پوندي. ڪاٺ جي منارن بدران سنگ مرمر جا ٿنڀا جوڙائڻا پوندا."

" پوءِ نيٺ عمر خيام جي نقشي موجب رصدگاهہ ۾ ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ڏينهن پنيان راتيون گذرينديون ويون. مهينا سال گذريا ۽ جڏهن ڪم مڪمل ٿي ويو تہ طوطش خان، نظام الملڪ کي اهو اطلاع ڏنو تہ رصدگاهہ هر لحاظ کان مڪمل ٿي وئي آهي" عمر خيام پنهنجي لاءِ پنج هيئتدان، نائبن طور چونڊي رکيا هئا. نظام الملڪ وقت جي بادشاهہ ملڪ شاهہ کي انهيءَ رصدگاهہ جو معائنو ڪرڻ جي درخواست ڪئي، جيڪا بادشاهہ قبول ڪئي.

جنهن ڏينهن ملڪ شاهہ رصدگاهہ جو معائنو ڪرڻ آيو، ان ڏينهن رصدگاهہ کي انتهائي خوبصورت انداز سان سينگاريو ويو. بادشاهہ سان گڏ مجلس شوريٰ جا ميمبر بہ هئا. عمر خيام، بادشاهہ کي ڏٺو، اهو لڳ ڀڳ سندس همعمر هو. عمر خيام جي عمر ٻاويهہ سال هئي ۽ بادشاهہ جي عمر ويهہ سال هئي. ٻنهي جي دلين ۾ جوش ۽ ولولو هو.

"چئو عمر خيام، توکي ڇا گهرجي؟"

"مان چاهيان ٿو تہ سلطان معظم مونکي پنهنجو نوڪر ڪري رکي. مان توهان جي خدمت ڪرڻ ٿو چاهيان."

"تنهنجي اها درخواست قبول ٿي، جيگهو هاڻي ڏيکار تہ تو هن وقت تائين ڇا ڇا ڪيو آهي ۽ اڳتي ڇا ڪرڻ جو ارادو اٿئي؟"

سلطان ملڪ شاهہ اٿي بيهي رهيو. سلطان ملڪ شاهہ رصدگاهہ جو معائنو ڪيو ۽ خيام جي وضاحتن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هو جڏهن واپس گهوڙي تي سوار ٿيو تہ هن خيام کي پرسان سڏ ڪيو ۽ چيائين "اڄ کان تون شاهي هيئتدان جي عهدي تي مقرر آهين. سڀاڻي توکي دربار ۾ سند ۽ خلعت فاخره عطا ڪئي ويندي."

پوءِ هن سرہاڻ واري انداز ۾ چيو، "ڪڏهن ڪڏهن شاهي دربار ۾ منهنجي پرسان اچي ويهندو ڪر. سچي ڳالهہ اها آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن مونکي رهنمائي، ستارن جي چال ۽ پيشنگوئين جي ضرورت پوندي آهي."

ايترو چئي هن گهوڙي جو لغام ڍرو ڪيو ۽ بادشاهہ جو گهوڙو هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

ملڪ شاهہ جي روانگيءَ کانپوءِ بہ نظام الملڪ موجود رهيو ۽ هو تنهائيءَ ۾ خيام سان ڳالهائيندو رهيو. خيام هاڻوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندو رهيو.

ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ خيام کي نظام الملڪ جو نياپو مليو تہ بادشاھ حلب جي فتح لاءِ لشڪر ساڻ ڪري وڃي رھيو آھي، سو خيام بہ ملڪ شاھ سان گڏ ھلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

خيام چيو تہ "مان پلا فوج ڪشيءِ مان ڇا ڄاڻان؟ مان ڇا ھلي ڪندس؟"

نظام الملڪ چيو "ڇا توکي خبر ڪانھي تہ بادشاھ توڙي ھن جا وڏڙا ڏورڙا وھم پرست رھيا آھن ۽ جي ملڪ شاھ کي ڪو اھڙو نجومي ملي ويو، جيڪو دشمنن سان مليل ھوندو تہ ان جي غلط مشوري سبب بادشاھ جو لشڪر تباھ ٿي سگھي ٿو."

عمر خيام ڳالھ کي سمجھڻ واري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ نظام الملڪ کيس چيو، "مونکي خبر آھي تہ عمر خيام تون نجوم جي زائچن، پيشنگوئين ۽ ستارن جي انساني زندگيءِ تي اثر انداز ٿيڻ تي يقين نہ ٿو رکين. تون انھن کي ٻيءِ نظر سان ٿو ڏسين، پر پوءِ بہ تنھنجو اسان سان گڏ ھئڻ ضروري آھي. ڇاڪاڻ تہ مونکي خبر آھي تہ ملڪ شاھ ڪڏھن ڪڏھن توڪان ڪجھ معاملن بابت صلاح مشورو ڪري انھن معاملن بابت تون مھلت وٺي مون کان ھدايت وٺي بادشاھ کي ٻڌائيندين، ڇاڪاڻ تہ بادشاھ ناتجربيڪار آھي ۽ مان سياست جو ڄاڻو ۽ ملڪ جو وفادار آھيان. سو مونکي خبر آھي تہ ڪھڙي وقت ڇا ڪرڻو آھي."

عمر خيام ھائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو، "ائين ٿيندو، جيئن توھان چئو ٿا. مون تي يقين رکو."

عمر خيام دل ۾ خوش ھو تہ ھو بادشاھ سان گڏ ھن سفر ۾ ياسمين جي ڳولھا ڪندو. ھاڻي جڏھن ھن وٽ دولت بہ آھي ۽ اختيار بہ تہ پوءِ پنھنجي محبوبہ کي ھو سولائيءِ سان ڳولھي سگھيو ٿي. عمر خيام جي وڃڻ ڪانپوءِ نظام الملڪ، طوطش خان کي چيو "ھاڻي اسان ملڪ شاھ تي پنھنجو اثر رسوخ وڌيڪ تيزيءِ سان ڄمائي سگھون ٿا ۽ خيام جي معرفت ھن ڪان پنھنجي مرضيءِ جا ڪم ڪرائي سگھون ٿا. ھاڻي تون سمجھي ويو ھوندين تہ اسان پنھنجن مقصدن لاءِ خيام کي ڪيئن استعمال ڪنداسين."

☆☆☆

ھيءَ سن 1075ع جي ڳالھ آھي جو ملڪ شاھ، حلب ڏانھن ويندي فرات نديءَ جي ڪناري تي بابل جي تباھ ٿيل ڪنڊرن ويجھو قيام ڪيو. اتان شاھي فوج کي ٻيڙين رستي درياھ پار ڪرڻو ھو. فوج انھيءَ سلسلي ۾ بادشاھ جي حڪم جي منتظر ھئي.

عمر خيام انھن ڪنڊرن ۾ گھمڻ

لڳو. جتي بابل جو شاندار شهر آباد هوندو هو ۽ عاليشان محل نهيل هوندا هئا. بابل جي انهن کنڊرن جي هڪ حصي کي، جيڪو ڪنهن وڏي محل جو آڳر ٿي لڳو، صاف ڪري سنواري سينگاري بادشاهه جي دربار لاءِ تيار ڪيو ويو هو. ان رات جشن ٿي رهيو هو. بادشاهه جي تخت جي ساڄي توڙي کاٻي پاسي امير وزير موجود هئا ۽ خيام به انهيءَ قطار ۾ ويٺل هو. دربار جي وچ ۾ خالي جاءِ تي نوجوان ناچوڻن جي ٽولي رقي ڪري رهي هئي. انهيءَ ٽوليءَ جو حبشي سربراهه ته ڇڻ پنوڙ بنيل هو ۽ زبردست انداز ۾ نچي رهيو هو ۽ اهو ناچو، نچندو نچندو خيام جي آڏو انعام لاءِ هٿ جهلي بيهي رهيو.

عمر خيام کيسي مان چانديءَ جو هڪ سڪو ڪڍي هوا ۾ اڇليو. ان ناچوءَ اهو سڪو يڪدم چپن ۾ جهٽي ورتو.

"والله! تون ڪو جادوگر آهين اي ناچو." عمر خيام چيو.

"پر تو آهي ته اي ستاره شناس، تون مونکان به وڏو جادوگر آهين ۽ ماڻهن جا خيال پڙهي وٺين ٿو." ناچوءَ، خيام جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو." پوءِ اهو ٻڌاءِ ته ناچ ختم ڪرڻ کانپوءِ مان ڪهڙي دروازي کان ٻاهر ويندس. ڏسان ته تون ڪيتري طاقت رکين ٿو ماڻهن جا خيال پڙهڻ جي."

عمر خيام چاهيو ته رقاص جي انهيءَ سوال تي وڏو ٽهڪ ڏئي، پر ملڪ شاهه جي چهري تي سنجيدگي ڏسي هو ماٺ ۾ رهيو ۽ رقاص جي اکين ۾ ڏسندي چيائين، "واقعي تون معمولي ناچو آهين جو سلطان جي خاص هيئتدان عمر خيام کان اهڙو معمولي سوال پڇي رهيو آهين. ڪاغذ قلم آڻ ته مان تنهنجي سوال جو جواب ڪاغذ تي لکي رکان ٿو."

هڪ نوڪر ڪاغذ قلم خيام کي آڻي ڏنو. خيام ڪجهه لفظ ڪاغذ تي لکيا ۽ ملڪ شاهه ڏانهن اجازت طلب نگاهن سان ڏٺائين. پوءِ هو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ اهو ڪاغذ سنگمرمر جي هڪ وڏي پٿر هيٺان وڃي رکيائين. پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويهي ناچوءَ کي مخاطب ٿي چيائين، "تون جنهن دروازي کان ٻاهر ويندين، مون انهيءَ جو نالو لکي ڇڏيو آهي."

رقاص جون اکيون چمڪڻ لڳيون. هن آسمان ڏانهن منهن ڪري خوشيءَ پري هڪ رڙ ڪئي ۽ اپرندي دروازي ڏانهن ڊوڙيو. هن جي پيرن، ٻانهن ۽ هٿن ۾ ٻڌل گهنگهرن جو عجيب آواز اڀريو. ڊوڙندي ڊوڙندي هو بيهي رهيو. هن فتح جو نعرو هنيو ۽ پوءِ ساڄي طرف مڙي هن هڪ پردو مٿي ڪنيو.

پردي پٺيان هڪ ننڍڙو لڪل

دروازو هو، جنهن کان اهو ناچو ٻاهر نڪري ويو. بظاهر درٻار کي ڇهن پاسن کان چار دروازا هئا ۽ انهيءَ پنجين دروازي جي، جيڪو پردي پٺيان هو، ڪنهن کي خبر ڪانه هئي. سموري درٻار تي مانار ڇانئجي وئي. ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ اتر واري در کان اهو ناچو واپس آيو ۽ بادشاهه جي اڳيان جهڪي بيهي رهيو. بادشاهه هڪ خادم کي اشارو ڪيو ته سنگمرمر هيٺان رکيل خيام جو لکيل ڪاغذ ڪڍي اچ. اهو ڪاغذ ملڪ آڏو پيش ڪيو ويو. ملڪ شاهه ڪاغذ کولي ان تي لکيل تحرير کي پڙهيو ته هن جون اکيون حيرت سبب ڦاٽي پيون. هن بلند آواز سان پڙهيو، "پنجين دروازي کان تون ٻاهر ويندين."

ايترو پڙهي بادشاهه درٻارين تي نظر وڌي. اهو ٻڌي ناچوءَ جي چهري جو رنگ اڏامي ويو. ملڪ شاهه عمر خيام کي مخاطب ٿيندي چيو، "والله! عمر خيام تون سچ پچ ماڻهن جا خيال پڙهي ٿو وٺين. انهن جا ارادا ڄاڻي ٿو وٺين! تون پيو بو علي سينا آهين." سموري درٻار مان خيام لاءِ داد تحسين جا لفظ بلند ٿيڻ لڳا هئا. "عمر خيام کي انعام ۾ اشرفين جي ٿالهي پيش ڪئي وڃي ۽ هن ناچوءَ کي سزا طور سندس وات ۾ واري وجهي وات بند ڪيو وڃي."

سلطان ملڪ شاهه جي حڪم جي تعميل ڪئي وئي. هڪ خادم بادشاهه جي پاسي ۾ رکيل سون جي سڪن سان ڀريل ٿالهي عمر خيام کي پيش ڪئي. چار خادم، ناچو لوطيءَ کي پڪڙي ويا ۽ زمين تي ليٽائي ان جي وات ۾ واري ڀرڻ لڳا.

ان رات عمر خيام دير تائين پنهنجن ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو. ايستائين جو هن جون اکيون سور ڪرڻ لڳيون. هن ڪتاب رکيو، پرسان رکيل پاڻيءَ جو وٽو ڪڍي پيتائين ۽ ڏٺائين ته هن جا ٻئي حبشي نوڪر خيمي اندر ڏيڍيءَ ۾ ويٺا هئا. عمر خيام جو پڇڻ تي انهن مان هڪ جٽي ٻڌايو ته "يا خواجه! هيءَ رات ڏاڍي خوفناڪ آهي. طلسمي رات آهي. اسانکي خوف پيو محسوس ٿئي. ان لاءِ هتي اچي ويٺا آهيون."

ڏڳهي قد واري حبشي نوڪر چيو، "يا خواجه! اسان سومهڻي نماز پڙهي ڪندرن ۾ گهمي رهيا هئاسين. اسان مٽيءَ جي دڙي تي مٿان روشني ڏٺي. اها روشني چنڊ جي نه هئي، ڇاڪاڻ ته چنڊ اڃا ڪونه نڪتو هو. پوءِ انهيءَ روشنيءَ جي دائري ۾ اسانکي هڪ ماڻهو نظر آيو. اسان جڏهن ان جي ويجهو وياسين ته اتي اڃا اسان ٻه ٻيون حيران ڪندڙ شيون ڏٺيون. هڪ ته اسان اڌ اگهاڙي اهڙي ماڻهوءَ کي ڏٺو، جيڪو ڪاريهر

بدلجي مصري ٿي ويو هو. عمر خيام اندازو ڪيو تہ اهو شخص ڪيترون ئي ٻوليون ڄاڻي ٿو.

"تہ تون آهين عمر خيام، شاهي نجومي. لڳي ٿو تہ تنهنجي روح کي ڪو قرار ڪونهي، ان لاءِ تون هتي اشتر ديويءَ جي مندر ۾ پٺڪي رهيو آهين ۽ هڪ شاگرد سان گفتگو ڪري رهيو آهين."

"تون.... تون... ڪير آهين؟" عمر خيام سوال ڪيو.

"مان ابوالجبال، ري شهر جو رهواسي آهيان. منهنجو نالو حسن آهي، حسن بن صباح."

"جيڪڏهن تون شاگرد آهين تہ ڇا تو موت جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو آهي؟" عمر خيام هن کان سوال ڪيو.

"مان ڪيترين ئي شين جي حقيقت ڄاڻڻ چاهيان ٿو. هيءَ ناچو، جنهن جو لاش تون ڏسي رهيو آهين، هيءَ ملڪ شاهہ جي خيمي جي ٻاهران درد جي شدت ۽ تڪليف سبب تڙپي رهيو هو. مون خنجر ذريعي هن کي موت جي ننڊ سمهاري تڪليف کان نجات ڏياري ڇڏي ۽ هتي ڪٽي آيس تہ جيئن ڳجهون ۽ ٻيا پکي هن جو گوشت کائين تہ جيئن خدا جي مخلوق کي انسان مان ڪو فائدو ملي. پر مونکي دوستن جي ڳولها آهي. شايد اهو اسان ٻنهي جي مقدر ۾ لکيل آهي، جيئن اسانجي وچ ۾ دوستيءَ جو رشتو قائم ٿئي."

عمر خيام ان نتيجي تي پهتو تہ ان همراهہ حسن بن صباح جو ڳالهائڻ جو انداز نہ مسلمانن جهڙو هو، نہ ئي سلطان جي درٻارين جهڙو، پر هن جي لهجي ۾ حاڪميت هئي. اهڙي حاڪميت جيڪا ملڪ شاهہ جي لهجي ۾ هئي.

"فيصلا تقدير نہ پر انسان ڪندو آهي. فيصلا انسان ڪري ٿو، جيڪو وقت جو ٻانهي آهي ۽ وقت ئي تقدير آهي. ان لاءِ فيصلا تقدير ڪندي آهي، پر ڇڏ، اهو بحث پوءِ ڪنداسين. هن مهل تارا جهڪا ٿي رهيا آهن. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي. مونکي هاڻي وڃڻو آهي." اڃا هن اهو جملو مس چيو تہ هن جي چوڌاري وکريل روشنيءَ جو گولو ۽ پنيان اينڊڙ روشني وسامي وئي، پر حسن بن صباح بلڪل پريشان نہ ٿيو.

"فڪر نہ ڪر." هن عمر خيام جو هٿ پڪڙيو ۽ چيو، "مان هنن ڪنڊرن کان واقف آهيان."

عمر خيام، حسن بن صباح جي پنيان سوڙهي رستي تي هلندو رهيو. اهي ٻئي واريءَ جي دڙي جي وچ ۾ پهتا. هتي ڏاڍي اونداهي هئي. ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو، پر حسن بن صباح تڪڙو تڪڙو هلندو رهيو. اوچتو حسن بن صباح هن جو هٿ ڇڏي

رهيو. هتا هو بيت المقدس روانو ٿيو، جتي ملڪ شاهه جو سالار امير عزيز پنهنجي لشڪر سان گڏ يروشلم جي پاهران ترسيل هو. يروشلم ۾ عمر خيام گنبذ صفرا ويو. ۽ رڪعتون نفل پڙهي هو واندو ٿيو تہ هن جي ڪلهي تي ڪنهن هٿ رکيو. عمر خيام پٺتي ڏٺو. هن جي پٺيان حسن بن صباح بيٺو هو.

"الله جو وڏو شان آهي. هن هتي مونکي پنهنجي دوست سان ملايو. عمر خيام توکي خبر نہ آهي ان گنبذ صفرا ۾ پهاڙن ڪانسواءِ بيو ڇا آهي؟"

حسن بن صباح جي چوڻ تي ٻيا ماڻهو بہ هن ڏانهن نهارڻ لڳا. عمر ۽ ٻيا ماڻهو هن ڏانهن وڌيا. "هي ڏسو!" هن پوري پٿر تي ٺهيل نشان ڏانهن اشارو ڪيو. "هي اسانجي آقا سرور ڪائنات ﷺ جي قدم مبارڪ جو نشان آهي. پاڻ انهيءَ جاءِ تان معراج تہ ويا هئا ۽ هن نشان جي چوڏاري جيڪي سوراخ آهن، اهي حضرت جبرئيل عہ جي هٿ سان ٺهيل آهن. هن پنهنجن هٿن سان ان پٿر کي پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان ڪرڻ کان روڪيو هو. اچ!..." حسن صباح ايترو چئي هڪ پاسي هليو.

"هاڻي ڪيڏانهن؟" عمر خيام هن پٺيان هلندي چيو. حسن بن صباح ميڻ بتي ٻاري ۽ ڪجهه اڳتي هلي ڏاڪڻون لهي هڪ غار ۾ پهتو، جيڪو پيرو پهاڙ هيٺان هو.

"هي اهو غار آهي، جنهن ۾ قيامت جي ڏينهن لاءِ ترسيل روح گڏ آهن." اهو چئي هو هڪ ٿنڀي ويجهو آيو جنهن تي ڪوفي رسم الخط ۾ سوني پاڻيءَ سان هڪ ڳالهہ لکيل هئي. "خدا ڪانسواءِ ڪو معبود ناهي. هن جو ڪو شريڪ ناهي. عيسيٰ عہ ابن مريم، الله جو پيغمبر آهي. اهو نہ جڻيو تہ ڪي خدا آهن. اهو توهان لاءِ بهتر آهي."

عمر خيام اها لکٽي پڙهي چيو، "اهي لفظ هڪ خليفة المسلمين هتي لکرايا هئا. ان ڪانپوءِ ڪجهہ ماڻهن اهو ڏٺو ۽ هنن مان ڪجهہ ماڻهن پڙهيو آهي ۽ انهن پڙهڻ وارن مان گهٽ ماڻهو اهڙا آهن، جن انهن لفظن کي سمجهيو آهي." ڪجهہ دير اتي ويهڻ ڪانپوءِ حسن بن صباح، عمر خيام کي ٻاهر وٺي آيو.

"اچ! توکي يروشلم جو سير ڪرايان." هو بيت المقدس جي رستن ۽ روڊن تي عمر کي گهمائيندو رهيو. مختلف جاين ۽ عمارتن جي اهميت بابت ٻڌائيندو رهيو. هڪ جاءِ ۾ ٺهيل محراب ۽ دريءَ ڏانهن هن اشارو ڪندي چيو، "هيءَ اها جاءِ آهي، جتي رومي گورنر پونيٽس پائي ليٽ يهودي پجارين کي خطاب ڪندي حضرت عيسيٰ عہ کي صليب تي چاڙهڻ جو حڪم ٻڌائي ڪيس سپاهين جي حوالي

ڏنو تہ جڏهن محافظن ۾ هنن جي وچ ۾ ڌوري وئي آهي تہ هن هوريان هوريان عمر خيام کي چيو "توهان لاءِ آقا حسن بن صباح مونکي هڪ خاص خبر پهچائڻ لاءِ موڪليو آهي."

"ڪهڙي خبر؟"

"اها ئي تہ توهان جنهن مشهدي واپاري ابوزيد جي ڳولها ۾ آيا آهيو، اهو ڪجهہ مهينا اڳ حلب ۾ پنهنجي زال سان گڏ هت ترسيو هو ۽ پوءِ ڏکڻ پاسي هليو ويو." اڪروئي ناش چيو.

"اها تو خوشخبري ٻڌائي. ڪهڙو انعام ڪيپي توکي؟"

" مون کي پاڻ لاءِ ڪجهہ نہ کپي. منهنجي درخواست ايتري آهي تہ حسن بن صباح کي پنهنجو دوست سمجهو. شايد جلدي اهڙو وقت اچي، جڏهن آقا حسن کي توهانجي مدد جي ضرورت پوي. ان مهل دل کولي مدد ڪجؤ. مونکي بس ايترو چوڻو هو. هاڻي غلام کي موڪل ڏيو."

عمر خيام قيام ويجهو پهتو تہ هن کی اطلاع مليو تہ نظام الملڪ طرفان هن لاءِ خط آيو آهي. عمر خيام اهو خط ڪڍي پڙهيو. ان خط ۾ نظام الملڪ، عمر خيام کي ملحدن جی نئين فرقي کان هوشيار رهڻ لاءِ چيو هو. وزير سلطنت لکيو هو تہ هي ماڻهو هڪ نئين پيغمبر يا امام يا نئين مهديءَ جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ نئون مهدي يا امام يا پيغمبر اسلام جي اصولن کی رد ڪري ڇڏيندو. جو تہ هو پاڻ سان گڏ دنيا جو آخري يا ستون مذهب کڻی ايندو. هي ماڻهو لڪل طريقي سان پنهنجی عقيدي جي مشهوري ۽ تبليغ کن پيا. هي ملعون پنهنجي کوڙی عقيدي جي تبليغ کن ٿا. هنن کی اڇي رنگ جي ڪپڙا پاتل آهن. عمر خيام اڇي ريشم جي ڪپڙي تي لکيل ڳالهيون ٻيهر پڙهيون. عجيب اتفاق هو جو اڄ ئي هن جي ملاقات ملحدن جی حاميءَ سان ٿي هئي ۽ اڄ ئی نظام الملڪ جو خط مليو هو تہ هن کي هوشيار ٿيڻ گهرجي.

عمر خيام تڪڙ ۾ بيت المقدس کان حلب پهتو. ٽي چار ڏينهن چرين جيان حلب جي بازار ۾ اتان جي واپارين، سرائين مان حلب ايندڙ قافلن جی سالارن کان ابوزيد بابت پڇندو رهيو. پر کيس ڪا ڪاميابي نہ ٿ ی. اهو بہ اتفاق هو جو جمعي جي ڏينهن جامع مسجد ٻاهران مرحوم سلطان الپ ارسلان جو درٻاري مسخرو کوزه پشت جعفر هن کي فقير جي روپ ۾ ملي ويو. جعفر هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جعفر هن کي ٻڌايو تہ ابوزيد، ياسمين کي طلاق ڏئي ڪيڏانهن هليو ويو آهي ۽ هوءَ گهر جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ پنندي آهي.

"مونکي هن مهل ئي ياسمين وٽ وٺی هل. توکی خبر ناهي تہ مان

"پر، عمر! ڇا مان تنهنجي لائق آهيان؟ مونکي طلاق مليل آهي. منهنجي حالت به خراب آهي. حالت اها آهي جو دل ڏڙڪي ٿي ته به تڪليف ٿئي ٿي."

"اهڙيون ڳالهيون نه ڪر. تون عمر لاءِ ڇا آهين، پيو ته نهيو. تون به نه ٿي ڄاڻين! چڱو مان هلان ٿو. جعفر تو وٽ آهي."

اهو چئي عمر ٻاهر هليو آيو. ان ڏينهن عمر خيام پهريون ڀيرو پنهنجا اختيار استعمال ڪيا. هن جي چوڻ تي مشڪي گهوڙي سوارن بند دڪان کولرائي ياسمين لاءِ هڪ مشاط جي مدد سان ورتو.

ٻي مشاط اچي ياسمين کي شاديءَ لاءِ تيار ڪيو. عشاءِ جي نماز کانپوءِ نڪاح ٿيو. نڪاح کان پوءِ عمر خيام وڏي پيماني تي صدقو ۽ خيرات ڪئي. نڪاح کان پوءِ عمر خيام. ياسمين کي وٺي پنهنجي قيام ڏانهن آيو. جنهن واپاريءَ ياسمين کي پنهنجي دڪان جي ڇت تي رهڻ ڏنو هو، ان کي به عمر گهڻو انعام ڏنو.

وصل جي رات ڳالهين ۾ وهامي وئي. ياسمين هن کي پنهنجي شاديءَ کان وٺي ۽ ان کانپوءِ وارو سفر ابو زيد سان گهاريل زندگي ۽ طلاق کانپوءِ واري زندگيءَ بابت ٻڌايو. انهن ڳالهين کانسواءِ هنن پنهنجي ڇهاءِ، گرم گرم ساهن، پنهنجن ڇپن سان به ۽ خاموشيءَ جي زبان ۾ به ڳالهيون ڪيون. صبح جي پهرئين ڪرڻي جڏهن خيمي ۾ ليئو پاتو، عمر خيام چيو، "ڏس ياسمين! صبح جي خنجر جدائين جي راتين کي ڪٽيو آهي ۽ اسان اڪ تائين ناهي پوئي. ڪيڏو وقت گذري ويو ۽ اسان کي گذريل وقت جي قدمن جو آواز به ٻڌڻ ۾ نه آيو!"

"ائين ئي آهي منهنجا محبوب! جڏهن انسان کي گهڻيون خوشيون ملن ٿيون ته وقت تنگ ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن مصيبتون انسان کي وڪوڙين ٿيون ته اهو ئي وقت صدين تي ڦهلجي وڃي ٿو. ها، خيام منهنجا محبوب! مان ڏاڍي خوش آهيان. اها خوشي مونکي ڇهڪ ٿي ڏئي. قسط وار موت ۾ وڪوڙيو آهي. خيام، مونکي ڊپ ٿو لڳي."

"ڇو ٿو لڳي اهو ڊپ؟ مان تون سان گڏ آهيان ياسمين توکي ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. هي صبح اسانجو صبح آهي. ان صبح بهار جو جشن ملهاءِ. جو ته ان کان پوءِ اچڻ وارا صبح اچ جي صبح جهڙا نه هوندا."

عمر خيام، ملڪ شاهه کان نيشاپور وڃڻ جي موڪل گهري. ان سان گڏ هن حالت مطابق رباعي پڙهي. ملڪ شاهه هن جي انهيءَ ادا

سياٽي مان وار ٿاهينديس. اکين ۾ سرمون پائينديس. منهن تي لالڙي لڳائينديس ۽...." عمر هن کي ماٺ ڪرائي. هوءَ ماٺ ٿيندي ٿيندي بيهوش ٿي وئي. عمر کي هڪ پل چين نہ هو. جعفر همٿ ڪري خيمي اندر آيو. هن، هڪ نظر ياسمين کي ڏٺو ۽ ڊپ ۾ چيو، "طاعون...!

"نہ نہ... اهو طاعون ناهي. هلڪو بخار آهي." هڪ دفعو ٻيهر عمر پاڻ کی فريب ڏنو. "جعفر دعا ڪر! هي بخار صبح تائين لهي وڃی." ڏينهن گذري ويو، رات ٿي وئي.. سيءُ ڏاڍو هو. سيءُ گهٽ ڪرڻ لاءِ عمر خيام، ياسمين جي خيمي جي چوڌاری باهہ ٻاري ڇڏي، پر ياسمين جی حالت ۾ ڪو سڌارو نہ آيو. هوءَ بيهوشيءَ جي حالت ۾ پاسا ورائيندي رهی. عمر چرين جيان خيمي اندر ۽ ٻاهر چڪر لڳائيندو رهيو. جعفر قرآني آيتن جي تلاوت ڪندو رهيو ۽ رب پاڪ جي سڳورن نالن جو ورد ڪندو رهيو. صبح جي روشن خنجر، رات جي پردي کي چاڪ ڪيو ئي مس هو تہ ياسمين آخري هڏڪي ڀري هڪ دنيا مان ٻيءَ دنيا ۾ هلي وئي. صحرا جو گل ڪومائجي ويو. پر عمر کي يقين نہ آيو. ڪيڏو وڏو حادثو هن سان ٿيو آهي هو ماٺ ڪري ياسمين جی پرسان ويٺو رهيو. جعفر خيمي ۾ اچي چيو،" قبر تيار آهي، دفن جون تياريون شروع ڪريون؟"

اڳين نماز کان پوءِ ياسمين کي دفنايو ويو. عمر خيام ان خيمي کي ساڙي ڇڏيو، جنهن ۾ ياسمين جو موت ٿيو هو. هن باقي ساٿين کي موڪل ڏئي ڇڏي تہ هو چاهين تہ نيشاپور وڃن يا حلب هليا وڃن. سڀ ماڻهن جو فيصلو نيشاپور وڃڻ جو هو، جنهن ڪري قافلو سامان ساڻ ڪری دريا پار ڪري هليو ويو. فقط جعفر ۽ اڪروئي ناش، عمر خيام سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو. عمر ٽی ڏينهن انهيءَ جاءِ تي رهيو. هو صبح شام سهڻا سهڻا گل چونڊي ياسمين جی قبر تي وجهندو هو. منجهند جو تپنڊڙ ڌرتيءَ ڪري سڄي ڌرتی تپندی هئی تہ پٽ جي چانورَ ۾ قبر جی ويجهو ويهي اڪروئي ناش جی ڪوڙي شراب پيئندو هو. هڪ دفعی جعفر ڪيس ٻڌايو تہ ڪيس ايڏي شراب واپرائڻ ڪري ادب مان ٽوڪيندو بہ هو. عمر خيام ڪيس چيو، "اجايو رهڻ کان بهتر آهي تہ شراب پيان."

اڪروئي ناش، عمر جي ذهن مان ان المناڪ سنگينيءَ کي گهٽ ڪرڻ جی ڪوشش ڪندو هو. گهٽ سوال ڪندو هو ۽ ماٺ رهندو هو، پر ٽئين ڏينهن اڪروئي ناش اهڙو سوال

ڪيو جو عمر ماٺ رهي نہ سگهيو. اڪروئي ناش پڇيو. "آخر انسان کي ۽ هر شيء کي موت ڇو ٿو اچي؟"

عمر وٽ کي ٺيڪ ڏئي ويٺو هو. ٻيهر ڏِگها ڪري چيائين. "هي جيڪو وقت آهي، اهو موت آهي. وقت نہ هجي، تہ ماضي ۽ مستقبل نہ هجي ها. پوءِ زندگي، زندگي هجي ها. اسان ماضيءَ تي فراموشيءَ جو پردو وجهي سگهون ها ۽ مستقبل کي هئڻ کان روڪي سگهون ها تہ موت ڪڏهن اسان تي غالب نہ اچي ها."

ياسمين جي موت ڪانپوءِ اهو پهريون پيرو هو جو عمر خيام جي ماٺ ختم ٿي هئي. پوءِ جعفر ۽ اڪروئي ناش هن کي ٻيهر ماٺ ڪري ويهڻ نہ ڏنو. اهي لاڳيتو عمر خيام کان سوال ڪندا رهيا. ڳالهائڻ دوران جعفر اوچتو پڇيو. "يا خواجہ! هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي؟ ٽي سال اڳ مون ايوان سيارگان ۾ توهان لاءِ ياسمين جي هڪ نشاني ۽ نياپو ڇڏيو هو. ڇو تہ توهان اتي نہ هئا. پوءِ ڇا سبب هو جو ياسمين کي ڳولهڻ جو خيال ايڏن سالن ڪانپوءِ آيو."

عمر خيام ڇڻ گهڙي ننڊ مان جاڳيو هو. "ڪنهن کي ڏنو هئين نياپو ۽ نشاني؟ اها ڪهڙي نشاني هئي؟"

"سائين! مون اها نشاني ۽ نيابو ان ٿلهي ۽ ڇسي طوطش کي ڏنو هو. اها نشاني بازوبند هو. اها ڳالهہ مان اڳ ۾ بہ ٻڌائي چڪو آهيان." جعفر چيو.

وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ عمر انهيءَ مهل ئي نيشاپور وڃي طوطش سان ٻہ هٿ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

*(ٻيو ۽ آخري حصو آئنده شماري ۾ پڙهندا)*

ڊاڪٽر مريض سان آيل ان جي ماءُ کي چيو تہ مريض کي گرم علائقي ۾ موڪليو وڃي تہ هيءُ ٺيڪ ٿي ويندو.
"لاهور ۾"
"نہ اجا بہ وڌيڪ ڪو گرم علائقو"
ڊاڪٽر چيو
"ڪراچي ۾"
"نہ اجا بہ ڪو وڌيڪ گرم علائقو"
"حيدرآباد ۾"
"نہ اجا بہ ڪو وڌيڪ گرم علائقو."
"لاڙڪاڻي ۾"
"نہ اجا بہ ڪو وڌيڪ گرم علائقو"
مريض جي ماءُ مايوسي مان ڪُرسي کان اٿي ۽ بجلي جو آٽوميٽڪ چلهو آڻي اچي ڊاڪٽر کي ڏنائين ۽ چيائينس تہ "هيئن ڪر ڊاڪٽر، ان چُلهي کي ٻاري ان تي ويهہ ۽ گرمي جو درجو معلوم ڪر. توهان جي هدايتن تحت سينٽي گريڊ گرمي پڌ مريض جي ڪمري ۾ ڏنو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جو مهان ليکڪ، پنهنجون ٽي ڪٿائون ڪٺي محفل ۾ آيو آهي. سندس قلم کي جيڪا قدرت ڪاٺ ڏني آهي، سالن جي گذرڻ ڪانپوءِ ساڳي آهي. اڄ به ڏک سان به اڏ ڪريو ڇڏي، پر ڪٿجندڙ کي خبر نه ٿي پوي ته هو وچان ڪٽجي ويو آهي.

امر جي ڪٿائن ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻين ۾ ڪٿائون آهن

# ٽي ڪٿائون

امر جليل



ڏينهن کي اَگري ويندي ۽ کيپ ڪوڙ جي ٽيندي، اهڙي وقت مان موٽي ايندس، ۽ سر جو صدقو ڏيندس.

اڄوڪي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن پُراڻي ڪهاڻيءَ جو حوالو ڏنو ائم، تڏهن محسوس ڪري رهيو آهيان تہ رات ڏينهن کي اَگري ويئي آهي. کيپ ڪوڙ جي ٽي آهي. منهنجي موٽي اچڻ جي ويل وري آهي. مون پنهنجي جيجل سان واعدو ڪيو هو تہ، جڏهن بہ توتي اونده ايندي، ظلم جي نگري ٽيندي، اهڙي وقت مان ايندو رهندس، سر جو صدقو ڏيندس!

مان ڪڏهن موٽندس؟ ڪڏهن سر جو صدقو ڏيندس؟

مان ڪانئر، مان گيدي، مان بزدل، ظلم جي رات سان وڙهندي تاريخ جي هڪ اونداهي دور ۾ سر جو صدقو ڏيئي ويوئي ڪٿي، آهيان جو تاريخ جي بئي اونداهي دور ۾ ظلم جي رات سان جنگ جوٽڻ لاءِ موٽي اچان!

اسين تاريخ جي هر دور ۾ گريڊن، عهدن، پلاٽن، بنگلن، املاڪ ۽ بينڪ بيلنسن لاءِ سرگردان رهندا آهيون. تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ جڏهن رات ڏينهن کي اَگري ويندي آهي ۽ کيپ ڪوڙ جي ٽيندي آهي، اسين ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪالر ڪارا ڪندا آهيون. ڪهاڻيون ۽ شعر لکندا آهيون، پر سر جو صدقو نہ ڏيندا آهيون. مون ظلم جي رات خلاف ڪالر ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. .پر مون سر جو صدقو نہ ڏنو آهي. هر هارايل جنگ ۾ جيئرو رهجي ويڃڻ وارو مان اهو خودپرست سپاهي آهيان، جنهن جي ڳچيءَ ۾ شڪستن ۽ ذلتن جو طوق پيل آهي.

هڪ گول ڪيپر جي اڪيلائي هيءَ گهٽو گهٽو اڳ جي ڳالهہ آهي. غور سان پڙهجو. ڳالهہ راند روند جي آهي. اڄ دل تي تري آئي آهي. اسلام آباد جي ڪوفي ۾ ڪو اهڙو هني بشر ڪونهي جنهن سان اندر جو حال اورجي. جنهن آڏو دل سيني مان ڪڍي ٻاهر رکجي. جنهن کي ڏسو، عافيت جي علامت وارن ٽن پولڙن وانگر ڪنهن جو هٿ وات تي رکيو آهي - خاموش رهڻ جي علامت. ڪنهن جو هٿ اکين تي رکيل - برائيءَ ۽ پلاٽيءَ، بلڪ ڪجھ نہ ڏسڻ، يعني نظرانداز ڪري ڇڏڻ جي علامت. ۽ ڪنهن جا هٿ ٻنهي ڪنن تي، يعني آهون ۽ دانهون، پڙاڏا ۽ سڏ نہ ٻڌڻ دنيا ۾ ٻوڙو ٿي رهڻ جي علامت! ٽنهي علامتي پولڙن جون انيڪ شڪليون اوهان کي اسلام آباد ۾ نظر ايندیون. اسلام آباد ۾ اوهان کي اهڙا انيڪ ماڻهو ملندا جن کي اکيون هونديون آهن، پر هو ڏسي نہ سگهندا آهن. اوهان کي اهڙا ماڻهو بہ ملندا جن کي وات ۽ وات ۾ هڪ زبان هوندي آهي، پر هو ڳالهائيندا نہ آهن. اوهان کي اهڙا ماڻهو بہ ملي ويندا جن کي ٻہ

ڪن لونڊڙين ڪان ڪجھ هيٺ نمايان نظر ايندا آهن. پر هو ٻڌي نہ سگھندا آهن. يعني، دنيا ۾ رهي ڪجھ نہ چوَڻ، ڪجھ نہ ٻڌڻ، ۽ ڪجھ نہ ڏسڻ ۾ انسان لاءِ عافيت آهي. ان ۾ ئي انسان لاءِ نجات جي راهہ آهي!

عافيت جي ٽن پوليڙن جهڙا

اسلام آبادي نہ ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندا آهن، نہ ڪنهن موضوع تي هلندڙ ڪو بحث ٻُڌندا آهن، ۽ نہ ئي گهوڙن ۽ گهوٽن کي جيئندي مرندي ڏسندا آهن. هو فقط گريڊن، پگهارن جي نوَن اسڪيلن، بدلي ٿي ويندڙ ۽ بدلي ٿي ايندڙ آفيسرن، ۽ سيڪٽرن ۾ ڪارنر پلاٽن جي قيمت بابت ڳالهائيندا آهن، ڳالهيون ٻڌندا آهن، ۽ ڳالهين تي عمل ٿيندي ڏسندا آهن. اهڙن ماڻهن جي وستيءَ ۾، اهڙن ماڻهن جي بستيءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائجي! ڪنهن سان اندر جو حال اورجي!

سوچيم، اوهان سان دل جي ڳالهہ ڪندس، اجوڪي ڪتا ۾، دل تي تري آيل هڪ قديم ياد جو ذڪر ڪندس. ڳالهہ راند روند جي آهي. ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ٻاراڻي آهي، پر موجوده دور ۾ پاڻ کي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جهڙي آهي.

ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ، مون کي تمهيد لاءِ ٿورڙي اجازت ڏيو. ڪرڪيٽ منهنجو پهريون عشق هو، ۽ آهي. ڏاڙهي ڇنّي، يعني اڃا ٿي وڃڻ جي باوجود منهنجي عشق ۾ ڪو فرق نہ آيو آهي. اخبارن ۾ عراق جي جنگ جون خبرون هجن، حاڪمِ وقت جي تختي اونڌي ٿيڻ، اقتدار مان نڪرڻ ۽ اقتدار ۾ اچڻ جون خبرون هجن، مسلمانن کي بيهر مسلمان ڪرڻ جون خبرون هجن، مان خبرن ۾ سڀ کان اڳ راندين جون خبرون پڙهندو آهيان. ڇڻ نشو آهي! عمر سان گڏ وڃي ٿو چڙهندو! راندين ۾ مونکي ايترين معنائون نظر ايندين آهن، جن جو ڪو انت ڪونهي. اهڙي طرح سنجيده رانديگر مون کي عام ماڻهن کان بلڪل مختلف نظر ايندا آهن. سندن اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ مرڻ جيئڻ عام ماڻهن جهڙو نہ هوندو آهي. هو هوندا تہ هن ديس جا آهن، پر لڳندا پرديسي آهن.

هڪ گول ڪيپر مون کي اڄ تائين ان ڪري ياد آهي، جو هو بال جي انتظار ۾ گول آڏو ايئن پيو ڦرندو هو جهڙو چيتو! نرڙ تي گهنج، اکيون ڇڪيل، ڏورن، سٿرن ۽ پنين جون مشڪون وٽيل، ڪنڌ جون رڳون اڀريل! نڪ جون ناسون ڦوڪيل! هڪ دفعي ميچ جي فيصلي لاءِ پينلٽيءَ جون پنجن منجهان چار ڪِڪون روڪي هزارين تماشائين کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو هئائين، پر پنجين ڪڪ تي گول ڪائي ويٺو هو. ايڏو جنوني جو گول جي لوهي پول سان ٽڪر هڻي مٿو ڦاڙي وڌو هئائين.

هن هڪ دفعي مون کي ڏاڍو عجيب

شعر ٻڌايو هو، ڪنهن جو هو، مون کي ياد ناهي. مون کي شعر به ياد ناهي، پر شعر جو مفهوم ياد آهي:
"منهنجو ڏوهه اهو آهي،
جو مان پنهنجن دوستن، ڪان مختلف آهيان.
مان بهادر ته آهيان،
پر، هارايل لشڪر ۾ شامل آهيان."
انهن ئي ڏينهن ۾ مون هڪ ڪهاڻي لکي هئي، جنهن جو عنوان هو، "هڪ گول ڪيپر جي اڪيلائي." ادب جي بارگاهه ۾ سجده ريزين جو اهو منهنجو ابتدائي دور هو. ايڊيٽر صاحب ڪهاڻي ان ڪري شايع نه ڪئي جو ڪيس ڪهاڻيءَ جو عنوان سمجهه ۾ نه آيو هو. ڏهن رانديگرن جي موجودگيءَ ۾ يارهون رانديگر، گول ڪيپر اڪيلو ڪيئن آهي!
پر، ٿيندو ايئن ئي آهي جو هزارن جي هجوم ۾ هڪ انسان هيڪلو هوندو آهي. گول ڪيپر اڪيلو هوندو آهي. هو چيتي وانگر گول آڏو هلندو رهندو آهي، ۽ بال سان حملي ٿيڻ جو انتظار ڪندو آهي.
راند جي حوالي سان جيڪا ڳالهه ڪرڻ ٿي چاهيم، سان رهجي ويئي آهي، هيءَ هڪ سٺي ٽيم جي مسلسل شڪستن جي ڳالهه آهي.
اصل قصو، يا ڪهاڻي هن ريت آهي. ان ڳالهه کي ورهيه وهامي ويا آهن. ڪنهن سمي هڪ سودائيءَ سنڌ اسٽارز فٽ بال ٽيم تيار ڪئي هئي. سودائي وڏو خفتي قسم جو ماڻهو هو. منصوبه بنديءَ ۾ ڪو سندس ثاني نه هوندو هو. دنيا جي ڪنهن به نامور فٽ بال ٽيم جي مينيجر کان وڌيڪ ذهين ۽ چاڻو هوندو هو. ڳڌيل هندستان جي مشهور فٽ بال ٽيمن، ڪلڪتي جي موهن بگن، محمدن اسپورٽس، ڍاڪا محمدنز، افغان ڪلب ڪوئٽا، بامبي اسٽارز، آل انڊيا ريلويز، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ وغيره جا مينيجر رٿابندي، حڪمت عملي ۽ ٽيم جي تنظيم ۾ سودائيءَ آڏو ٻار لڳندا هئا.
سودائي کي الله دوربين جهڙي اک ڏني هئي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گمنام، پر ڏات سان ٽمٽار ننڍڙا نوجوان چونڊي، هٿ ڪري ڪراچيءَ وٺي آيو. ڏينهن رات سندن تربيت ۾ هڪ ڪري ڇڏيائين. ڳوٺن ۽ ننڍڙن شهر جا گمر نام نوجوان نامور رانديگر ٿي پيا. قاسم، جمعو، ابو، مامد پائي، پريم، ڊبو، چارلي، موسيٰ ۽ ان قسم جا انيڪ رانديگر هيرن وانگر جرڪڻ لڳا. ٻين ٽيمن جا مينيجر اندر خاني کين لالچون ڏيئي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هوندا هئا. پر سودائيءَ جي نظرداريءَ ۾ تيار ٿيل رانديگر ڪٿان ٿا ڪنهن جي ور چڙهن!
هندستان جي ڪا ٽيم اهڙي نه هئي، جنهن جو مقابلو سنڌ اسٽارز سان ٿيو هجي، ۽ ان ٽيم اڌ ڊزن گولن

تان نہ هارايو هجي! ڏاڪا محمدبنز، موهن بگن، بامبي اسٽارز جهڙيون ٽيمون سنڌ اسٽارز آڏو ڏڪ جهلي نہ سگهنديون هيون. هڪ دور اهڙو بہ آيو هو جڏهن هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌ اسٽارز ٽرافيون کٽي، ٽرافين جو مينار کڙو ڪري ڇڏيو هو.

هاڪيءَ وانگر فٽ بال راند بہ ڏاڍي عجيب راند آهي. ٽيم ۾ نالي ڪان سواءِ فرد جي ڪا بہ حيثيت نہ ٿيندي آهي. ميرا ڊونا اڪيلي سر ڪجهہ بہ ناهي. ڪيس ليفٽ ان، ليفٽ آئوٽ ۽ سينٽر هاف تي ڪيڏندڙ رانديگرن جي مدد ۽ امداد جي ضرورت رهندي آهي. هڪ رانديگر ٻئي رانديگر کي پاس ڏيندو آهي، ٻيو ٽئين رانديگر کي ۽ ٽيون چوٿين رانديگر کي پاس ڏيندو آهي. ۽ ائين، مد مقابل جي گول تي حملو ٿيندو آهي. برازيل جي جڳ مشهور رانديگر پيلي سميت اڄ تائين ڪو رانديگر اهڙو پيدا نہ ٿيو آهي، جنهن ميدان جي پنهنجي حصي مان اڪيلي سر بال ڪنيو هجي ۽ مخالف ٽيم جي يارهن رانديگرن کي ڊاج ڏيئي گول ڪري ڏيکاريو هجي.

سنڌ اسٽارز جي ڪاميابيءَ جو سڀ کان وڏو راز ٽيم جي اجتماعيت ۾ هو. رانديگر هڪٻئي کي ننڍا ننڍا پاس ڏيئي اک ڇنڀ ۾ وڃي مخالف ٽيم جي گول تي ڪڙڪندا هئا.

پوءِ الاءِ ڇا ٿيو. ڪنهن کي ڪا خبر نہ پئي. ڪنهن ڇيو. سنڌ اسٽارز کي نظر لڳي ويئي. آها ٽيم، جنهن بمبئي، مدراس، پونا، دهلي، ڪلڪتہ، ڪوئٽا ۽ ڪابل ۾هڪ ميچ نہ هارائي هئي، سنڌ ۾ ميچون هارائڻ لڳي. شڪستن جو سلسلو شروع ٿي ويو. سنڌ اسٽارز اول فائينل ميچن ۾ هارائڻ شروع ڪيو، پوءِ سيمي فائينل ميچن ۾، ۽ ڪوارٽر فائينل ميچن ۾، ۽ آخر ۾ اهڙو وقت بہ آيو جو سنڌ اسٽارز ٽورنامينٽ جي پهرين رائونڊ ۾ هارائڻ شروع ڪيو. سنڌ اسٽارز جو عروج ۽ زوال اسان اکين سان ڏٺو.

ٽيم ساڳي، رانديگر ساڳيا، سنڌن مينيجر سودائي ساڳيو، پر راند دوران سنڌن حڪمت عملي بدلجي ويئي. هر رانديگر اجتماعيت جي ايڪي مان ٻاهر نڪري فرد ٿي پيو. هو ٽيم لاءِ نہ، بلڪ پنهنجي ناموس، ناميا چار، شهرت ۽ نالي لاءِ کيڏڻ لڳو. هر رانديگر مخالف ٽيم جي رانديگرن کي گوهي ڏيڻ بدران پنهنجي ٽيم جي ساٿي رانديگرن کي گوهي ڏيئي اڪيلي سر گول ڪرڻ جي بيسود ڪوشش جو شڪار ٿي ويو.

زوال واري زماني ۾ سنڌ اسٽارز جي ٽيم جڏهن ميدان ۾ لهندي هئي، تڏهن ٽيم بدران يارهن رُتل رانديگرن جو ٽولو لڳندي هئي جنهن ۾ هر رانديگر جو منهن هڪ ٻئي کان ابتڙ رخ ۾ هوندو هو. ڪو رانديگر ٻئي

راندیگر کي پاس نہ ڏيندو هو. پاس ڏيڻ بدران پاڻ بال ڪاهي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ نتيجي طور مخالف ٽيم جي يارهن رانديگرن جي اجتماعي، گڏيل حڪمتِ عمليءَ آڏو بيوس ٿي ٿاٻا کائيندو هو.

ٻين ٽيمن سنڌ اسٽارز جي بدنظمي، انتشار، افراتفري ۽ خودسنائيءَ جو پورو پورو فائدو ڪنيو. ٻين ٽيمن جا رانديگر سنڌ اسٽارز جي رانديگرن جي مقابلي ۾ سُپر اسٽارز نہ هئا. پر، هنن ۾ ڊسيپلن هو. سنڌ اسٽارز لاءِ ڊسيپلن جو لفظ بي معنيٰ ٿي پيو هو.

تاريخ گواهہ آهي تہ بدنظمي ۽ اندروني انتشار سبب سنڌ اسٽارز جي ٽيم شڪستن جي ذلت ۾ گم ٿي ويئي، اهڙي نموني گم ٿي ويئي جو وري ڪنهن سنڌ اسٽارز جو نالو نہ ٻڌو. اوهان ڪڏهن سنڌ اسٽارز جو نالو ٻڌو آهي؟

راوڻ، پـَري ۽ الهوڏايو پنياٽ منهنجو رنگ روپ ۽ قدبت ڏسي خفيہ ايجنسين جي اهلڪارن کي منهنجي ڪنهن ڳالهہ تي يقين نہ آيو. منهنجو شناختي ڪارڊ جانچي ڏٺائون. ڪڏهن شناختي ڪارڊ تي لڳل منهنجي تصوير پي ڏٺائون، ۽ ڪڏهن مون کي. ڇڻ وڏيڪ شڪ ۾ پئجي ويا هئا.

چيم، "اوهين ملڪ ۽ ملت جا رکوالا آهيو۔ اسين متوالا آهيون. اوهان جو شڪ جائز آهي. شناختي ڪارڊ تي لڳل تصوير ۽ مون ۾ ڪا مشابهت ڪونهي. پر، شناختي ڪارڊ تي لڳل تصوير منهنجي آهي. ٽيهہ سال پراڻي آهي. ڪارڊ بہ ذري گهٽ ٽيهہ سال پراڻو آهي."

هو ٻئي منهنجو شناختي ڪارڊ جانچيندا رهيا.رکي رکي مون ڏانهن ڏسندا رهيا.

چيم، "گذريل ٽيهہ سال مون بيپناهہ خوف ۾ فنا ٿيندي گذاري ڇڏيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مون ۾ ۽ منهنجي تصوير ۾ ڪا مشابهت نہ رهي آهي. مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ شناختي ڪارڊ تي لڳل تصوير منهنجي آهي."

خفيہ ايجنسيءَ جا ٻئي اهلڪار ڏاڍا پوائتا هئا. ٻنهي مان جيڪو وڏيڪ پوائتو هو، تنهن چيو، "تصوير ۾ تنهنجو کاٻو ڪن تنهنجي ساڄي ڪن کان ننڍو آهي. هونءَ، تنهنجو ساڄو ڪن تنهنجي کاٻي ڪن کان ننڍو آهي. اسين يقين ڪرڻ چاهيون ٿا تہ تنهنجا ٻئي ڪن اصلي آهن، يا نقلي آهن."

ان کان اڳ جو مان ڪجهہ چوان ٻنهي اهلڪارن منهنجا ڪن چڱي طرح مروڙي ڏٺا، ۽ پنهنجي ساءِ چيائون، "ڪن تہ اصلي ٿا لڳن."

هڪدم چيم، "هاڻي خدا جي واسطي منهنجو نڪ مروڙي نه ڏسجو. اڄڪلهه نڪن جي ساختي تي ڪو ڀروسو نه رهيو آهي."
چيائون. "اسين شڪ ۾ پئجي ويا آهيون. تصوير ۾ تنهنجو کاٻو ڪن، تنهنجي ساڄي ڪن کان ننڍو آهي. ورنه، تنهنجو ساڄو ڪن تنهنجي کاٻي ڪن کان ننڍو آهي. اهو مامرو ڇاهي! تون ڪو خفيه قسم جو ماڻهو ته ناهين."
چيم، "خفيه قسم جو ماڻهو هجان ها ته توهان وانگر سادن ڪپڙن ۾ نه هجان ها! منهنجو ويس ڏسو ٿا. منهنجو ويس اندومان ٻيٽ جي قيدين جي لباس جهڙو نه ٿو لڳيوَ؟"
هنن منهنجي لباس جو جائزو ورتو. پوءِ چيائون، "پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي ڪن بابت اسان کي ڪجهه ٻڌاءِ."
چيم، "اها ماجرا ڊارڪ روم ۾ ٿي آهي. تصوير جو نيگيٽو جڏهن اُبتو ڪري پازيٽو ٺاهيو آهي تڏهن کاٻو ڪن ساڄي طرف ۽ ساڄو ڪن کاٻي طرف هليو ويندو آهي."
پڇيائون، "بلوچستان ۾ جيڪي راڪيٽ ڪريا هئا، سي ڪنهن هلايا هئا؟"
پڇيم، "ڪهڙو بلوچستان؟ پاڪستاني بلوچستان، يا ايراني بلوچستان؟"
چيائون، "پوڪ، بلوچستان پاڪستان ۾ آهي."
چيم، "ايئن برابر آهي ته مان پوڪ آهيان، پر جيستائين مون کي ياد ٿو اچي هڪ بلوچستان ايران ۾ به آهي."
"بڪواس ٿو ڪرين." مون کي ڇڪي اٿي هڪ ڪاري رنگ جي هونڊا ۾ ويهاريائون. گاڏيءَ جي درين جا ڪارا شيشا چڙهيل هئا.
چيائون، "اِن جو مطلب آهي ته تون سڌي طرح نه ٻڌائيندين ته بلوچستان تي راڪيٽ ڪنهن هلايا هئا."
مون کي ورلي ٻچان لڳندي آهي. پر، اُن ڏينهن مونکي ڏاڍي ٻچان وٺي ويئي. چيم، "اڙي بابا، پڳهار ڪٽو اوهين، ۽ ٻڌايانوَ مان ته بلوچستان تي راڪيٽ ڪنهن هلايا هئا!"
هڪٻئي ڏانهن ڏٺائون. پوءِ پڇيائون، "گذريل هفتي ڪوئيٽا ۾ جناح روڊ تي ڇا پئي ڪيئه؟"
سوال پڇي وائڙو ڪري ڇڏيائون. گذريل هفتي جي ڳالهه ته پري جي ڳالهه آهي، مون کي گذريل گهڙيءَ جي ڳالهه به ياد نه رهندي آهي. مان سمجهان ٿو، ميڄالي ۾ فٽ ٽيل هارڊ ڊسڪ پرجي ويئي آهي، يا ڪريٽ ٿي ويئي آهي. مٿي تي زور ڏنم. سوچيم ته گذريل هفتي ڪوئيٽا ۾ جناح روڊ تي ڇا پئي ڪيم! تڏهن اوچتو مون کي ياد آيو ته گذريل هفتي مان ڪوئيٽا ۾ نه هوس.
چيم، "گذريل هفتي مان اسلام آباد جي ياسمين گارڊن ۾ ويٺو هوس، ۽ گلاب

جي گلن جي آرائش ۽ نمائش ڏسي رهيو هوس ۽ نمائش ۾ موجود پنهنجي وجود جي ڪوهه ڪاف جي پَري ڏسي رهيو هوس، جنهن کي ورهيه اڳ راڪاس سمجهي مون سان پيار ڪيو هو. پر پوءِ جڏهن خبر پيئي هئس ته مان ماڻهو هوس سو به نامڪمل. تڏهن هن مونکي ڇڏي ڏنو هو."

اهلڪارن ماٺ ڪري مون کي ٻُڌو. ڪاري هونڊا ۾ قيد هئڻ جي باوجود پري مونکي ڏاڏي ياد آئي. ڪراچيءَ جي سينيمائن ۾ مونکي فلمون ڏيکاريندي هئي. چائينز هوٽلن ۾ ماني ڪارائيندي هئي. منهنجو ڏاڏو خيال رکندي هئي. هڪ دفعي سائين جي ايم سيد جي تقرير ٻڌي موٽيو هوس. ورڪنگ وومن هاسٽل جي لان تي پري ڏاڏي پريشان بيٺي هئي. ذري گهٽ ڊوڙندي هلي آئي. چيائين، "سچي ملڪ جي سِولِ ۽ ملٽري انٽيليجنس جي ايم سيد جي ڪڍ لڳل آهي. تون جو تو پاڻ کي مصيبت ۾ وجهين."

۽ پوءِ، انهن ٽي ڏينهن ۾ ڪيس خبر پئجي ويئي ته مان راڪاس نه، بلڪ ماڻهو هوس، سو به نامڪمل. نهندي نهندي، اُتَ ۾ رهجي ويل ماڻهو! پريءَ مون کي ڇڏي ڏنو. هوءَ حق بجانب هئي. جڏهن به ياسمين گارڊن ۾ گلاب جي گلن جي آرائش ۽ نمائش جي مند ايندي هئي، مان هجوم ۾ گم ٿي پريان پريءَ .کي ڏسندو هوس. نمائش ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ راڪاس سان گڏ هلي ويندي هئي. مون کي ان ڳالهه جو ارمان ڪونهي ته مان پريءَ جي نصيب ۾ نه هوس، ۽ پري منهنجي نصيب ۾ نه هئي. منهنجي لاءِ اهو ڪافي آهي ته ڪوهه ڪاف منهنجي وجود ۾ موجود آهي.

مونکي خبر ٿي نه پيئي، ته ڪار ڪڏهن ڪينٽ اسٽيشن تان رواني ٿي هئي ۽ ڪڏهن سعيد منزل پرسان ڊاڪٽر الهوڏائي پنيات جي اسپتال ٻاهران اچي بيٺي هئي. اهلڪارن ڪنڌ کان جهلي مون کي گاڏيءَ مان ٻاهر ڪڍيو. چيائون، "اسان کي پڪ ٿي ويئي آهي ته ڊاڪٽر الهوڏايو پنيات اوهان دهشتگردن ۽ ملڪ دشمن جو سرغنو آهي."

رسيپشن تان خبر پيئن ته ڊاڪٽر الهوڏايو پنيات آپريشن ٿيٽر ۾ هو. اهلڪار آپريشن ٿيٽر ۾ ڪاهي پيا. ڊاڪٽر الهوڏايو پنيات آپريشن ۾ مصروف هو. هن منهن ورائي اهلڪارن ڏانهن ڏٺو، ڪين خاموش رهڻ لاءِ اشارو ڪندي سڙٻاٽن ۾ چيو، "مان جمهوريت جي جسم مان گوليون ڪڍي رهيو آهيان. مون کي حيرت آهي ته 1958، 1968، 1977 ۽ 1999ع ۾ انيڪ گوليون کائڻ جي باوجود جمهوريت اجا تائين جيئري ڪيئن آهي."



# ڏيل

حسن منصور

ٻن پتنڪندڙ روحن جي وچ ۾ ٽيل زباني ڏيل جي انوکي ڪهاڻي.

فٽ پاٿ تي مري ويل هڪ فقير ۽ ڪروڙ پتي سيٺ جي روحن جي وچ ۾ ٽيل ڏهن سالن جي زباني ڏيل جي دلچسپ ڪهاڻي، جنهن ۾ فقير جو روح بک، پريشانيءَ ۽ تڪليفن ڪان بيزار هو، جڏهن ته سيٺ جو روح وري گهٽي وزن ۽ دنيا جي عيش و آرام ڪري بيزار هو.

مون کي پنهنجو پاڻ مان نڪرڻ جو ارمان ورهين کان هو. آءٌ هڪ نبل ۽ هلڻ کان لاچار وجود سان ڳهلجي ڳهلجي ٿڪجي پيو هئس ۽ چاهيم ٿي تہ اِن وجود کان ٻاهر نڪري ڪجهہ سڪون جو ساهہ کڻان ۽ دنيا کي ٿورو اطمينان ۽ تفصيل سان ڏسان. واپسيءَ لاءِ اُسهڻ کان اڳ!

اڄ منهنجو اهو بيڪار ۽ نبل وجود هميشہ جيان ٿڪل ۽ بکيو ايمپريس مارڪيٽ ٻاهر. انهيءَ فٽ پاٿ تي ڙهليل هو تہ مون کي لڳو ڄڻ ماحول جي بيزاري ۽ گدلاڻ ۾ گهٽتائي اچي رهي هجي. مون کي ائين لڳو تہ آءٌ نبل ۽ ڪمزور وجود جي ڪنگهہ ۽ ڪانگهارن جي ڪوڙڪيءَ مان آزاد ٿي رهيو هجان ۽ ايمپريس مارڪيٽ جهڙو علائقو دونهن ۽ گدلاڻ کان آجو ٿي رهيو هجي. اهو انتهائي اچرج ۾ وجهڻ وارو عمل هو جنهن کي سمجهڻ کان اڳ هڪ پيرو وري مون کان چرڪ نڪري ويو.

مون پاڻ کي ايمپريس مارڪيٽ جي هڪ زبون حال برج تي ويٺل ڏٺو جتان آءٌ پنهنجو پاڻ کي زمين تي سُتل ڏسي رهيو هئس! هڪ بيمار ۽ مرڻ جي ويجهو وجود فٽ پاٿ تي ڙهليل هو. ڪيس ڏسي مونکي پنهنجي اندر تلخي محسوس ٿي.

"ڪهڙي نہ گدلي ۽ واهيات جسم ۾ پيل هئس. سڄي ڄمار بکيو ۽ ذليل رهيو ۽ مونکي بہ ذليل ڪندو رهيو." مون پاڻ کي چيو "هاڻي آءٌ آزاد آهيان. ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو ۽ ڪٿي بہ وڃي سگهان ٿو."

مون آسپاس ڏٺو. رات پنهنجي جوڀن تي هئي. زندگي گهٽو ٿٽو گهرن ۾ بند هئي ۽ سمهي رهي هئي. منهنجي وجود جهڙا ڪجهہ وجود صدر جي فٽ پاٿن تي رهيل بي خبر ستا پيا هئا ۽ آسپاس ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏيون پئي لنگهيون. جنهن تي ڪڏهن ڪي ٿڪل ڪُتا ڀونڪي رهيا هئا يا وري ڪي ٿڪل پوليس وارا. مون پاڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ شمون فقير جي وجود ڪانسواءِ آءٌ ڪيئن ٿو لڳان. اهو ڏسي مون کي اچرج ٿيو تہ مون کي ڏسڻ لاءِ اکيون هيون پر آءٌ پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ کان لاچار هئس. مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ مون کي هٿ بہ هئا، پير بہ هئا ۽ چهرو بہ پر اهي سڀ احساس هئا. انهن لاءِ جيڪو وجود هو سو آءٌ هيٺ فٽ پاٿ تي ڇڏي آيو هئس. سوچيم "هاڻي ڇا ڪريان. واپس وڃي ساڳئي واهيات جسم ۾ سمائجي وڃان؟" پوءِ فيصلو ڪيم تہ واپسي تہ پوءِ بہ ٿي سگهي ٿي، ٿورو آسپاس گهمي تہ وٺجي. مون هلڻ شروع ڪيو ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجا پير ڌرتيءَ تي نہ پئجي رهيا هئا. آءٌ هڪ خلائي جهاز جيان فضا ۾ تري رهيو هئس. اجان ٿورو پري ويس تہ هڪ زبون حال ۽ پراڻي بلڊنگ تي هڪ چهرو ويٺل ڏٺم جيڪو مون کي چتائي ڏسي رهيو هو. مون کي يقين ٿي ويو تہ باوجود انهيءَ جي، جو ڪيئي ماڻهو چهرن جهڙا آهن.

اهو چهرو عام چهرن جهڙو نه هو. مون کانئس پاسيرو ٿي هٿي پاسي وڃڻ چاهيو ته ٻڌم، "اي شمون فقير جا روح، هتي اچ!". هيڏانهن هيڏانهن نهاريم ۽ هڪ پوليس واري کي ڏٺم، جيڪو فٽ پاٿ تي پيل هڪ فقير جا کيسا تلاشي رهيو هو. مون کي ياد آيو ته هڪ پيرو ساڳيو پوليس وارو منهنجي ٿيلهيءَ کي ڦلهوڙي رهيو هو ته منهنجي اک کلي وئي هئي. چيو هئم، "چا تو ڏسين سنتري بادشاهه هيءَ ٿيلهي به منهنجي پيٽ ۽ تنهنجي کوپڙيءَ جيان هڪدم خالي آهي."

سنتري ڪاوڙ وچان مون کي چمات هڻندي چيو هو "پوليس کي چور ٿو سمجهين، تو کي خبر نه آهي اڄڪلهه حالتون ڪيتريون خراب آهن. آءٌ پنهنجي ڊيوٽي پيو ڪيان."

"ڊيوٽي؟"

"ها، ڏسان پيو ان ۾ ڪو بم ته نه آهي!"

" بم ڳولهڻ لاءِ توکي پري وڃڻ جي ضرورت نه آهي،" چيم، "تون پنهنجي پيٽ کي ڏس، اهو به هڪ خطرناڪ بم آهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور ڦاٽندو." ان ڏينهن ماني ته ڪائي نه سگهيو هئس پر هن پوليس واري لٺين ۽ جوتن سان خوب ڊؤ ڪرايو هو.

"ڪٿي پيو ڏسين شمون بادشاهه جا بيچين روح، هيڏانهن اچ." مون وري آواز ٻڌو ۽ چرڪي زبون پٽ تي ويٺل ان چهري ڏانهن ڏٺم. هو مون ڏانهن ڏسي مُرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

مون کي چهري جو ڳالهائڻ عجيب لڳو پر جڏهن آءٌ پاڻ هڪ عجيب صورتحال ۾ ورتل هئس ته هڪ چهري جو ڳالهائڻ ۽ مرڪڻ معمول جي ڳالهه سمجهيم. ترندو ڏانهنس ويم. چيم، "ائين مرڪندو نه ڪر چهرا سائين، بلڪل دانشور ٿو لڳين."

سندس چهري تان مُرڪ هڪدم غائب ٿي وئي ۽ هو مون کي ائين ڏسڻ لڳو ڄڻ مون ڪو ڏوراپو ڏنو هومانس. چيائين، "ڪيڏانهن پيو رلندو وتين، هتي اچ منهنجي پاسي ۾ ويهه ته ڳڏجي سوچيون."

"آئون گذريل پنجاهه سالن کان هڪ بيڪار وجود ۾ رهي لاڳيتو سوچيندو رهيو آهيان، چنڊ کي ماني ڀيو سمجهندو رهيو آهيان، مونکي سوچڻ تي هاڻي مجبور نه ڪر!"

"آئون به گذريل ڪيئي سالن کان هن ملڪ بابت سوچيندو رهيو آهيان."چهري چيو "۽ اڃان به سوچي رهيو آهيان."

آئون سندس سوچ کان انتهائي متاثر ٿيس، سوچيم ڪو ته آهي جيڪو هن ملڪ بابت سوچي رهيو آهي. پڇيم، "ته چا سوچيو آهي توهان پنهنجي ملڪ بابت؟"

"مون گهڻو ڪجهه سوچيو آهي،" چهري مون کي چتائي ڏسندي چيو "۽ تو کي سوچي جواب ڏيندس ته مون هن ملڪ جي چڱائي لاءِ چا چا نه سوچيو آهي."

مون کي لڳو ته چهرو واقعي هڪ عظيم دانشور آهي ۽ سندس

ڳالهيون مون کي انهي ڪري سمجهہ ۾ نہ پيون اچن جون آءٌ هڪ خسيس ۽ واهيات جسم جو مالڪ رهيو آهيان.
مون ڏٺو تہ چهرو وري ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڏي ويو هو يا وري ان ڪتي کي ڪاوڙ وچان ڏسي رهيو هو جيڪو هڪ ميرا ڪپڙا پاتل، ڪچرو چونڊيندڙ افغاني ٻار کي ڏسي ڀؤنڪي رهيو هو. مون بہ ڪتي کي ڪاوڙ وچان ڏٺو ۽ سوچيو چو هن شهر جا ڪُتا ڪچري جا ٿيلها کڻي رات وهيءَ ۾ روزگار لاءِ نڪتل انهن ٻارن پٺيان ڀونڪندا آهن. مون کي ياد آيو تہ هڪ ڀيري مون هڪ افغاني ڇوڪري کان اهو پڇيو هو. تہ هن چيو هو "هنن ڪُتن کي خبر آهي تہ رڳو اسان آهيون، جيڪي سندن ڀونڪڻ تي ڪين ڪجهہ نہ ٿا چئي سگهون."
آءٌ ان ڀونڪندڙ ڪُتي جي ويجهو ويس تہ هو چرڪي چُپ ٿي ويو پوءِ مون ڏانهن ڏسندي ڀونڪڻ لڳو. مون فيصلو ڪيو تہ ڪتي کان بہ سندس خيال پڇان تہ هو ۽ سندس برداري افغاني ٻارن پٺيان ڇو ڀونڪندي آهي.
"اي پيارا ڪتا." مون چيو "انهن غريبن تي ڇو ٿا ڀونڪيو؟"
ڪتو خاموش ٿي ويو ۽ مون کي لڳو تہ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو هجي. ٿوري دير ڪانپوءِ، هن مون ڏانهن ڏٺو چيائين، "اسان کي خبر آهي تہ رڳو اهي ئي اهڙا آهن جن وٽ هن شهر ۾ نہ بندوق آهي ۽ نہ ئي ڪا سفارش!"
مون ڪتي جا ٿورا مڃيا ۽ اڳتي وڌيس. ڪتو وري پنهنجي محبوب ڪم يعني ڀونڪڻ ۾ مشغول ٿي ويو.
اڃا ٿورو اڳتي وڌيس تہ مونکي محسوس ٿيو تہ ڪو مون جهڙو ئي وجود آهي، جيڪو رڳو محسوس ٿي سگهي ٿو پر ڏسجي نٿو. آءٌ اڃا ٻڏتر ۾ ئي هئس تہ هڪ آواز ٻڌم "ڪير آهين پيارا!"
"آءٌ هڪ سڙڪ ڇاپ ٻڪاري شمون فقير جو روح آهيان، تون ڪير آهين؟" پڇيم.
"آءٌ هن شهر جي مشهور واپاري سيٺ ابوبڪر گُٽڙ والا جو روح آهيان."
"تون سيٺ جو روح آهين تہ يقينن سندس مرڻ ڪانپوءِ ئي نڪتو هوندين، منهنجو وجود تہ فٽ پاٿ تي سڙل آهي. مون کي ڪجهہ دير ڪانپوءِ وري منجهس وڃڻو آهي ۽ اڃا وڌيڪ ذليل ٿيڻو آهي، هن دنيا ۾."
"منهنجو وجود مئو نہ آهي." سيٺ ابوبڪر گٽڙ والا جي روح چيو "اهو ضياءُ الدين اسپتال جي آءِ سي يو ۾ داخل آهي ۽ اڃا تائين چاهي ٿو تہ دنيا جا مزا وٺي."
" پوءِ تون ڇو ٻاهر نڪري آيو آهين!" پڇيم "تون ڇو هڪ عياشيءَ واري زندگيءَ کي ڇڏي پرلوڪ پڌارڻ چاهين ٿو."
"آءٌ بيزار ٿي پيو آهيان هڪ مينهن جهڙي وجود ۾ رهندي، آءٌ ان کان نجات چاهيان ٿو."
"۽" ٿڌو ساهہ کڻدي چيم. "آءٌ وري هڪ ڪنگلي جي جسم کان بيزار ٿي پيو آهيان ۽ ڪانئس نجات چاهيان ٿو."

مون ڏٺو تہ جنهن ڊاڪٽر ڊير اڳ منهنجي موت جو اعلان ڪيو هو هو پاڻ بہ سخت حيرت ۾ هو. "ائين ٿي نٿو سگهي، اهو هڪ ڪرشمو آهي."

"هي ڪرسمو هجي يا ڪرسما ڪپور" مون کي لڳو تہ آءٌ بہ سيٺ جيان ڪاٺياواڙي لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳو هئس. "آءٌ جندو آهيان، ني سلامت آهيان." مون پوءِ کين وچڙ جو اشارو ڪيو ۽ سمهڻ لاءِ ليٽي پيس. مون کي سيٺ جي اصل روح سان همدردي محسوس ٿي تہ ڪيئن نہ هو ڪليل آسمان هيٺان سُتل هوندو ۽ سيءَ ۾ ڏڪي مون کي پِٽيندوهوندو. اڃا آءٌ اهو ئي سوچي رهيو هئس تہ ائين لڳو چڻ هڪ اڻ ڏٺل وجود ڪمري ۾ آيو هجي ۽ پلنگ پرسان اچي بيٺو هجي. مون سيٺ جي وجود مان ٽورو ٻاهر اچي جهاتي پاتي ۽ پڇيم، "ڪير آهي."

"هي آئون آهيان. شمون ڪنگلي جا روح." مون سڃاتو اهو سيٺ ابوبڪر جو اصلي روح هو.

"هاٺي چو آيو آهين. پاڻ کي تہ ڏهن سالن کانپوءِ ملڻو هو؟"

هن منهنجي سوال کي نہ ٻڌو ۽ چيائين. "تون روح هوندي بہ هڪ ماٺهوءَ جيان دغاباز آهين. تو مون کي دوکو ڏنو."

"ڌوکو!"

"ها!. تو مون کي هڪ اهڙو وجود ۾ وجڻ لاءِ چيو جنهن کي مئي ۽ سندس جسم کي ٽڌو ٿئي ڪيئي ڪلاڪ گذري چڪا هئا."

"نہ مون تو کي دوکو نہ ڏنو جنهن وقت مون اهو جسم ڇڏيو ان وقت شمون سُتل هو."

"اهو تو سمجهيو تہ هو سُتل آهي، هو اصل ۾ مري چڪو هو."

آئون خاموش رهيس. هن چيو "هاٺي نڪر ٻاهر ۽ مون کي رستو ڏي تہ آئون وڃي پنهنجي اصل جاءِ وٺان."

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي." چيم "پاڻ پنهي ۾ هڪ ڊيل ٿي آهي ۽ اها ڏهن سالن تائين قائم آهي."

"ڪهڙي ڊيل، ڪنهن ڏني آهي اُها ڊيل؟"

"ڏني تہ ڪنهن بہ ناهي،" چيم. "پر پاڻ ان جا پابند آهيون. ڏهن سالن کان اڳ تو کي جسم واپس نہ ٿو ملي سگهي."

هو بيوسي وچان مون کي ڌسندو رهيو چيم."وڃ هاٺي پر لوڪ، مئلن جي روحن کي وڏيڪ هن ڌرتي تي رهڻ نہ ٿو جڳائي."

ائين چئي آءٌ وري سيٺ جي جسم منجهہ پئجي ويس ۽ ٿوري دير کانپوءِ محسوس ڪيم تہ اهو اڻ ڏسجندڙ وجود ڪمري مان غائب ٿي چڪو هو. مون ٽورو ويهي هڪ ٻٽڻ دٻايو هڪ نرس اندر اچي مون کي ڏسڻ لڳي.

چيم "ايڏي ايمبولينس وارن کي فون ڪري چئو تہ ايمپريس مارڪيٽ ۾ هڪ فقير جو لاش پيو آهي، ان کي جلدي دفنائي ڇڏين."

نرس مون کي حيرت وچان ڏٺو ۽ پوءِ تڪڙي ٻاهر نڪري وئي.

پيار، محبت، تڪليفون، جدائي، تنهائي، تڙپ، سڪ، پرچاءُ ۽ هڪ حسين ملاقات. موتيءَ جي داڻن سان جڙيل، شاعراڻي انداز ۾ لکيل لاجواب ڪهاڻي.

ٻن لازوال عاشق ۽ معشوق جو پيار ڀريو احوال.

# اکين ۾ فريز ٿي ويل هڪ رات

فياض چند ڪليري



اسٽيشن جي آخري ڏاڪي ڪان به هيٺ هئڻ سبب، منهنجي محبوب دوستن پهريان ملڻ واري معمول ۾ محسوس ٿيندڙ ۽ وڇوٽيون وجهڻ شروع ڪيون ۽ پوءِ اهڙي صفائي ۽ خوش اسلوبيءَ سان، پنهنجي دلين جا دروازا مون لاءِ بند ڪري ڇڏيا. جو وري انهن ڏانهن وڃڻ جي همت ئي ساري نه سگهيس. ان احساس جو مُنڌو ڪات، منهنجي خيال جي ريشمي بدن کي ڳترا ڳترا ڪرڻ لڳو ته. هر تعلق جي تارازي صرف پئسو آهي، ۽ ان تارازيءَ ۾ ڪنهن پڙوي بروڪر ۽ بليڪ ميلر جو وزن به مون کان ڳرو هيو. منهنجا، فور ويل گاڏين ۾ گهمندڙ فرينڊز. ان شخص سان تعلق ڪهڙي بنياد تي رکي ٿي سگهيا، جنهن جي گهر جو گاڏو هلائڻ جو واحد ۽ اڪيلو ذريعو، صرف ٽي ٽيوشنز هيون. آئون جڏهن، شام جو مختلف دروازن جون ڪال بيلز وڄائي، اسٽوڊنٽس کي پڙهائڻ جي انتظار ۾ گهنٽيءَ ۾ بيهندو هوس، تڏهن پاڻ کي صدا هڻندڙ ڪو فقير محسوس ڪندو هوس. "سائين! اڄ به پنج منٽ ليٽ ڪري آيا آهيو، ائين روز روز نه هلندو..." منهنجي ڪنن تي جڏهن، اسٽوڊنٽس جي والدين جا اهي لفظ پوندا هيا ته روح ذلت جي گهاٽي ۾ ٻيڙهجي ويندو هيو. ڀائيندو هوس، آئون هن ڌرتيءَ تي وڏو وزن ۽ بوجهه آهيان، يا شايد ڪنهن ٻي دنيا، ٻئي سياري جي مخلوق آهيان. دل روئڻ چاهيندي هئي پر انکري روئي نه سگهندو هوس جو خبر هئي ڳوڙها اگهڻ لاءِ ڪوئي به نه هيو. ڪوئي به ته نه هيو. جيڪو، منهنجي اداس، روئٹهارڪي، سجاٽپ وجايل وجود کي، ٻنهي هٿن سان پڪڙي، پوري سگهه سان ڏوٿو ڏئي، مون کان صرف ايتروئي پڇي ها ته.

"پيارا! هي توکي ڇا ٿي ويو آهي... تنهنجي جوانيءَ جا رنگ وقت کان اڳي، پوڙهائپ جو پرتوو ٿي پيا آهن. ڪهڙو ڏک اٿئي، ڪهڙو گهاءُ اٿئي، ڪهڙي پياس، جا توکي هڪ پل لاءِ به چين نه ٿي ڏئي.. ٻڌاءِ ... ڪجهه ته ٻڌاءِ..."

ڪنهن به ته، دل جو ڪٺ ڇڙهيل ڪُلف ڪولي منهنجي اندر جي ڪمري جو جنهن ۾: بند پيل بلب ٻاري، روح کي روشن ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي، ڪنهن به ته پنهنجو نازڪ هٿڙو وڌائي، منهنجي رولاڪين کي ڪو دگ ڏيڻ جي تمنا نه ڪئي هئي، منهنجي زندگيءَ بيڪار بنجي چڪي هئي. آچر جي ان شام، جڏهن آئون معمول موجب، پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڇلڪندڙ جام ۾ غرق ٿيڻ جي تمنا ۾ ريلوي اسٽيشن جي پراڻي پليٽ فارم تي، نم جي وڻ هيٺان رکيل، سيمينٽ جي بينچ تي

وڻڻ، پريرو، خانہ بدوشن جي جهڳين ۾ پلجندڙ نين مکڙين جو واس وٺڻ لاءِ پوئترن جيان ڦيرا ڏيندڙ، کاڌن جي وڳن ۾ ملبوس نوجوانن کي ڏسي رهيو هوس. تڏهن منهنجي شرٽ جي دل واري پاسي جي کيسي ۾ رکيل موبائل جي وڄندڙ ٽيون، چڻ مون کي گمناميءَ جي ڏبڻ مان ڪڍڻ جو واعدو محسوس ٿي هئي. کيسي مان موبائل ڪڍي اسڪرين تي رقص ڪندڙ نمبر کي بنا ڏسڻ جي ڪال رسيو ڪرڻ وارو بٽڻ دبائي، جڏهن موبائل ڪن جي ويجهو آندي هيم تہ موبائل منجهان آواز نہ اپريو هيو، چڻ سرن ورڪا ٿي هئي، موسلا ڌار بارش وسي هئي، يا چڻ گلن کي زبان ملي وئي هئي.

"ڏس: اڄ موسم تنهنجي اکين جهڙي ٿي پئي آهي ۽ هوائون تنهنجي ساهن سان هيڪاريل ... او شاعر! ڇا تو کان تنهنجي شاعري وسري وئي...؟"

خوشبوءَ جو آواز!

بي يقينيءَ جي ويران ۽ اونداهي واديءَ ۾ چڻ جنهن پڇاڻان، صدين پڇاڻان، اميد جو چنڊ ڪڙي پيو هو. منهنجا حواس، احساس ۽ لفظ چڻ هوا جا قيدي ٿي پيا هيا.

"گذريل ٽيرهن سالن جي هر پل، هر لمحي ۽ هر سيڪنڊ جو تون معياري آهين... ظالم! تو ڪڏهن پنتي ڪنڌ ورائي ڏٺو بہ تہ نہ ناهي ڇري. اجان تائين روز سرِ شام، دل جي مزار تي تنهنجي نانءَ جو ڏيئو، تيل بدران پنهنجي رت سان ٻاريندڙ آهي، تنهنجي خوشبو، اجان بہ تنهنجي سار ۾ آلي ڪانئيءَ جيان سڙندي، دکندي رهندي آهي، دنيا وارا ٺيڪ ٿي چوندا آهن، شاعر ۽ آرٽسٽ ماڻهو ڏاڍا خودغرض ۽ بي وفا هوندا آهن...."

خوشبوءَ جي آواز ۾ ٽيرهن سالن جي جدائي جو درد ۽ ميارون، قلندر جي مزار تي وڄندڙ نغارن جيان وڄي رهيون هيون. مان اجان تائين، اڻ ويساهيءَ جي اونداهي غار ۾ هٿورا ڏيون هٿي، وڃائجي ويل لفظن جي سرج لائيٽ ڳولڻ جي ڪوشش ۾ پاڳل ٿي رهيو هوس.

"ڪير ڏيندو، انهن ٽيرهن سالن جي خودڪشين جي خوابن ۽ خيالن جو حسساب؟ ڇا تون، منهنجي ٽيرهن سالن جي راتين جي سُڏڪن، لُڙڪن ۽ اوجاڳن جو حساب ڏئي سگهندين....!

تون ... تون ڪـنو آهين... تون پوءِ بہ چو پيارو آهين. ظالم... چو وساريئي نہ تو وسرين"

خوشبوءَ جي لهجي ۾ رقص ڪندڙ خزان جو احساس ۽ ڳوڙهن جهڙن لفظن، منهنجي روح جي گهراين ۾ ماتم برپا ڪري ڇڏيو. مان ٽٽندڙ، پرندڙ لفظن جي تسبيح پوئڻ جي ڪوشش ڪندي

ڳيت ڏئي ڇڏي.
"خوشبوا مان ازل کان تنهنجي پيار جو ڏوهاري ۽ تنهنجي تتل خوابن جو جوابدار آهيان... تنهنجي دل جو قانون جيڪا بہ سزا تجويز ڪندو، مان سر جهڪائي قبول ڪندس. مون 13 سال اڳ توکي مايوس موٽائي پنهنجي ڀاڳ، سڀاڳ جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا... مان هر سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان...." مان چاهيندي بہ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيس. درد ۽ پيڙا، منهنجي آواز کي پنجوڙون وجهي قابو ڪري ڇڏيو ۽ لفظ گونگا ٿي ويا.
"ڪُوڙا شاعر... تنهنجي سزا اِها آهي تہ تون اڄ رات منهنجي اکين جي مقتل گاهہ ۾ گذاريندين، هينئر ساڍا پنج پيا ٿين... مان رات جو ڏهين وڳي کان تنهنجي پيرن جو پائدان بڻجي، در تي ويٺي رهنديس، مون کي يقين آهي، تون ايندين...."
موبائل خاموش ٿي وئي. ڄڻ فطرت ساڪن ٿي وئي. ڄڻ هوائن تي سڪتو طاري ٿي ويو. ڄڻ 13 سالن جي سزا ڪاٽيوءِ دل جي موسمن آزادي ماڻي: مان اسٽيشن جي اُداس، مسافرن جي قدمن کان محروم رهجي ويل پراڻي پليٽ فارم تي، سيمينٽ جي بينچ تي ويٺو، پٿرائجي ويس... تيرهن سالن جو طويل عرصو، وڇوڙو، اڪيلائي پياس، جنونِ مجسم ٿي اکين آڏو رقص ڪرڻ لڳو. خوشبوءَ جو آواز ٻڌڻ باوجود خواب ۽ پاڳل پڻي جو احساس دل ۾ ڪاٽ هڻڻ لڳو. گذريل تيرهن سالن دوران هن کي هڪ جهلڪ ڏسڻ، هن جو هڪ لفظ ٻڌڻ، هن جا هٿ، پير ۽ چَپَ چُمڻ جي چري خواهش، مون کي ڪيڏو نہ رئاريو، رلايو ۽ ڀٽڪايو هيو. ماضيءَ جو پل پل ڏينهن بڻجي منهنجي اونداهي اندر ۾ ٻري پيو ۽ دور تائين ڏيئن جي اٽڪٽ قطار ٻرندي محسوس ٿي. ڪجهہ پل پهريان وارو، بي معنويت وارو احساس ڄڻ ڪنهن احسان فراموشن پاڙي واري جو احساس محسوس ٿيڻ لڳو. پيار کان وانجهيل حياتيءَ جي بنجر ڌرتيءَ تي پڻ ٻوڙان ٻوڙ وسڪارو ٿيو ۽ گلابن جا انيڪ ٻوٽا ڦٽي جوان ٿي پيا.
اکين آڏو، اهو سنگين لمحو، ڪئميرا جي فليش وانگر چمڪيو، جڏهن مون، پنهنجي ڀرين پيار ۽ جنون کي مايوس موٽائي ڇڏيو هو. خوشبو شاديءَ ڪانپوءِ ستاوڙي تي جڏهن پيڪين آئي هئي تہ، هوءَ پاڳلن جيان منهنجي گهر ڏانهن ڊوڙندي آئي هئي. سڄي رات اوجاڳي ۽ روئڻ سبب مان اسٽڊي ٽيبل تي وڪريل ڪتابن ڏانهن خالي خالي نظرن سان ڏسندي، سگريٽ جي طويل ڪشن ۾ تحليل ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هيس.

منهنجي ڪمري ڪي دروازي تي خوشبوءِ ڦهريون ڀير رکيو هيو ۽ منهنجو ڪمرو، هن جي ساهن ۽ سراپا جي ٽهڪارن سان زندهہ ٿي پيو هيو.... منهنجي هٿ مان سگريٽ ڇڏائجي ويو هيو.. ڪرسيءَ ڪي ڇڏي، دروازي ڏانهن منهن ڪيو هيم. خوشبوءِ ڪي مون ڀاران شاديءَ ۾ ڏنل براڻون ڪلر جو ڪاٽن سوٽ ڦهريل هو.

خوشبوءِ ڪي ڏسي، مون پنهنجون ٻئي ٻانهون کوليون هيون.. هوءَ بجليءَ جي رفتار سان مون ڏانهن ڊوڙي هئي ۽ مونسان ايئن بي ساختہ چنبڙي پئي هئي، جيئن ڪنهن ميلي ۾ وڇايل ٻارڙو، سالن پڇاڻان اوڇتو، پنهنجي ماءُ سان ڇاتي لڳي چنبڙي روئيندو آهي. هن جي وڏين ڳهرين سهڻين اکين مان وهندڙ ڳوڙها، منهنجي قميص ڪي پار ڪندا، دل ڪي خاڪ ڪري رهيا هيا.

"محبوب! ڏس! مان پنهنجي ڪيل واعدي موجب، موٽي آئي آهيان، تو چيو هو، مائٽن جي مرضيءَ تي في الحال شادي ڪر، پوءِ اسان پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪنداسين. جيئن تو چيو، مون تيئن ڪيو... هاڻ مان اچ ٿي Divoce وٺنديس ۽ سڀي ڄمار، تنهنجي ڇيج جو ڇلو ٿي، توسان گڏ گذاريندس... ڇو تہ مان صرف تنهنجي آهيان... مون پنهنجي وجود ڪي ڇُهڻ ٻہ نہ ڏنو آهي... منهنجي انگ انگ تي تنهنجي چپن جا گلاب ٽڙيل آهن... هاڻ دنيا جي ڪا بہ طاقت پاڻ ڪي هڪ ٻئي کان نہ ٿي روڪي سگهي، ڪا بہ نہ ..."

هوءَ منهنجي ڇاتيءَ ۾ پنهنجو گلاب، چهرو لڪائي ڪي پل سڏڪندي رهي هئي. مون پنهنجا ٻئي هٿ، هن جي وارن ۾ قابو جڪڙي، سندس چهرو مٿي ڪٽي، پنهنجي چهري جي ايترو ويجهو آندو، جو هوءَ منهنجي ساهن جو ڌڙڪو، پنهنجي اکين ۽ چپن تي محسوس ڪرڻ لڳي. منهنجون اکيون بہ هن جي اکين جيان بي قابو ٿي پيون ۽ اسان ٻئي ٻارن جيان روئي پياسين.

"خوشبو! هاڻ اهو ممڪن ناهي... بس هاڻ هيءَ دل تنهنجي نانءَ جو ورد ۽ اکيون تنهنجي خوابن جو آستانو بڻجي وينديون. وصال جون واٽون ويهہ ٿي ويون ۽ هجر اسان جي نصيب جي پيشانيءَ تاتن مٿجي ويل تِلڪ بڻجي ويو... اسان جو هي جنم بہ جدائيءَ جو جنم آهي... اڄ کانپوءِ پاڻ ڪڏهن بہ نہ ملنداسين. تون ڪنهن ٻئي جي حصي جي آهين.. بس اسان اڌورا اڌورا جيئڻ لاءِ رهجي وينداسين..."

هن پنهنجا ٻاهہ جهڙا ڪوسا ڦرڪندڙ چَپَ، منهنجي چپن ۾ پيوست ڪري ڇڏيا ۽ ڪيتري دير تائين اسان ٻنهيءَ

جا ساھ ھڪ تي ويا. منھنجي ڇاتيءَ سان ڇھتيل سندس ڇاتي، ائين اڇلون ڏئي رهي هئي، ڄڻ سندس دل، ٻاهر نڪرڻ لاءِ بيقرار هئي. مون سندس چپن کان پنھنجي چپن کي آزاد ڪيو. هوءَ وڏا وڏا ساھ کڻي رهي هئي. سندس اکيون نيساري جيان وهي رهيون هيون. مون سندس آلين اکين تي پنھنجا چپ رکندي چيو هو.

"خوشبوا توکي خبر آ....؟ جنھن ڏينھن تو، هن پاڳل، فضول ۽ خوابن جي ديواني شخص لاءِ زندگيءَ جو ڏيئو اجھائڻ جي ڪوشش ڪندي، پٿر دل ماڻھن کي اهو سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ تون مون کان سواءِ ڪنھنجي ٿيڻ نہ ٿي چاهين ۽ ان ڏينھن موت کي تنھنجي معصوميت تي پيار اچي ويو هيو، تون بچي وئي هيئن پر مان ان ڏينھن مري ويو هوس..."

منھنجي ڳل تي پوري سگھہ سان پنھنجا گلابي چپ پيوست ڪندي خوشبوءَ چيو هو. "مان مڃان ٿي تہ مون جذبات ۾ اچي غلطي ڪئي هئي... پر تون ئي ٻڌاءِ، جڏهن پنھنجا بہ دل جو درد محسوس نہ ڪن، معصوم خوابن جو قتل ڪن تہ پوءِ جيئڻ جي حسرت ڪجي تہ ڪيئن ڪجي.. بس هاڻ پاڻ گڏجي زندگيءَ گذاريندا سين."

"ماضيءَ جون سڀ تلخيون اسان جي بي پناھ پيار ۾ تحليل ٿي وينديون. پاڻ هر پل جي ٿاريءَ تي گلاب جيان ٽڙندا سين... روز وڙھندا سين ۽ وري رات جو پيار جي راند ۾ پرچي پوندا سين.... "

هن جي لهجي ۾، ڪنھن بيگناھ قيديءَ کي مليل موت جي سزا کانپوءِ، زندگيءَ کي ڀرپور گذارڻ واري اپيل جھڙو احساس ڇلڪي رهيو هيو. پر مان خبر ناهي ائين ڇو چئي ويٺو هوس.

"تہ خوشبو.... هن جنم ۾ اسان کي جدا ٿيڻو پوندو... اسان هڪٻئي جي نصيبن ۾ نہ آهيون. وري ڪنھن ٻئي جنم ۾ ڪنھن ٻي روپ ۾ ملندا سين. بس مون کي ماضيءَ جو ڪو اجايو، بيڪار خواب سمجھي وسارڻ جي ڪوشش ڪندينءَ تہ وسري ويندو مانءِ....!"

ڪمري ۾ خوشبوءَ جو سڏڪو، ائين گونجيو هيو، جيئن ڪنھن هارٽ اٽيڪ جو پڙاڏو، مرندڙ ماڻھوءَ جي باطن ۾ گونجندو آهي.

"واھ شاعر واھ.. واھ انساني جذبن ۽ قدرن جا ترجمان... ڪيڏي سولائيءَ سان چئي ڇڏيئي تہ توکي اجايو ۽ بيڪار خواب سمجھي وساري ڇڏيان...

۽ هي جيڪي منھنجي جسم تي منھنجي روح تي، تنھنجي چمين جا نيا لڳل آهن. ڇا وقت انھن جا نشان مٽائي سگھندو....

هڪبئي کان ڌار ٿياسين. منهنجي ماءُ اُداس نيڻن سان اکين ۾ هزارين حسرتون سانديو، اسان ٻنهي کي ڏسي رهي هئي. سندس اکين ۾ ان مقتول خواهش جا رنگ اڏامي رهيا هيا، جنهن خواهش جي آئيني ۾ هن مون کي ۽ خوشبوءِ کي گهوٽ، ڪنوار جي روپ ۾ ڏٺو هو. پر افسوس خوشبو، ڪنوار ته ٿي، پر ڪنهن ٻئي انسان جي ۽ آئون گهوٽ بنجڻ کان پهريان، شڪست جي خنجر هٿان گهائجي پيو هوس. خوشبوءِ کي حاصل نه ڪري سگهڻ وارو ڏک، منهنجي وجود کي ڪينسر جي مرض جيان اجاڙي ويران ڪري چڪو هو... هوءِ ورهايل محسوس ٿي هئي. مون، هارايل نهار سان، در تي هٿ رکيو، حسرت وچان اسان ڏانهن نهاريندڙ ماءُ ڏانهن ڏٺو هو ۽ پوءِ، خوشبوءِ جي اکين ۾ نهاريندي، اهو چئي، ٽڪڙا قدم کڻندو ڪمري مان نڪري ويو هوس.

"خوشبو! پاڻ کي شايد وصال جي واٽ نصيب نه ٿيڻي هئي، هاڻ هجر جي هيڪلائين سان ٺهڻ جي ڪوشش ڪجان... مان به اڪيلائيءَ سان لاٺون لهي، اُداسيءَ سان نڪاح ڪري ڇڏيندس... پاڻ هاڻ ڪڏهن به نه ملنداسين."

اُن شام جي سنگين لمحن ۾ اسان ٻئي، جنگ جي ڏهاڙن ۾ ڪنهن قبضي هيٺ آيل ديس جي ٻن پريمين جيان هميشہ لاءِ وڇڙڻ جو چئي، روز مرڻ ۽ جيئڻ جي پلصراط جي ور چڙهي وياسين. ڪيترين بهارون، اسانجي دل جي بند ٿيل دروازن ٻاهر دستڪون ڏئي، روئي، ماتم ڪري وينديون رهيون. ڪيئي سرد راتيون اسان جي جسمن جي هڪ ٿيڻ جي حسرتن ۾ خودڪشيون ڪنديون رهيون. ڪيترن شامن جا مينديءَ رتا لمحا، اسان جي وجودن تي وارجڻ جي تمنا ۾ ذهني توازن وڃائيندا رهيا. ساڳئي شهر ۾ رهندي به، اسان ٻئي چڻ ٻن دشمن ملڪن جي خاردار سرحدن ۾ رهجي ويل، جنگي قيدي بڻجي ويا هياسين. هزارين ڀيرا دل چاهيو ته، زماني جون سڀ ديوارون ۽ ريتن رسمن کي هڪڙي سٽ سان ڇني، خوشبوءِ کي کڻي هليو وڃان. هو ايندڙ ڏينهن، منهنجي روح کي اُداس ۽ ويران ڪندو رهيو... خوشبوءِ جو واس وٺڻ لاءِ مون ڪيترن جسمن جو سفر ڪيو، ڪيترين اونداهين راتين کي، هبڪاريل جسمن سان روشن ڪرڻ جو جنون پاليندو رهيس، پر هر رنگين رات جو صبح، منهنجي روح کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيندو هيو.

جسمن جي جهنگ، منهنجي روح کي روڳي بنائي ڇڏيو ۽ آئون اڪيلائيءَ ۽ اداسيءَ وٽ يرغمال بڻجندو رهيس.

ڪندي، منهنجي ٽورو ويجهو ٿي، تيرهن سالن جي جدائي، منهنجي روح ۾، شديد ٿڌ جي لهر جيان لهي وئي، خوشبوءَ جو وجود پڻ سراپا سانوٽي محسوس ٿيو، دل جي ڪيفيت بي قابو ٿي وئي. خوشبوءَ کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتم، ٻئي هٿ سندس سنهڙيءَ ڇيلهه ۾ پڪوڙي، پنهنجا چپ، سندس گلابي چپن ۾ پيوست ڪري ڇڏيم. هن جون اکيون اٽلي پيون. ڪيتري دير تائين ساهه، ساهن سان وچڙندا رهيا. خوشبوءَ منهنجي سيني تي، پنهنجون ٻنهي هٿن جون ترين رکي، مون کي پوئتي زور ڏنو ۽ منهنجي چپن ۾ پڪوڙيل پنهنجا چپ آجا ڪري، آلين اکين کي اگهندي چيائين،

"اڄان تائين ساڳيو جنوني ۽ چريو آهين، طويل چميءَ جي عادت نہ نڪتي اٿئي. ظالم آهين... هاڻ اندر بہ ايندين يا اتي ئي ...."

هوءَ ڍيل جيان ٽلندي، ڊرائينگ روم ڏانهن وڌي تہ مان پاڻ سنڀالي، سندس پويان لڳس.

"ويهہ... ڇا ٿو ڏسين ديوارن تي ..."

ڊرائينگ روم جي ديوارن تي لڳل، پوٽريس ڏانهن منهنجو ڌيان محسوس ڪندي، خوشبوءَ صوفي تي ويهندي چيو.

"ديوارن کان پڇان ٿو تہ، انهن تو سان

***************

٭ هڪ عورت ٿاڻي ۾ رپورٽ درج ڪرائڻ وئي.
انسپيڪٽر صاحب، منهنجي مڙس هڪ سال پهرئين بازار مان پٽاٽا خريد ڪرڻ نڪتو هو. اڄ ڏينهن تائين نہ وريو آهي. ٻڌايو تہ هاڻي مان ڇا ڪريان؟
انسپيڪٽر سنجيدگيءَ سان چيو
"تہ پوءِ توهان ڪو ٻيو ٻوڙ رڌيو."

***************

تنهنجي اڪيلائي ۽ منهنجي سار سلڻ ۾ انصاف ڪيو يا نہ..."

"جڏهن توئي انصاف نہ ڪيو تہ، هنن بي جان ديوارن تي ڪهڙي ميار...." مون کي هٿ کان ڇڪي، پنهنجي ڀرسان صوفي تي ويهاريندي خوشبوءَ چيو.

آئون سندس ڀرسان ويهي رهيس. هن جي اکين منجهان اڄان تائين ميارون ۽ شڪايتون، وڻ مان ڇٽندڙ ٻور جيان ڇٽي رهيون هيون. هوءَ، مون کي ائين ڏسي رهي هئي، ڄڻ مون ۾ پنهنجو پاڻ کي ڳولي رهي هجي.

"خوشبو.." سموري وجود جو پيار ۽ ڀيڙا سهيڙي سندس نانءُ اچاريم. هن ڪا بہ ورندي نہ ڏني ۽ لڪ ٻڏي مونکي ڏسندي رهي.

"خوشبو... خوشبو..."

"هون ....."

"ڇا پئي ڏسين...."

جڳ آيو ۽ تون، جنهن کي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ پاڳلن جيان واجهائيندي رهيس، نه آئين نه آئين... مون تنهنجو اهڙو ڪهڙو گناهه ڪيو هيو..... اهو ئي ته، توکي سچو ڪيا هيم... توکي خدا سمجهيو هيم.. تولاءِ چري ۽ پاڳل هيم..." منهنجي ڳل تي هن جي اکين مان وهندڙ ڪوسا لڙڪ ڪرندا رهيا. لفظ هڪ دفعو وري هوا جا قيدي ٿي ويا. ڳالهائڻ چاهيم، ڳالهائي نه سگهيم معافي گهرڻ چاهيم، معافي هن جي اتساهه محبت آڏو فقير محسوس ٿي.

"بُڌاءِ ... بُڌاءِ نه مونکي .... مون کي منهنجي پيار جنون جي ايڏي وڏي سزا ڇو ڏنئي... ڇڙو هڪ دفعو ٿي اچين ها... هڪ پل لاءِ ٿي اچين ها..." هن منهنجي وارن ۾ ٻئي هٿ پڪوڙيندي، پنهنجي جهول ۾ رکيل، منهنجو ڪنڌ، مٿي ڪئي، پنهنجي چهري جي بلڪل سامهون منهنجو چهرو ڪري. اکين ۾ نهاريندي سواليو.

"خوشبو....! مان همت نه ساري سگهيس. بار بار چاهڻ جي باوجود صرف ان خوف کان قدمن ۾ ڪوڙڪيون پئجي ٿي ويون ته جي توسان ملڻ آيس، توکي پيچڻ آيس ته تنهنجي لائيف ڊسٽرب ٿي ويندي. تو اڳي ئي مون بيڪار، فضول ۽ رولاڪ لاءِ زماني جا ڪيئي پٿر سٺا هيا. مون نه ٿي چاهيو ته ...." وڌيڪ نه ڳالهائي سگهيس، اکيون آبشار ٿي پيون، چپ غم جي شدت سبب ڦرڪڻ لڳا... فيبروري جي ٿڌي رات هوندي، منهنجي لونڊڻين ڪان پگهر وهي پيو.

خوشبوءَ هميشه جيان، پنهنجي ٻنهي هٿن جي پيالي ۾ منهنجو چهرو جهليو ۽ منهنجي چهري تي، اکين تي، چپن تي چمين جي بارش وسائيندي رهي... منهنجي سموري وجود ۾ آتش فشان ڦاٽي پيو.. مون خوشبوءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ پڪوڙي ڇڏيو، سندس اکين، ڳلن، چپن ۽ ڳچيءَ کي پاڳلن جيان چُمندو رهيس. هن جي اکين مان برسات وسندي رهي. ڪمري ۾ هن جا بي ربط ساهه ۽ سُڏڪا گونجندا رهيا.

دل ۾ آيو، ان رات جي ڪا به صبح نه ٿئي، وقت اسان ٻنهيءَ جي اکين ۾ فريز ٿي وڃي. گهڙيال عصر جا پنج ٽيڻ جو اطلاع ڏنو. اسان ٻئي اٿي بيٺاسين. مون کي پنهنجا قدم مڻين وزني محسوس ٿيا. دروازي تي پهچي، مون ڪنڌ ورايو. هوءَ بار جيان مونسان چنبڙي پئي... ڪجهه ساعتن تائين اسان هڪٻئي ۾ تحليل ٿي وياسين ۽ پوءِ مان صبح ٽيڻ کان پهريان، اونده جي غلاف ۾ گم ٿي ويس!!

# منع ٿيل ميوو

ريتا شماڻي

ماءُ ۽ ڌيءَ جي چوگرد گھمندڙ ڪھاڻي، جنھن ۾ منع ڪيل ميوو وچ ۾ اچي ويو ھو.

هندوستان منجهان آيل سنڌي ليکڪا جي نئين ڪھاڻي، جنھن کي سمجھڻ لاءِ پڙهڻ دوران غور ڪرڻو پوندو. ان ميوي جي مزي جي ڪھاڻي جيڪو شجر ممنوعہ آهي.هڪ خاندان جي ڳالھ جنھن ۾ ماءُ پنھنجي ڌيءَ کي ڪيئن ان ميوي جي لذت جي لالچ کان بچايو

چوٽا چوٽا پاڇاٽا پاڇا!
شل نہ پون، ڦھر ڪن ڇا ڇا پاڇا!
(ر.ش.)

"موهني، موهني، ترس! نہ وڃ، نہ وڃ!"

رتنا پنھنجي ڪاٽيج جي ٻاهران، پنھنجي ڌيءَ جي پنيان ڊڄندي آئي.

"موهني، منھنجي ڳالھ ٻڌ! هيٺ واديءَ ۾ نہ وڃ!"

پر سنڌس الھڙ ڌيءَ، ان پهاڙ جي لاهيءَ تي نھيل پيچري جي پٿرن پهڻن جي پرواهہ نہ ڪندي، ڊڄندي پئي ويئي، هيٺ، بلڪل هيٺ، ان ڳوٺ ڏي، جتان عجيب ٻولن جو آواز، دهلن ڌماءَن جي آواز سان گڏ مٿي چڙهي رهيو هو. فضا ۾ هڪ عجيب جادوءَ جو واسو هو!

ماءُ، ڌيءَ جي ان تيز رفتاريءَ سان پڄي نہ سگھي ۽ لاچار ٿي اتي جو اتي بيھي رهي .

ٿوري دير پڄاڻا هن پنھنجي گھر ڏانھن پويان پير ڪيا.

***

ڪجھہ ڏينھن کان هر شام، اهو ڍولڪن، دهلن جو آواز موهنيءَ تي عجيب اثر ڪري رهيو هو. اها ڳالھ رتنا کان ڳجھي ڪانہ هئي، پر هوءِ ان طرف ڇڪجي هلي ويندي، ان ڳالھ جي آشا ڪيس اصل بہ ڪانہ هئي.



ڳاڙها ڳاڙها آلو بخارا!!
راڳ ۽ ناچ پوري ٽيڻ ڪانپوءِ
هو، موهنيءَ وٽ آيا ۽ ڍول جي تال تي
ڳائڻ لڳا.

صوف، بادام، آلو بخارا
آهن ڏاڍا پيارا پيارا
ڪڻ موهني ڪاءُ موهني
تو لئہ آندا تو لئہ سارا
ڏم ڏما ڏم ڏم ڏما ڏم
ڏم ڏما ڏم ڏما ڏم ڏا ڏا

موهني نرم نرم صوف، رس وارا صوف کائيندي ويئي. اهڙا سوادي صوف، اهڙا رس پريا صوف تہ هن ڪڏهن بہ اڳ ڪونہ کاڌا هئا. آلو بخارا... او... ڇا تہ ڪٽي مٺي سواد وارو هو سندن ڳاڙهو ڳاڙهو رس! موهنيءَ جي وات جي ٻنهي ڪنڊن - واڇن - مان لال سرخ رس وهڻ لڳو ۽ بادام کهڙا نہ مٺا ۽ ٺورا ڪٺا... آها...ها...ها. هوءَ دل کولي کائيندي ويئي... نچندي ويئي ۽ ڳائيندي ويئي. سندس پير ازخود نچي رهيا هئا...ٽپي رهيا هئا... ۽ جڏهن نچي نچي ٿڪجي پيا تہ هوءَ ساٽي ٿي ڪري پيئي. جڏهن اک کليس تہ آهستي آهستي پنڌ ڪندي ڪيئن پنهنجي گهر پهچي ويئي، ان جي کيس سمڪ ئي نہ رهي.

تنهن کان اڳ ماٽس گهر پهچي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن ٻپهريءَ تائين، هن پنهنجي کٽ نہ ڇڏي.... اهڙي ڦٽل ڦٽل ننڊ...سپنن سان ڀريل هئي سندس ننڊ... عجيب غريب سپنن سان ڀريل!

رتنا هڪ بجي سندس منجهند جي ماني ڪاڏي جي ميز تي رکي ڇڏي. موهني هٿ منهن ڌوئي پنهنجي ماني بيدليءَ سان کائڻ لڳي. موهنيءَ جي چهري تي نظر پوندي ئي رتنا ڪنبي وئي... رات وارو ڪارو پاڇو اڃا هن جي چهري تي موجود هو.

هر روز جيان هوءَ پنهنجي وڏوا ماءُ (عمر اٽڪل 40 سال) سان گڏ سبڻ جي ڪم ۾ لڳي ويئي. رتنا سوڙن جون کلون سبي ونندي هئي. ماءُ ۽ ڌيءَ ڏنجيل ڪپهہ انهن کلن ۾ وجهنديون ويندديون هيون ۽ پوءِ موهني، پٽ تي ويهي، وڏي سئيءَ سان انهن کي ٽاڪا ڏيندي هئي. اڄ بہ هوءَ فراسيءَ تي ويهي سوڙ ۾ ٽانڪا ڏيندي پئي ويئي. هوءَ چپ چاپ، مشين وانگر اهو ڪم ڪندي پئي ويئي. شام ٿيندي ئي ماءُ ۽ ڌيءَ وهاڻن ۽ سوڙن کي پاسيرو ڪري رکيو ۽ رتنا پنهنجي مشين بند ڪري ڇڏي.

ان پهاڙي ڳوٺ ۾ ٻئي ڇٽيون اهو سبڻ جو ڪم ڪنديون هيون ۽ اها ئي سندن روزي هئي.

سنجها ٿيندي ئي، دهلن، ڍولڪن، گهنگهٽن ۽ سنگيت جي ٻولن جو آواز واديءَ مٿان اٿيو ۽ هنن جي ڪنن تائين پهتو.ڏيري ڏيري اهو پڙلاءُ

وڌندو ويو ۽ فضا ۾ جادوءَ جون لهرون اتپن ٿيڻ لڳيون. رتنا ڏپ وچان ڪنبڻ لڳي ۽ هن جي جسم جو روءِ روءِ ڪڙو ٿي پيو. پر موهني پنهنجي پلنگ تي اونڌي ٿي پئي هئي. آڌي رات تائين رتنا اهي آواز ٻڌندي رهي ۽ پنهنجي ڪڻ تي پاسا ورائيندي رهي. هن جون اکيون بار بار پنهنجي ڌيءَ جي ڪٽ ڏانهن پئي ويون.

هر روز ائين ٿيندو رهيو.

***

رتنا پنهنجي ڌيءَ جي حالت خاموشيءَ سان ڏسندي رهي.

پندرنهن ڏينهن جي اندر، موهني اڳئين موهنيءَ جي اڌ ٿي ويئي ۽ آرام حرام ٿي ويس. ساري ساري رات هوءَ پلنگ تي ڦٿڪندي رهي. سندس اکين جي چوڌاري ڪارا ڪارا چڪرا پئجي ويا. جي چهري تي پيل ان ڪاري پاڇي کان بہ وڌيڪ گهرا هئا. ڪڏهين سوڙ ۾ ٽانڪا ڏيندي موهنيءَ جي اکين جا ڳوڙها سوڙ جي ڪپهہ ۾ جذب ٿي گم ٿي ويندا هئا. سڀ ڪجهہ اکين سان ڏسي بہ ان کي اڻڏٺو ڪرڻ رتنا لاءِ ڏکيو ٿيندو پئي ويو. وقت سان گڏ هن جي ڌيءَ لاءِ چنتا وڌندي ويئي.

***

۽ هڪ شام....

ڍولڪن جو پڙاڏو واديءَ ۾ گونجڻ لڳو. جيئن ڏينهن جو سوجهرو لهندو ويو، آڪاش ۾ چنڊ، تارن سان گڏ ٻهڪندو ويو. رتنا ڌيءَ کي ڪٽ تي ليٽيل ڇڏي، ڪوٺيءَ جو در ٻيڪڙي پهاڙن جي ان ئي پيچري تان هيٺ لهڻ لڳي، جتان سنگيت جي ڌن واتاورڻ جي شانتيءَ کي چيري اچي رهي هئي. هن ان پاسي مهڙ ڪئي.

ڪجهہ دير پنڌ ڪرڻ کانپوءِ هوءَ ان ساڳئي هنڌ پهچي ويئي. هن کي پريان ايندو ڏسي اهي سانورا شخص هن طرف ڊوڙندا آيا. هن کي چوڌاري گهيري خوشيءَ وچان مست ٿي نچڻ، ڳائڻ ۽ وڄائڻ لڳا. رتنا کي بہ اهو سڀ وڻڻ لڳو. هن جي پيرن کي بہ انهن پيرن سان گڏ نچڻ تي دل ٿي...ڍولڪن جو تال ئي ڪجهہ اهڙو هو. پر ....پر هن پاڻ کي روڪي ورتو. رڳو ٿوري دير. صرف ٿوري دير هنن سان گڏ گول چڪري ۾ پير کڻندي رهي. اچانڪ هن جي نظر پٽ تي پيل انهن ننڍڙن ننڍڙن پوائتن پاڇن تي پيئي ۽ هوءَ ڊڄي اٿي. هن پڪو فيصلو ڪري ورتو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ هوءَ اهو پاڇو پنهنجي چهري تي پوڻ نہ ڏيندي. هوءَ تڙتڪڙ ۾ ان چڪري مان ٻاهر نڪري آئي.

جيئن ئي راڳ پورو ٿيو، گلي ۾ ميوي جون مالهائون پاتل ڳائيندڙ هن کي گهيري ويا ۽ چشڪيدار سوادي ميوا آڇيندي ڳائڻ لڳا.

صوف، بادام، آلو بخارا

آهن ڏاڍا پيارا پيارا
ڪڻ موهني ڪاڻ موهني
تو لئہ آندا تو لئہ سارا
ڏم ڏما ڏم ڏم ڏما ڏم
ڏم ڏما ڏم ڏما ڏم ڏا ڏا

رتنا هڪ صوف هٿ ۾ ڪنيو. ان نرم صوف ۾ هن پنهنجي ڏندن سان چڪ هنيو...ها، صوف نرم هو، تمام سوادي هو، رس وارو هو...مٺو هو ۽... ۽ ٿورو ڪنو بہ هو!...پر چڪ پريندي پريندي هن جي اکين جي سامهون ڏيءَ جو بيزار چهرو، سندس اکين جي چوڏاري ڪارائيل چڪرا ڦرڻ لڳا ۽ هن جهٽ غصي وچان، زور سان اهو صوف دور ڪٽي اڇلايو. اهو صوف هڪ وڻ جي مضبوط ٿڙ ڪي وجي لڳو. زبردست ٽڪر جي ڪري ان صوف ۾ چير پئجي ويو ۽ ان چير مان ڳاڙهي ڳاڙهي رس جون بوندون پٽ تي پوڻ لڳيون.

هوءَ ڊوڙون پائيندي ان انبوهہ مان نڪري ويئي ۽ پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ جبلن جو سوڙهو پيچرو چڙهڻ لڳي. ڪيترا بنجارا هن جي پنيان ڊوڙندا آيا. هن پنيان نهاري، هنن ڪي پرپور نگاهن سان شوڪيو. هو ان نگاهہ جو تاب نہ سهي پويان پير ڪرڻ لڳا. رتنا هڪ وار وري پنيان نهاريو ۽ هن، انهن چوڻن پاچائن پاچن ڪي پري پري ويندي پسيو. سوڙهي پيچري جي ٻنهي پاسن کان ڪنڊن وارين ٽارين رتنا جي ساڙهيءَ ڪي بار بار پڪڙي، سندس ڊوڙ ۾ رخنو ٿي وڌو، پر هوءَ جيئن تيئن پاڻ ڪي ۽ پنهنجي ساڙهيءَ ڪي انهن چيندڙ ڪنڊن مان بچائيندي، ٿوڪرون کائيندي، ٿاٻا کائيندي، پنهنجي گهر پهچي ويئي.

صبح ساڻ رنڊٽي ۾ باسڻ ڪڙڪڻ جي آواز تي، هن جي اک کلي. هن محسوس ڪيو تہ گهٽن ڏينهن پڇاٽا موهني هن کان اڳ اٿي گهر جو ڪم ڪاج ۾ لڳي ويئي هئي... ۽ جڏهن هن موهنيءَ جو چهرو ڏٺو تہ سندس خوشيءَ ۽ تعجب جي سيما ئي نہ رهي!

هيترن ڏهاڙن جو پيل ڪارو پاڇو، موهنيءَ جي چهري تان غائب هو ۽ هوءَ ساڳي اڳيئن موهنيءَ جيان نظر اچي رهي هئي.

ڏيئي ٻرئي جا ٽاٽو بہ گذري ويو هو، پورڻ ماسيءَ جو چنڊ آسمان ۾ ٻهڪڻ لڳو هو، پر ان سنگيت جو پڙلاءُ ڊولڪن جي آواز سان گڏ واديءَ مٿان ڪونہ اٿيو... ڪونہ اِٿيو! ڪيترو وقت رتنا جا ڪن ان آواز کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. جڏهن نوَ بہ لڳي ويا ۽ پهاڙي واديون شانتيم چاندنيءَ ۾ سنان ڪري رهيون هيون تہ هو ٻئي ماءُ ڌيءَ، آنند ۾ پرجي، هڪ ٻئي جي ڳراٽڙيءَ ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون!

**هوءَ صدين کان ڪومايل، بي چين ۽ اداس هئي. سندس زندگيءَ ۾ ڪو بہ رنگ نہ هو. پر اوچتوئي اوچتو هڪ ڪريل پن سندس ڏنڍلي ذهن تي وسوسن ۽ شڪ جو عڪس روشن ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ اصل ٻقا ڇا آهي.**

**اميدن، انديشن ۽ احساسن ۾ گهيريل هڪ معصوم ڪنواريءَ جي خوبصورت ڪهاڻي.**

# زندگي

**جميل احمد پنو**

جنم جنم جي اجايل هوءَ مٺي پاڻيءَ جي ڪنهن چشمي جي تلاش ۾ هئي. زندگيءَ جي صحرا ۾ ڀٽڪندي ڀٽڪندي هُن جي عمر جا ڪيترائي سج غروب ٿي چڪا هئا. ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ بدبختيءَ جي ڪفن ۾ لپيٽيل ڪو روح بي جان جسم ۾ ڦاسي قبر جي ڪنڌي تي پهچي رهيو هجي. هوءَ سڄي ڄمار ريتن رسمن جي ڄار ۾ ڦاٿل رهي. سندس جوان احساس سرد ٿي رهيا هئا. هوءَ شادي ڪرڻ جي خواهش دل اندر دٻائي بي رحم خاندان منجهہ بي مقصد زندگي گذاري رهي هئي.

پر اڄ اوچتو منجهس پنهنجي وجود جو نئين سر احساس جاڳي پيو جڏهن خزان جي ڪچ ۾ پليل هڪڙو زرد پن اڏامي سندس آڏو آيو. هي سڪل پن بہ ڪيترو نہ عجيب هو. پھريان تہ اڏامي سندس منهن تي آيو ۽ پوءِ لهي سندس ڇاتيءَ سان چنبڙي پيو. بي جان پن جي ادا ۾ معصوميت هئي. بالڪل انهيءَ ٻار جهڙي معصوميت جو ماءُ جي سيني منجهہ ننڊ جي ڪا ديوي ڳولهيندو هجي.

سڪل پن جو اهو انداز ڏسي هوءَ ڏڪي وئي. دل ۾ آيس تہ لاهي ڦٽو ڪري پر الائي ڇو هن پن کي سيني سان ڇهتيل ٿي ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ بي اختيار ڪٽي مٿان هٿ رکيائينس. سندس ساهن جو سلسلو تيز ٿي ويو. مرجهائيل ۽ وساميل ڇاتيءَ ۾ تپش پيدا ٿيڻ لڳي. آهستہ آهستہ سرد دل مان دٻيل ارمان اڀامڻ لڳا. جيئن ڪو آتش فشان جبل ڦاٽي پوڻ لاءِ لڏي رهيو هجي.

يڪايڪ خوف جي هڪ لهر سندس وجود مان تيز ترار وانگر پار ٿي نڪتي ۽ هوءَ سرديءَ جي ماريل خشڪ ٽاريءَ جيان ڏڪي وئي. هن زور ڏئي پن کي ڇاتيءَ تان جدا ڪري هيٺ ڦٽو ڪيو جيئن ڪو واسينگ ڇهتيل هجي. پن جي سموري شوخي ٽٽي پئي ۽ ڪري سندس پيرن تي پئجي رهيو.

"ڇري" پن جي دل منجهان



دانهن نڪتي. ”ڪيترو عرصو بهار جي فريب ۾ ڀٽڪندي رهندين. مونکي ڏس!“ هن پڻ ڪي چتائي ڏٺو. جيئن هن جي نسن ۾ پنهنجي پيشانيءَ جون ڪاريون ليڪون ڏسي رهي هجي.

پڻ وري چيو ”خزان کان خوف ٿي ڪائين پڳلي؟ انهيءَ ماءُ کان ٿي ڀڄين جنهن جا اسين سڀ دادلا آهيون. جنهن اسانجي وجود تي ازل کان ابد تائين محبت جا اڻ مٽ نقش چٽيا آهن. لازوال محبت جو امرت پياريو آهي.“

پڻ جي چهري ۾ هوءَ آئينو ڏسڻ لڳي. پڻ چئي رهيو هوا

”خزان تہ تنهنجي روح جو عڪس آهي. تنهنجي ارمانن جو عنوان آهي. تون اسان مان هڪ آهين ۽ اسان کان وڇڙي زنده نہ رهي سگهندينءَ. اسين خزان جا پُٽ آهيون ۽ تون اسان جي همسفر. بي خوف ٿي هل. اسين هر دم تنهنجي آس پاس اڏندا رهنداسين. انهيءَ سفر ۾ اصل زندگيءَ جي راه آهي. اسان جو پر سوز آواز تنهنجي لڪل زخمن جي ساز تي ابدي زندگيءَ جو گيت پيدا ڪندو رهندو. انهيءَ ساز ۽ آواز تي ارمانن جو قافلو ڪٽي پنهنجي منزل ڏانهن هَل.“

”پر منهنجي منزل تہ بهارن سان جڙيل آهي. خوشين ۽ شادمانين جي منزل.“ هُن دبيل زبان سان چيو.

”بيوقوف! بهار تہ زندگيءَ لاءِ فريب جو هڪ سنگ ميل آهي. منزل تہ زندگيءَ جي بيابانن جي پرئين ڇيڙي تي آهي، جتي دائمي خوشي ۽ مسرت جي ڪائنات موت جي روپ ۾ مدتن کان تنهنجي منتظر آهي.“ پڻ سمجهايو.

”نہ نہ! موت جي وحشت منهنجي منزل نہ آهي. آءُ تہ بهار جي وادين ڏانهن ويندس. جتي مون جيڏيون حياتيءَ جي ثمر کي گود ۾ پالي رهيون آهن.“ هن خوف وچان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي.

پڻ سندس پيرن سان چهٽي پيو ”حقيقت کان فرار ٿي گهرين؟ وري ڀٽڪڻ ٿي چاهين؟ بي سهاري ڪٿي ڪٿي رلنديئن؟ اسان سان گڏجي هل. اسين تنهنجا سچا ساٿي آهيون. پنهنجي وجود کي تنهنجي لاءِ وقف ڪري ڇڏينداسين. اسين سڀ گڏجي تنهنجي ماضيءَ کي ائين ڍڪي ڇڏينداسين جيئن ڪنهن ڌرتيءَ جي رسيل ناسورن کي سمنڊ جي اٿاه گهراين ڍڪيو هجي. اسين پنهنجي زرد جسمن سان تنهنجي قدمن جا سڀ نشان لڪائي ڇڏينداسين. فريب توکي ڳولهي نہ سگهندو. يقين ڪر اسين ابدي زندگيءَ جي منزل تائين تنهنجو پاڇو ٿي رهنداسين. پوءِ جڏهن تنهنجي وجود کي قبر جي حدن ۾ دفن ڪندا تہ اسين پروانن جيان تنهنجي وجود جو ڍڪ ٿينداسين. اسان جي خلوص کي آزمائي تہ ڏس.“

هُن جي اکين مان بي اختيار ڳوڙها اُڇلي پيا. پڻ جي خشڪ ڇپن اهي ڳوڙها جهٽي چُوسڻ شروع ڪيا. چڻ تہ حياتيءَ جي ويران بيابان مان ڪو چشمو ڦاٽي نڪتو هجي.

هڪ بدنصيب ماڻهوءَ جو قصو جيڪو ورهاڱي جي تباهيءَ جو شڪار ٿيو هو. ان انقلاب ڪائنس سندس زال، ۽ ٻه جوان ڌيئرون ٻه ڦري ڇڏيون هيون. ڳوڙهن ۽ سڏڪن جي ڪهاڻي

ان خاندان جو قصو جيڪو ورهاڱي ۾ برباد ٿيو

# دهلي

اختر رند




جڏهن ٻه ذهن تي يادن جي وير چڙهندي هئس، تڏهن هو پنهنجي اداس ۽ ڪنهن جيل جي ڪوليءَ جهڙي فليٽ

۾. هندستان ۾ رهجي ويل پارن ۽ زال کي ياد ڪري روئي پوندو هو.

جميل جو پنهنجي ڌرتيءَ کان ڇڇي ڌار ٿيڻ، ڪنهن حادثي کان گهٽ نہ هو. اهو نياڳو ڏينهن هن کي اڄ بہ ياد آهي، جڏهن هو پنهنجين ٻن نياڻين، ڇهن سالن جي علينا ۽ اٺن سالن جي نرگس کي نئين نئين ورهاڱي هيٺ ڪري شهر ۾ ڪشيدگيءَ سبب اسڪول وڃڻ کان منع ڪندي پاڻ دهلي ريلوي اسٽيشن تي ڊيوٽي ڪرڻ نڪتو هو. پر شهر ۾ فساد هئڻ سبب ڊيوٽيءَ تي پهچي نہ سگهيو هو ۽ جيئن تيئن ڪري مسلمانن جي علائقي ۾ اچي هڪ گهر ۾ پناهہ ورتي هئائين.

شهر ۾ ڪرفيو هئڻ جي باوجود مسلسل ٽن ڏينهن تائين مسلمانن جي گهرن تي حملن، لٽ مار ۽ قتل عام ڪانپوءِ فوج ڪين گهرن مان ڪڍي پنهنجي نگرانيءَ ۾ هڪ محفوظ علائقي ۾ پهچايو هو، جتي ٿوريل لٽيل مسلمانن جو قافلو پاڪستان اچڻ لاءِ اڳواٽ ئي تيار بيٺو هو.

واپس گهر موٽڻ خطري کان خالي نہ هو. ان کان علاوه هندن جي حملن سبب دهليءَ ۾ مسلمانن جي اڪثر آبادي متاثر ٿي هئي. ان ڪري جميل اهو سوچي قافلي ۾ شامل ٿيو هو تہ شايد اهڙي ئي ڪنهن قافلي ۾ هن جي، پنهنجي زال ۽ ٻارن سان ملاقات ٿي ويندي. پر ڳولا جي باوجود هو پنهنجن پيارن کي ڪنهن قافلي، ڪنهن ڪيمپ، ڪنهن شهر ۾ لهي نہ سگهيو هو.

اهو دور افراتفري ۽ خانہ جنگي جهڙين حالتن جو هو. ڪن کي پنهنجن پيارن کان وڇڙڻ جي ڏک زنده ماري ڇڏيو هو، ڪي پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ کان جلاوطن ٿيڻ جي ڏک کان سڏڪي سڏڪي جي رهيا هئا. اهڙين حالتن ۾ نہ صرف جميل پاڻ کي هڪ نئين ڌرتيءَ تي زنده رکڻ جا جتن ڪري رهيو هو، پر پنهنجن ٻارن جي مسلسل ڳولا ۽ دهليءَ کان ايندڙ هر نئين ماڻهوءَ کان سندن پڇائون بہ ڪري رهيو هو.

ڪليم ۾ حاصل ڪيل فليٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن جميل اهو سوچي روئي پوندو هو، "ٿي سگهي ٿو لکين بي موت ماريل ٻين مظلوم انسانن جيان منهنجي زال ۽ ٻار بہ ماريا ويا هجن؟" پر پوءِ اهو سوچي ڇڻ پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو، "دهليءَ جي جنهن علائقي ۾ سندس گهر هو، اتي مسلمانن جي اڪثريت ۽ هندو مسلم فساد جو اثر گهٽ هئڻ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ سندس زال ۽

ٻار ٻچي ويا هجن."

ٿيو بہ ائين ئي هو. سندس زال ۽ ٻار انهن خوني فسادن ۾ نہ صرف محفوظ رهيا هئا، پر سندس پڙهيل لکيل زال کي تعليم کاتي ۾ مليل ٽيچريءَ سبب آسودي زندگي بہ گذاري رهيا هئا. اها خوشخبري کيس جدائيءَ جي ڇهن سالن کانپوءِ دهليءَ کان آيل هڪ پراڻي واقف ڪار ڏني هئي، جيڪو پنهنجي وڇڙيل ڀن ڀائرن کي ڳولڻ لاءِ ڪراچي آيو هو.

هن فوري طور تي دهليءَ ۾ پنهنجي گهر جي ايڊريس تي ڪيترائي خط لکي روانا ڪيا هئا، پر سندس ٻهرين ڀن ٽن خطن جي جواب کانپوءِ سندس زال ۽ ٻارن وٽان خطن جا جواب اچڻ بند ٿي ويا . ائين کيس سالن کانپوءِ مليل خوشي، ٻيهر مايوسين جي نظر ٿي وئي هئي.

هو پنهنجي زال ۽ ٻارن سان ملڻ هندستان وڃڻ چاهيو، پر وڏي ڊڪ ڊوڙ کانپوءِ مليل سرڪاري نوڪري ۽ پاڙي ڪرائي لاءِ گهربل رقم هن جي رستي جي ديوار بڻجي ويا.

آخر وڏي جفاڪشيءَ کانپوءِ جميل جڏهن پاڙي ڪرائي لاءِ گهربل رقم جو بندوبست ڪري پنهنجي کاتي جي بالا آفيسر کي هندستان ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان ملڻ لاءِ ڏکي موڪل جي درخواست ڏني، منظور ڪرائي تہ ڪشمير مسئلي تي هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳي وئي.

ائين ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيئي جميل جڏهن گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن کانپوءِ پنهنجي خوابن جي نگر دهلي جي ايئرپورٽ تي قدم رکيو، تڏهن دهلي هن کي ڪافي بدليل بدليل نظر آيو . ڪنهن پوائتي خواب جهڙي ڏهن سالن جي وڇوڙي کانپوءِ هو دهليءَ کي سڃاڻي نہ سگهيو هو، يا دهلي هن کي سڃاڻي نہ سگهيو هو؟ پوءِ بہ هن اها ڳالهہ سوچي سرهائي محسوس ڪئي تہ هو ان شهر ۾ هو، جتان کيس ڏهہ سال ٻهرين سندس مرضيءَ جي خلاف جلاوطن ڪيو ويو هو! ۽ هو ڪجهہ ئي گهڙين کانپوءِ پنهنجن پيارن جي وچ ۾ هوندو.

جميل ٽيڪسي ڪري بستي نظام الدين رحہ ۾ مسجد خضرا پرسان اچي لٿو. جنهن جي بلڪل سامهون سندس ٻن ڪمرن جو معمولي گهر هو. پر اتي هڪ عاليشان بنگلو ڏسي سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو. هن سوچيو سندس زال پڪ ئي پڪ اهو گهر وڪڻي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي شفٽ ٿي وئي هوندي.

اهو معلوم ڪري جميل حيرت

ڪان ڇڻ پٽر جو ٿي ويو ته اهو بنگلو سندس ئي زال جو هو، جيڪو هن تازو ئي ٺهرايو هو.

هن اڳتي وڌي بيل وڄائي ۽ جيئن ئي نوڪر گيٽ کوليو، بغير ڪجهه ڪڇڻ جي بريف ڪيس گيهلندي اندر داخل ٿي ويو.

اندر داخل ٿي سندس حيرت ۾ اڃا به اضافو ٿيو، جڏهن ڪار پورچ ۾ ٽاٽا ڪمپنيءَ جي نئين ماڊل جي ڪار بيٺل ڏٺي.

ان وقت جميل کي حيرت سان گڏ ڇڻ صدمو رسيو هو، جڏهن جديد طرز جي ڊرائنگ روم ۾ قدم رکندي اوچتو ئي اوچتو سندس ملاقات پنهنجي ان پياري زال سان ٿي، جنهن کي هو اڪثر ڪراچيءَ ۾ پنهنجي فليٽ جي تنهاين ۾ ياد ڪري روئي پوندو هو. پر سندس اها پياري زال، جيڪا پهرين ڪان به وڌيڪ خوبصورت ۽ فيشن ايبل ٿي وئي هئي، تنهن جي چهري تي هن پنهنجي لاءِ ڪا به گرمجوشي يا خوشي نه ڏٺي.

"اچي وئين جميل؟" لفظ پروين جي مغرور چپن تي لڳل گهري لپ اسٽڪ سان ڪيڏي وکري ويا.

"ها پروين! ڪيئي باهه جا درياءَ، ڪيئي اپيون ٿيل نيون سرحدون اڪري مان تو وٽ ڪيئن پهتو آهيان، اهو نه پڇ." جميل جي لهجي ۾ وڇوڙي جي ڏهن سالن جو درد سمايل هو. جنهن جي هڪ هڪ گهڙي يوم محشر ڪان گهٽ نه هئي.

"پهرين اطلاع ڪيو ها ته ايئرپورٽ تي گاڏي موڪليان ها! بهرحال توهان آرام ڪريو، مان هڪ پارٽيءَ مان ٿي موٽان ٿي." ان ڪان پهرين جو جميل، پروين کي ميار ڏي ته هو ڪيئن اطلاع ڏئي ها، جو هن اوچتو ئي اوچتو سندس خطن جو جواب ڏيڻ جو بند ڪري ڇڏيو هو! پروين رنگ ڪيل پنهنجي ڊگهن وارن کي هڪ وڏي ادا سان چنڊڪو ڏئي، ڊرائنگ روم ڪان ٻاهر نڪري وئي.

نوڪر، جميل جي حالت کي ڏسندي، ڪيس پنهنجي بيگم صاحبه جي اعليٰ ڊيڪوريٽيڊ بيڊ روم حوالي ڪرڻ بجاءِ اسٽور روم ۾ وٺي آيو، جتي سندس زال کي ڏاج ۾ مليل پراڻو بيڊ هن جو منتظر هو. شايد پراڻي گهر جي يادگار ۾ اهو بيڊ ئي هو، جيڪو اصل حالت ۾ هو. باقي زال ۽ ٻارن ڪا ن وٺي گهر جي هر شيءِ بدليل هئي.

شام جو دير سان جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيو، تڏهن نوڪر ڪيس خريد ڪيل به ٽي ريڊي ميڊ ڪپڙن جا وڳا ڏيندي چيو، "بيگم صاحبه اوهانجو ڊرائنگ روم ۾ انتظار ڪري رهي

آهي. ڪپڙا مٽائي جلدي ڊرائنگ روم ۾ اچو."

جميل زال طرفان موڪليل قيمتي ڪپڙن کي هڪ نظر ڏٺو ۽ بريف ڪيس مان پنهنجي هٿن سان ڌوئي استري ڪري آندل وڳو ڪڍي، وهنجي مٽائي، ڊرائنگ روم ۾ آيو، جتي سندس زال ۽ ٻئي ڌيئون گهري ميڪ اپ ۾ ڪافيءَ جون چسڪيون ڀرينديون، وڏي بيزاريءَ مان سندس انتظار ڪري رهيون هيون.

جميل کي پنهنجي ساڳئي حال ۾ ڏسي تجربيڪار پروين سمجهي وئي ته جميل سندس قيمتي ڪپڙن کي نه پاتي، جڻ سندس ماڊرن سوسائٽيءَ کي ٺڏي ڇڏيو هو.

الهڙ بدمست جوانيءَ ۾ ڊوڙون پائيندڙ سندس ٻئي ڌيئرون اٿيون ۽ انتهائي رڪائيءَ مان جميل سان ملي پنهنجي جاءِ تي ويهي هن کي ائين ڏسڻ لڳيون، جڻ هو ڪنهن قديم دڙي مان لڌل اهڙي مورت هجي، جنهن جي جاءِ فقط آثار قديمه جو ميوزيم هجي!

جيتوڻيڪ جميل پنهنجن پيارن جي وچ ۾ هو، پر پوءِ به هن کي پنهنجي زال، پنهنجون ڌيئون، پنهنجو گهر، پنهنجو وجود، سڀ اوپرا ۽ اجنبي محسوس ٿي رهيا هئا.

"نرگس ۽ علينا توهانجو ئي انتظار ڪري رهيون هيون."

جميل، ان عورت جيان، جيڪا ويهه جي ڊگهن سورن ڪانپوءِ پيٽان چاول مٺل ٻار کي ڏسندي آهي، پروين کي ڏسي، نرگس ۽ علينا ۾ نهارڻ لڳو، جيڪي هن کان بيخبر پنهنجو پاڻ ۾ ئي مگن هيون!

"دراصل چاهي ته نرگس کي هڪ اسٽيج ڊرامي جي ريهرسل ۾ وڃڻو هو. علينا کي پنهنجي هوٽل جي جاب تي ۽ مونکي ڊائريڪٽر ايجيوڪيشن جي ڊنر ۾..!" جيتوڻيڪ پروين هن سان مخاطب هئي، پر جميل جو ڌيان اجا ڪنهن ٻئي طرف هو.

جميل مدت ڪانپوءِ پنهنجن ٻن نياڻين کي ڏٺو هو ته ڪن لاءِ جڻ اکيون چنڀڻ وسري ويون هئس. هڻ سوچيو، "ڪراچيءَ مان جا سوچي هليو هئس ته ٻچا ملندا ته ڏهن سالن جا ڏک هڪ لمحي ۾ لهي ويندا. پر هتي اچي ڪيس ائين لڳو، جڻ سندس اهو بنواس ڪٽو ناهي. اجا به ڊگهو ۽ ايذائيندڙ ٿي ويو آهي! جلاوطنيءَ جي پٽڙين تي ڊوڙندڙ سندس زندگي ٽرين وانگر هئي جيڪا ڪنهن ٻئي حادثي لاءِ ائين ئي ڊوڙندي رهندي هجي!!"

جميل انهن ئي خيالن ۾ هو، سندس زال ۽ ٻئي ڌيئون هڪ هڪ ٿي ڊرائينگ روم کان ٻاهر نڪري ويون.

هن سامهون رکيل ڪافيءَ جو مگ ڪٽي چپن سان لڳايو. پر ڪوڙاڻ سبب هڪ ئي سرڪ پري مگ واپس ٽيبل تي رکي، بنگلي کان ٻاهر نڪري ائين ئي هلندو درگاهه حضرت محبوب الاهي تي آيو ۽ سالن کانپوءِ پنهنجي مرشد کي سامهون ڏسي ڏکو ڀري روئي پيو.

هو ڪيتري ئي دير ائين ئي درگاهه تي ويهڻ کانپوءِ پرسان ئي رهندڙ پنهنجن ٻن ٽن ننڍپڻ جي دوستن جي جاچ ڪرڻ ويو. جميل کي اهو ڏسي حيرت تي ته ائين اوچتو ئي اوچتو دهلي اچڻ تي سندس زال ۽ ڌيئن کي ته ڪا خوشي نه ٿي هئي، پر سندس دوست هن کي ڏسي ڇڻ ٻهڪي پيا هئا.

دوستن ائين ئي ڳالهين ڳالهين ۾ سندس زال ۽ ڌيئن جي شڪايت ڪندي کيس صلاح ڏني ته يا ته پنهنجي زال ۽ ڌيئن کي ڪنٽرول ڪري، يا پاڻ سان گڏ پاڪستان وٺي وڃي.

جميل کي پنهنجي گهر جي بدليل صورتحال ۽ دوستن جي شڪايت منجهائي وڌو. هو اتيو ۽ پنهنجن دوستن ۽ چاتل سڃاتل واقف ڪارن کان ٽيندو واپس گهر پهتو. جتي نوڪر ۽ بورچيءَ ڪانسواءِ ڪا ٻهر ڪانه هئي.

هو اچي ڊرائنگ روم ۾ ويٺو ته نوڪر اچي کيس ٻڌايو. "ڊائننگ روم ۾ ماني لڳائي وئي آهي، هلي ماني کائو."

جيتوڻيڪ جميل دوستن جي گهران ماني کائي آيو هو، پوءِ به نوڪر کان ڪجهه معلوم ڪرڻ لاءِ هو اٿي ڊائننگ روم ۾ آيو.

"پٽ تنهنجو نالو ڇا آهي؟" جميل، هٿ ٻڌي باادب بيٺل نوڪر کان پڇيو.

"صاحب! ڪلو ڀائي."

"ڪلو ڀائي! بيگم صاحب، نرگس بيبي ۽ علينا اڄا ڪونه پهتيون آهن ڇا؟" جميل گرهه وات ۾ چٻاڙيندي اهڙي انداز سان چيو، جيئن ڪلو ڀائي اهو محسوس نه ڪري سگهي ته هو، ڪائنس ڪا معلومات حاصل ڪري رهيو هو.

"نه صاحب، بيگم صاحبه ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جي ڊنر (رات جي ماني) ۾ ويل آهي. ٿي سگهي ٿو رات جو دير سان واپس اچي."

"ڇو، ڊنر ۾ ايتري دير؟"

"صاحب، بيگم صاحبه اڪثر شام جو ڪنهن نه ڪنهن صاحب جي ڊنر ۾ ويندي آهي ۽ رات جو دير سان واپس موٽندي آهي؟"

ڪلو ڀائي ڇڻ پنهنجي بيگم صاحبه جي، جميل سان شڪايت ڪئي.

"اڇا....! نرگس بيبي ۽ علينا؟" جميل جي ڇهري تي سوچ جو ريڪائون ساگر لهرن جيان ڇوليندي واپس موٽي وريون.

"صاحب! نرگس بيبي شهر جي هڪ ناٽڪ منڊليءَ جي مستقل ميمبر آهي. هن جون اڪثر شامون ريهرسل ۽ اسٽيج ڪندي گذرنديون آهن. اتان ريڊيو آڪاش واڻي جي رات جي سروس ۾ ڪمپيئرنگ ڪري، اڍائي ٽين وڳي واپس گهر موٽندي آهي."

"علينا....؟" جميل کي پنهنجو آواز، پنهنجو نہ لڳو.

"صاحب! علينا بيبي شهر جي مشهور فائيو اسٽار هوٽل جي ڊانس پارٽي ۾ آهي! هو پنهنجو جاب ختم ڪري اڪثر صبح جو ئي گهر واپس موٽندي آهي."

"هوءَ جيڪا ڪار اڄ ٻاهر بيٺي هئي، اها ڪنهن جي آهي؟"

"صاحب! اها ڪار نرگس بيبيءَ کي شهر جي مشهور صنعتڪار سيٺ باٽلي والا تحفي ۾ ڏني آهي، پر اڪثر ڪري بيگم صاحبہ ئي استعمال ڪندي آهي."

"۽ نرگس جو نہ!؟" ڇڻ جميل کي نرگس جي اهڙي ٻاراٽيءَ تي حيرت ٿي هئي.

"صاحب! نرگس بيبي کي اڪثر ريڊيو يا ڪنهن دوست جي گاڏي گهر ڇڏي ويندي آهي. علينا بيبي کي صبح جو هوٽل جي گاڏي ڇڏڻ ايندي آهي. جيڪڏهن هوءَ هوٽل مان ڪنهن دوست سان گڏ ويندي آهي تہ پوءِ ان جي گاڏيءَ ۾ يا ٽيڪسيءَ ۾ ايندي آهي."

جميل کي پنهنجو ساهہ گهٽجندي محسوس ٿيو. هو مانيءَ جو گراهہ واپس رکي، پنهنجي پڳل پريل وجود کي گهيلندو، اسٽور روم ۾ اچي بيڊ تي سٽي پنهنجن ڌيئن ۽ زالِ جي حالت زار تي سوچي روئي پيو. هن سوچيو، "سندس زال ۽ ٻارن جي موجوده بي راهہ رويءَ جو ذميوار ڪير آهي؟ معاشرو، حالتون يا هو پاڻ!؟"

ننڊ ڪانئس رسي وئي ۽ سندس اڄوڪي رات ڦاسي گهاٽ جي قيديءَ جي آخري رات جيان ڊگهي ٿي وئي هئي. هو گذريل ڏهن سالن جي هڪ هڪ رات سوچي، جنهن ۾ پنهنجي زال ۽ ڌيئن کي ياد ڪري سڏڪي پيو هو ۽ سندس زال ۽ ڌيئون هن کان بي خبر فحاشت، غلاظت جي آخري حد کي ڇهندي گناهن جي لذت پري زندگيءَ ۾ مدهوش ٿي ويون هيون.

جميل انهن ئي خيالن ۾ هو جو رات جو هڪ وڳي سندس زال جي گاڏيءَ جو آواز، سندس ڪنن تي پيو.

ڪن ڪانپوءِ پروين ڊرائنگ روم ۾ گهڙي آئي. پروين جي نوڪرن سان ڳالهائڻ مان جميل اندازو لڳايو تہ هوءَ سخت نشي جي حالت ۾ هئي ۽ ڪوشش جي باوجود پنهنجي لهجي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي هئي.

هو ائين ئي جاڳ ۾ هو جو رات جو ٽين وڳي نرگس گهر ۾ داخل ٿي ۽ صبح جو پنجين وڳي علينا.

جميل محسوس ڪيو تہ ڄڻ بيڊ تي بستر بجاءِ ٻاٻوري ڪنڊا وڇايل هجن. جيڪي هڪ هڪ ٿي سندس وجود ۾ پيهي ويا هجن. هو اٿيو ۽ بنگلي کان ٻاهر نڪري اچي ٿو. جتي, ننڍاڪڙي دهلي, ڇرڪ ڀري ڪچي ننڊ مان جاڳي ڄڻ روئڻ تي نڪري آئي هئي.

جميل ائين ئي هلندي گهمندي, جامع مسجد, لال قلعي, قطب مينار, غالب, امير خسرو ۽ همايون جي مقبرن کان ٿيندو جمنا نديءَ تائين وڃي اندر ۾ وڌ ڏيندڙ پنهنجو غم دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر هن کي لڳو. ڄڻ ٿڪاوٽ سان گڏ سندس ڏک بہ وڌي وڻ ٿي ويو هجي.

ڏهن سالن جي جدائيءَ جي غم کيس ايترو ڪين نهوڙيو هو. جيترو سندس انا, عزت ۽ غيرت کي لڳل داغ, جيڪو هڪ اڌ ڏينهن ۾ ئي وڌي ناسور بنجي رسڻ لڳو هو.

جميل سوچيو, "آيو تہ هن مهينن جي موڪل تي هو. پر هن حالت ۾ هو دهليءَ ۾ وڌيڪ بہ چار ڏينهن رهيو,تہ پوءِ يا تہ سندس دماغ جون رڳون ڦاٽي پونديون يا دل جي دوري ۾ مارجي ويندو! اڄ ئي ڪيس پنهنجي زال سان ڳالهائي احساس ڏيارڻ گهرجي. هوءَ غلط رستي تي نڪري آئي آهي. جي نہ, تہ پوءِ ڏينهن ٻن ۾ پنهنجي عزت, پنهنجي غيرت کي لڳل داغ ڌوئي ڪراچي ورڻ گهرجي."

جميل گهر واپس موٽي سڌو زال جي بيڊ روم ۾ ويو, جتي سندس زال وهنجي ڪپڙا مٽائي سينگار آرسيءَ تي ميڪ اپ درست ڪري ڪاڏي وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي.

"سڄو ڏينهن ڪاڏي هليا ويا هئا؟" پروين آرسيءَ ۾ جميل کي ڏسي اٿي صوفي تي هن جي پرسان اچي ويٺي.

"شهر گهمڻ ويو هئس." جميل رسامي ۽ بي رخيءَ مان جواب ڏنس.

"ٻڌايو ها, نرگس يا علينا کي چوان ها تہ توهانکي گاڏيءَ ۾ ڪٿي وٺن ها؟ هونئن بہ اڄ عيد جي خريداريءَ لاءِ اسان سيني کي وڃڻو هو."

"توهان وٽ فضول ماڻهوءَ لاءِ ايترو ٽائيم ڪٿي؟" ڪروڌ مان جميل

جو سراپيل چهرو ٺاهڻي تي ويو.

"اوهانجي شڪايت درست آهي. واقعي اسان ڪلهه ڪان توهان کي ٺاٺيم نه ڏسي سگهيا آهيون." پروين احساس جرم ڪان ڪنڌ ڪٽي جميل جي اکين سان اکيون ملائي نه سگهي .

"پروين مان ڏهن سالن جي ڏکهي عذاب ڪانپوءِ اهو سوچي هتي آيو هوس ته اوهانجي هڪ جهلڪ منهنجا سالن جا درد ڌوئي ڇڏيندي، پر مون ڪالهه کان هتي جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي، ان منهنجي وجود کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو آهي؟"

"ڇا ڏٺو آهي اوهان...ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟" پروين مزاحمت تي لهي آئي.

"پروين! گذريل ڏهن سالن ڪان تو آرسيءَ ۾ پنهنجو ميڪ اپ ۾ ٿقيل چهرو ئي ڏٺو آهي." جميل ڌڪار مان چوندي ڪنڌ ڦيري ڇڏيو.

"جميل! تون منهنجي توهين ڪري رهيو آهين!"

"۽ تون اڄ تائين ڇا ڪندي رهي آهي؟ بيو ته ٺهيو، ڏهن سالن کانپوءِ آيل مڙس کي اسٽور روم ۾ سمهاري غير مردن سان رات گذاريندي توکي شرم به ڪونه آيو!"

"جميل جيڪڏهن تون ٻڌڻ ٿي چاهين ٿو ته پوءِ ٻڌ، ڏهه سال پهرين تون هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي ڇڏي پاڪستان ويو هئين. ان ڇوڪريءَ جون پنهنجون به ڪي فطري، ڪي معاشي گهرجون هيون. انهن ئي گهرجن مونکي غير مردن حوالي ڪيو هو. اڄ جڏهن توهان مون وٽ مهمان ٿي آيا آهيو، هڪ مهمان خاطر مان انهن مردن کي نظرانداز نه ٿي ڪري سگهان، جن کي زندگي ۾ منهنجو خيال رکڻو آهي!"

جميل، پروين کي حيرت مان ڏٺو ته هيءَ عورت گناهن ۽ ذلت جي اوڙاهه ۾ ڪيترو نه غرق ٿي چڪي هئي! پنهنجي مڙس کي منهن تي چئي رهي آهي ته هوءَ گناهن ۽ ذلت جي مها ساگر ۾ ائين ئي ٽٻيون هڻندي، نه صرف هيءَ دنيا، پر پنهنجي عاقبت به خراب ڪندي رهندي!

"پروين! ان ڪان پهرين جو توڻ جا درواز بند ٿي وڃن، توکي نه صرف پاڻ کي، پر پنهنجن ڌيئن کي به سڌي رستي تي وٺي اچڻو پوندو. جيڪڏهن خرچ جي ڳالهه ڪري ٿي ته مان هر مهيني پاڪستان مان مني آرڊر وسيلي پئسا موڪليندو رهندس."

"توهانجو اهو مني آرڊر اسانجون گهرجون پوريون ڪري نه سگهندو."

"ته ڇا سڀ ڪجهه صرف گهرجون

ٿي آهن! عزت، غيرت، مذهب، سماج، اخلاقيات ڪجهه به نه آهي!؟" جميل ڪاوڙ مان ڇڻ رڙ ڪئي.

"تي سگهي ٿو اڄ ڪان به اداڻي سؤ سال پهرين انهن فضوليات جي ڪا اهميت هجي به سهي، پر اڄڪلهه سڀ ڪجهه پئسو ئي آهي."

"پروين! اها ڳالهه ياد رکجانءِ، ٿي سگهي ٿو پئسو موٽرن ۾ گهمائي، بنگلن ۾ رهائي يا ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ سٺا طعام ڪارائي، پر پئسو ڪڏهن به ازل کي ٽاري ناهي سگهندو!" جميل اٿيو ۽ ڪاوڙ مان وڏيون وڏيون ڍرانگهون پريندو، بيڊ روم کان ٻاهر نڪري ويو.

پروين حيران پريشان ٿي ڪيس ڏسندي ئي رهجي وئي. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته جميل جي آخري جملي ۾ ڌمڪي هئي يا سمجهاڻي!

جميل واپس اسٽور روم ۾ اچي پنهنجي ايندڙ لائحه عمل بابت سوچيو. هن ڪيتري ئي دير سوچڻ ڪانپوءِ اهو طئه ڪيو ته ٻئي ڏينهن عيدالاضحيٰ آهي، نه صرف نوڪر پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن عيد ڪرڻ ويل هوندا، پر جهاز ۾ به واپس ڪراچي وڃڻ لاءِ آرام سان سيٽ ملي ويندي، ان ڪري هن کي جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي، اڄوڪي رات ۽ سڀاڻڪي ڏينهن ۾ ڪرڻو آهي. ٻيءَ صورت ۾ هو نوڪرن جي هوندي ڪڏهن به منصوبي تي عمل ڪري نه سگهندو."

جميل اٿي بريف ڪيس مان پئسا ۽ پاسپورٽ ڪڍي نوڪرن کي اهو ٻڌايو ته هو عيد لاءِ خريداري ڪرڻ شهر وڃي رهيو آهي، بنگلي کان ٻاهر نڪري آيو.

شام جو دير سان جڏهن واپس موٽيو هو، تڏهن سندس ڪيسي ۾ نه صرف جهاز جي رٽرن ٽڪيٽ هئي، پر هڪ عاليشان بنارسي خنجر به هو!

بنگلي ۾ نوڪرن کان علاوه ٻيو ڪوبه نه هو، جيڪي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لاءِ جلدي جلدي ڪم اڪلائڻ ۾ لڳل هئا. هو اسٽور روم ۾ اچي پاسپورٽ، ٽڪيٽ ۽ خنجر بريف ڪيس ۾ رکي، بيڊ تي آهلي پيو ته نوڪر ڪيس ڊائننگ روم ۾ هلي ماني کائڻ لاءِ چيو. هن نوڪر کي ماني اسٽور روم ۾ ئي کڻي اچڻ لاءِ چيو. نوڪر ماني کڻي اچي سندس سامهون رکي، جيڪا هو کائي ٿانوَ نوڪر کي ڏئي بيڊ تي ليٽي پيو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ گيٽ کلڻ جو آواز ڪن تي پيو ۽ پوءِ گاڏيءَ اندر داخل ٿي اچي ڪار پورچ ۾ بيٺي. هو سمجهي ويو هو ته عيد جي ڪري اڄ سندس زال جلدي واپس گهر موٽي هئي.

سندس زال جي اچڻ کان پوءِ نوڪر ڪانئس عيد جون خرچيون وغيره وٺي موڪلائي هليا ويا. بنگلي ۾ هاڻي هن ٻن کان علاوه ٻيو ڪوبہ نہ هو.

جميل رات گهري ٿيڻ ۽ پنهنجي زال جي سمهڻ تائين ائين ئي بيڊ تي ليٽي زال ۽ ڏيئن جي ناپاڪ وجود کان هن ڌرتيءَ کي آجو ڪرڻ لاءِ خاڪو ٺاهڻ ۾ لڳي ويو.

هن سوچيو، جيئن ئي سندس زال گهري ننڊ سمهي پوندي، هو آهستي آهستي هن جي بيڊروم ۾ وڃي پنهنجي خريد ڪيل بنارسي خنجر سان، سندس سر تن کان جدا ڪري، نرگس جو انتظار ڪندو. جيئن ئي نرگس گهر ۾ داخل ٿيندي، هو اوچتو ئي ڪيترا خنجر جا وار ڪري سندس لاش گهلي ڊرائنگ روم ۾ ڦٽو ڪري علينا جو انتظار ڪندو ۽ پوءِ علينا جي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي، ان سان بہ نرگس وارو حشر ڪري لاش ڊرائنگ روم ۾ اڇلائي، وهنجي ڪپڙا مٽائي بريف ڪيس کڻي ايئرپورٽ هليو ويندو، جتي صبح جو ڏهين وڳي سندس فلائيٽ هئي.

جميل انهن ئي خيالن ۾ هو جو پروين هن لاءِ عيد جي تحفي طور خريد ڪيل قيمتي واچ هٿ ۾ کڻي اچي سندس مٿان بيٺي.

"ننڊ پيو آهين ڇا؟" پروين، جميل کي ڏسندي سوال ڪيو، جيڪو ائين ئي اکيون پوريون سوچ جا سرڪش گهوڙا ڊوڙائي رهيو هو.

جميل، پروين کي ائين مٿان بيٺل ڏسي ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهيو.

"شايد ننڊ پيا هئو؟" پروين سواليہ نظرن سان جميل کي گهورڻ لڳي ٿي.

"نہ، ائين ئي ستو پيو هئس." جميل وضاحت ڪري ٿو.

"هي وٺو، توهان وٽ واچ نہ هئي نہ!" پروين اهڙي پنهنجائپ ۽ محبت ڀرئي انداز ۾ واچ ڏانهس وڌائيندي چيو جو جميل، پروين جو هٿ موٽائي نہ سگهيو.

"مهرباني!"

"هاڻي ان کي هٿ ۾ ٻڌندؤ يا ڪيڙن جيان اڇلائي ڇڏيندؤ؟" پروين ڇڻ جميل کي ميار ڏني.

"نہ، ٻڌانس ٿو." جميل محسوس ڪيو تہ سندس لهجي تي ڇڻ ضابطو نہ رهيو هو.

"هيڏي ڪيو، مان پاڻ ٿي ٻڌانوَ." پروين وڌي حجت مان، جميل کان واچ کسي سندس خالي هٿ ۾ ٻڌڻ لڳي.

"هاڻي اٿ، هلي منهنجي بيڊروم ۾ سمهه."

"نه، اڄ مان اتي ئي ٺو سمهان. ڏاڍو ٿڪل آهيان." جميل نظرون ملائي چوڻ چاهيو، پر من ۾ ويٺل چور سبب نظرون ملائي نه سگهيو.

"اتي توکي ڪهڙي مون سان ريسلنگ وڙهڻي پوندي! اتي به توکي سمهڻو ئي ته آهي." پروين پنهنجي ڪجل پريل اکين کي نچائيندي، اهڙي دلربائيءَ مان چيو جو ڏهن سالن تائين فليٽ جي گهٽيل ۽ ٻوساٽيل ماحول ۾ رهندڙ جميل رواجي حيا ۽ شرم کان وڌيڪ سنجي ويو.

"خدارا پروين اڄ ڇڏ. اڄ سچو ڏينهن رليو آهيان. تون هونئن به رات جو دير سان سمهندي آهين. اجايو منهنجي ننڊ به ڦٽائيندينءَ."

"اڇا، معنيٰ ته مان هاڻي ان قابل به نه رهي آهيان جو توکي مون سان گڏ ننڊ وٺي؟" پروين روئڻهارڪي ٿي وئي. پروين کي ائين روئڻهارڪو ڏسي جميل کي ڏهه سال پهرين واري اها پروين ياد اچي وئي، جيڪا ٿوري به ڳالهه، ٿوري به مذاق تي روئي پوندي هئي.

"نه پروين، تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هن بيڊ سان ته منهنجي پراڻي ياري آهي، پر نئين بيڊ تي مونکي ننڊ نه ايندي."

"ٺيڪ آهي، اڄ مان توکي ڇڏيان ٿي، پر سڀاڻي ڪوبه بهانو نه هلندئي." پروين رسامي مان ڏکهي گهور سان جميل کي ڏسندي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي ٻاهر نڪري وئي.

هن سوچيو، "آخر سڀ آزمائشون منهنجي لاءِ ئي ڇو آهن؟ ڇا اهڙي عورت تي مان هٿ کڻي سگهان ٿو، جيڪا منهنجي اجڙيل گهر کي سينگاري وئي آهي! ايڏين گردشن مان گذرڻ ڪانپوءِ به مون سان محبت جو اظهار ڪري وئي آهي! جيڪڏهن هوءَ خطاڪار، عيبدار، بدڪار آهي به سهي ته ان ۾ هن جو ڪهڙي ڏوهه؟ وقت ۽ حالتن هن کي جيڪي ٺاهڻ چاهيو هو، ٿي وئي! پر آخر هن پنهنجي لاءِ اهو ئي رستو ڇو چونڊيو؟ پنهنجي هلڪي ڦلڪي نوڪريءَ مان به ته پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ رزق حلال سان پالي سگهي پئي. جيڪڏهن پنهنجي فطري جذبن کان مجبور ٿي هن کي رنڊي ئي ٿيڻو هو، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڌيئن کي ته بچائي ها! هنن ته پنهنجي ماءُ جو به رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي! ٽئي واجب القتل آهن. منهنجي عزت، منهنجي غيرت جي تقاضا آهي ته کين ڳيا ڳيا ڪري سندس لاش دهليءَ جي ڪتن

ڪي ڪارايانءِ!"

جميل اٿيو ۽ بريف ڪيس مان بنارسي خنجر ڪڍي اهڙي انداز سان چيڪ ڪيائين ڄڻ ڏسندو هجي ته عزت ۽ غيرت لاءِ وڙهندڙ جنگ ۾ هو سندس ساٿ ڏئي سگهندو يا نه! آخر پنهنجي هٿيار مان مطمئن ٿي آهستي آهستي پيرن جو آواز سارينديءَ، پروين جي بيڊروم ڏانهن نڪري ويو.

جميل، پروين جي بيڊ روم وٽ پهچي فرينچ اسٽائيل در مان جهاتي پائي ڏسي اها پڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس زال سمهي پئي آهي يا نه! پر هن ڪي اهو ڏسي ڄڻ دل ۾ ڪانءُ ڪِپي ويو هو ته پروين نه رڳو جاڳيل هئي، پر ڪنهن گراهڪ سان فون تي ڪچهري ڪندي ٽهڪ پڻ ڏئي رهي هئي.

هن ڪي دل ۾ آيو ته ڊوڙندو وڃي ۽ خنجر جا لڳاتار وار ڪري بدچلن ۽ آواره عورت ڪي پنهنجي عزت ۽ غيرت تان قربان ڪري ڇڏي. پر ائين ڪرڻ خطري کان خالي نه هو. هڪ ته سندس زال جاڳيل هئي، ٻيو ته پنهنجي ڪنهن چاهيندڙ سان فون تي ڪچهري ڪري رهي هئي. ائين بنگلي ۾ ٿيندڙ واردات فون واري تائين پهچي سگهي ٿي.

هو زهر جو ڍڪ پيري، ڪنهن شڪست کاڌل فوجيءَ جيان هلندو اسٽور روم ۾ آيو.

جميل، پروين جي سمهڻ تائين بيڊ تي ليٽڻ چاهيو، پر هن کي لڳو ته ڄڻ بيڊ تي ڪارا وڇون ڊوڙي رهيا هجن!

هو ائين ئي ڪنهن مهل بيڊ تي ويهي ٿي رهيو ته ڪنهن مهل اسٽور روم ۾ ٽهلڻ ۽ ڪنهن مهل بريف ڪيس کولي ان ۾ رکيل ڪپڙن ۽ ٻين شين کي ناهڻ ۽ جاچڻ لڳي ٿي ويو. ڪجهه دير بعد ڪيس ٻاهر گيٽ تي ڪار جي رکجڻ ۽ ٻوءِ ٻيل وڄڻ جو آواز ڪن تي پيس. جميل جون نظرون بي اختيار هٿ جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌل قيمتي گهڙيءَ ڏانهن کڃي ويون، جنهن ۾ رات جو ڏيڍ ٿيو هو.

هن سوچيو، ته پڪ ئي پڪ نرگس هوندي، پر پنهنجي منصوبي مطابق هن ڪي قتل نه ٿي ڪري سگهيو؟ ڇو ته پروين جاڳيل هئي ۽ پروين جي هوندي هو نرگس ڪي قتل نه ٿي ڪري سگهيو ۽ نرگس هوندي پروين ڪي.... هن ڪي پنهنجو ڪم ٿڪندي محسوس ٿيو.

جميل ان ئي سوچن ۾ هو جو ڊرائنگ روم مان پروين جي پيرن جو ڪڙڪو ڪن تي پيس، جيڪا گيٽ کولڻ لاءِ ٻاهر وڃي رهي هئي.

هو جلدي جلدي اچي بيڊ تي ليٽي اکيون پوري ڇڏيون. ٿوري دير ڪانپوءِ پروين، نرگس ۽ علينا ٽنهي جو آواز ڪن تي پيس. جيتوڻيڪ علينا هوٽل مان ڊانس ختم ڪري عام طور تي صبح جو ئي گهر ايندي هئي، پر اڄ شايد عيد جي ڪري جلدي گهر موٽي هئي.

هن کي احساس ٿيو ته هن کان تمام وڏي غلطي ٿي وئي هئي! هن کي بلب اجهائي ڇڏڻ گهرجي ها. ڪوبه هن کي جاڳيل سمجهي اسٽور روم ۾ اچي سگهيو ٿي.

جميل بلب بند ڪرڻ لاءِ اٿيو، پر پوءِ اهو سوچي ويهي رهي ٿو ته هينئر بلب وسائڻ معنيٰ پروين، نرگس ۽ علينا کي اهو ٻڌائڻ ته هو اجا تائين جاڳي پيو.

جميل ائين ئي بيڊ تي ليٽي اکين ہوٽي پروين، نرگس ۽ علينا جي سمهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو، پر جن جي سمهڻ جي انتظار ۾ هو جاڳيو ٿي، اهي ته جاڳي عيد جي ڪپڙن، خاص خاص سويٽ ڊشز (جيڪي عيد لاءِ تيار ڪري ٿي سگهيون) ماڻهن سان ملڻ ۽ تفريحي جاين تي گهمڻ بابت ڳالهائينديون ۽ بحث ڪنديون رهيون ۽ جميل ٿڪاوٽ ۽ اوجاڳي سبب ننڊ پئجي ويو هو.

جڏهن سجاڳ ٿيو، تڏهن صبح جا ڇهه ٿي رهيا هئا. جميل سوچيو، هن کي سمهڻ نه گهرجي ها! هاڻي ته اهو وقت ئي ويو هليو! شايد خدا کي اهو ئي منظور هو. هونئن به انهن کي ماري هن کي ڇا هٿ اچي ها. اهي پهرين ئي هن لاءِ مري چڪيون آهن!. هو هنن کان سڀ سڳ سياپا ٽوڙي دور وڃي رهيو آهي. جتي سندس ٻي مٽ مائٽ، عزيز، فسادن ۽ بيمارين ۾ خدا کي پيارا ٿي ويا، اتي ائين سمجهندو ته سندس زال ۽ ڌيئون به ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا ٿي مري ويون. هن هيڏي وڏي وشال دنيا ۾ هن جو ڪوبه ڪونهي. هو اڪيلو آهي. جميل جون اکيون اوهايرا ڪري پرجي آيون.

هو اٿيو، بريف ڪيس مان خنجر ڪڍي بيڊ تي اڇلايو، پوءِ وهنجڻ ڪانسواءِ ئي ڪپڙا مٽائي انهيءَ ڊپ کان ته متان پروين، نرگس يا علينا مان ڪو جاڳي پوي، جلدي جلدي ٻاهر نڪري، هڪ ڊگهي زخمي نهار پنهنجي زال جي خوبصورت بنگلي تي اڇلائي، ۽ ٻي ست ٽنگن کي گهليندو، مين روڊ تي آيو، جتان ڪيس ايئر پورٽ وڃڻ لاءِ سواري ملي سگهي ٿي.

☆☆☆

# هڪ گمنام ماڻهوءَ جو موت

جان خاصخيلي

هڪ احساس، نرم ۽ نماڻي ماڻهو جي درد ڀري آڪاڻي. جڏهن ڪيس موت آئي ته ڪا اک آلي نه ٿي. پاڙي وارن کي خبر نه هئي ته هڙو عظيم انسان به وجود رکي ٿو پر سندس پاڙيسري عورت کي اها ڄاڻ ضرور هئي.

**انا پرست ۽ حساس ماڻهوءَ جي ڪهاڻي جيڪا جيءَ کي جهنجهوري ڇڏي ٿي.**



توڙي جو هن جو موت ڪنهن کان به ڳجهو نه رهيو هو پر روايتي ٻي حسيءَ ۾ سندس موت کي ڄاڻي واڻي، فطري موت کان قتل تائين ويچاريو پئي ويو. "گمنام ماڻهوءَ جو موت ۽ بس!"

زندگيءَ جي سڄي ڪاروهنوار ۾ هو پنهنجي سيني دوستن ۽ مائٽن آڏو انتهائي بزدل رهيو. سندس ڪل جهڙين حرڪتن کي هر ماڻهو نظر انداز ڪندو رهيو. پر هو گهڻو وقت پنهنجي پاڻ کي

بچائي نہ سگھيو.
هو اُن رات الائي ڇا ڪائي ستوهو ۽ صبح جو ڪيس سندس بستري تي مئل ڏٺو ويو. هو روزانو وانگر جڏهن صبح جو نہ اٿيو تہ پاڙي واري عورت ڪي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي ۽ هُوءَ ٻي عورت ڪي ساڻ ڪري، پاڙي وارن جون نظرون لڪائي سندس در تي پهتي. جڏهن در ڪڙڪائڻ تي بہ ڪو جواب نہ مليو تہ اوچتو سڄي پاڙي ۾ هُل مچي ويو.
هن لاءِ ڪو بہ ڳوڙهو نہ وهيو ۽ نہ ئي ڪنهن انالله وانا عليه راجعون چيو. سندس لاش بہ ڄڻ تہ پاڙي تي بوجهہ هو نہ تہ ساڻس ڪنهن جي همدردي نہ رهي هئي. خودڪشيءَ جي خبر بہ تڏهن پئي جڏهن سندس پاسي واري ڪيسي مان هڪڙو ڪاغذ ڪڍي پڙهيو ويو.
جنهن ماڻهوءَ اها چٺي پڙهي سو پنهنجي لڙڪن کي روڪي نہ سگهيو پر هن کان بي انتها نفرت ڪندڙ ماڻهوءَ خط پڙهندڙ جي چرپائپ تي کلي رهيا هئا.

❋❋❋❋

گمناميءَ جي زندگيءَ ڪيس سيني کان چٺي ڏار ڪري ڇڏيو هو. سيني ماڻهن ڪيس پنهنجي حالت تي ڇڏي ڏنو. هو رشتن جو محتاج نہ رهيو هو ان ڪري گذر سفر واري وقت کان پوءِ هُو سدائين گمنام ٿي رهيو. بي پرواهيءَ جي عالم ۾ هُو علائقي جي گهٽين مان چپ چاپ گذري ويندو هو. پارڪ، گلن، وڻن جي ڇانو ڪتابن ۽ تنهائيءَ سان سندس دوستي هئي. ظاهري طور تي هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪو ڏک نہ رسايو هو. سندس ڏوهہ صرف تنهائي هئي، جنهن کان هو الڳ نہ ٿي سگهيو. آخري ڏينهن ۾ جڏهن بہ ساڻس ڪنهن ڳالهائڻ چاهيو تہ هن سدائين مرڪي ڪجهہ چوڻ کان لنوائي ڇڏيو. بس، اها مُرڪ ماڻهن کي ڏکي لڳي. هنن سدائين ان مسڪراهٽ کي پاڻ تي طنز سمجهيو ۽ پوءِ هر گهٽيءَ ۾ گام تي هن جڏهن ۾ جتي بہ مرڪيو اتي ڄڻ تہ دشمنيءَ جو ٻج ڇٽيو.
مرڻ کان صرف هڪ رات اڳ بهار جي پهرين هلڪي بوند ۾ ڪيس پنهنجي مختصر اڱڻ تي هلندي ڏٺو ويو. هلڪي هلڪي بوند ۾ هو ڏاڍي پر سڪون نموني هلي رهيو هو. سندس پاڙي واريءَ تہ مڙس آڏو اهو بہ چئي ڏنو تہ "بکيو آهي، هن ضرور اڄ ماني نہ کاڌي هوندي، ان ڪري رات جو مينهن جي وسڪار ۾ بہ اڱڻ تي هلي رهيو آهي." پوءِ هن پنهنجي مڙس کي ڏيڍ ماني ۽ وٽيءَ ۾ دال ڏني تہ هو وڃي ڪيس ڏئي اچي. پوءِ هُن ائين ئي ڪرڻ لاءِ وڃي سندس در ڪڙڪايو. هن جي تنهائيءَ دوران ايندڙ خيالن کي ڪنهن ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. هن پنهنجي پيٽ تي هٿ رکيو. ڪيس لڳو تہ ڄڻ هو بہ اڄ ٿي ويو آهي. پوءِ هُو در تي آيو ۽ پاڙي واري جي حرڪت تي ڏاڍو لڄي ٿيو پر هو ڪيس ڪجهہ بہ

**وڪوڪتي لڳ ڪاندار ينڊڙ ڪهاڻي جيڪا توهان پنهنجي زندگي ۾ شايد وساري سگهيو**

موت جو تصور ئي ڀيانڪ هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پئجي وڃي ته اينڊڙ چوويهه ڪلاڪن ۾ موت اچي ويندو ته ان جي ڪهڙي حالت ٿيندي. ڦاهي جي سزا آيل ٽن قيدين جي ڪال ڪوٺڙي ۾ وسوسن، خواهشن، يادين، شڪن ۽ پيدا ٿيل ڏهڪاءُ جي داستان. جنهن کي پڙهندي ڏڪڻي وٺيو وڃي.

جين پال سارتر

# ڀت

سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور ميمڻ

1964ع.... جين پال سارتر

جين پال سارتر کي 1964 ع ۾ نوبل انعام براءِ ادب لاءِ نامزد ڪيو ويو پر هن اهو انعام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

پال سارتر اٺويهين صديءَ جي اهم ترين شخصيتن مان هڪ آهي. هي فرانس جي نشاني طور تي جيئندو رهيو.

هڪ دفعو ته سندس خيال ۽ لکڻين جي ڪري فرانس جي صدر ديگال کي سندس مشيرن مشورو ڏنو هو ته سارتر کي باغي خيالن جي لکت جي ڪري گرفتار ڪيو وڃي، پر صدر ديگال اهو چئي ڪيس گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته سارتر فرانس آهي ۽ مان فرانس کي ڪيئن گرفتار ڪري سگهان ٿو.

سارتر بين الاقوامي شخصيت به پڻ هو. پاڻ ناول نگار، فلسفي، ڊراما نويس، تنقيد نگار، صحافي ۽ سياسي مدبر به هو. پاڻ 1905ع ۾ پيرس ۾ ڄائو. هن جي عمر جڏهن پختي ٿي ته هن پنهنجي عيسائي مذهب مان لاتعلقي



رهياسين.

"لڳي ٿو تہ اسان جو آخري وقت اچي ويو آهي". ٿامر ٿڌو ساهہ کڻي چيو.

"مون کي بہ اهو لڳي ٿو." مون جواب ڏنو "پر ننڍو جون ڏچي پيو. هن کي اهي ڪجهہ بہ نہ ڇوندا"

"ڪنهن کي؟" جون کي؟ ها، هي جوزي جو ننڍو ڀاءُ آهي. جوزي هن لاءِ جان جي بازي لڳائي ڇڏيندو".

مون جون طرف ڏٺو. هو سڪرات واري حالت ۾ پٽ تي نظريون ڄمائي ويٺو هو. ڪوٺي جي جنهن سوراخن مان صبح جي روشني ايندي آهي. اوچتوئي اوچتو انهيءَ مان ٿڌي هوا جو جهوٽو اندر اچي ويو. جون سيءَ کان ڏڪڻ لڳو.

"خدا جي پناهہ" هن ڏڪندي چيو. "مان تہ سزا کان پهرئين/ان سيءَ وگهي مري وڃان".

ٿامر پنهنجو پاڻ کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ جسم کي گرم ڪرڻ جون ورزشون ڪرڻ لڳو. ٿامر مضبوط جسم جو مالڪ هو پر عمر گذرڻ سان گڏوگڏ هن جي جسم تي موٽاپي جا آثار نظر اچڻ لڳا هئا. هن کي ايئن ورزش ڪندي مون کي خيال آيو تہ سڀاڻي ڪنهن وقت بہ هن جي ٿلهي جسم ۾ گوليون ايئن پونديون جيئن مکڻ جي ٽڪيءَ ۾ چاقو پوندو آهي. سخت سيءَ جي ڪري مون کي ايئن محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ منهنجا هٿ منهنجي وجود کان الڳ ٿي ويا هجن. اهڙي وقت ۾ مون کي پنهنجي جيڪٽ ياد آئي. جيڪا انهن مون کان ڪسي ورتي هئي. انهن اسان جا سڀئي ڪپڙا لاهرائي، سپاهين کي ڏيئي ڇڏيا هئا ۽ اسان کي هلڪا پاجاما ۽ ڪرتا پارايا ويا هئا، جيڪي مريضن کي اسپتال ۾ ڏنا ويندا آهن.

ٿوري دير کان ٿامر ورزش کان بس ڪئي ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳو.

"ڪا گرمي آئي؟" مون پڇيو.

"نہ" هن ڇڙو منهن ڪندي چيو.

"پر منهنجو ساهہ ٿو منجهي."

انين وڳي هڪ فوجي آفيسر سپاهين سان گڏ اسان جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ آيو.

"هنن ٽنهي ڄڻن جا نالا ڇا آهن؟" آفيسر اسان جي گارڊ کان سوال ڪيو.

"ٿامر، جون ۽ پابلو" گارڊ جواب ڏنو.

آفيسر عينڪ درست ڪئي ۽ هٿ ۾ پڪڙيل لسٽ کي غور سان ڏٺو.

"ٿامر .... ٿامر ... هي آهي. ٿامر، توکي موت جي سزا ڏني وئي آهي. سڀاڻي توکي فائرنگ اسڪواڊ جي آڏو بيهاري گوليون هڻي ماريو ويندو."

ايئن چئي هو وري لسٽ تي جهڪي ويو.

"توکي ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي پيو؟ مان تہ ڪجهہ بہ سمجهان نہ پيو" ٿامر ڪافي گفتگو ڪرڻ کان پوءِ ڳالهہ کي ختم ڪندي چيو.

"ڇا ٿو سمجهڻ چاهين؟"

" اسان سان جيڪي ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، اهو مون کي سمجهہ ۾ ڪو نہ پيو اچي."

"فڪر نہ ڪر، تو کي فجر جو سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويندو." مون چيو.

اوچتو مون ٿامر مان عجيب خوشبو محسوس ڪئي. عام طور تي منهنجو نڪ ايترو حساس ڪو نہ هو. مون ناسون ڦهلائي حقيقت معلوم ڪرڻ چاهي.

"ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي" ٿامر مسلسل چئي رهيو هو."مان بزدل نہ آهيان، پر ڪجهہ خبر تہ پوي. ڏس مون کي خبر آهي تہ اهي اسان کي فائرنگ اسڪواڊ وٽ وٺي ويندا..... ٺيڪ آهي؟ تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ڪيترا ماڻهو هوندا اتي؟"

"ڇا؟ ها، ماڻهو!! معلوم ڪونهي. پنج ...... يا اٺ يا وري انهن کان بہ وڌيڪ هوندا."

" ڇڱو ٺيڪ آهي. فرض ڪيون ٿا تہ اهي اٺ هوندا. ڪو انهن کي دانهن ڪري نشانو ٻڌڻ جو حڪم ڏيندو. ٺيڪ آهي؟ پوءِ فورن مون تي اٺ بندوقون سڌيون ڪيون وينديون.

مان پٽ مان نڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندس پر پٽ هڪ انچ بہ پنهنجي جڳهہ تان نہ هٽندي، جيئن ڊپ وارن خوابن ۾ ٿيندو آهي... مون کي خبر آهي تہ اسان سان ڇا ٿيندو! پر مون کي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪو نہ پيو اچي".

"نہ سوچ" مون چيو. "سڀني کي خبر آهي. ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي"

"وڏي مشڪل ٿيندي هوندي. مون ٻڌو آهي تہ منهن کي بگاڙڻ لاءِ خاص طور تي اکين ۽ منهن جو سڌو نشانو ورتو ويندو آهي. ڪتا." ٿامر جو لهجي ۾ سخت نفرت هئي "مان هاڻي کان ئي جسم ۾ سوراخ ڏسي رهيو آهيان....۽ ان جو سور محسوس ڪري رهيو آهيان. اصل ۾ اهو سور تہ سياڻي محسوس ٿيندو ۽ ان کان پوءِ ......"ان کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ هنہ؟"

مون کي خبر هئي تہ هو ڇا پيو چوڻ چاهي پر هو انجان بڻجي ويو هو. جنهن حد تائين سور جي ڳالهہ هئي تہ مان خود بہ پنهنجي جسم ۾ سوراخ ٿيندي محسوس ڪري رهيو هئس. ان لحاظ کان مان بہ هن جهڙوئي تہ هيس.

ٿامر وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن جون اکيون ڊاڪٽر جو جائزو وٺڻ لڳيون ۽ ڊاڪٽر هر ڳالهہ کان بي نياز هو. مان ڊاڪٽر جي اچڻ جو مقصد سمجهي، ورتو هو. هو اسان جون

جي گفتگو ٻڌي هئم ۽ مون کي يقين ٿي ويو ته هو ته هن ٻه ۽ مون ٻه کا به ساڳي ڳالھ کو نه هئي پر ورڀ به اسان جاڙن ڀائرن وانگي هڪ جهڙا نظر اچي رهيا هئاسين. اهو ان ڪري جو اسان کي هاٿي گڏ مرڻو هو.

تام مون طرف ڏسڻ بنا منهنجو هٿ پڪڙي ورتو.

"پابلو، حيرت ٿئي ٿي. جڏهن پاڻ مرندا آهيون ته ختم ٿي ويندا آهيون. بلڪل ختم، هميشه لاءِ ختم."

مون کو به جواب نه ڏنو ۽ پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو.

"هيٺ ڏس، گندا ماڻهو."

تام آلي فرش تي ويٺو هو. هن جي سوٽ مان ڦڙا ٽيڪي رهيا هئا.

"ڇا؟ هي ڇاهي؟؟" هن پنهنجي هيٺ ڏٺو ۽ حيرت کان ڇيو.

"تون پنهنجو سوٽ آلو پيو ڪرين." مون هن کي ٻڌايو.

" اهو ناممڪن آهي" هن رنجي ڪئي. "اهو ٿي نه ٿو سگهي... مان ته ڪجهه به محسوس نه پيو ڪريان"

مون ڊاڪٽر تي نظر وڌي. هو لاتعلقي سان پنهنجي پيشه ورانه راءِ ڏئي رهيو هو.

"هي ڊڄي ويو آهي. "

"مان نه ٿو ڄاڻان ته هي ڇا آهي." تام رڙ ڪري چيو."مان ڊنل نه آهيان، خدا جو قسم مان ڊنل نه آهيان".

ڊاڪٽر کو به جواب ڏيڻ بدران کنڌ جهڪائي پنهنجي نوٽ بڪ ۾ ڪجھ تحرير ڪرڻ لڳو. مان ۽ تام ڊاڪٽر کي ڏسي رهيا هئاسين، جون به ڊاڪٽر کي ڏسي رهيو هو. اسان ٽنهي جون نظرون ڊاڪٽر تي ئي کتل هيون، جو ته ڊاڪٽر زندهه هو. فقط هو زنده ماڻهن وانگر مصروف هو. هن جو تجسس، زندگيءَ جي نشاني هو. ڊاڪٽر کي سيءُ لڳي رهيو هو. هن جو جسم زندهه ماڻهن وانگر موسم کان متاثر ٿي رهيو هو. جڏهن ته اسان کي پنهنجي جسم کي محسوس ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڇهڻو ٿي پيو. ڪجهه دير کان پوءِ مون کي به اهو محسوس ٿيو ته شايد مان به آلي فرش تي ويٺو آهيان پر شرمساريءَ کان بچڻ لاءِ هيٺ ڏسڻ کان لنوائي رهيو هوس. رهيو هئس. اهڙي صورتحال ۾رسوائي اسان ڊاڪٽر کي ڏسڻ کان علاوه ٻيو وري ڇا ٿي ڪري سگهياسين. ڊاڪٽر پنهنجي ٽنگن تي مضبوطي سان بيٺل هو. هن کي پنهنجي عضون تي مڪمل ڪنٽرول حاصل هو. هو سوچي سگهيو ٿي. سڀاڻي شام ۽ پرهين صبح جون، هن جون ڇا مشغوليات هونديون. ڊاڪٽر زنده هو ۽ اسان ٽئي مئل ڀاڄا، هن کي ڏسي رهيا هئاسين. هن جي جسم جي گرمي ۽ رت نچوڙي اسان وري زنده ٿي سگهياسين ٿي. اوچتو مان وڏي آواز ۾ کلڻ لڳس. منهنجي

ڪري گذاري هئي، ان جي باوجود مان صبح جي وقت هن سان ڪلي مليو هئس. ننڍيون ننڍيون خوشيون، آزادي جي زندگي ۽ خوبصورت عورتون. مان ديوانن وانگر انهن جي پويان هوندو هئس، پر نتيجو ڇا نڪتو؟ مون اسپين کي آزاد ڪرائڻ ٿي چاهيو.

مون آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏي هئي. نعرا هڻندو هئس، تقريرون ڪندو ٿي ڦريس.... پر ان وقت مون کي ڪڏهن به موت جو خيال نه آيو هو.

هاڻي جڏهن زندگي ختم ٿي رهي هئي ته پوءِ اهڙن ڳالهين جو ورري ڇا مطلب هو؟ مون کي اها سوچي ڪري حيرت پئي ٿي ته نوجوان عورتن جي صحبت ۾ مون کي ڪيڏو نه مزو ۽ لطف ايندو هو. جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته مان اهڙي طرح سان فائرنگ اسڪواڊ جي آڏو بيهي گولين جو بڪ ڏيندس ته پوءِ مان جيڪر پنهنجي سڄي زندگي انهن حسين عورتن جي بسترن تان نه اٿان ها.

منهنجي پوري زندگي منهنجي سامهون اچي ويئي هئي ۽ هاڻي بلڪ آخري حصي تي اچي پهتي هئي... مون کي ڪنهن ڳالهه جو به ڏک نه هو. ممڪن هو ته مون کي عام حالتن ۾ مون کي پنهنجيون شيون اهڙي نموني دنيا ۾ ڇڏڻ تي ڏک ٿئي ها، پنهنجي ڪاڏل پسنديده ڪاڏن جو ذائقو ياد اچي ها. يا مان ان پرسڪون ڏينهن جي تصور کان مون کي ڏک ٿئي ها جنهن اندر مان گرمين جي موسم ۾ ترندو هيس، پر هن ويل موت جي ڏپ انهن سڀني شين جي دلڪشي مون کان کسي ورتي هئي.

"دوستو" اوچتو ڊاڪٽر اسان کي مخاطب ٿيندي چيو ... جيڪڏهن توهان چاهيو ته توهان جا آخري پيغام توهان جي پيارن وٽ پهچڻ ته مان ان خدمت لاءِ حاضر آهيان".

"منهنجو ڪير به ڪونهي" ٽام بي دلي سان چيو.

مان خاموش رهيس.

ٽام منهنجي خاموشي تي حيران هو.

"ڪانشا! تون ڪانشا جي نالي تي ڪو پيغام نه موڪلنيدين؟" هن مون کان پڇيو.

"نه." مون ڪيس جواب ڏنو.

اڄ منهنجي لاءِ ڪانشا جي حيثيت ٻي ٿي ويئي هئي. ڪلهه تائين مان صرف هن سان ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي وجود جو ڪو به حصو ڪٽائڻ لاءِ راضي هئس، ان ڪري مون ڪلهه ٽام سان ڪانشا جو ذڪر ڪيو هو. پر هن کي خبر ڪو نه هئي ته هاڻي ڪانشا جي حيثيت منهنجي نظر ۾ ڪهڙي ٿي ويئي هئي. ڳالهه ڪرڻ ته هڪ طرف، مون سندس شڪل به ڏسڻ نه ٿي گهري. جڏهن کان منهنجي

"مان پنهنجو ضمير سلامت رکي مرندس." مون سوچيو ۽ مون کي عجيب راحت محسوس ٿي.

ڪجهه دير کان پوءِ اهي مون کي وري آفيسرن جي سامهون پيش ڪرڻ لاءِ وٺي وڃي رهيا هئا. جيئن اسان ورانڊي مان گذرياسين ته اسان جي پيرن وٽان هڪ ڪتو ٻئي طرف ڊوڙيو. مون کي اهو منظر ڏاڍو وڻيو.

"ڪتو! تو ڏٺو؟ ڪتو هو". مون سپاهيءَ کي چيو. سپاهيءَ ڪو به جواب نه ڏنو. هن جي منهن تي خوفناڪ سنجيدگي ڇانئيل هئي. جيستائين منهنجو تعلق هو ته مون کي ڪل اچي رهي هئي. پر مون کي ڊپ هو ته جيڪڏهن مان هڪ دفعو کليس ته پوءِ مان کلندو ئي رهندس. رُڪي نه سگهندس. کل کي ٽارڻ لاءِ مون وڏي مچن واري سپاهي کي غور سان ڏسڻ لڳس ۽ چيم "گڏه ، توکي پنهنجون مچون ڪٽائڻ گهرجن".

هن بي دلي سان مون کي لت هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهه نه ڪچيو.

"تو سڀني طرح سان سوچي ورتو آهي؟" واپس ڪمري ۾ پهچڻ تي ٿلهي آفيسر مون کان پڇيو.

مون آفيسر کي غور سان ڏٺو.

"مون کي خبر آهي ته ريمون ڪٿي آهي؟ مون روانيءَ سان چيو. "هو قبرستان جي وچ ۾ لڪيو ويٺو آهي، ڪنهن يوريل قبر جي اندر يا وري گورکن (قبرون کوٽيندڙ) جي گهر ۾"

بس منهنجو دل چئي رهيو هو ته مان انهن سان مذاقون ڪيان. اهي مون کان بي وقوف ٿين. ٺيا ڏيئي سوٽ جا پٽا ٻڌن، ٽوپيون سڌيون ڪن ۽ بي مقصد حڪم جاري ڪن.

اهي واقعي ٽپ ڏيئي اٿيا.

نيڪ آهي، تمام سٺو. پندرنهن ماڻهو تيار ڪريو. فورن. ۽ تون،" موٽي آفيسر وڃڻ کان پهرئين مون کي مخاطب ٿيندي چيو، "جيڪڏهن تو سچ ڳالهايو آهي ته توکي ڇڏيو ويندو ۽ جيڪڏهن تو ڪوڙ ڳالهايو آهي ته توکي پڇتائڻو پوندو".

اهي گوڙ ڪندي رخصت ٿي ويا ۽ مان اطمينان سان ڇت کي ڏسڻ لڳيس. مان تصور ڪري رهيو هئس ته اهي هن وقت قبرن جا پٿر هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيا هوندا. قبرون کوٽيندڙ جي گهر ۾ لٿا هوندا. پنهنجي ناڪامي تي مون کي گاريون ڏيندا هوندا. مون وڏي مشڪل سان پنهنجي کل کي روڪيو.

تقريبن هڪ ڪلاڪ کان پوءِ موٽو آفيسر واپس آيو. هن منهنجي مٿان نگاه وڌي. مان پنهنجي سزا ٻڌڻ لاءِ پهرئين ئي ذهني طرح تيار هيس.

"هن کي ٻاهر ورانڊي ۾ وٺي وڃو. فوجي ڪارروائي ختم ٿيڻ کان پوءِ هن جو فيصلو شهري انتظاميا

ڪندي."

مون کي ايئن لڳو ڄڻ مون غلط پڙهو هجي.

"ته پوءِ ڇا .... مون کي گولي نه هڻئي ويندي؟" مون پڇيو.

"نه."

"پر .... ڇو؟"

هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ خاموش ٿي ويو.

مون کي ٻاهر ڏڪڻ لڳا. ٻاهر ورانڊي ۾ سون جي تعداد ۾ ٻار، عورتون ۽ پوڙها قيدي جمع ٿيل هئا.

قيدين جي وچ ۾ هلندي هلندي مون کي محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ مان ڇريو ٿي ويو آهيان. منجهند جي وقت اسان کي ڪاڌو ڏنو ويو. ڪاڌي کائڻ کان پوءِ مون کي هوش ئي نه رهيو ته مان ڪٿي آهيان.

شام جي وقت نون آيل قيدين کي ورانڊي ۾ ڌڪيو پئي ويو. مون پنهنجي هڪ پاڙي واري کي سڃاڻي ورتو. هن جو نالو گارشيا هو.

"تون زنده آهين؟" هن مون کي ڏسندي حيرت مان پڇيو.

"مون کي موت جي سزا ٻڌائي ويئي هئي، پوءِ الاهي ڇو انهن مون کي هتي موڪلي ڇڏيو آهي. مون کي خود خبر ناهي. الائجي ڇو؟"

"مون کي به وٺي گرفتار ڪيو ويو." گارشيا ٻڌايو.

"پر تنهنجو ته سياست سان ڪو به تعلق ناهي."

"جيڪو به انهن وانگر نه ٿو سوچي، هي ان کي گرفتار ڪن ٿا."

ڪجهه دير جي خاموشي کان پوءِ گارشيا هلڪي آواز ۾ چيو. "هو ريمون کي تلاش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا".

مون تي ڄڻ غشي طاري ٿيڻ لڳي.

"ڪڏهن؟"

"اڄ صبح، ريمون عجيب حرڪت ڪئي. هو پنهنجي چاچي جي پٽ سان وڙهي ڪري گهر کان نڪري ويو. ڪيترائي ماڻهو هن کي پناهه ڏيڻ لاءِ راضي هئا. پر هو چوڻ لڳو ته ياٻلو هجي ها ته مان هن جي گهر ۾ رهان ها. ”هو منهنجو دوست هو پر جڏهن هو گرفتار ٿي ويو آهي ته پوءِ ڇو مان ڪنهن ٻئي جو احسان کڻان. مان قبرستان ۾ لڪي ويندس."

"قبرستان ۾؟"

ها، ريمون کان صرف اهائي غلطي ٿي، صبح جو اهي اچي ويا. اهو ته ٿيڻو ئي هو. ظالمن هن کي ڏسندي ئي گولين سان اڏائي ڇڏيو."

"ڇا؟"

مون کي هر شيءِ گولائي ۾ گهمندي نظر اچڻ لڳي. جڏهن مون کي هوش آيو ته مان زمين تي ويٺو هيس. اوچتو مان زور سان ايترو کليس جو منهنجي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا.



عظيم ليکڪ جي شاهڪار ڪهاڻي، جنهن جو موضوع بلڪل نئون آهي ۽ ان ڪهاڻيءَ تي ان نموني پيش ڪرڻ جو فن صرف ڪرشن چندر جو ڪمال آهي. هيءَ هڪ علامتي ڪهاڻي آهي، جيڪا هر جاءِ تي واقع، دنيا جي هر ماڻهوءَ سان پيش اچي رهي آهي

# "ڪارو سج"

ڪرشن چندر/عرفان ميمڻ

ان واديءَ جو احوال جتي سج ڪارو اڀرندو هو

ٺڪرين کي ڪٽي ماٿريءَ جي هارين . فصل پيدا ڪرڻ لاءِ زمين تيار ڪئي هئي، جتي مڪئي پوکي ويندي هئي. سورج مکي جا گل وغيره پيا هيڏانهن هيڏانهن جهمندا هئا يا وري وڏن وڏن پنن واريون وليون پنهنجي آغوش ۾ ڪاڏي جا خزانا لڪائي بيٺيون هونديون هيون.

هيٺ ماٿريءَ ۾ ندي جي ڪپ تي گلن سان ڀريل وڻ نظر ايندا هئا. جنهن جي خوبصورتي هر هڪ کي موهي ڇڏيندي هئي ۽ انهن جا پن پاڻي ۾ ڪري ويتر حسين، ۾ اضافو ڪندا هئا. پري کان ايئن لڳندو هو ته جهڙوڪ ندي جي ڪناري ئي ڪناري تي ڳوٺ جون ٻانوريون حسينائون مٿا جهڪايو، وار ڦهلايو، پنهنجي نرم آڱرين سان، جنهن ۾ مهدي لڳل هجين، ڇڻ پاڻي سان کيڏنديون هجن.

ڏنڊ جي چوطرف رنگ برنگي گلن جا تختا هئا، انهن جي وچ ۾ ٿڌي پاڻيءَ جا رهٽ گذرندا هئا، جيڪي ٻنين طرف پاڻي پهچائيندا هئا. جڏهن چوڏنهن جي چنڊ چمڪندو هو ۽ مال ڪاهيندڙن جي بانسري فضا ۾ گونجندي هئي ته ايئن لڳندو هو ته ڇڻ ذرتيءَ جي انگ انگ مان محبت جي ٻي نام خوشبو مهڪجي رهي هجي،زمين انگڙائي ڏيئي سجاڳ ٿي هجي ۽ پنهنجون اکيون کولي، محبت منجهان آهستي آهستي، مٺي مٺي انداز ۾ ٿڌا ٿڌا ساهه کڻي رهي هجي.

ڏنڊ جي وچ ۾ هڪ ننڍو ٻيٽ هو، جتي ڳوٺ جي سردار جو به ماڙ گهر هو. ان ٻيٽ جي چئن طرفن کان ننڍيون ٻيڙيون ٻڌل هونديون هيون. ان ٻيڙين تي ڳوٺ جا ملاح مڇيون جهليندا هئا، ياقوتي رنگدار، وڏن پڇن واريون مڇيون جن جي اندر صرف هڪ ڪنبو هو ۽ جن جي رنگين ڳچين منجهان ڇڻ ستارن جي جهرمٽ نڪرندي هجي.

ان ماٿريءَ جا ماڻهو مڪئي ۽ چانورن جي پوک ڪندا هئا. ڳوناٺا جهنگ مان ماکي، ڪوئنر ۽ ٻيون شيون جمع ڪندا هئا. رڍن جي اُنَ ۽ لومڙين جون کلون وڪڻندا هئا. ڳانا ڳائيندا هئا، شادي ڪندا هئا، ٻارن سان کيڏندا هئا، سرديءَ ۾ صندل جي ڪاٺ کي ٻاري، ۽ گرمين ۾ ٿڌين چانون ۾ ويهندا هئا ۽ وڏا خوش ٿيندا هئا. ان ماٿريءَ جا سڀ ماڻهو ڪم ڪندا هئا ۽ ڏاڍا خوش هئا.

ڳوٺ جي سردار وٽ سڀ ڪجهه هو پر هو خوش نه هو. جو ته ان وٽ ڪو به ڪم ڪرڻ لاءِ نه هو. هو سڄو ڏيتهن شڪار کيڏندو هو. رات جو راڳ رنگ جون محفلون سجائيندو هو. پر پوءِ به خوش ڪو نه هو. هن وٽ واديءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ زمين هئي. هن جو گهر سڀ کان وڏو هو. هن جي زال سڀ کان حسين هئي. هن جي ٻارن کي بهتر سهولتون مليل هيون. هن وٽ

سيني کان وڌيڪ دولت هئي، پر پوءِ به هو خوش ڪو نه هو. نه هن زندگيءَ ۾ ڪو ڪم ڪيو هو ۽ نه وري هن جي پيءَ ڪڏهن ڪو ڪم ڪيو هو، پر پوءِ به هي خوش ڪو نه هو ۽ سڀ ڪجهه هوندي به هن کي اها خبر نه هئي ته هو ڇو خوش ڪو نه هو.

سردار کي پنهنجي واديءَ سان ڏاڍي محبت هئي. هو واديءَ کي خوبصورت کان خوبصورت ٺاهڻ جي لاءِ نوان نوان طريقا پيو سوچيندو هو. هڪ ڏينهن هن سوچيو ته ڏينهن جو ته واديءَ خوبصورت نظر اچي ٿي، پر رات جو جڏهن اونداهه ٿئي ٿي ته هي ٻنيون، هي ندي، هي گل ڦل، هي گلن جا تختا، اوچتو ئي ٻاڏ اونداهيءَ ۾ ڍڪجي وڃن ٿا، ۽ ايئن ٿو لڳي ڄڻ ان وستيءَ ۾ اونداهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هجي. رات جو هيءَ وادي ويران سنسان ۽ خوفناڪ ڊپ واري لڳي ٿي، جهنگ مان وحشي جانورن جا آواز اچن ٿا ۽ برفيلي هوائن جا آواز خوفناڪ طريقي سان گجگوڙ ڪندي واديءَ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ڦهلجندا وڃن ٿا، انهين ڳالهين ڪري ايئن لڳندو هجي، ڄڻ ان واديءَ ۾ انهن هوائن ۽ تاريڪيءَ جو راڄ هجي ۽ سردار جي ڪا حڪومت نه هجي.

سردار پڙهيل لکيل ۽ عقلمند ماڻهو هو ۽ واديءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار پڻ هو. ان ڪري هن وڏي سوچ ويچار ڪري واديءَ جا لاءِ بجلي پيدا ڪندڙ هڪ مشين گهرائي ۽ ان کي پنهنجي ٻيٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ لڳرائي ڇڏيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ واديءَ جو گهر گهر بجلي جي روشنيءَ سان ٻهڪجي ويو. ننڍين ننڍين گهٽين ۾ بجلي جا بلب چمڪيا پئي. ندي جي ڪناري هڪ خوبصورت، دل کي وڻندڙ رستو ٺهرايو ويو، ۽ ان کي بجلي جي روشنيءَ سان سينگاريو ويو. سردار جو گهر ته ڄڻ روشني جو مرڪز هو، جنهن ۾ روشنيون ئي روشنيون هيون. گهر جي اندر ۽ ٻاهر بجلي جون رنگ برنگي روشنيون گلن جي ٽارين وانگر، پري پري کان چمڪنديون نظر اينديون هيون ۽ واديءَ جا ماڻهو ٻوڏ ۾ پرچي اشارا ڪندي چوندا هئا ته "هو ڏسو ان ٻيٽ مٿان اسان جي سردار جو گهر آهي".

واديءَ جا ماڻهو سردار جي عقلمندي تي ڏاڍا خوش هئا. جڏهن سردار اهو طئي ڪيو ته ڳوٺ جا سيئي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن، روڊن ۽ گهٽين کي روشن ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ادا ڪندا ته ڳوٺ جي سيني ماڻهن ان کي خوشيءَ سان قبوليو. هاڻي ان بجلي ٽيڪس مان سردار کي ايتري آمدني ٿيڻ لڳي هئي، جو هو بجلي پيدا ڪرڻ جو خرچ پڻ کان پوءِ به ونس هڪ چڱي خاصي رقم بچي پوندي هئي. ايتري آمدني ته هن کي پوئين ڏهن سالن ۾ نه ٿي هئي، جيتري ڪيس هڪ مهيني ۾ ٿيڻ لڳي

هئي. هن بجليءَ تي ٽيڪس ڪجهہ
گهڻو لڳايو هو، پر واديءَ جي ماڻهن
کي ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي، ڇو تہ
انهن جي گهرن ۾ بجلي آئي هئي ۽
بجلي جي روشني ڪاٺين جي باهہ جي
شعلن کان گهڻو بهتر هئي. انهي لاءِ
انهن وڌيڪ ٽيڪس ڀرڻ کي خراب نہ
سمجهيو.

ان کان پوءِ وري سردار جي
ذهن ۾ هڪ نئين ترڪيب آئي. هن
سوچيو، سڌا سادا هاري، ڳوٺاڻا ۽
جاهل، وڏي مشڪل سان واديءَ مان
اولهہ طرف جي رستي کان ٻاهر وڃن ٿا.
ڪڏهن اتي ڏنڊ هوندي آهي تہ ڪڏهن
وري غضب جي ترڪڻ، جنهن ڪري
ڪيترائي ماڻهو ان رستي جي ٻنهي
پاسي وارين کاهين منجهہ ڪري
پنهنجون جانيون وڃائي چڪا هئا.
ڪڏهن نديءَ ۾ چڙهيل پاڻي جي ڪري
بہ ماڻهو موت جي ور چڙهي ويا هئا.ان
ڪري ڇو نہ هتي پل تعمير ڪرائي
وڃي. هڪ مضبوط پل جيڪا سال جي
ٻارنهن مهينا لاءَ ڪم اچي ۽ جنهن
ڪري هن واديءَ جا رستو ٻاهر جي
دنيا سان هر وقت قائم رهي سگهي.

واديءَ جي ماڻهن کي سردار
جي اها تجويز ڏاڍي وڻي. سڀني هن
جهاد ۾ گرمجوشي سان حصو ورتو ۽
سڀني جي لڳاتار سخت محنت کان پوءِ
هيءَ پل ٽن مهينن ۾ تيار ٿي وئي.
سردار ڪجهہ چوڪيدار ان پل تي رکيا
جيڪي ڏينهن رات پل جي حفاظت
ڪندا هئا. سردار پل تي ايندڙ خرچ ڀرڻ
۽ پل جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هڪ
ٽيڪس هنيو، جيڪو هر ان ماڻهوءَ کي
ڏيڻو پوندو هو، جيڪو ان پل تان
گذري، پوءِ چاهي اهو ماڻهو واديءَ اندر
ايندو هجي يا وري واديءَ کان ٻاهر
ويندو هجي. جيتوڻيڪ اهو ٽيڪس
ڪجهہ وڌيڪ هو، پر پوءِ بہ ڳوٺ جي
ماڻهن ان کان ڪين ڪيٻايو، ڇو تہ پل
ڳوٺ وارن جي لاءِ اهم ضرورت هئي.
اها پل ئي تہ هئي جنهن سان هو ٻارنهن
ئي مهينا واديءَ کان ٻاهر، ٻاهرين
دنيا سان ڳنڍيل هئا ۽ ان ذريعي هو
پنهنجو قيمتي سامان، ماکي، ڪوئنر،
اناج ۽ ٻيون شيون ٻاهرين دنيا ۾
وڪڻي سگهيا ٿي، پوءِ چاهي قيمت
گهٽ هجي يا زياده. ان ڳالهہ ڪري
هن ويل بہ ڪنهن ان نئين لڳايل
ٽيڪس تي ڪو اعتراض نہ ڪيو ۽
بجليءَ جي ٽيڪس ڏيڻ سان گڏوگڏ هي
ٽيڪس بہ ادا ڪرڻ لڳا.

هاڻي سردار کي بجلي جي
ٽيڪس کان علاوه پل تي لڳايل ٽيڪس
تان بہ آمدني ٿيڻ لڳي. هن پنهنجي
گهر ۾ ٽين ماڙ بہ تعمير ڪرائي ۽
پنهنجي تهہ خاني ۾ سون جي سڪن جا
ڍير لڳائي ڇڏيا. پهرين هن وٽ ڪو بہ
ڪم نہ هو. هاڻي هن کي هڪ ڪم
اچي ويو هو. هو هر روز ڪلاڪن جا
ڪلاڪ تهہ خاني ۾ وڃي گذاريندو هو ۽

هن جي فوج پهرو ڏيڻ شروع ڪيو. هاٿي هي تمام گهڻ ماڻهن سان ملندو هو. هن جي ٽيڪس جي وصولي هن جا ماڻهو ڪندا هئا. هاٿي هي پنهنجو گهڻو وقت تهه خاني ۾ سونن سڪن کي ڳڻڻ ۾ صرف ڪندو هو. جيئن جيئن تهه خاني ۾ سونا سڪا وڌڻ لڳا، تيئن

تيئن هن جي لالچ وڌڻ لڳي. هاٿي هن جي من ۾ اهو خيال اڀرڻ لڳو ته هو نه صرف واديءَ جو بلڪ سڄي دنيا جو امير ترين ماڻهو بڻجي وڃي. هاٿي سڄو وقت ان سوچ ۾ گذارڻ لڳو ته ڪيئن به ڪري اهڙي ترڪيب ڪڍي، جنهن سان هن جي آمدني ٻيڻي ٿي وڃي. هن حساب لڳايو ته جيڪڏهن هن جي آمدني ٻيڻي ٿي ويندي ته هي دنيا جو امير ۾ امير ترين ماڻهو بڻجي ويندو.

پر اهڙي ترڪيب ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

واديءَ جي سڄي دولت هن وٽ هئي. واديءَ جو سڄو واپار هن وٽ هو. واديءَ جي سڄي زمين هن وٽ گروي رکيل هئي. ٽيڪس کي وڌائي وڌائي ڪيستائين وڌائيندو؟ ڳوٺاڻن ۾ موجوده ٽيڪسن کي ادا ڪرڻ جي سڪت ئي نه رهي هئي، ته هو وري ڪو نئون ٽيڪس ڪيئن ادا ڪري سگهندا.

ته پوءِ ڇا ٿئي؟

هو ست ڏينهن ۽ ست راتيون پنهنجي تهه خاني ۾ سونن سڪن جي جهنڪار جو آواز ٻڌندو رهيو ۽ پنهنجي دولت کي ٻيڻي ڪرڻ جون ترڪيبون سوچڻ لڳو. جڏهن ست راتيون ختم ٿي ويون ۽ انين ڏينهن جي فجر ٿي ته هي پنهنجي تهه خاني مان ٻاهر نڪتو. ستن ڏينهن تهه خاني ۾ گذارڻ کان پوءِ اوچتوئي اوچتو سج جي روشنيءَ ۾ آيو ته هن جون اکيون چنجهيون ٿي خود به خود بند ٿي ويون. انهي مهل هن کي خيال آيو ته جيڪڏهن ڪهڙي طرح سان رات جي اونداهي ڏينهن جو به طاري ٿي وڃي ته پوءِ ....واديءَ جي ماڻهن کي ته هيءُ ڏينهن جو به ٻجلي وٺڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو. اهو خيال ايندي ئي هو پنهنجي رانن تي هٿ هڻي واهه واهه ڪرڻ لڳو ۽ انهيءَ وقت پنهنجي سپاهين کي گهرايو ۽ انهن کي پنهنجي ترڪيب ٻڌائي.

هن جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ هن جي قابل اعتماد سپاهين به هٿ ڪٽي پنهنجن پنهنجن ڪنن تي رکيا ۽ توبهه، توبهه ڪندي ان ترڪيب تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پر سردار فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته ڪيئن به ڪري ۽ ڪهڙي به حالت ۾ هو پنهنجي دولت کي ٻيڻو ضرور ڪندو. هن ڪنهن جي به هڪ نه ٻڌي. جن سپاهين هن جي ڳالهه کان انڪار ڪيو هو، تن کي هن گولين سان اڏائي ڇڏيو. آخر وڏي مشڪل سان هڪ سپاهي جنهن جو نالو

"هيرا" هو اهو وڏي مشڪل سان سردار جي ترڪيب تي عمل ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. سردار هن کي انعام ۾ ڪافي سونا سڪا ڏنا ۽ هن جو پويون قرضو معاف ڪري ڇڏيو. هن جو زمينون جيڪي وٽس گروي پيل هيون، اهي ڪيس واپس ڪيون ۽ هن کان واعدو ورتو ته هو سردار جي ٻڌايل ترڪيب تي ضرور عمل ڪندو ۽ سڀاڻي صبح جو ئي ان کي سر انجام ڏيندو.

پر ٻي صبح نه آئي. ٻئي ڏينهن ماڻهو ڪافي دير تائين ستا رهيا، پر صبح نه ٿي. نيٺ اکيون کولي پنهنجن پنهنجن بسترن تي ليٽي صبح جو انتظار ڪرڻ لڳا، پر لڳو ائين پئي ته ڄڻ هيءَ رات سدائين پئي هلندي ۽ ڪو صبح نه ٿيندو. ماڻهن پنهنجي گهرن جون دريون ۽ دَرَ کوليا ۽ آسمان ڏانهن منهن ڪري اوپر طرف کان جبل جي ٽڪرين ڏانهن ڏسڻ لڳا، جتان هر روز سج نڪرندو هو.

پر اڄ صبح نه آيو ۽ نه وري سج ٻاهر نڪتو. ڪافي دير تائين ماڻهو صبح جو انتظار ڪندا رهيا. آسمان ۽ زمين تي ٽپ اونداهي جي حڪمراني هئي.

پوءِ واديءَ جي ماڻهن اوپر جي پهاڙن جي پويان هڪ هلڪي روشني ڏٺي. ايتري قدر گهٽ روشني جو لڳو پئي ته اونداهيءَ ۾ ڪو ڪبيتو چمڪندو هجي. ان کان پوءِ ماڻهن جيڪو منظر ڏٺو ته انهن منجهان ڪئين ته اتي ئي غش ٿي ڪري پيا. ڪئين معصوم ٻار مائرن جي هنجن ۾ خوف کان لڪي ويا. عورتون پنهنجون ڇاتيون پٽي ٻاڪارڻ لڳيون.

واديءَ جي ماڻهن ڏٺو ته اوپر جي جبلن مان جيڪو سج نڪتو هو، ان جو منهن ڪارو هو. جهڙوڪ ڪنهن ان جي منهن تي ڪارنهن ملي ڇڏي هجي. اڄ سج مان اها هميشه واري تيز روشني نه پئي آئي. جيئن ته روشني ڪو نه آئي پئي، ان ڪري گرمي به نه پئي آئي . سج جي چوڌاري ميرڙي ته واڱر ڪا شيءِ ويڙهيل نظر اچي رهي هئي، جنهن ڪري روشني رڪجي وئي هئي. ان ڳالهه ڪري واديءَ جي هر شي ڏنڌلي نظر پئي آئي. ماڻهن کي ائين پئي محسوس ٿيو ته ڄڻ اڃا رات جاري هجي ۽ صبح ڪڏهن به نه ٿيندو. ڪافي ماڻهو ته چريا ٿي واديءَ ۾ گهمڻ لڳا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا ته "... قيامت اچي وئي... قيامت اچي وئي... ڊوڙو.. ڀڄو... قيامت اچي وئي... گناهه بخشرائي وٺو... قيامت اچي وئي."

انهي هل، گوڙ هنگامي ۾ ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون گذري ويون. ٻئي ڏينهن به سج نڪتو پر ڪارو. ٽئين ڏينهن به ماڻهن صبح جو انتظار ڪيو پر صبح نه ٿيو. ٽئين ڏينهن به ماڻهن انتظار ڪيو، پر صبح نه ٿي.

چوٿين ڏينهن ماڻهو سردار وٽ ويا ۽ . هن کان مدد جي التجا ڪئي.
سردر چيو "اهو قهر خدائي آهي، توهان ڪيترا دفعا مون کان منحرف ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي انهيءَ جو نتيجو آهي، هاڻي هن کي ڀوڳيو." . ماڻهو سردار جي اڳيان منٿ ميڙ ڪرڻ لڳا، پيرين پوڻ لڳا، " سردار! رحم ڪر. اسان غريب ماڻهو آهيون، ڪا صورت ڪڍ"
سردر کلي چيو " هڪ ئي صورت آهي، پهرئين رات جو بجلي خرچ ٿيندي هئي، هاڻي توهان کي ڏينهن جو به بجلي استعمال ڪرڻي پوندي ۽ صرف گهرن ۾ ئي نه پر ٻنين تي به جتي توهان فصل پوکيو ٿا، ٺڪرين تي جتي توهان ٻڪريون چارايو ٿا، جهنگن ۾ جتان توهان ڪاٺيون وڍيو ٿا، ماڪي ۽ ڪستوري ڪٺي اچو ٿا. هاڻي توهان کي ڏينهن رات بجلي استعمال ڪرڻي پوندي. ان ڪري مونکي هاڻي وڌيڪ طاقت واري بجليءَ جي مشين هٿڻي پوندي. منهنجو خرچ چوڻو ايندو ۽ ان حساب سان توهان کي ٽيڪس به چوڻو ادا ڪرڻوپوندو."
ماڻهن وٽ سردار جي ڳالهه مڃڻ کان سواءِ ٻي ڪا به راه نه بچي هئي، انهن ڪري مجبورن، چوڻ تي ٽيڪس منظور ڪري ورتو. شروع ۾ ته انهن کي اميد هئي ته ممڪن آهي ته ان ڪاري سج جي جڳهه تي سندن اهو ئي پراڻو چمڪيلو سج نڪري ايندو ۽ هو چوڻ تي ٽيڪس ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا. ماڻهو روز صبح جو اٿي ان خوبصورت سج جي تلاش ۾ آسمان جي طرف ڏسندا هئا، پر هر روز انهن کي مايوسي ٿيندي هئي. هر روز اهو ڪارو سج اوڀر وارن جبلن کان نڪري اولهه طرف وارن جبلن ۾ لهي گم ٿي ويندو هو. جهڙو ڏينهن، اهڙي رات. هاڻي اهائي ماڻهن جي زندگي هئي. هڪ مسلسل ڪاري رات. روشني چا ٿي ٿئي، ڏينهن ڪنهن کي چئبو آهي، اس ڪيئن چمڪي ٿي، گل ڪيئن ٽڙن ٿا، ندي جون لهرون ڪيئن روشني ۾ شطرنج کيڏن ٿيون، اکين ۾ محبت ڪيئن جهلڪندي آهي، ڍنڍ ۾ رنگين ڳچين واريون مڇيون ڪيئن ترندون آهن، اهي سڀئي ڳالهيون هن واديءَ جي ماڻهن وساري ڇڏيون.
اهڙي طرح سان ڏينهن گذري مهينا ٿيا، مهينا گذري سال ٿيا.پر ڪا تبديلي نه آئي. واديءَ تي هڪ خوفناڪ اداسي ڇانيل هئي. هاڻي اتي ڪير به کلندو ڪو نه هو، عورتون گانا ڪو نه ڳائينديون هيون، ٻار کيڏندا ڪو نه هئا. ماڻهو ٻنين ۾ خاموشيءَ سان ڪم ڪندا رهندا هئا. پيداوار ڏينهون ڏينهن گهٽ پئي ٿيندي وئي. گلن مٿان رنگ اچڻ بند ٿي ويو. ميون ۾ اها مناڻ نه رهي. ٻنن جو رنگ بدلجي ڪارو ٿي ويو. ڇانورن جو مزو ڇڻ مٽي ڪائڻ جهڙو ٿي ويو. ٻار انڊا پيدا

ٽيڻ لڳا. چو تہ جڏھن اکين کي روشني نہ ملي تہ پوءِ اکين جي پتلين جي کھڙي ضرورت. جڏھن اکيون کنھن کي ڏسي نہ سگھن تہ پوءِ محبت جي کھڙي ضرورت. جڏھن ماڻھو محبت نہ کري سگھي تہ کنھن جو ھٿ جھلي کلڻ جي کھڙي ضرورت. جڏھن ماڻھو کنھن جو ھٿ جھلي کلي نہ ڏسي تہ انسان چورائڻ جي کھڙي ضرورت. کجھہ ئي ڏينھن ۾ ماڻھو انسانن مان وحشي بنجي ويا. چوري، ڦرلٽ، قتل، اغوا جا ڏوھہ وڌڻ لڳا.

ھڪ طرف ڏوھہ وڌڻ لڳا ھئا، تہ ٻئي طرف وري تھہ خاني ۾ سونن سڪن جا انبار وڌي رھيا ھئا. دولت چارن ئي طرفن کان تھہ خاني ۾ جمع ٿي رھي ھئي ۽ لالچ ۾ انڌو سردار ٻنھي ھٿن سان سونا سڪا کڻيو، انھن کي اناج جي ڍير وانگر تھہ خاني ۾ سجائيندو ويو ۽ انھن جي جھنڪارن جي آواز تي پيو خوش ٿيندو ھو ۽ خوشي کان چريو ٿي وحشياڻي نموني سان پيو وڏا وڏا ٽھڪ ڏيندو ھو. اھڙي طرح سان ڏينھن گذرندا ويا. مھينا گذرندا ويا ۽ سالن جا سال گذري ويا.

پوڙھو "ھيرا" پنھنجي گھر ۾ مري رھيو ھو. ھن کي اچي ڪوڙھہ جي مرض اچي ورايو ھو. مرندي مرندي ھن پنھنجي ستن سالن جي نينگر کي پنھنجو پاڻ وٽ گھرايو ۽ چيو.

"ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي ٻڌائي تہ پنھنجي گھر جي .اوڙي پاسي کو ماڻھو تہ لڪل ناھي".

ست سالن جي ڇوڪري گھر جي چئن ئي طرف چڪر لڳايو ۽ پوءِ اچي ٻڌايو تہ " نہ، ڪير بہ ناھي"

پوڙھي ھيرا چيو "مان مران پيو، مون ھڪ وڏو گناھہ جو ڪم ڪيو آھي."

ھن جو پٽ ھن جون ڳالھيون چپ چاپ ٻڌي رھيو ھيو.

"ھن واديءَ ۾ جيڪا مصيبت نازل ٿي آھي، اھا منھنجي ئي آندل آھي. مان مران پيو. ھاڻي ان مصيبت کي تون ئي ختم ڪري سگھين ٿو."

ھن جو پٽ ھن جون ڳالھيون ٻڌندو رھيو.

پوڙھي ھيرا ڪنگھندي چيو "ٻڌ... ڪن کولي ٻڌ، ھن واديءَ ۾ جيڪو ڪارو سج نڪري ٿو، پھرئين ان جو رنگ ڪارو ڪو نہ ھو."

ٻار چيو "مون تہ ان کي ڄمڻ کان وٺي ڪارو ئي ڏٺو آھي. سج ڪنھن ٻي رنگ جو بہ ٿيندو آھي ڇا؟"

"پھرئين ان جو رنگ ڪارو نہ ھو. مون ان کي ھڪ صبح ...." پوڙھو اھو چئي ڪنگھڻ لڳو.

"صبح ڇا ٿيندي آھي؟" ٻار پڇيو.

پوڙھو ڪنگھي ڪنگھي بيھي رھيو. ھن جي اکين ۾ ڳوڙھا اچي ويا. ھن سوچيو تہ مان ڪھڙو نہ ظالم آھيان، منھنجي پٽ صبح ڪو نہ ڏٺي آھي. رنگين پوپٽ ڪو نہ ڏٺا آھن. سورج مکي جا گل

کو نہ ڏنا اٿس. مان ڪھڙو نہ ظالم آھيان.

"ھي ڪارو سچ جيڪو تون ھر روز ڏسندو آھين نہ. ان جي منھن تي مون ھڪ ڏينھن ڪارنھن ملي ھئي. مونِ سردار جي چوڻ تي صبح جو اوپر طرف ڪان جبلن جي ٽڪرين جي پويان ھن سچ کي ٻنهي ھٿن سان پڪڙي ان جي منھن تي ڪارنھن مکي ڇڏي ھئي. تون منھنجي ھٿ جو ڪوڙھ ڏسين پيو، اھو ان غلطي جو نتيجو آھي. مون چند سون جي سکن جي خاطر واديءَ جي امن و امان، پنھنجي واديءَ جي خوشين ۽ شادمانين کي تباھ ڪري ڇڏيو ۽ ھاڻ منھنجون ٻئي اکيون انڌيون ٿي ويون آھن. نہ تہ مون ھن واديءَ ۾ جيڪا تباھي آندي آھي، ان کي ڏسي ڪري ڪيترائي دفعا مون چاھيو تہ سچ کي صاف سٿرو ڪريان، ان جي منھن تان ڪارنھن لاھيان تہ جيئن اھو وري روشن ٿي وڃي، پر مان انڌو ٿي ويو آھيان. ھاڻي اھو ڪم توکي ڪرڻو پوندو"

ٻار پڇيو،"مون کي اڪيلي سر اھو ڪم ڪرڻو آھي؟"

"ھا، توکي اڪيلي سر اھو ڪم ڪرڻو پوندو. ڏس منھنجي کٽ جي ھيٺان تيل جو دٻو پيو اٿئي، ان کي مون سنڀالي رکيو آھي، سچ تي جيڪا ڪارنھن جي تھ ڄمي ويئي آھي، اھا ان تيل سان صاف ٿيندي. تون سپاٽي ئي اوپر طرف وارن جبلن طرف وڃ."

"صبح ڪنھن وقت ٿيندي آھي". ٻار پڇيو.

"ھاڻي تہ مون کي بہ خبر ڪونھي" ھيرا اداسي مان چيو.

"بھتر تہ اھو آھي تہ تون ھي دٻو کڻي ھلڻ شروع ڪر. رات پر ھلندو رہ. جڏھن تون اوپر طرف جي جبلن طرف پھچي ويندين تہ ان جي چوٽيءَ تي چڙھي سچ جو انتظار ڪجان. جيئن ئي سچ نڪري تہ ٻنهي ھٿن سان ان کي پڪڙي ان کي تيل سان صاف ڪري ڇڏجان. جڏھن ان جو منھن صاف ٿي ويندو تہ پوءِ سڀ ڪجھ صحيح ٿي ويندو. ڏس ھڪ ٽوال بہ ضرور کڻي ويجان. سچ جو منھن سٺي نموني ڏوئجان. ڪٿي داغ نہ رھجي وڃي. سمجھي وئين؟"

"ٺيڪ آھي بابا، مان چڱي ريت سمجھي ويس."

ست سالن جو ٻار پنھنجي مرنڊڙ پيءُ وٽان روانو ٿي ويو. تيل جو دٻو سندس ھٿ ۾ ھئس.

جھنگ ۾ رڇ ھن کان پڇيو تہ "تون ڪٿي پيو وڃين؟" ٻار جواب ڏنو، "مان سچ کي وھنجارڻ پيو وڃان". اھو ٻڌي رڇ بہ ھن سان گڏ ھلڻ لڳو. اڳيان وڌيا تہ ھڪ ھرڻي ان کان پڇيو، " پٽ ڪيڏانھن پيو وڃين؟" ٻار چيو، "سچ کي وھنجارڻ." ھرڻي بہ ھنن سان گڏ ھلڻ لڳي. اڳيان وڌيا تہ طوطو مليس.

طوطي پڇيو "يار! تنهنجي هٿ واري دٻي ۾ مٺائي آهي ڇا؟". يار چيو، "نه هي تيل آهي، اسان سج کي وهنجارڻ پيا وڃون". اهو ٻڌي طوطو به هنن سان گڏ هلڻ لڳو. يار اڳيان وڌيو ته پولڙو کين مليو. پولڙي پڇيو ته "توهان ڪاڏي پيا وڃو. ۽ تنهنجي ڪلهي تي هي ڪپڙو ڇا جي لاءِ پيل آهي، اهو مون کي ڏي؟" يار جواب ڏنس ته "سج کي وهنجارڻ کان پوءِ کيس ڪپڙي سان صاف ڪندس. هن جي منهن تي جيڪا ڪارنهن لڳ آهي، ان کي صاف ڪندس". اهو ٻڌي پولڙو به انهن سان گڏ هلڻ لڳو.

پولڙي ٽوال کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. طوطي پنهنجي چهنب ۾ دٻو پڪڙيو. رڇ پنهنجي پٺيءَ تي يار ڪنيو. رڇ ڏاڍو تيز ڀڄندڙ جانور آهي. پولڙو ۽ هرڻ وڏا وڏا ٽپا ڏيئي ساڻن هلي رهيا هئا ۽ طوطو هوا ۾ اڏامي رهيو هو. ان ڪري اهي چارئي دوست تمام جلدي وڃي اوڀر طرف جي جبلن جي چوٽيءَ تي پهچي ويا ۽ سج جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

يار پنهنجي پوڙهي جي چوڻ مطابق اوڀر طرف جي جبل جي سڀ کان وڏي چوٽيءَ تي چڙهي ويو هو. هو هاڻي سج جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳا. هن سان گڏ هرڻي، رڇ، طوطو ۽ پولڙو چپ چاپ ويٺا هئا.

يار طوطي کي چيو، "تون اڏامي ڏس ته سج اڃا اڀريو يا نه." طوطو اڏاميو ۽ مٿي چڪر هڻي ٿوريءَ دير کان پوءِ چيو، "هوشيار ٿي وڃو، هو اڀري پيو. ڪارو سج."

جيئن ئي ڪارو سج جبل جي وڏي ٽڪريءَ کان نڪتو، يار پنهنجي ٻنهي هٿن سان ان کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو هن جي پڪڙ مان ترڪي مٿي بلند ٿيڻ لڳو. يار جا هٿ ان تائين نه پئي پهچي سگهيا، پر يار جي هٿ جي ننهن جون ڪجهه رهڙون سج کي لڳي ويون، جنهن سان سج جي ڪارنهن ان جڳهه تان ختم ٿي رهي هئي، جتي جتي يار جو هٿ لڳي رهيو هو ۽ اتان سج جي روشني نور جي ڌارائن وانگر زمين ڏانهن وهڻ لڳي.

"سج اندر کان ڪارو ناهي." يار خوشيءَ مان رڙ ڪئي.

هن پنهنجا ٻئي هٿ سج طرف وڌايا. پر سج هن جي هٿ جي پهچ کان مٿي تي ويو هو ۽ وڌي اونچائيءَ تي پهچي چڪو هو. پر يار ۽ ان جي دوستن وڏي عقلمندي جو ڪم ڪيو.

جبل جي چوٽيءَ تي ڀرئين رڇ بيهي رهيو. رڇ جي مٿان هرڻي، هرڻي جي مٿان پولڙو ۽ پولڙي جي مٿان يار. پولڙي سج جي گولائيءَ کي پنهنجي پيچ سان ٻڌي ڇڏيو. طوطي پنهنجي چهنب سان تيل جو دٻو کوليو ۽ يار سج کي تيل مکي ٽوال سان سندس منهن کي صاف ڪرڻ شروع ڪرڻ لڳو. جيئن

ترڪي جي ملڪ مان چونڊيل عجيب ۽ من موهيندڙ ڪهاڻي. جنهن ۾ هڪ لوهار پنهنجي سيني ڪان پيارحي ۾ پياري شيءِ ڪي بچائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ڪي ڪنهن وٽ غلام بنجڻ قبول ڪيو. پر پوءِ سندس انا ۽ خود داريءَ ڪيس آخري فيصلو ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.



# خودداري

عمر سيف الدين ترڪي / گلزار علي ولياڻي

هڪ لوهار جي ڪهاڻي جنهن جا هٿ ئي سندس زندگي هئا

انهيءَ دڪان ۾ رات ڏينهن ڇڻڪون اڏائڻ ۽ ڪم ۾ رڌل رهڻ وارو "وڏو علي" پڇري ۾ بند هڪ تربيت ورتل شينهن وانگر ڏسڻ ۾ ايندو هو. هو ڊگهي قد وارو هڪ پهلوان هو. جنهن جا هٿ وڏا، ٻانهون ٿلهيون ۽ ڪلها ويڪرا هئا. هو ڏهن ورهين کان انهيءَ اونداهيءَ ڪڏيءَ جهڙي دڪان ۾ خام لوهه کي ڪُٽي ڪُٽي اهڙيون سهڻيون تلوارون ۽ خنجر تيار ڪري رهيو هو، جن جي سموري اناطوليه، روميليه ۽ سرحدي علائقن ۾ ڌوم هئي. گاديءَ واري هنڌ استنبول ۾ به سپاهي تلوار، نيزا، خنجر ۽ چاقو خريد ڪندي "وڏي عليءَ" جي ڇاپ جي ڳولا ڪندا هئا.

علي، فولاد تي "ٻنو پاٽي چاڙهڻ" جو ماهر هو. سندس ٺاهيل تلوارون ٿي نه، ننڍا چاقو به ٻن پرتن جا هوندا هئا ۽ هو انهن کي اهڙي ته ڏيان ۽ مهارت سان ٺاهيندو هو جو ڇا مجال جو ڪڏهن ٽٽي پون. "ٻنو پاٽي چاڙهڻ" وارو راز هن کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪين ڄاڻندو هو. هن جو ڪو به مددگار ڪو نه هو. هو ڪنهن سان نه نه وڌيڪ ڳالهائيندو هو ۽ نه ئي دڪان مان ٻاهر نڪرندو هو. فقط پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هو. نه ڪو سندس دوست هو ۽ نه ئي ڪو دشمن. ڪوري جي باه جي ڪم کان سواءِ هو ٻيو ڪو به ڪم ڪو نه ڄاڻندو هو. هو ڪنهن سان به

گهاٽي واڌي ڪين ڪندو هو. گراهڪ جيڪو به ڏيندو هوس، ان کي قبول ڪري وٺندو هو.

هو فقط جنگ جي دوران پنهنجو ڪورو ڪين ٻاريندو هو ۽ پنهنجي دڪان کي تالو ڏيئي ڪٿي غائب ٿي ويندو هو. جنگ جي خاتمي تي هو ٻيهر واپس موٽي ايندو هو. شهر ۾ سندس بابت طرحين جون افواهون مشهور هيون. ڪو ڪيس جلاد جي هٿن مان بچي ويل ڏوهي چوندو هو ۽ ڪو چوندو هو ته "هو هڪ اهڙو دل جو سڙيل آهي جنهن جي محبوبه جوانيءَ ۾ ئي مري ويئي هئي ۽ هاڻ هو ساري دنيا کان رٺو ويٺو آهي!"

هن جي ڪارين ۽ گهرين اکين جي مانار، وقار، خاموشي ۽ هلت چلت مان اندازو ٿيندو هو ته هو ڪو عام ماڻهو ڪونه هو ..... پر هو ڪير هو؟ سندس اباڻو وطن ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ ڪنهن کي به انهن ڳالهين جي خبر ڪا نه هئي، پر پوءِ به ماڻهو ڪيس پسند ڪندا هئا. شهر ۾ اهڙي ماهر تلوار ساز جي موجودگي هر هڪ لاءِ فخر جو باعث هئي.

وڏي عليءَ سخت کان سخت ۽ ٿلهي کان ٿلهي لوهه کي به ڪاغذ وانگيان نرم ڪرڻ جو فن ڪنهن استاد کان نه بلڪ پاڻمرادو سکيو هو. هو اڄان ٻارنهن جو ڇمار جو مس هو جو سندس

والد، جيڪو ڪنهن صوبي جو والي هو،
لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هو يتيم ٿي ويو.
سندس چاچو هڪ با رسوخ وزير ۽ امير
ماڻهو هو. هو هن جي سر پرستيءَ ۾
هليو ويو، جتي سندس تعليم ۽ تربيت
جو بہ انتظام ٿي ويو. شايد هو ڪنهن
وڏي شاهي عملدار جي طور تي پرورش
پائي ها ۽ ڪي اهم زميندارين سنڀالي
ها پر علي جي طبيعت ۾ ڪنهن جو
احسانمند ٿيڻ جي مرڳو ڪا گنجائش ئي
ڪين هئي.

"آئون ڪنهن جو غلام بڻجي نہ
ٿو سگهان" هو اهو چئي پنهنجي چاچي
جي گهر مان الوپ ٿي ويو. هن هڪ
گمنام نوجوان جي طور تي جيلن، ميدانن
۽ وادين ۾ سفر ڪيو. اڻڄاڻ ملڪن ۽
هنڌن جي سير ڪئي ۽ آخرڪار روم جي
ڌرتي ۾ هڪ ضعيف لوهار سان گڏ ڪم
ڪرڻ لڳو. ٽيهن ورهين جي ڄمار تائين
هن اناطوليہ جو هر ماڳ ڏسي ورتو هو.
هن ڪنهن جي بہ آڏو مٿو ڪين
جهڪايو. ڪنهنجو بہ مقروض ڪين ٿيو.
رات ڏينهن هڪ ڪري محنت ۽ مزوري
ڪيائين ۽ پيٽ جو دوزخ پريائين.

هن هڪ تخليق ڪار وانگان
پئسن لاءِ نہ، پر فن جي خدمت ۽ پنهنجي
دلي تسڪين خاطر ڪم ٿي ڪيو.
جنگ جي دوران جڏهن سپاهي عليءَ جي
ڪاريگري ۽ هنرمنديءَ جي واکاڻ ڪندا
هئا تہ هو گهڻو خوش ٿيندو هو. هو
سوچيندو هو تہ جيڪڏهن هو مرڻ گهڙيءَ
تائين انهيءَ ئي چستيءَ سان ڪم ڪندو
رهيو تہ هزارين غازين لاءِ نہ ٽٽندڙ تلوارون
۽ ڍالون ڪاٽي ڇڏيندڙ ۽ زره ٽڪر ٽڪر
ڪري ڇڏڻ وارا نيزا بہ ٺاهي سگهندو.
اهو سوچي سندس ڇپن تي مرڪ اچي
ويندي هئي ۽ دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي
ويندي هئي ۽ پوءِ هو نئين جوش ۽ جذبي
سان لوهہ جي سيل تي هٿوڙا هڻڻ لڳندو
هو.

هو روزانو فجر جي نماز کان پوءِ
بنا ڪنهن ساهيءَ ڪٽڻ جي لڳاتار ڏهہ
ڏهہ ڪلاڪ ڪم ڪندو هو. انهيءَ ڏهاڙي
بہ هو معمول مطابق دڪان تي ويهي
پنهنجي ڪم ۾ رڌل هو. شام جي وقت
مسجد مان مغرب جي اذان جو آواز بلند
ٿيو. ڪيس عصر جي وقت جو ٿيل وضو
هو، جيڪو اڃان تائين ٽٽو ڪو نہ
هئس. تنهن ڪري هن فقط پنهنجا هٿ
ڌوتا، قميص جون ٻانهون هيٺ ڪيون،
ڪپڙي کي ڪلهن تي رکيو ۽ ٻاهر
نڪري ويو. هن دڪان جي درڪي تالو
ڏيڻ ضروري ڪين سمجهندو هو.

شهر جي انهيءَ ننڍڙي مسجد ۾
عام طور تي پاڙي جا غريب ۽ نادار
ماڻهو نماز پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. مسجد جو
منارو هڪ اوچي روشندان وانگيان هو.
مؤذن ان مان پنهنجو مٿو ٻاهر ڪيدي اذان

ڏيندو هو.

علي مسجد ۾ داخل ٿيو تہ ڏٺائين تہ اُتي اڄ معمول کان وڌيڪ رونق هئي. اتي روزانو فقط ٻَه فانوس روشن ڪيا ويندا هئا. پر ان ڏينهن سمورا فانوس روشن هئا. اچا نماز جي لاءِ صفون سڌيون ڪين ڪيون ويون هيون. هو دروازي جي ويجهو ئي اچي ويهي رهيو. هن ويجهو ويٺل نمازين کان ٻڌو تہ قونيہ جي علائقي مان ٻہ فقير آيل آهن، جيڪي نماز کان پوءِ مثنوي مولانا روم ڪي منٺي سر ۾ پڙهندا.

نماز ختم ٿي تہ ڪي ماڻهو اٿي هليا ويا، پر علي پنهنجي جاءِ تان ڪين چريو. هونئن بہ سندس مٿي ۾ هلڪو سور ٿي رهيو هو. هن سوچيو "مثنوي ٻڌندس تہ طبيعت بحال ٿي پوندي!" سچ تہ هي آهي تہ فقيرن جي منن سُرن ۾ مثنويءَ جي جاذبيت ڪيس مدهوش ڪري وڌو هو. عشا جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مسجد مان نڪري هو سڌو دڪان تي ڪين ويو بلڪ هيڏي هوڏي گهمڻ لڳو. هونئن بہ ننڊ سندس اکڙين کان پري هئس. گرميءَ جو خوشگوار موسم ۽ آسمان تارن سان جهنجهيل هو.

هو هلندو رهيو..... ايسيتائين جو شهر کان ٻاهر مال جي واڙي طرف ويندڙ رستي کان ٿيندو هو ڪاٺ واري پل تي اچي پهتو. ريلنگ کان هيٺ ڏٺائين تہ نهر جي پاڻيءَ ۾ تارا هيرن ۽ موتين وانگيان جڳ مڳ ڪري رهيا هئا. ٿورڙو پري بيد جي وڻن تان بلبلن جا آواز اچي رهيا هئا. هو سوچ ۾ گم ٿي ويو ۽ ڪلاڪن تائين اتي ويٺو رهيو. سندس دل ۾ هينئر بہ ٿورو اڳ ٻڌل مثنويءَ جو سرور موجود هو. هو اڃان بہ مدهوشيءَ واري عالم ۾ هو. اوچتو پويان کان ايندڙ آواز ڪيس ڇرڪائي وڌو.

"ڪير آهين؟"

سندس خيالن جو تاڃي پيٽو ٽٽي پيو. هن پويان مڙي ڏٺو. پل جي ٻئي پر بہ ٽي پاڇا حرڪت ڪري رهيا هئا. هن غير ارادي طور تي وراڻيو "هتي ڪو بہ اوپرو ڪونهي!"

"تون ڪير آهين!"

"علي آهيان!"

پاڇا ويجهو اچي ويا. انهن ڪيس سندس پوشاڪ مان ئي سڃاڻي ورتو.

"وڏو علي. هي تہ وڏو علي آهي يار!"

"ڇا تون آهين وڏو علي؟"

"ها! آئون ئي آهيان!"

"هن وقت هتي ڇا پيو ڪرين؟"

"ڪجهہ بہ نہ!"

"ڪجهہ بہ نہ جو ڇا مطلب؟ ڪٿي پاڻيءَ ۾ تنهنجو هٿوڙو تہ ناهي ڪري پيو؟"

اهي ماڻهو عدالت جا ڪامورا هئا ۽ معمول پٽاندر گشت تي هئا. عليءَ جي

سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪين آيو.تہ هو ڇا چوي؟ اهي ماڻهو رات جو آفيم ڪائي خر مستيون ڪندا هئا ۽ ان لحاظ کان چورن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هئا. پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ بيگاهہ وقت ۾ گهمندو ڦرندو ڏسندا هئا، تہ ان کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندا هئا. پر پوءِ بہ هنن عليءَ سان هٿ چراند ڪين ڪئي.
هنن جي اڳواڻ چيو، "علي استاد! تنهنجو دماغ تہ ناهي خراب ٿيو؟"
"جي نہ!" جواب مليو.
"توکي خبر ڪانهي تہ ميجسٽريٽ صاحب آڌي رات جو تہ ڇا عشا جي نماز کان بہ پوءِ شهر ۾ ماڻهن جي چرپر تي پابندي لڳائي آهي؟"
"مون کي ڄاڻ آهي!" هن وراڻيو
"تہ پوءِ هتي هن بيگاهہ وقت ۾ ڇا پيو ڪرين؟"
"ڪجهہ بہ نہ!"
"لڳي ٿو تنهنجو دماغ خراب ٿي پيو آهي!"
علي خاموش رهيو. هن ساڻن بحث ڪرڻ نہ پئي گهريو. پر سپاهي عليءَ جي نيڪي ۽ شرافت کي چڱيءَ پر ڄاڻندا هئا، ان لاءِ ڪيس ڌڪ هڻڻ جي همت نہ پئي ڪري سگهيا. پر وارننگ ڏيڻ ضروري سمجهيائون، "چڱو چڱو! هاڻ گهر واپس وڃ!"
علي انهيءَ ٿي رستي کان ڊگها ڊگها قدم کڻندو واپس گهر لاءِ وريو. هو اڃا بہ پنهنجي دل ۾ مثنويءَ جو سوز محسوس ڪري رهيو هو. پري مال جي واڙي مان ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز اچي رهيو هو. سڄو شهر ڄڻ خالي هو. هو دڪان وٽ اچي ڇرڪي پيو. ڇمنيءَ جي مٿان وينل ٻڪهہ اجان تائين ستو ڪين هو. دڪان جو دروازو ٿورڙو کليل هو. کيس ياد آيو تہ شام جو نڪرڻ مهل هن دروازو چڱي طرح بند ڪيو هو، پر پوءِ سوچيائين شايد هوا جي جهوٽي سان کلي پيو هوندو. ڪنهن چور جي داخل ٿيڻ جو تہ سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. ڇو تہ اتان کيس ملڻو بہ ڇا هو؟
بهرحال هن دڪان ۾ داخل ٿي دروازو بند ڪري ڇڏيو. پل تي سپاهين جي بي جا مداخلت ڪري سندس موڊ خراب ٿي ويو هو. هونئن تہ شهر ۾ رهڻ بہ هڪ قسم جي قيد هئي پر ڪنهن نندي ڳوٺ ۾ هن جي هنرمنديءَ جو تہ ڪو بہ فاعدو ڪين هو. اوچتو هن تمام گهڻو ٿڪ محسوس ڪيو ۽ ڏيئي ٻارڻ جي تڪليف ڪرڻ بنان ئي هو ڪوري جي ڪاٻي طرف موجود، ڪي قدر اوچي چبوتري جهڙي بستري تي چڙهيو ۽ ٿورڙي دير ۾ ئي ننڊ جي هنج ۾ هليو ويو.
هو اوچتو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. دروازي کي کڙڪايو پئي ويو. هن نيم خوابي حالت ۾ پڇيو "ڪير آهين؟ ڇا آهي؟"

"کول... جلدي در کول!" آواز آيو.
صبح ٿي چڪو هو. بند دروازي جي دزن مان روشني جا ليڪا ليٽا پائي رهيا هئا. هو ڪڏهن به پهرين ايتري دير تائين ڪين ستو هو ۽ سج نڪرڻ کان اڳ ئي اٿي ويندو هو. هو جُتي پائڻ بنان در ڏي وڌيو. در کلندي ئي وڏين وڏين مڇن ۽ ڳاڙهي ٽوپيءَ وارو ٿاڻيدار ڪيس نظر آيو. سندس پويان ڪي ٻيا سپاهي به موجود هئا. علي ڪين سواليه نظرن سان ڏٺو. ٿاڻيدار حڪم ڏيڻ واري انداز ۾ چيو "علي! اسين تنهنجي دڪان جي تلاشي وٺڻ ٿا گهرون!"
عليءَ اچرج مان پڇيو "ڇو؟"
"ڪالهه رات "بوداق بي" جي مال جي واڙي ۾ چوري ٿي آهي!"
"ته ان سان منهنجو ڇا؟"
"انهيءَ بنياد تي ته تلاشي وٺي آهي!"
"پر انهيءَ چوريءَ سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟"
"چورن هڪ ٻڪر چورائي، ذبح ڪري وٽ وڃي کڻي ڇڏيو ۽ انجي کل لاهي ان کي ٻن ٻاڳن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ ٻاڳي ۾ چوراڻل سڪا پرپائون ۽ ٻئي کي اتي ئي ڇڏي ڏنائون!"
اهو چئي ٿاڻيدار دريءَ ڏي نظرون گهمايون. عليءَ به روشنيءَ جي تيزيءَ وگهي اکيون چنڀيندي اوڏانهن ڏٺو. اتي سج پيچ دستاني جي برابر جيئري رت جو هڪ داٻو موجود هو. هو خيالن ۾ گم انهيءَ ڳاڙهي داٻي کي ڏسي رهيو هو جو ٿاڻيدار چوڻ لڳو "ها! توکي اڄ رات جو پل تي ڏٺو ويو هو. تون اتي ڇا ڪري رهيو هوئين؟"
علي ڪو به جواب ڪين ڏيئي سگهيو. هو زمين کي تڪيندو رهيو. آخر چوڻ لڳو، "چڱو! تلاشي وٺي ڇڏيو!"
اهو چئي هو پويان هٽي ويو. ٿاڻيدار سان گڏ سپاهي به اندر داخل ٿي ويا. ٿوري دير کان پوءِ انهن مان هڪ ڇٽي آواز ڏنو "هان! هي آهي! هتي!"
عليءَ غير ارادي طور تي اوڏانهن ڏٺو، جتي ٿاڻيدار ڏسي رهيو هو. هن هڪ اڌڙيل تازي کل ڏٺي ته بلڪل پٿر ٿي ويو. ان کي کوليو ويو ته ان جو اندريون ٻاڳو اجان آلو هو. سپاهي ڪڏهن ٿاڻيدار کي ته ڪڏهن علي کي پٺي ڏٺو. ٿاڻيدار ڪڙڪيدار آواز ۾ عليءَ کان پڇيو "چوراڻل سونا سڪا ڪٿي لڪايا اٿيئي؟"
"مون ڪو به سڪو چوري ناهي ڪيو!"
"ڪوڙ نه ڳالهاءِ. ڏس! ٻڪر جي کل تنهنجي ئي دڪان مان نڪتي آهي!"
"انهيءَ کي ڪنهن منهنجي دڪان ۾ رکي ڇڏيو هوندو!"
"تو وٽ انجو ڪهڙو ثبوت آهي؟"
علي ڪهڙو جواب ڏيئي ها! هو منجهي پيو. حراست ۾ وٺڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس

جج جي آڏو آندو ويو ته هو ان جو ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيو ته هو رات جو پل تي ڇا ڪري رهيو هو؟ ڌاڙيدار ۽ ٻين ڪامورن جيڪي دليل ڪُنا ڪيا، اهي هڙيئي سندس خلاف هئا. "بوداق بي" پنج سو روپيه وڪٽي جيڪا زقم ڪمائي هئي، اها سندس واڙي مان چوري ٿي ويئي هئي. ٻن ٽلهن متارن چورن واڙي ۾ سٽل ڏنار کي ٻڌي ڪيس گهٽو ماريو پڻ هو ۽ سندس هڪ ٻانهن به ڀڃي وڌي هئي.

ٻئي ڏهاڙي ڏنار جج جي آڏو بيان ڏيندي ٻڌايو ته چورن مان هڪ جو حليو وڏي عليءَ سان ٺهڪندڙ هو. وڏي عليءَ جي پنهنجي دڪان تان دير تائين غير حاضري، ٻکر جي ڪل ۽ سکن جي خالي ٿيلهيءَ جو دڪان جي اندر پاتو وڃڻ، اهي هڙيئي ثبوت وڏي عليءَ کي ڏوهي ٺهرائڻ لاءِ ڪافي هئا. هن انڪار ڪيو پر بي سود.. سندس ڪابه هٿ وڍڻ جو فيصلو ڪيس ٻڌايو ويو.

وڏي عليءَ اهو فيصلو ٻڌو ته ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو وڏو صدمو رسيو. پريشانيءَ جي عالم ۾ هن پنهنجي هيٺين چپ کي ڏندن سان ڪاٽي وڌو. جج جي فيصلي آڏو سرجهڪائڻ کان سواءِ وٽس ٻيو ڪو به چارو ڪين هو. هو ڪنبندو پنهنجي پيرن تي اٿي بيٺو ۽ جج صاحب کي مخاطب ٿيندي پنهنجي دل جي خواهش بيان ڪري وڌائين، "منهنجو سر وڍي ڇڏيو پر منهنجو هٿ نه ڪاٽيو!" هن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن کي ڪا درخواست ڪئي هئي.

پر پوڙهو جج به پنهنجي قول جو پڪو هو، هن چيو، " نه پٽ! تو ڪنهن جو به قتل ناهي ڪيو. جيڪڏهن تون ڏنار کي قتل ڪري وجهين ها ته سچ پچ تنهنجو سر قلم ڪيو وڃيِ ها. پر سزا ڏوهه مطابق ڏني ويندي آهي. تو جيئن ته چوري ڪئي آهي ان لاءِ تنهنجو هٿ ئي وڍيو ويندو. انصاف جو اهوئي تقاضو آهي!"

وڏي عليءَ جو هٿ سندس سر کان به وڌيڪ قيمتي هو. هو پنهنجي هٿن سان ئي فولادي هٿيارن تي ٻٽو پاڻي چاڙهيندو هو. هو سرحدن تي وڙهڻ وارن سپاهين لاءِ شاخون وڍڻ، زره ٺوڙڻ ۽ دشمن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏڻ واريون تيز ڌار واريون تلوارون پنهنجي ٻنهي هٿن سان ئي ته ٺاهيندو هو.

قاضيءَ جي حڪم سان ڪيس جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ وڌو ويو. هو خاموشيءَ سان اچڻ واري خراب وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن وڏي عليءَ کي خيال آيو پئي ته هو هڪ هٿ جي وڍجي وڃڻ کان پوءِ هٿوڙو ڪين هلائي سگهندو ته ڪيس ائين پئي محسوس ٿيو ته ڄڻ هن

جو ڪو ويجهو مائٽ گذاري ويو هجي ۽ هو ان جو ماتم ڪري رهيو هجي. وٽس ايتري رقم به ڪين هئي جو هو پنهنجي هٿ جي خون بها ادا ڪري سگهي. جو جو هن هيسيتائين ڪڏهن به رقم لاءِ مزوري ڪا نه ڪئي هئي.

شهر جي هڙني ماڻهن کي غم هو ته وڏي علي جهڙي مجيل ڪاريگر جو هٿ وڍي ڇڏيو ويندو. سنگدل کان سنگدل ماڻهوءَ کي به اهو گواره ڪين هو ته اهڙو سهڻو، طاقتور ۽ شريف النفس شخص سڄي ڄمار لولو رهي. سيني کي مٿس رحم اچڻ لڳو. آخر ڪار سپاهين وڏي عليءَ کي بچائڻ جو پهه ڪيو. هنن انهيءَ فنڪار جي فن جي حفاظت ڪرڻ خاطر هڪ تحريڪ جو آغاز ڪري ڇڏيو. جيڪو سندن لاءِ بي مثال هٿيار تيار ڪندو هو. اهي گڏجي شهر جي هڪ امير شخص حاجي يوسف وٽ ويا. هي شخص قارون وانگيان مالدار هئڻ جي باوجود تمام ڪنجوس ۽ خسيس هو. هو بي حساب مال ۽ دولت رکڻ جي باوجود شهر جي بازار ۾ ڪاسائيءَ جو دڪان هلائيندو هو. ڪيس هڪ تجويز ٻڌائي ويئي ته هو سوچ ۾ ٻڏي ويو. ناز ۽ نخرا ڪيائين، منهن موڙيائين ۽ مٿي کي نخوست سان ڦيرايائين پر ڪيس اهو به اندازو هو ته سپاهين سان گڏ لاڳاپا خوشگوار رکڻ تمام ضروري هئا، تنهن ڪري چيائين:

"ڇگو، اوهين چئو ٿا ته مان مڃي ٿو وٺان! آئون سندس پانهن جو خون بها ادا ڪري ڇڏيندس پر منهنجي هڪ شرط آهي!"

هنن پڇيو "ڪهڙي شرط؟"

"وڃي ڪيس چئو ته مرڻ گهڙيءَ تائين ڪيس منهنجي خدمت ڪرڻي پوندي. هو منهنجو غلام سمجهيو ويندو!"

"ٺيڪ آهي. ٺيڪ آهي!" اهو چئي سپاهي هڪدم ٿاڻيدار جي حجري ۾ پهتا ۽ عليءَ کي ڪاسائيءَ جي شرط ٻڌايائون.

وڏي علي چيو "مون کي گوشت وڍڻ نه ٿو اچي، ان جي ڪري مان حاجيءَ جي ڪنهن به ڪم اچي نه سگهندس". اصل ۾ هن ڪنهن به قسم جو سودو ڪرڻ نه ٿي ڪرڻ چاهيو.

سپاهين ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي "ڏس ڀاءُ! تون ته ڪو درويش ماڻهو آهين! ڪاسائيءَ جو ڏنڊو به ڪو ڏنڊو آهي؟ تو بيشمار لڙائين ۾ حصو ورتو آهي ۽ تلوار هلائي اٿيئي! ڇا هڪ ٻڪل رڍ به ذبح نه ٿو ڪري سگهين؟"

پر وڏي عليءَ جا خيال هنن کان مرڳو مختلف هئا. سندس لاءِ هڪ ماڻهوءَ جي بندگي ڪرڻ ۽ ان جو احسانمند ٿيڻ کان وڏي ڪا به ذلت ٻي ڪا نه هئي. هن ننڍپڻ ۾ پنهنجي وزير چاچي جو به احسانمند ٿيڻ گوارا ڪين ڪيو هو ۽

گهر ٻار ڇڏڻ کي ترجيح ڏني هئي. جنهن کري در در جون ٺوڪرون کاڌيون هئائين ۽ هاڻ وري ڏسو تہ سندس بدقسمتي کيس ڪنهن جو غلام بنائي رهي هئي.
سپاهين کيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو "حاجي بابا جني ڇمار ستر ورهين کان بہ وڏيڪ ٿي چڪي آهي.. هو هاڻ ڪيترو جيئرو رهندو؟ اڄ مئو يا ڪالهہ. هن جي مرڻ کان پوءِ تون وري آزاد ٿي ويندين ۽ اسان لاءِ ٻيهر تلوارون ٺاهيندين! هل... هاڻ وڌيڪ غور ۽ فڪر نہ ڪر!"

حاجي يوسف جنهن ڏهاڙي قاضيءَ کي وڏي عليءَ جي ٻانهن جو خون بها ادا ڪيو، ان ڏينهن کان وٺي هن ويچاري عليءَ کي پنهنجو زرخريد غلام سمجهيو. پنهنجي دڪان تي آٽي هو ڪانئس هر قسم جو ڪم وٺڻ لڳو. سچ تہ هي آهي تہ هو تمام بدتر، بداخلاق، بدزبان ۽ ناقابل برداشت ماڻهو هو. هر وقت ٻڙ ٻڙ ڪندو رهندو هو. هن پنهنجي ڪنجوسيءَ جي باعث هيسيتائين پنهنجو ڪو بہ خدمتگار ڪو نہ رکيو هو ۽ هاڻ جو عليءَ جهڙو محنتي ۽ جفاڪش شخص سندس هٿ آيو تہ هن رڳو وڃي گادي سنڀالي ۽ هر ڪم هن غريب جي حوالي ڪري ڇڏيو. هو هند ۽ وهاڻو رکي دڪان جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهندو هو ۽ عليءَ کي گهاٽي جي ڏڱي وانگر ڪم ۾ هر وقت رڌل رکندو هو.
فجر جي نمازکان بہ ڪلاڪ اڳ ننڊ مان اٿاري کيس شهر کان ٻاهر قائم مال جي واڙي مان رڍون گهرائڻ لاءِ موڪليندو هو. انهن کي ذبح ڪرڻ، کلون لاهڻ، ٽڪر ڪرڻ ۽ سڄو ڏينهن دڪان تي وڪاري گوشت وڪڻڻ جو بہ ڪم بہ هن جي ذمي هو. مغرب جي نماز تائين سندس حڪمن جو سلسلو جاري رهندو هو. کائڻ لاءِ فقط ٻاٽي گڏيل دال ڏيندو هوس، ڪن وقتن تي پنهنجو بچايل کاڌو کيس ايئن ڦٽو ڪري ڏيندو هوس، جو ڄڻ هو انسان نہ پر ڪو ڪتو هجي. رات جو دڪان کي چڱيءَ طرح ڌوئارائيندو هوس. سمهڻ جي وقت تائين هو کيس لڳيتو ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل رکندو هو. کانئس ٻارڻ لاءِ جهنگ مان ڪاٺيون گهرائيندو هو ۽ پاڻي ڀرائيندو هو. مطلب تہ هر ڪو ڪم کانئس ئي ڪرائيندو هو. اوستائين جو گهر جي باغيچي ۾ موجود گندي کڏ کي بہ هن کان ئي صاف ڪرائيندو هو.
وڏو علي فقط ٻاٽي ۽ دال کائي ايترين تڪليفون ڪيترن ئي ڏهاڙي تائين برداشت ڪندو رهيو. هو ڪئين ورهين تائين اهي اذيتون برداشت ڪرڻ جي همت رکندو هو، پر کيس ان ڳالهہ جو گهڻو احساس هو تہ حاجي هر وقت کيس طعنا ڏيندو رهندو هو "اڙي علي! مون تنهنجي

پانهن جو خون بها ڏنو آهي، نه ته هن ويل تائين تون اپاهج هجين ها!"

اهي لفظ سنڌس دل ۾ تير وانگر کپي پوندا هئا. ڪي ڏهاڙا هن تمام مشڪل سان اهو ضبط ڪيو. صبح ۽ شام ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي آقا جا احڪام بنا ڪنهن چون ۽ چران جي بجا آڻيندو رهندو هو. پر حاجي يوسف هڪ ئي جملو دهرائيندو رهندو هو. "تنهنجي پانهن جو خون بها مون ڏنو آهي ته نه ته جيڪر لولو ٿي پوين ها!" يا "شڪر ڪر منهنجي ڪري تنهنجا هٿ صحيح سلامت آهن."

وڏي عليءَ کي پنهنجي محنت ۽ فرمانبرداريءَ جو انعام انهن لفظن جي صورت ۾ ملندو هو. حاجي پنهنجي هر حڪم جي پوئواري ڪرائڻ کان پوءِ پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائيندو هو، ڦڻڪار جهڙي چهري کي عليءَ ڏي موڙيندي پنهنجو منهن پيو ٺاهيندو هو. پنهنجي اندر ڪپي ويل اکين کي سُسائي وڏي عليءَ تي مٿي کان پيرن تائين بيزاريءَ واري نوع ۾ نظر وجهندو هوس ۽ کيس پنهنجو احسان انهيءَ انداز ۾ ياد ڏياريندو هوس، ڄڻ چئي رهيو هجي "اهو نه وسار ته تون منهنجو غلام آهين!"

علي خاموش رهندو هو پر کيس محسوس ٿيندو هو ته سنڌس دل ٽڪر ٽڪر ۽ ڇاتيءَ ۾ باهه لڳي رهي هئي. سنڌس پڪوڙيل چپ ڪلڻ لاءِ بي چين رهندا هئا ۽ سنڌس لونڊڙي ڦنڊڻ ۽ سسڻ لڳندي هئي. هاڻ اڪثر راتيون هو جاڳي گذاريندو هو. ڏينهن جو محنت ۽ مزوري ڪندي، رڍن جون کلون لاهيندي ۽ گراهڪن لاءِ گوشت وڍيندي وقت هو سوچڻ لڳندو هو "آئون ڇا ڪريان؟"

هو دنيا ۾ ڪنهن جو احسان کڻڻ بنان، خود داري، قناعت پسندي ۽ عزت ۽ وقار سان حياتي گهارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هو پر سنڌس مٿي تي اها ڪهڙي مصيبت اچي ويئي آهي؟ قرار ٿيڻ سنڌس خودداري، عزت نفس ۽ ذاتي وقار جي خلاف هو. اهڙي حالت ۾ هو سيني جي سامهون سچ پچ چوريءَ جو ڏوهي بڻجي وڃي ها، پر هن منحوس شخص جو اٽلندي ويهندي کيس طعنا ڏيڻ، کيس ناقابل برداشت لڳندا هئا.

عليءَ کي حاجي يوسف جو غلام بڻجندي هڪ هفتو ٿي چڪو هو. جمع جو ڏينهن هو. هو صبح جو سوير مال خاني ڏي ويو ۽ اتان رڍون ڪٺي آيو. رڍن جون کلون لاهيندي هن گوشت جا وڏا وڏا ٽڪر دڪان ۾ لٽڪائي ڇڏيا. پوءِ ڪاري پٿر تي ڇرا ۽ چاقو تيز ڪندي سوچڻ لڳو "آئون ڇا ڪريان؟ ڇا نه ڪريان؟"

ان وچ ۾ سنڌس مالڪ اچي سهڙيو ۽ گڏوگڏ سنڌس منحوس ۽ ٻجڙو آواز به

گونجڻ لڳو، جنهن سان سندس دل مجروح ٿيڻ لڳو "چورا ڇا پيو ڪرين؟" علي ڏانهس مڙي ڏٺو. سندس مالڪ گاديءَ تي ويهي حقو ٻاري رهيو هو.

"چاقو پيو تيز ڪريان!"

"ڪمبخت.. ڪاهل... نڪما... صبح ڪانوٽي اجان ايترو ئي ڪم ڪيو اٿيئي؟"

وڏو علي خاموش رهيو پر پنهنجون نظرون پوڙهي حاجيءَ جي بي رحم نندين اکين تي کپائي ڇڏيون جن جي مٿان گهنج پيل هئا. پوڙهي انهن قهري نظرن کان پريشان ٿي خفگيءَ منجهان کيس چيو "اڙي! ڇا ٿيو آهي توکي؟ مون کي اکيون ٿو ڏيکارين؟"

وڏي عليءَ خاموشيءَ کي ترجيح ڏني. هن انهيءَ بدطنيت شخص کي پنهنجي نظرن سان گهائل ڪرڻ تي گهريو. هن گذريل هڪ هفتي کان ڪو آرام ڪرڻ بنان سانده ڪم ڪيو هو، پر پوءِ به حاجي يوسف کيس ڪاهل ۽ نڪمو چئي رهيو هو. سندس دل پيهر پاش پاش ٿيڻ لڳو. ڇاتيءَ ۾ ٻاهه ڀڙڪي اٿيس. پر وري ڪنهن خيال هيٺ هڪ ئي پل ۾ ڇڻ اندر جي هر شئي پرسڪون ٿي ويس. وڏي عليءَ پنهنجون اکيون ڪوليون. هڪ هفتي تائين هو ڪيئن انهيءَ ذلت کي برداشت ڪري ويو هو. کيس ان ڳالهه تي اچرج ٿي رهيو هو. حاجيءَ پنهنجو حقو هڪ طرف رکيو. پنهنجي خدمتگار جي باغياڻي هلت جي

ختم ٿيڻ ۽ سندس ڪائڻ وارين نظرن مان نجات ملڻ تي سڪون جو ساهه کنيو ۽ چوڻ لڳو "تون شايد پلجي ويو آهين ته تنهن جي هٽ جو خون بها مون ڏنو هو... آئون نه هجان ها ته تون ڪڏهن جو لولو ٿي ويو هوئين!"

وڏي علي وري به ڪو جواب ڪين ڏنو. بس هڪ ڦڪي پر حقارت ڀري مرڪ سندس چپن تي نروار ٿي ويئي. اوچتو هو تيزيءَ سان مڙيو. ساڄي هٿ سان ڪهاڙو پڪڙيائين. ٺونٺ تائين پنهنجي کاٻي ٻانهن قيمي ٺاهڻ واري تختي تي رکيائين ۽ ان تي ساڄي هٿ سان ڪهاڙو ايتري ته قوت سان هٽي ڪڍيائين جو سندس ڪاٻو هٿ ٺونٺ تائين ڪٽجي ويو. پوءِ وڍيل هٿ پڪڙي حاجي يوسف جي آڏو آيو. جيڪو ڦوٽاريل اکين سان لڳ ڪاندارجڻ وارو هي واقعو ڏسي رهيو هو. وڏي عليءَ تيزيءَ سندس ڪٽيل هٿ هن جي آڏو ڦٽو ڪندي چيو، " وٺ ! پنهنجي خون بها ادا ڪيل شيءِ!

پوءِ وڏي عليءَ پنهنجي قميص لاهي وڍيل ٻانهن تي ٻڌي ۽ دڪان کان ٻاهر هليو ويو. جهڙيءَ طرح اڳ ماڻهن کي خبر ڪا نه هئي ته هو ڪٿان آيو هو... اهڙي طرح هينئر به ڪنهن کي به پتو ڪين پيو ته هو ڪيڏانهن هليو ويو؟

***

# بيڪٽيريا جي چوري

مشهور سائنسدان ۽ هڪ تخريبڪار جي ڪشمڪش جي انوکي ڪهاڻي، جنهن ۾ تخريبڪار هن کي چمڪو ڏئي لنڊن کي تباهه ڪرڻ لاءِ موتمار بيڪٽيريا جي مڪسچر جو ٽيوب ته حاصل ڪري ورتو هو پر ٻئي طرف.......... سائنسدان به ڪو ڪائنس گهٽ ڪو نه هو.

ايڇ جي ويلس / نصرالله عباسي

**چالن سان سينگاريل عظيم ليکڪ جي حيرت انگيز ۽ دلچسپ ڪهاڻي**



”هي آهي موتمار بيماري ڪالرا جي مشهور بيڪٽيريا جو مڪسچر.“ بيڪٽيريالوجسٽ (جيوڙن جو ماهر) خوردبينيءَ جي هيٺان شيشي جي سلائيڊ رکندي چيو.

ان شخص پهرين ته خوردبينيءَ جي مٿان نگاه وڌي. هن شايد پهرين ڪڏهن خوردبينيءَ کي اڳ نه ڏٺو هو. هن هڪڙو هٿ پنهنجي هڪ اک

تي رکي ان کي بند ڪندي، پيءُ اک سان خوردبينيءَ جي شيشي منجهان ڏسڻ لڳو ۽ چيو "مون کي تہ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي."

"هن جي هينئين پيچ کي گهماءِ." بيڪٽيريالوجسٽ ڪيس چيو "شايد خوردبينيءَ جو فوڪس صحيح نہ آهي."

"ها. هينئر مون کي چٽو نظر اچي رهيو آهي." مهمان پيچ کي گهمائيندي چيو "بهرحال، هي جيوڙا تہ تمام ننڍا آهن ۽ بلڪل سنهڙين ليڪن وانگر آهن. حيرت آهي تہ اهي پوءِ بہ سڄي شهر کي تباهہ ڪري سگهن ٿا!"

هي اٿي بيٺو ۽ شيشي جي سلائيڊ کي خوردبينيءَ مان ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ دريءَ جي پرسان اچي بيٺو "عام رواجي اک سان تہ هي بلڪل ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن." هن سلائيڊ مٿان رکيل مادي کي غور سان جانچيندي چيو. "ڇا هي زنده آهن؟ ڇا هي هينئر بہ ايڏا تباهہ ڪن آهن؟"

"نہ. هن مهل هي مئل حالت ۾ آهن." بيڪٽيزيالوجسٽ ڪيس چيو "ڪاش! هن دنيا ۾ موجود ڪالرا جي سيني جيوڙن کي ناس ڪري سگهجي."

"منهنجي خيال ۾" ان شخص مرڪندي چيو " توهان وٽ شايد ٿي هي جيوڙا زنده حالت ۾ هوندا؟"

"نہ ائين ڪونهي." بيڪٽيريالوجسٽ اهو چئي ڪمري ۾ موجود هڪ پاسي رکيل ڪيترن ئي ٽيوبن مان هڪڙو ٽيوب کنيو "هي زنده بيڪٽيريا آهن. ائين ڪٺي چئجي تہ بوتل ۾ موتمار بيماري ڪالرا بند آهي."

هڪ پل لاءِ همراهہ جي منهن تي اطمينان جي چمڪ نظر آئي.

"ان شيءِ جي توهان وٽ موجودگي تباهہ ڪن بہ ثابت ٿي سگهي ٿي." ان شخص پنهنجي اکين سان ٽيوب کي چٽائي ڏسندي چيو.

بيڪٽريالوجسٽ کي هن شخص جي ڳالهين مان مزو پئي آيو. هي شخص، جيڪو هڪ واقفڪار جي معرفت اڄ منجهند هن سان ملڻ آيو هو خلاف توقع هن کي ڪجهہ عجيب لڳو.

بيڪٽيريالوجسٽ ڪا ڳالهہ سوچيندي ٽيوب پنهنجي هٿ ۾ جهليو" هن ۾ تمام تباهہ ڪن ۽ مهلڪ بيماري قيد آهي. صرف هن ننڍڙي ٽيوب کي پيئڻ جي پاڻي جي ڪنهن تلاءُ ۾ وجهي ڇڏيو پوءِ ڏس هن جو اثر. هن کي نہ ڪير سنگهي سگهي ٿو ۽ نہ ڪير چکي سگهي ٿو. ايتري قدر جو ڪين ڏسڻ لاءِ بہ هڪ طاقتور خوردبينيءَ جي ضرورت پوي ٿي. هي جيوڙا منٽن ۾ اڳتي وڌي، پکڙجي ويندا. هي ننڍڙا جيوڙا جيڪو موت آڻيندا، سو انساني سوچ کان مٿي آهي. هڪ تيز ۽ خطرناڪ موت، جنهن ۾ پيڙا ۽ ذلت هوندي. اهو موت سڄي

شهر ۾ پکڙجي ويندو ۽ مڙس کي زال کان ۽ ٻار کي ماءُ کان کسي وٺندو. سڄي شهر ۾ چڻ ڪوراڪاس گهمي ويندو. هر طرف لاش هوندا. چو ته هن جيوڙن جي آندل موت کي ڪير به روڪي نه ٿو سگهي. پر هتي هن ليبارٽريءَ ۾ اهڙي ڪرت جو ڪو امڪان نه آهي " بيڪٽرياالاجسٽ اهو ٻڌائي خاموش ٿي ويو.

مهمان ڪنڌ کي هاڪار ۾ ڌوڻيو. هن جون اکيون چمڪيون، ۽ پنهنجي نڙي صاف ڪندي چيو "هي انارڪسٽ(تخريبڪار)، بلڪل بيوقوف آهي. اهي چريا، پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خوامخواه بم ٿا استعمال ڪن، جڏهن ته ههڙيون شيون موجود آهن. منهنجي خيال ۾..............."

ڪمري جي دروازي تي آڱرين سان کڙڪائڻ جو هلڪو آواز ٿيو. بيڪٽيريالوجسٽ وڏي وجي در کوليو. اتي سندس زال "مني" بيٺي هئس.

"هڪڙو منٽ، جان." هن پنهنجي زال کي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو.

جڏهن هي واپس ڪمري ۾ داخل ٿيو ته مهمان پنهنجي گهڙيءَ ۾ ڏسي رهيو هو. ان چيو "مونکي خبر ئي ڪو نه پئي ته ڪو مون توهان جو هڪ ڪلاڪ ضايع ڪري ڇڏيو آهي. چئن ۾ ٻارهن منٽ آهن. جڏهن ته مونکي ساڍي ٽين وڳي نڪري وڃڻ گهرجي ها. پر توهان جون ڳالهيون تمام دلچسپ هيون. خير! مان توهان جو وڌيڪ وقت ضايع ڪو نه ڪندس ۽ ٻيو ته مونکي چئين وڳي ڪنهن سان ملڻو به آهي."

. مهمان ٿورا مڃيندي ٻاهر وڃڻ لڳو. بيڪٽيريالوجسٽ دروازي تائين هن کي ڇڏي واپس پنهنجي ليبارٽري ۾ آيو. هيءُ مهمان جي عجيب طبيعت بابت سوچي رهيو هو.

"ٽيوب ۾ ڪيڏي نه خطرناڪ شيءِ آهي." بيڪٽريالوجسٽ پاڻ سان ڳالهايو. "۽ هو ڪيڏي نه چاهه منجهان ان کي تڪي رهيو هو."

اوچتو هن کي هڪ خيال آيو. هي تيزيءَ سان ميز ڏي مڙيو ۽ وري پنهنجا کيسا جانچڻ لڳو وري دروازي ڏانهن ڊوڙيو ۽ سوچيائين، شايد مون اهو ٽيوب هال واري ميز تي رکيو هجي.

"مني،" هن هال ۾ رڙ ڪندي چيو.

"جيءُ" پري کان آواز آيو.

"ڇا منهنجي هٿ ۾ ڪا شيءِ هئي، جڏهن مون توسان پئي ڳالهايو ڪجهه گهڙي پل اڳ؟"

"بلڪل نه مونکي ياد آهي ته............"

"نيري تباهي" بيڪٽيريالوجسٽ رڙ ڪندي چيو.

هن ڇرين وانگر ٻاهرين

ڪوچريو سوار آهي. ڪٿي اهو ٽانگي مان ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش تہ نہ پيو ڪري؟ ائين پيو لڳي جڻ هي هيريءَ جي ٽانگي جي ڪڍ لڳل آهي."

ماڻهن هُوڪرا هڻڻ شروع ڪيا. "تيز...... جارج..... تيز...... تون هيريءَ کي پڪڙي وٺندين."

ان وقت مِنيءَ وارو ٽانگو بہ اتان گذرڻ لڳو. ماڻهن چيو. "تيون ٽانگو؟ ائين پيو لڳي جڻ اڄ هتي ٽانگن جي ڊوڙ آهي. لڳي ٿو تہ اها مائي ان همراهہ جي ڪڍ آهي. اڄ تہ حساب ٿي الٽو آهي. هون ماڻهو عورتن جي پويان لڳندا آهن، پر اڄ هڪ عورت......" ٽوٽلز چيو.

"ڪيس هٿ ۾ ڪجهہ آهي؟"

"ڪا ٽوپي ٿي لڳي."

مني کي ماڻهن جون ٽوڪون ڪرڻ ڪو نہ وڻيون، پر هو پنهنجو فرض نڀائي رهي هئي.

سيني کان اڳيان واري بگيءَ يعني هيريءَ واري ٽانگي ۾ موجود همراهہ جي هٿ ۾ هڪ ٽيوب مضبوطيءَ سان جهليل هو. جنهن ۾ تمام گهٽي تباه ڪاريءَ جو مواد بند ٿيل هو. ان همراه جي منهن ۾ ڊپ ۽ ڪاميابيءَ جي خوشيءَ جا گڏيل تاثر پئي نظر آيا. هي ان ڳالهہ کان ڊنو پئي تہ پنهنجي مقصد جي پورائي کان پهرين پڪڙجي نہ پئي. ڪيس هڪ ڪڏي ڏوهہ جو اڻ چتو خوف پڻ هو پر هن جي دل ۾ ڪاميابيءَ جي خوشي هن جي ڊپ کان وڌيڪ هئي. هن کان اڳ، ڪنهن بہ انارڪسٽ، (تخريبڪار) کي هن جهڙو انوکو خيال ذهن ۾ نہ آيو هو. وڏا وڏا تخريبڪار هن کي پنهنجي اڳيان چامڙا لڳڻ لڳا. هن کي هاڻي صرف اهو ڪرڻو هو تہ پاڻيءَ جي سپلاءِ لائين تائين پهچي ٽيوب کي ٽوڙي ان جي اندر وجهي. ڪيڏو تہ شاندار منصوبو هن جوڙيو هو. بيڪٽرياالاجسٽ جي هڪ دوست طرفان جعلي خط لکي هي بيڪٽرياالاجسٽ جي ليبارٽريءَ ۾ داخل ٿيو ۽ هن تباهيءَ جي هٿيار کي حاصل ڪيو. سيئي ماڻهو هن کي طعنا ڏيندا هئا، ڪيس ڪا اهميت نہ ڏيندا هئا ۽ ايتري قدر جو هن جي موجودگيءَ کي بہ ناپسند ڪندا هئا. هاڻي انهن کي خبر پوندي تہ هو ڇا هو ۽ هاڻ ڪيس اها اهميت ڏني ويندي جنهن جو هي حقدار هو. ڪيس هميشہ هڪ عام ماڻهو سمجهيو ويو هو. هاڻي هي انهن کي ڀڄائيندو تہ ڪنهن کي گهٽ ڪرڻ جو نتيجو ڇا ٿيندو آهي.

هيريءَ جو ٽانگو "گريٽ سينٽ اينڊريو اسٽريٽ" پهچي چڪو هو. هن ٽانگي منجهان ليئو پائي بيڪٽيرياالوجسٽ کي ڏٺو. جنهن جي بگي ڪائنس اندازاً پنجاهہ گزن جي فاصلي تي پئيان هئي. هن پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ ڪجهہ پئسا ڪڍي ٽانگي واري کي ڏنا ۽ چيو. "تيز هل.

# امان تون مري ويڃ!

بيڪريلڊز / امر اياز

ترڪي ادب مان چونڊيل فني شاه پارو. جيڪو دنيا جي سرحدن کان بالاتر آهي. انسان ڪيڏو نه ڪمزور آهي. اهو توهان هن لاجواب ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا. هن ڪهاڻيءَ ۾ توهان پنهنجو پاڻ کي به آئيني منجهه ڏسي سگهو ٿا، جيڪڏهن همت اٿوَ ته!

**هڪ پٽ جي دل جي دانهن، جيڪو پيار وچان پنهنجي ماءُ کي مرڻ لاءِ چئي رهيو هو**



رات چڱي گذري وئي هئي، پر هو اجان تائين جاڳي رهيو هيو. ڪمري ۾ اوندهه هئي، پر هو اڪيون پٽيون پنهنجي ماءُ بابت سوچي رهيو هو. ننڊ ۾ ٻارن جو وڦلڻ ۽ زال جي روح مان اٿندڙ ڪني هوا

۾ ساهه کڻڻ سان هن جي ننڊ بيزار ٿي چڪي هئي، هن جي مغز ۾ ٻه عورتون ڦريون پئي. ٻئي پاڻ ۾ اڪيون اکين ۾ وجهيو. ٻنهين جي هٿن ۾ هڪجهڙي مٿان تاٽيل خنجر. انهن مان هڪ هن جي ماءُ

هئي. ۽ ٻي زال، اهي هڪٻئي کي ختم ڪرڻ جو پڪ ڪيون ويٺيون هيون. هو ياڻ انهن ٻنهي جي جهيڙي يعني عشق ۽ شفقت جي جنگ جو بنيادي سبب هو. انهي ڪري انهن نه ٿي چاهيو ته جنهن شئي جي ڪري پاڻ ۾ وڙهي رهيون آهن، ان کي ڪنهن ٺڪاڻي ڪيون. ٻنهين مان ۾ هڪ جي اهائي خواهش هئي ته هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيان. ٻنهين جي جنگي طاقت جو سرچشمو انهن جي اولاد هئي.

هو ڌيرج سان هنڌ مان اٿيو. محتاط هو ته ڪٿي زال جي اک نه کلي وڃي. پنهنجي بيڊ روم مان نڪري ماءُ جي ڪمري ۾ داخل ٿيو. ان ڪمري ۾ جتي ڏيئنهن جي روشني ۾، زال جي اجاڳ هوندي داخل ٿيڻ سان لنوائيندو هو. ماڻس نماز پڙهي تسبيح جا داڻا سوريندي، پنهنجي خيالي جنت جو رستو پار ڪندي سمهي چڪي هئي.

هو ماءُ جي مٿي کان ٿي ويٺو. ڪمري ۾ ڪرنڊڙ چانڊوڪيءَ ۾ هن پنهنجي ماءُ کي ڏٺو. اهو مک ملڪ جي آزادي جي جنگ جو يادگارهو. تڏهن هوءَ ڪيتري حسين هوندي. هونءَ به پٽ جي ذهن ۾ هميشه پنهنجي ماءُ جو ڪراڙپ ئي نقش هوندو آهي. ڪيترا ماڻهو آهن جن کي پنهنجي ماءُ جي جواني جو مک ياد هوندو؟ ڪيرآهي جيڪو ٻالڪپڻي ۾ پنهنجي ماءُ جو منهن هزار پيرا ڏسڻ کانپوءِ به جوان ٿي هن جي جوان مک جو تصور ڪري سگهي.

ڪڏهن هن جي ماءُ جا وار ڪارا ۽ گهنڊيدار هوندا هئا. اڄ اهي ئي وار اڇي، جيان اڇا آهن. ان جا وڪڙ به هاڻي ختم ٿي چڪا هئا. هن جي جوان ڳاڙهن ڳلن ۾ هاڻي ڪيئي واٽون ڪوٽيل نظر ايندڙيون آهن. هن جي اکين جا ڇپر جيڪي هر وقت سرمي سان ڪارا رهندا هئا. هاڻي اڇا ۽ گهاٽا ٿي ويا هئا. چمڪ ۾ سج جو مقابلو ڪرڻ واريون اکيون هاڻي ميڻ بتي جي شعلي سان به بند ٿي ويندڙيون آهن. انهن کي اکين سان ڪڏهن سنهي کان سنهي سئيءَ ۾ به ڌاڳو وجهي ڇڏيندي هئي، پر هاڻي ٿلهي سئيءَ ۾ به ڌاڳو وجهڻ کان گهبرائيندي آهي. جواني جي ڪپهه جهڙن نرم ۽ نازڪ هٿن جي پٺ ۾ هاڻي رڳون ئي رڳون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. اهي هٿ ڇهن ٻارن کي پالي جوان ڪري چڪا هئا. اهي ڇهه ئي ٻار ان عورت جي هر خوبصورت شيءَ اڏائي ڪٽي ويا هئا. پويان هڪ هڏين جو ڍير، ڪجهه ڍلو گوشت ۽ باقي رڳون ڇڏي ويا هئا. ۽ هاڻي به سال اڳ اها ماءُ جواني جي مٺين مٺين يادن کي پنهنجي روح کان ڪسي پنهنجي مڙس سان گڏ ڌرتي ۾ دفن ڪري چڪي هئي.

پٽ ڪمبل ۾ ويڙهيل ماءُ ڏانهن ڏٺو. جيڪا ڪنهن ٻار جيان ننڊڙي نظر اچي رهي هئي. هن جي جوان زال جيڪا پرواري ڪمري ۾ رات جو وڳو پاتيون

سمجهي ويندين. اهي هئا لفظ جن کي ذهن نشين ڪري تون ڪنوار جي سيج ۾ داخل ٿي هئين. شادي ٿيڻ کان اڳ تون ڪڏهن به پنهنجي پيءُ جو نالو نه ٻڌو. شادي ڪانپوءِ سس نڻاڻن جا ظلم سهي سهي تنهنجو قد جيترو هو اوترو ئي رهجي ويو. هاڻي ڪجهه منهنجي شادي جي داستان به ٻڌي ڇڏ. جيڪو مان شرم جي ڪري اڄ ڏينهن تائين توکان لڪائيندو آيو آهيان. هڪ ڏينهن مان سمنڊ ۾ تڙ ڪرڻ ويس. پنهنجي زال کي مون پهريون ڀيرو اتي ڏٺو. هوءَ مون ڏانهن ڏسي کلي. منهنجون نظرون هن جي سهڻي جسم تي ڄمي ويون. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مون هن کي پيهر اتي ڏٺو ۽ پل پر ۾ هن پنهنجو سڀ ڪجهه منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو. ان جي پيٽ ۾ تون شادي جي گهڻي وقت گذرڻ ڪانپوءِ به بابا وٽ وڃڻ کان لنوائيندي هئين.... ڏنئي امان جيڪا شيءِ جيتري جلدي هٿ اچي وڃي، ان جي حصول جون خوشيون اوتري ئي تيزيءَ سان هوا ٿي ونديون آهن.۽.."

هن کي گڏ واري ڪمري ۾ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ٿي سگهي ٿو ته هن جي زال سمهي رهي هجي، پر هن ڊپ واري لهجي ۾ ماءُ کي سڏيو. ۽امان! منهنجو خيال آهي هوءَ جاڳي پئي آهي. ڪٿي اسان ٻنهين کي گڏ نه ڏسي وٺي. جيڪڏهن هوءَ رات جي ان گهڙيءَ ۾ مون کي ڪنهن فاحشه سان گڏ به ڏسي وٺي ته شايد ايتري پريشان نه ٿيندي، جيتري اسان ٻنهين کي گڏ ڏسڻ سان. هوءَ جڏهن ڏسندي آهي ته ماءُ پٽ جي محبت ۾ توري به گهٽتائي ناهي آئي ته هوءَ حسد وچان سڙي ويندي آهي. اماز تو مون ۾ ڪيتري قدر عيب ڏٺا آهن، پر تون منهنجو هر ڏوهه معاف ڪري ڇڏيندي آهين. هر ڀيري تنهنجي محبت ڀريل دل جا دروازا منهنجي لاءِ وري کلي ويندا آهن. مون به توکي هميشه پنهنجي مٿي تي ويهاريو آهي. تنهنجي هر ناز کي قدر سان ڏٺو آهي. تنهنجو منهنجو باطني پيار جو رشتو. خاص ڪري منهنجي لاءِ تنهنجي پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪرڻ ئي ته آهي، جيڪو منهنجي زال کي خوفزده ڪندو آهي، ڇو ته زال مڙس جي محبت جي رشتي ۾ اها ڳالهه نٿي ملي جيڪا ماءُ پٽ جي محبت ۾ ملي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن اسان زال مڙس گهٽ ئي ڏينهن تائين هڪٻئي سان نه ڳالهائيندا آهيون. تمام ننڍڙيون ڳالهيون پنهنجي دل ۾ لڪائي رکندا آهيون ۽ پوءِ وقت اچڻ تي هڪٻئي جي منهن تي ڦهڪائي ڏيندا آهيون. آخر اسان ٽياسين اجنبي انسان. ڇو ته اسان جو هڪٻئي جي تڪميل جو سلسلو. ٻنهين جي پهرين ڪچهري ڪانپوءِ شروع ٿيو آ نه؟!. جيتوڻيڪ جيستائين تنهنجو ۽ منهنجو معاملو آهي، مان ته توکي پنهنجي ڄمڻ جي پهرين گهڙي کان

سجاڻندو آهيان. تنهنجي منهنجي پهرين ڪچهري وقت منهنجي زال اجان هن دنيا ۾ اچڻ جو موقعو تلاش ڪندي هوندي. امان هوءَ ڄاڻي ٿي ته ان پل کي هوءَ ڪنهن به طرح عبور نٿي ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ هوءَ اسان ٻنهين کي قانون قدرت جي هٿان شڪست ڏيڻ چاهي ٿي. هوءَ وڏي بي صبري سان تنهنجي مرڻ جو انتظار ڪري رهي آهي. منهنجي خواهش آهي، ته مون کي تنهنجي موت لاءِ انتظار نه ڪرڻو پوي بلڪ تون هڪدم ٿي مري وڃ. تنهنجي موت تنهنجي منهنجي محبت جو وڏو ڪفارو هوندو. جيڪا منهنجي زال مون کي ادا ڪرڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. جيڪڏهن تون مري وڃين ته اهو ڪفارو ادا ٿي ويندو پر مان به ان جو انتقام وٺڻ جي قابل ٿي ويندس. جيستائين تون زنده سلامت آهين، مان هن کان انتقام نٿو وٺي سگهان. جيڪڏهن مان تنهنجي حياتيءَ ۾ ئي هن کي سزاڏيندس ته هوءَ پنهنجو ڏک وساري منهنجي ڏک جي باهه ۾ پچڻ لڳندي. هن گهر ۾، هر لمحي ائين سمجهندو آهي ته توکي ڪو ڏک ناهي، جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿو، امان، تنهنجن ڏکن جو تعداد تنهنجي عمر جي سالن کان به گهڻو آهي. ڪو زمانو هو جو تون هن گهر جي سڀ ڪجهه هوندي هئين ۽ هاڻي ۽ حالت آهي ته تون هن گهر جي سڀ کان ننڍي، سڀ کان ڪني، ڪٻاڙي سامان سان ڀريل ڪمري ۾ ڪٽ رکيو زندگي جا ڏينهن پورا ڪري رهي آهين. تنهنجي ڪيسي ۾ اهي ڪجهه سڪا هوندا آهن، جيڪي مان ڪڏهن ڪڏهن زال کان لڪي توکي ڏئي ڇڏيندو آهيان. ڪير ڄاڻي تون انهن پئسن کي بچائي رکڻ جا جتن ڪندي هوندين ۽ انهن جي ختم ٿيڻ جي خوف کان ڪئين نه ڏکي ويندي هوندين."

"منهنجي پياري امان. جيڪڏهن تون واقعي مون سان پيار ڪندي آهين ۽ توکي منهنجين مجبورين جو احساس آهي، ته هاڻي الله کي پياري ٿي وڃ ۽ جيڪڏهن تنهنجي مرڻ ڪانپوءِ به پنهنجي زال کان انتقام نه وٺي سگهيس، ته سمجهندس ته دنيا هن سان گڏ آهي، پوءِ اهڙي حالت ۾ انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟"

"پر امان منهنجو دل هاڻي کان گواهي ڏئي رهيو آهي ته قدرت انصاف کان ڪم وٺندي ۽ گڏوگڏ ان ڇوڪريءَ جي باري ۾ به سوچي رهيو آهيان، جيڪا پاڻ منهنجي پٽ جي ڪنوار بڻجي هڪ ڏينهن منهنجي گهر ايندي."

هڪ حسين عورت جي ڪهاڻي
جنهن پنهنجي سونهن جي ڪري نادر شاه
بادشاه جي راڻي بڻي ۽ ان جي ڪري وليعهد
شهزادي کي اکين کان محروم ٿيڻو پيو.
بادشاهه کي سندس باوفا ڪردار تي شڪ هو.
هن جي ڪري تاريخ ۾ وڏي
هلچل آئي.

**تاريخ جي جهلڪ جنهن ۾ هڪ شهزادي جي سونهن ئي سندس دشمن هئي**

# شڪي ڪردار

احمد صغير صديقي/ اين ـ اي ٻُرڙو

شڪست کاڌل محمّد شاهه جو بُرو حال ٿي چڪو هو. ڪيس تاريخ ۾ محمّد شاهه رنگيلو ڪوٺيو ويندو آهي- هُو هڪ بيوقوف ۽ عياش بادشاهه هو.

ان ڏينهن نادر شاهه ڪافي خوش هو. سندس لشڪر دهلي کان ٿورو پرڀرو، ڪيمپون کوڙي ويٺل هو ۽ هِندستان جي شڪست کاڌلن کان، انهن ٽُحفن جو منتظر هو جنهن جو واعدو انهن شڪست کاڌل حڪمران طرفان ٿيل هو. ٿوري ئي دير ۾ سندس خيمي جو پردو هٽيو ۽ ان جي خاص غلام اچي ڪري اطلاع ڏنو ته ٽُحفا اچي ويا آهن.

"تفصيل؟" نادر شاهه پُڇيو.

"هڪ عدد هاٿي، هڪ درجن گهوڙا، پنجاهه عدد غُلام ۽ لڳ ڀڳ هڪ درجن حَسِين ۽ جَميل هندستاني ڪنواريون ٻانهيون آهن."

هي تحفا ڪافي دير سان پهتا هئا ۽ ايتري دير ٿيڻ ڪري نادر شاهه اندر ئي اندر خفا هيو. ان وقت شام ٿي رهي هئي. نادر شاهه انهن جو جائزو ايندڙ صبح تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. ليڪن ٻانهيون......

نادر شاهه هندستاني عورتن جي تمام گهڻي تعريف ٻڌي چُڪو هو. هُو خيمي مان نڪتو ۽ ٻانهين جي طرف وڃڻ لڳو.

جنهن خيمي ۾ هو پهتو اتي داخل ٿيندي ئي ڪيس ڏندين آڱريون اچي ويون. بيشڪ هُن هندستاني حُسن



جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌو هو ليڪن هِتي مُعاملو ڪجهه اجا به سوايو هو. اٿين پئي لڳو ڄڻ هڪڙي ئي جاءِ تي الاهي سارا چنڊ نڪري آيا هجن. هر حَسينه ۾ي ڪان وَڌ سُهڻي لڳي رهي هُئي.

نادر شاهه انهن کي ڏسندو ۽ توريندو رهيو. سندس اکيون جائزو وٺندي وٺندي آخر هڪڙي چهري تي اچي اٽڪجي ويون. ڇوڪريءَ جڏهن نادر شاهه کي پنهنجي طرف گهوريندي ڏٺو ته پنهنجون نظرون جُهڪائي ڇڏيون.

”هيءَ...... ڪير آ؟“ نادر شاهه خواجه سِرا کان پڇڻ لڳو جيڪو سندس پٺيان تلوار تيار ڪيو بيٺو هو.

”عاليجاهه هيءَ راجپوت ڪُنواري آهي.“ خواجه سرا ٻُڌايو.

”ڪُنواري!“ اچانڪ اُن ڇوڪريءَ جا گلاب جي گُل جهڙا چپ کُليا ۽ سندس طنز سان ڀرپور آواز آيو سندس لهجي ۾ بي خوفي هُئي. ”غلط“ هُن چيو ”مان ڪُنواري نه بلڪ، هڪ شادي شده عورت آهيان.“

نادر شاهه کي سندس دليري سٺي لڳي. هُن ڪانئس پُڇيو ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”ستاره“ اُن ڇوڪريءَ پرسُڪون آواز ۾ جواب ڏنو.

***

ڇوڪريءَ، جنهن جو نالو ستاره هو. هاڻي اتي بيٺي هُئي، جتي کيس خواجه سِرا ڇڏي ويو هو. هي نادر شاهه جو خيمو هو.

”هيڏانهن اچ ..... منهنجي ويجهو“ نادر شاهه کيس چيو.

هُوءَ ڪجهه گهبرائِي. سندس چهري تي گهبراهٽ ۽ اداسي، عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هُئي. هُوءَ ان حالت ۾ اجا به وڌيڪ دلڪش لڳي رهي هُئي. حقيقت ۾ هُوءَ ڏاڍي ڏنل هئي، هُن، اُن ايراني، حملي ڪندڙ جي ظلم جا گهڻا ئي داستان ٻُڌا هئا. پر هن وٽ بچيو ئي ڇا هُيو. هُوءَ ڄڻ سِرسهائي اڳتي وڌي.

”مونکي ڪجهه پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ“ نادر شاهه چيو.

ڇوڪريءَ هُن کي ٻڌايو ته هُوءَ راجپوت نسل مان هئي. کيس ڌنڌي هوندي گرفتار ڪيو ويو هو. پوءِ سندس شادي هِڪ مُغل سپاهي سان ڪرائي وئي. جتان هُوءَ موقعو ملندي ئي، فرار ٿي وئي هئي. بعد ۾ هڪ واپاري گهراڻي کيس پناهه ڏني. اُنهن کيس دِلي آندو. دِلي ۾ وري ڪنهن بادشاهه جي راڻيءَ کي هُوءَ وڻي وئي ۽ اهڙي طرح هُوءَ شاهي محل ۾ پهچي وئي. جتي هيل تائين هڪ ٻانهيءَ سان رَهيل هئي.

نادر شاهه کيس مسلسل ڏسي رهيو هو. هِن وقت هُو هڪ پڪي عُمر جو ماڻهو هيو... فولادي ذهن وارو۔ مگر پوءِ به هيءَ ڇوڪريءَ، ڪنهن جادُو وانگر سندس ذهن تي اثر انداز ٿي رهي هُئي.

اوچتو هُن نرميءَ سان چيو ”ڇا تون مُنهنجي راڻي بنجڻ

پسند ڪندين؟؟"

ستاره جو جسم آهستي آهستي ڍڪڻ لڳو. هُوءَ چڻ ڪنهن بار کي محسوس ڪندي چڪرائجڻ لڳي هئي ۽ ٿوري ئي دير ۾ فرش تي ڍير ٿي وئي.

هي قسمت جو هڪ عجيب کيل هُيو.

هُوءَ جيڪا رکيل بنائي دشمن جي حوالي ڪئي وئي هُئي. هڪدم هڪ تمام گهڻي زور آور ۽ جابر بادشاهه جي راڻي بڻجي وئي هئي.

ليڪن......... اُن جاءِ تي هڪ ٻي عورت پڻ هُئي.

شيرازي اها عورت هئي. جيڪا اج تائين. بادشاهه جي نظرن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول هئڻ جو رڪارڊ رکيو پئي آئي.

ستاره سندس رڪارڊ جا لاهه ڪيري ڇڏيا هئا. سندس پيرن هيٺان زمين سُرڪائي ڇڏي هُئي ۽ شيرازي ڪنهن نانگڻ وانگر. ڪاوڙ ۾ وڪڙ کائيندي رهي هُئي.

***

هڪ ڏينهن اوچتو ستاره کي خبر ملي ته نادر شاهه جو لشڪر هاٿي، دهلي جي طرف سنبريل هُو. لشڪر جو ڪجهه حصو پوئتي به رهٹو هو جنهن ۾ نادر شاهه جو پنهنجو خاندان به شامل هو.

پوءِ نادر شاهه ڪيس اچي ٻڌايو ته شايد هُو ڪائنس ڪجهه ڏينهن لاءِ دُور رهي. هُن ستاره کي چيو "تون پريشان نه ٿجان. مان هڪڙو هيرو توکي ڏئي ٿو وڃان. جيڪا منهنجي خاص نشاني آهي. جي توکي ڪڏهن منهنجي سخت ضرورت محسوس ٿئي، ته هِي هيرو ڪنهن به قاصد جي هٿان مون ڏي موڪلرائي ڏجان. مان سُتت ئي توکي پاڻ ڏانهن گهرائي وٺندس."

***

اُن هيري جي ضرورت ستاره کي جلدي ئي پئجي وئي. ڪيس خبر ملي ته دَهلِي جي شهرين لاءِ نادر شاهه قتلِ عام جو حُڪم ڏيئي ڇڏيو هو. ڪيس اهو اندازو ضرور هو ته نادر شاهه جي ڪاوڙ جي انتها ڇا هوندي زندگي، موت جي راند ان لاءِ ڪا معنيٰ نه رکندي هئي.

ستاره کي دهلي سان پيار هو. ان جاءِ تي هُن، زندگيءَ جا خوبصورت لمحا گذاريا هُئا. ۽ الاهي ساريون، سندس پياريون شخصيتون هتي هُيون. هن اهو قتلِ عام روڪائڻ پئي چاهيو جنهن جي هاٿي شروعات ٿي چڪي هئي. هُن آغا باشي کي سڏرايو ۽ هيرو نادر شاهه جي طرف موڪلڻ لاءِ قاصد پٺايو.

هيءَ ستاره ئي هُئي جنهن جي ايلازن تي نادر شاه جهڙي بادشاهه جي تلوار واپس مياڻ ۾ هلي وئي. ليڪن ان وقت تائين دِلي جي گهٽي گِهٽي ۾ رت ڦهليل هيو. هي ايترو ته وڏو قتل عام هو جو اُن جهڙا مثال تاريخ ۾ تمام گهٽ ملندا.

***

نادر شاهہ دِلي جي سلطنت کي چڱي طرح پائمال ڪرڻ کان پوءِ، بيشمار مالِ غنيمت سان گڏ پنهنجي مُلڪ واپسيءَ جو جڏهن سفر شروع ڪيو تہ ستاره ان سان گڏ هُئي.

نادر شاهہ جڏهن هيرات پهتو تہ کيس خبر پئي تہ سندس پُٽ ۽ وَلي عَهد شهزادو رضا خان سندس استقبال جي لاءِ اچي رهيو آهي.

نادر شاهہ کي پنهنجي پُٽ کان جُدا ٿيندي ٻن سالن کان بہ وڌيڪ عرصو ٿي چڪو هو. فطري ڳالهہ هُئي، تہ هُو پُٽ کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هُو. کيس اهو پڻ معلوم ٿيو هو تہ ان عرصي ۾ شهزادي پنهنجي قابليت سبب مُلڪ جو نظام تمام سُهڻي نموني سنڀاليو هو.

هِن وقت هيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ تمام ضروري آهي، تہ شهزادي جو تعريفون ٻڌي ٻڌي نادر شاهہ کي اهو وهم ضرور ٿيڻ لڳو هو تہ ڪٿي سندس پُٽ مغروريءَ جي مدهوشيءَ ۾ ڪا غلط حرڪت نہ ڪري ويهي رهي. ڪجهہ سازشي ماڻهو پڻ ان حرڪت ۾ ملوث هئا ۽ انهن شهزادي جي ذهن ۾ هي خيال پري چڙهيو هو تہ نادر شاهہ ايندي ئي وري کيس ڪنهن هلڪي عهدي تي فائز ڪري ڇڏيندو.

هڪ ڏينهن، جڏهن پنهنجي گهرواريءَ ستاره سان اڪيلائي ۾ نادر شاهہ پنهنجي خدشن جو ذڪر ڪيو تہ ستاره، شهزادي جي طرفداري ڪندي کيس سمجهائڻ لڳي. نتيجو اهو نڪتو تہ نادر شاهہ سمجهيو تہ شايد ستاره بہ شهزادي سان گڏ سندس خلاف ان سازش ۾ شامل هئي.

ٻئي پاسي- شيرازيءَ شهزادي سان چاپلوسي وڌائي ۽ ان جون ڪافي اندر واريون ڳالهيون معلوم ڪري، بادشاهہ جا ڪن ڀريندي رهي.

بدقسمتيءَ سان انهن ئي ڏينهن ۾ نادر شاهہ تي هڪڙو ڦاتلاٽو حملو ٿيو جيڪو ناڪام ويو. شيرازي بادشاهہ کي پٽي پڙهائي تہ هيءَ حرڪت صرف شهزادي جي ئي آهي، جيڪو پاڻ بادشاهہ ٿيڻ جي چڪر ۾ آهي.

هوڏانهن ستاره، اِن خيال کان تہ ڪٿي، پيءُ پُٽ ۾ دشمني وڌي نہ وڃي، نادر شاهہ کي سمجهائڻ شروع ڪيو تہ هُو بنا ڪنهن تحقيق جي، شهزادي تي الزام نہ مڙهي.

شايد ڳالهہ نهي وڃي ها. اگر شيرازيءَ بادشاهہ جي ذهن ۾ هڪ ٻيو خيال نہ وڌو هجي ها تہ ستاره شهزادي جي محبت ۾ گرفتار ٿي وئي آهي.

ستاره جي ان سفارش بادشاهہ جي اندر ۾ هڪ ٻيو زهر پري چڙهيو. هُن رڙ ڪندي چيو"آءُ رضا خان کي اکين کان انڌو ڪرائڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان تہ جيئن هي فساد ئي هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي."

ستاره اهو ٻڌي ڏڪي وئي. هُن هَٿ ٻڌندي بادشاهہ کي چيو-

"بادشاهہ رحم ڪيو. هُو اوهان جوپُٽ آهي. ان کي انڌو ڪرائي، اوهين ڪڏهن بہ خوش رهي نہ سگهندؤ."
نادر شاهہ غُصي ۾ ستاره ڏي ڏٺو ۽ ڪيس زور سان ڌڪو ڏنو. هُوءَ مُنهن ڀر وڃي فرش تي ڪري

❊❊❊

نادر شاهہ جي حڪم تي، آغا باشي، ستاه کي محل مان ڪڍي ڪنهن ٻي جاءِ تي منتقل ڪري ڇڏيو.
نادر شاهہ جي طبيعت بيحد چيڙاڪ ٿي وئي هئي. ملڪ جي مسئلن ۾ هُو ايترو تہ گم ٿي وَيو جو ڪڏهن ڀُلجي بہ هُن ستاره جي خبر گيري نہ ڪئي. آخر هڪ ڏينهن هوءَ ٻاهر نڪتي ۽ نادر شاهہ سان ملڻ هَلي. آغا باشي سخت پريشان هو. هُن ڪيس ڏاڍو سمجهايو تہ نادر شاهہ ڪيس مارائي بہ سگهي ٿو. ليڪن هُوءَ نہ مُڙي
اُن رات........!
نادر شاهہ جي خيمي ۾ دشمن جو ڪو ماڻهو گهڙيو ۽ نادر شاهہ کي هميشہ جي لاءِ ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو. ان نادر شاهہ کي، جنهن شڪ شبهي ۾ حڪومت جي اقتدار جي لپيٽ ۾ اچي ڪري نہ صرف پنهنجي لاڏلي پٽ کي انڌو ڪرائي ڇڏيو هو بلڪ هڪ باوفا گهر واريءَ تي پڻ الزام لڳائي، ڪيس تنهائيءَ جي قيد ۾ وجهرائي ڇڏيو هو.
ستاره_ نادر شاهہ جي لاش کي ڏٺو ۽ نهايت ئي سُڪون سان پنهنجي

❊ ❊ جوان نوڪرياڻي: ڇا ڳالهہ آهي بيگم صاحبہ توهان ڏاڍا اداس پيا لڳو؟
بيگم صاحبہ: تنهنجو صاحب پنهنجي آفيس جي سيڪريٽري سان تعلقات پيو وڌائي.
نوڪرياڻي ٻہ خود تي چيو: "ائين ٿي نہ ٿو سگهي. هي سڀ ڪجهہ توهان مون کي ساڙڻ لاءِ چئي رهيا آهيو."

پيٽيءَ مان خنجر ڪڍي پنهنجي سيني ۾ هڻي ڇڏيو.

❊❊❊

اڄ ڏينهن تائين تاريخ اهو فيصلو ناهي ڪري سگهي آهي تہ ڇا واقعي ستاره نادر شاهہ جي وفادار گهرواري هُئي. يا. هيءَ حقيقت هئي، تہ هُوءَ ولي عهد رضا خان کي دل ڏيئي ويٺي هُئي ۽ ان جي انڌي ٿيڻ کان، دل برداشتہ ٿي ڪري خود ڪشي ڪري ڇڏي هئي.
هينئن بہ چيو وڃي ٿو تہ هُوءَ اها نيت ڪري گهران نڪتي هُئي تہ هُوءَ نادر شاهہ جو خاتمو ڪري، پوءِ پاڻ کي ماري ڇڏيندي مگر هي سڀ ڳالهيون غير تصديق شده آهن.
تحقيق ڪندڙ ليڪن، ستاره ۽ رضا خان جي رومانس جو ذڪر ضرور ڪيو آهي........ ۽ لکيو آهي تہ نادر شاهہ جي ان محبوبہ جي ئي چڪر ۾، رضا خان پنهنجون اکيون وڃرايون. ۽ پوڙهي بادشاهہ نادر شاهہ جي موت ۾ ستاره جو وڏو هَٿ هو.



# محشر

سلسلي وار ناول جي ڏهين قسط

سڊني شيلڊن/محمد ميمڻ

ان عورت جي ڪهاڻي، جيڪا
معصوم هئي. جڏهن ڪيس دنيا دوکا ڏنا ته
ءُ به ان جو جواب ڏيڻ تي مجبور ٿي پئي. هن
ذهانت جي. آڏو دنيا جا وڏا وڏا ذهن مات
ئي ويا ۽ هيءَ سيني کي سندن اکين ۾
سرمو وجهي ٽڪڻ لڳي

همت ۽ حوصلي جو اڻ وسرندڙ داستان



## گذريل قسطن جو تت

ٽريسي وٽني فلڊ ڊيلفيا ۾ نوڪري ڪري ٿي. اتي هن جو چارلس نالي هڪ شخص سان پيار آهي ۽ ٻئي جلد شادي ڪرڻ وارا آهن. ٽريسيءَ جي پيٽ ۾ چارلس جو ٻار سرجي رهيو آهي. ايتري ۾ کيس گهران فون اچي ٿو ته سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. هي پنهنجي اباڻي شهر نيو اورلينس واپس وڃي ٿي، جتي کيس پتو پوي ٿو ته جو رومانو نالي هڪ ماڻهوءَ سندس ماءُ کي ٺڳي ڊيواليو ڪري ڇڏيو هو. ان ڳالهه جي ڪري سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. هيءَ بدلو وٺڻ جي لاءِ رومانو جي گهر وڃي ٿي. جتي اهو ماڻهو کيس قابو ڪري عزت لٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٽريسيءَ جو پسٽل هلي پوي ٿو ۽ رومانو زخمي ٿي پوي ٿو. ٽريسي کيس مئل سمجهي گهبرائجي وڃي ٿي ۽ ايئرپورٽ پهچي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جتي پوليس وارا کيس گرفتار ڪري وٺن ٿا. سندس مٿان رومانو کي قاتلاڻه حملي جو مقدمو هلي ٿو. سندس وڪيل ۽ جج ٻئي انهن ڏوهارين جي گروهه جا ڪارندا آهن، جن جي ڪري سندس ماءُ آپگهات ڪري ڇڏيو هو. اهي کيس دوکو ڏئي. ان دلاسي تي ڏوهه قبولائين ٿا ته ان ڳالهه ڪري کيس قيد جي سزا نه ملندي ۽ سندس پويون بي داغ ريڪارڊ ڏسي کيس آزاد ڪيو ويندو. ٽريسي سندن چار ۾ ڦاسي پنهنجو ڏوهه عدالت ۾ باسي ٿي ۽ جج کيس پندرهن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ٿو. ٽريسيءَ کي جيل نيو وڃي ٿو. جيل جي ڪوليءَ ۾ قيدياڻيون ساڻس جنسي بدفعلي ڪن ٿيون، جنهن جي ڪري سندس پيٽ ۾ سرجيل ٻار ڪهائي ٿيو وڃي. ظلم ته ويتر اهو ٿئي ٿو ته کيس سزا طور قيد تنهائيءَ ۾ رکيو وڃي ٿو. اتي ٽريسي پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺڻ جو عهد ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي جسم ۽ دماغ کي ورزش وسيلي چست رکي ٿي. ٻاهر نڪري پنهنجي پراڻيءَ ڪوليءَ ۾ وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ٿي. اتي هوءَ انهن ٻن قيدياڻين کي مار ڏئي ٿي جن ساڻس بدفعلي ڪئي هئي. هوءَ ٽين قيدياڻيءَ ارنيسٽائين کي ڪجهه ڪو نه چوي ٿي چو ته اها ان جيل جي بي تاج بادشاهه هئي. اها سندس بهادري ڏسي هن کان پنهنجي اڳين ڪرت جي معافي وٺي ٿي ۽ جيل ۾ سندس مربي ٿيو وڃي. ٽريسي کيس جيل مان فرار جي لاءِ مدد جي گهر ڪري ٿي. ان جيل جي ريڪارڊ مطابق، اڄ ڏينهن تائين ڪا به قيدياڻي ان جيل مان فرار ٿي نه سگهي هئي. ٽريسي ان ريت کي ٽوڙڻ جو قسم ائي ٿي. اتي ٽريسيءَ مٿان هڪ وڏي بدمعاش برٿا جي اک آهي پر ارنيسٽائين جي ڪري ٽريسي ان جي شرارت کان بچيل آهي. ارنيسٽائين کي هفتي کن ۾ آزادي ملڻي آهي. آخر ٽريسي ۽ ارنيسٽائين جيل مان ڪپڙن جي ٽراليءَ ذريعي ڀڄڻ جو منصوبو ٺاهين ٿيون. ٽريسيءَ کي ٻئي ڏينهن فرار ٿيڻو آهي. رات جو ڪو اچي ٽريسيءَ کي سرهاڻ ڪري سڏ ڪري ٿو. ٽريسي سندس آواز ڪو نه سڃاڻي سگهي ته اها ڪير آهي، دوست يا دشمن.

جواب ملڻ تي خبر پيس ته اها به جيل جي هڪ قيدياڻي ليلان هئي. جيڪا کيس فرار ۾ مدد ڏيڻ لاءِ آئي هئس. ٽريسي وٽنيءَ جي فرار ٿيڻ جو سموريون ڪارروايون مڪمل هيون، پر بدقسمتيءَ سان فرار ٿيڻ واري ڏينهن تي جيل جي واردن جي زال کيس ايميءَ کي باغ ۾ گهمائڻ لاءِ چيو. چو ته وٽس مهمان آيل هئا. باغ ۾ ايميءَ کي ڪيڏائيندي فرار ٿيڻ

لاءِ ڊوڙ پاتي. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪيس، پويان ايميءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ايمي باغ جي اونهيءَ ڍنڍ ۾ ڪري پئي هئي. ٽريسيءَ ايميءَ جي جان بچائڻ جي لاءِ، فرار ٿيڻ کي ڇڏي، وڃي ڍنڍ ۾ ايميءَ کي بچائڻ لاءِ ٽپو ڏنائين. جيتوڻيڪ ڪيس ترڻ به نه ايندو هو. هن جي بهادريءَ جي ڪري ايميءَ جي جان بچي وئي. سرڪار سندس اهڙي جذبي کي ڏسي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. ٻاهر نڪرڻ سان ٽريسيءَ پنهنجي دشمنن جوزف رومانو، پيري پوپ، جج هينري لارينس ۽ اوورساٽيءَ ڪان بدلو ورتو. هن چارلس کي ڇڏي ڏنو. ڇو ته هو ازدواجي طور تي بدترين زندگي گذاري ويو هو. سڀني دشمنن کان بدلو وٺي، ٽريسي وٺي پنهنجي بينڪ ۾ وئي ته جيئن اتان سندس بقايا رقم وٺي سگهي. بينڪ کيس نپ جواب ڏنو. ٽريسي هڪ نيٽ ڪيفي ۾ ويهي بينڪ جو حفاظتي ڪوڊ کي کولڻ لڳي.

ٽريسي بينڪ جي ڪوڊ کي کولي ان مان صرف ايترا پئسا پنهنجي اڪائونٽ ۾ موڪليا. جيترا هن جا بينڪ طرف ٿيا پئي. تنهن بعد ٽريسي نوڪريءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر سندس جيل جو ماضي ڏسي ڪيس هر ڪنهن شڪ جي نگاهه سان ٿي ڏٺو. مجبورن مدد لاءِ ڪيس ڪونارڊ مارگن نالي جوهريءَ وٽ وڃڻو پيو. جنهن جو ڏس پتو ڪيس جيل جي هڪ ساٿياڻيءَ ڏنو هئس. ان جوهريءَ ڪيس شاهوڪار ماڻهن جي گهرن ۾ چوريون ڪرائڻ ٿي گهريون. ٽريسيءَ پهرين ته انڪار ڪيو پر بعد ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هن هڪ گهر ۾ چوري ڪئي. جيتوڻيڪ موقعي تي پوليس به پهچي وئي. پر ٽريسي پنهنجي عقل کان ڪم وٺندي پاڻ کي بچائي ورتو. ڪيس اهي هيرا جواهر هڪ ريل اسٽيشن تي ڪونارڊ مارگن جي حوالي ڪرڻا هئا پر رستي ۾ ٻن نڳن ڪيس پوليس آفيسر بڻجي اهي هيراجواهر ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽريسي پهرين ته اصلي پوليس وارا سمجهي گهٻرائجي وئي. پر پوءِ ڳالهه کي سمجهي وئي ۽ انهن کان ڪمال هوشياريءَ سان ان وقت اهي هيرا جواهر واپس ورتا جنهن وقت هو ايئرپورٽ تي جهاز ۾ چڙهي رهيا هئا.

ٽريسي انهن ٻنهي نڳن کان اهي هيرا واپس وٺڻ ڪانپوءِ مارگن کان ٻيڻا پئسا پرائي ورتا. ڇو ته ڪيس ٻيڻي محنت انهن هيرن کاڻ ڪرڻي پئي هئي. ٽريسي ان بعد هڪ جهاز تي گهمڻ لاءِ وڃي ٿي. اتي سندس ملاقات چيف سان ٿئي ٿي. جيڪو انهن نڳن منجهان هڪ هو. جن ٽريسيءَ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جهاز تي شطرنج راند جا دنيا جا ٻه مڃيل چئمپين به هئا. جيف ڪيس انهن سان راند ڪرڻ جي لاءِ چيو.

ٽريسي انهن ٻنهي سان راند ڪري ٿي ۽ حرفت جو استعمال ڪري ٻنهي کي شڪست ڏئي ٿي. ان نڳيءَ کان پوءِ ٽريسي اهو سمجهي ته جيف ڪانئس پڇڻ چاهيو پئي، ڪيس ڇڏي هلي وئي. هاڻ ٽريسيءَ کي گنٿر نالي ماڻهو ملي ٿو. جيڪو ڪيس امير ماڻهن جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو ۽ ٽريسيءَ کي شاهوڪار طبقي ۾ متعارف ڪرائي ٿو. ٽريسي انهن کي نڳي ٿي. هاڻ ٽريسي پنهنجو روپ بدلائي مسز بينڪي ٿي هڪ تمام وڏي هيرن جو وڪرو ڪندڙ دڪان تي وڃي ٿي ۽ اتان هڪ هيرو هڪ لک ڊالرن جو آهي. تنهن کان پوءِ وري ان دڪان تي اچي ٿي ۽ ان جي مئنيجر هالسٽن کي ٻئي ساڳئي هيري جي لاءِ چوي ٿي، جنهن لاءِ هو چار لک ڊالر ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. هالسٽن ان ٻئي هيري جي ڳولا ڪرائي ٿو. ڪيس هڪ فون اچي ٿو. جنهن ۾ هڪ عورت ڪونٽيسا ماريا ڪيس اهڙو ساڳيو هيرو وڪڻڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ٿي. هالسٽن ان وٽ اچي ٿو ته جيئن ڪانئس اهو هيرو خريد

برابر هو.

جڏهن گرئنگيئر بئروروينس جي ڪمري وٽ پهتو تہ اهو ٿورو ڪليل هو. هو اندر داخل ٿيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پر اتي ڪير بہ نہ هو.

"ڪو آهي؟"

پر واري ڪمري مان آواز آيو.

"ها. آئون باٿ روم ۾ آهيان. آئون چند گهڙين ۾ توهان سان گڏ هونديس. تيسين اوهان هڪ جام ٺاهي پيو."

گرئنگيئر ڪمري جو جائزو ورتو. هن پنهنجن ڪيترن ئي دوستن کي ان هوٽل ۾ ترسايو هو. ڊريسنگ ٽيبل تي تمام قيمتي زيور ائين لاپرواهيءَ سان پکڙيل هئا.

"آئون هڪ منٽ کان وڌيڪ دير نہ ڪنديس." باٿ روم مان آواز آيو.

"محترمہ. ڪا تڪڙ نہ آهي."

گرئنگيئر آواز ۾ مٺاڻ ۽ نرمي آڻيندي چيو. گرئنگيئر جي چهري تي طيش واضح هو. هو سوچڻ لڳو. "تون پلي کهڙي بہ گيم کيڏيندي هجين، نيٺ نتيجو توکي ئي پوڳڻو پوندو." هو اڳيان وڌي دروازي ڏانهن ويو، جنهن ذريعي پر واري ڪمري ۾ وڃي پئي سگهجيو، پر اهو لاڪ ٿيل هو. هن ماسٽر چابي ڪڍي ان کي کوليو. جيئن ئي هو اندر داخل ٿيو تہ کيس عجيب بوءِ محسوس ٿي. شايد ان لاءِ تہ اهو ڪافي ڏينهن کان بند پيل هو.

"پوءِ هن کي، هن ڪمري جي کهڙي ضرورت؟" اوچتو هن جون اکيون ڪليون رهجي ويون. ڪمري جي هڪ پٽ تي لڳل هڪ ڪوڪي سان هڪ بجليءَ جي ڪاري تار رسي طور ٻڌل هئي، جنهن جو ٻيو ڇيڙو ٻاهر بالڪنيءَ جي ننڍڙي پٽ سان ٻڌل هو. ان رسي تي سؤ ڊالرن جا آلا نوٽ پنن ذريعي ٽنگيل هئا. اڳيان هڪ ٽائيپ رائيٽر اسٽينڊ تي ڪا شيءِ ڪپڙي سان ڍڪيل هئي. هن، ان ڪپڙي کي پري هٽايو. اها پرنٽنگ پريس هئي، جنهن ۾ آلا سؤ ڊالرن جا نوٽ پيل هئا. اتي پرسان ڪاغذ جون چادرون ۽ ڪاغذ ڪٽڻ جي مشين رکيل هئي. هيٺ فرش تي ڪيترائي سؤ ڊالرن جا نوٽ پيل هئا، جيڪي غلط سائيز جا ڪٽجي ويا هئا.

گرئنگيئر جي پٺيان ڪاوڙ پريل آواز آيو، "تون هتي ڇا پيو ڪرين؟"

گرئنگيئر پٺيان پلٽي ڪاڏي. ٽيريسي وٽني سامهون بيٺل هئي. سندس وار آلا ۽ ٽوال سان ويڙهيل هئا ۽ هوءَ غسلخاني مان ڪمري ۾ آئي هئي.

گرئنگيئر نرم آواز ۾ چيو، "جعلي نوٽ! تون اسانکي جعلي نوٽ ڏيڻ واري آهين؟"

"ها نيڪ آهي." ٽريسيءَ چيو.

"ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي تہ هي جعلي آهن. هي نوٽ اصل وانگر آهن." هن وڌيڪ چيو.

"واقعي!" گرئنگيئر جي لهجي ۾ نفرت هئي. هن هڪ آلي نوٽ کي ڇڪيو ۽ ان کي پرکڻ لڳو. هن نوٽ جي ٻنهي طرفن کي غور سان جانچي ڏٺو. "تمام خوبصورت! هيءَ ڊائي ( جعلي نوٽن ۾ استعمال ٿيندڙ مس ) ڪٿان آئي؟"

"ڪهڙو فرق ٿو پوي! توهان اهو تصور ڪريو ته آئون جمعي تائين هڪ لک ڊالر ناهي وٺنديس."

گرئنگيڪر منجهيل انداز ۾ هن کي گهورڻ لڳو. پوءِ جڏهن ڪيس احساس ٿيو ته هوءَ ڇا سوچي رهي آهي، ته زور سان کلڻ لڳو. "اف منهنجا خدا! تون واقعي احمق آهين. ڪو به خزانو نه آهي."

ٽريسي وائٽڙي ٿي وئي، "ڇا مطلب، ڪو خزانو نه آهي! پروفيسر زوڪرمين مونکي ٻڌايو هو ته....."

"۽ تو هن تي اعتبار ڪيو! ڪيڏي نه شرم جي ڳالهه آهي." هن هٿ ۾ جهليل نوٽ کي وري ڏٺو. "نيڪ اهي، آئون هن کي ڪٽي ٿو وجان."

ٽريسيءَ ڪلها لوڏيندي چيو. "ها جيترا وڻئي، ڪٽي وج. اهي فقط ڪاغذ جا ٽڪرا آهن."

گرئنگيئر مٿ پري نوٽ ڪنيا. "پر تو اهو اندازو ڪيئن لڳايو ته هوٽل جو ڪو ملازم هن ڪمري ۾ داخل نه ٿيندو؟"

"آئون انهن کي ايترو ڪجهه ڏيندي آهيان جو هو خود ئي پري رهندا آهن."

"واقعي، هيءُ چالاڪ آهي، پر ڪيس زنده ڇڏڻ خطري کان خالي نه ٿيندو." هو سوچڻ لڳو.

"نيڪ آهي، تون هيءَ هوٽل ڇڏي وڃي نه ٿي سگهين. آئون توکي پنهنجي هڪ دوست سان ملائڻ ٿو چاهيان." هن حڪم واري انداز ۾ چيو.

آرمينڊ گرئينگيئر فيصلو ڪيو ته ڪيس برونو ويسينٽي جي حوالي ڪري، پر ڪيس هڪ خيال ائين ڪرڻ کان روڪيو. هن نوٽ کي وري پرکيو. ان کان اڳ هن ڪيترائي جعلي نوٽ بازار ۾ هلايا هئا، پر هنن نوٽن جي ڳالهه ئي ٻي هئي. جنهن به اها ڊائي ٺاهي هئي، اهو واقعي وڏو ذهين ۽ ماهر هوندو. ڪاغذ بلڪل ساڳيو! خط چٽو ۽ واضح. انگ بلڪل اصل ۽ بينجمن فرئنڪل جي تصوير واضح! هوءِ واقعي درست ٿي چئي ته اصل نوٽ ۽ هن جعلي نوٽ ۾ فرق ڪرڻ ناممڪن آهي. هو سوچڻ لڳو ته ڇا انهن کي مارڪيٽ ۾ هلائي سگهجي ٿو؟ سندس ذهن ۾ لالچ گردش ڪرڻ لڳي. هن فيصلو ڪيو ته في الحال برونو جو خيال ترڪ ڪرڻ گهرجي.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير گرئنگيئر هڪ سؤ ڊالرن جو نوٽ پروفيسر زوڪرمين کي ڏنو.

بلڪ انهن کي ٻڌائڻ به نه ٿي چاهيو. هن سوچيو ته ڪيسينو مان هو جيڪي پئسا کٽي پيو، اهي ان پريس سان ڇاپي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ هن خوبصورت ناريءَ کي "ويسنٽي" جي حوالي ڪري ڇڏيندو. گرئنگيئر کي حصيدار پسند نه هئا.

ٺيڪ ٻن ڪلاڪن کانپوءِ پئسا هڪ وڏي ٿيلهيءَ ۾ پهچي ويا.

"تون هاڻي هوٽل کي الوداع چئو. مون وٽ هڪ شاندار پرائيويٽ گهر آهي، تون اتي رهه. جيستائين اسان جو آپريشن شروع ٿئي." هن ٽيليفون سندس اڳيان ڪيو. "پنهنجي ان دوست کي فون ڪر ته اها مشين اسان کي خريد ڪرڻي آهي."

سندس فون نمبر مون وٽ هوٽل ۾ پيل آهي. آئون ڪيس اتان فون ڪندس. تون پنهنجي گهر جي ايڊريس مونکي ڏي. آئون ڪيس ٻڌائيندس ته مشين ڪٿي پهچائڻي آهي."

"نه. آئون اهو خطرو ڪڻڻ نه ٿو چاهيان. آئون ايئرپورٽ تي ڪائنس مشين وٺندس. ان باري ۾ اسان رات جي مانيءَ وقت ڳالهائينداسين. آئون شام جو اٺين وڳي توسان ملندس."

ٽريسي پنهنجن پيرن تي اٿي. گرئنگيئر پئسن سان ڀريل ٿيلهيءَ ڏانهن اشارو ڪيو. "پئسن جو خيال رک. آئون نه چاهيندس ته توکي يا پئسن کي ڪجهه ٿئي."

"ڪجهه به نه ٿيندو." ٽريسيءَ ڪيس خاطري ڏياري.

گرئنگيئر مسڪرائڻ لڳو. "ها. مونکي خبر آهي. پروفيسر تو سان هوٽل تائين گڏ هلندو."

ٻئي ڄڻا ڪار ۾ خاموشيءَ ان هوٽل طرف روانا ٿيا. پئسا سندن وچ ۾ رکيل هئا. ٻئي ڄڻا پنهنجي پنهنجي سوچ ۾ گم هئا. پروفيسر کي خبر نه هئي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي، ۽ جيڪي ڪجهه به ٿيو، سندس لاءِ سٺو هوندو ۽ هيءَ عورت خوشبختيءَ جي چابي آهي. گرئنگر ڪيس هدايت ڪئي، هئي ته ان تي نظر رکي ۽ هو ائين ئي ڪري رهيو هو.

☆☆☆

گرئنگيئر ان شام تمام گهڻو خوش هو. هن کي وڏي پرنٽنگ پريس ملڻ واري هئي. هو خواب ڏسڻ لڳو ته تمام ٿوري عرصي ۾ هو دنيا جو امير ترين شخص بڻجي ويندو. اڄ شام جو ڪيس خبر پئجي ويندي ته اهو شخص ڪير آهي. هو ڪائنس ٻيون مشينون به خريد ڪندو ۽ پوءِ سندس خوش بختيءَ جي ڪا حد نه رهندي.

ٺيڪ اٺين بجي شام جو گرئنگئر هوٽل ۾ پهتو. هو جيئن ئي دروازي کان اندر داخل ٿيو ته سندس نظر پروفيسر تي پئي، جنهن اشارو ڪندي ٻڌايس ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. گرئنگر سڌو ڪائونٽر تي ويو ۽

چيائين "ڪائونٽس ڪي منهنجي اچڻ جي خبر ڏيو."

ڪائونٽر تي بيٺل شخص ٿورو پريشان ٿي ويو، "پر هوءَ ته هوٽل ڇڏي هلي وئي!"

"ڪهڙو بڪواس پيو ڪرين؟ هوءَ ائين ڪيئن وڃي سگهي ٿو! تون ڪيس فون ڪري ٻڌاءِ."

گرئنگئر جي ڳالهه ڪي رد ڪرڻ ايترو آسان نه هو، "پر سائين مون خود ڪيس فارغ ڪيو آهي."

گرئنگئر جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو، سڄي جسم مان پگهر وهڻ لڳو. "ڪيڏي مهل؟"

"هوءَ جيئن ئي واپس آئي ته مونکي فون ڪري چيائين ته بل ڪٽي اچ، آئون ڪيش ادائگي ڪرڻ چاهيان ٿي."

"فرانڪ ۾؟"

"ها بلڪل!"

گرئنگر، پروفيسر ڪي هيبتناڪ نگاهن سان گهورڻ لڳو، "هوءَ پنهنجو سامان ڪٽي ويئي؟"

"نه، هن چيو ته سامان پوءِ گهرائي وٺندي."

"ان جو مطلب ته هوءَ پئسا ڪٽي وئي!"

پروفيسر هن کي گهورڻ لڳو، هو تيزيءَ سان هن ڏانهن مڙيو، "اڙي ڪتي جا پٽ! مون توکي ڇا جي لاءِ ويهاريو هو؟"

"سائين هن تي نگاهه رکڻ لاءِ."

"هوءَ هلي ويئي."

"ائين ڪيئن ٿي وڃي سگهي!

آئون اتيئي ويٺو آهيان. هوءَ هتان نه گذري آهي."

"هوءَ ويس بدلائي توکي جل ڏئي نڪري وئي آهي ۽ تون هتي ويٺو آهين. تون هل ڪيسينو تي. آئون اتي تنهنجي خبرچار ٿو وٺان."

هن ڪائونٽر واري کي چيو، "مونکي سندس ڪمرو ڏيکار."

ڪائونٽر واري هڪ چابي کنئين ۽ تيز تيز لفٽ ڏانهن وڌيا. ڪمرو بلڪل ائين هو، جيئن گرئنگئر پهرئين ڏٺو هو. اها پرنٽنگ پريس اجا اتي پئي هئي، "شڪر جو پريس ته ڇڏي وئي، پر منهنجي پنج لک ڊالر ڪٽي ويئي، پر ويندي ڪيڏانهن! منهنجو انتقام کيس پاتال مان به ڳولهي هٿ ڪندو. آئون پوليس جي مدد سان کيس هٿ ڪندس ۽ پوءِ اهو معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ ته اها پريس ڪنهن وٽ آهي، آئون کيس هميشه جي لاءِ ماٺ ڪرائي ڇڏيندس."

☆☆☆

گرئنگئر، پوليس هيڊڪوارٽر جو نمبر ملايو ۽ انسپيڪٽر ڊيومونٽ سان ڳالهائڻ لاءِ چيائين. هو ٽن منٽن تائين تمام برهم انداز ۾ فون تي ڳالهائيندو رهيو، "آئون هتي ئي انتظار ٿو ڪريان." هن فون رکي ڇڏ. پندرنهن منٽن ڪانپوءِ سندس

دوست انسپيڪٽر ڊيومونٽ اتي پهتو. هن سان گڏ هڪ عجيب شڪل وارو ماڻهو هو.اهڙي بي سري شڪل وارو ماڻهو گرئنگئر پهرين ڪڏهن نه ڏٺو هو. سندس نرڙ ته ڄڻ سندس ڇهري مان ڌماڪي سان نڪرڻ وارو هو. سندس ڀوريون اکيون عينڪ جي ٿلهن شيشن پٺيان لڪل هيون.

"هي آهي محترم ڊينئل ڪوپر." انسپيڪٽر چيو، "هي پڻ ان عورت جي ڳولها ۾ آهي، جنهن جو تو ذڪر ڪيو."

"ڪوپر ڳالهائڻ لڳو، "تو انسپيڪٽر کي ٻڌايو ته اها عورت ڪنهن فراڊ جي ڪم ۾ ملوث آهي؟"

"هوءَ هن وقت سئٽزرلينڊ وڃي رهي آهي. توهان ڪيس ايئرپورٽ تي پڪڙي سگهو ٿا. مون وٽ اهي سڀ ثبوت آهن، جيڪي توهانکي گهربل آهن."

گرئنگئر هنن ٻنهي کي هوٽل جي ان ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي اها پريس رکيل هئي، "هوءَ هن پريس سان نوٽ ڇاپيندي هئي."

ڪوپر اڳيان وڌيو ۽ ان مشين کي غور سان ڏسڻ لڳو، "هوءَ هن مشين تي نوٽ ڇاپيندي هئي؟"

گرئنگئر ڪاوڙ ۾ چيو، "ها مون ائين ئي چيو.

هن کيسي مان هڪ نوٽ ڪڍيو، "هي آهي اهو جعلي نوٽ، جيڪو هن مونکي ڏنو."

ڪوپر دريءَ ڏانهن وڌيو ۽ مٽي روشنيءَ ۾ نوٽ کي پرکڻ لڳو. "پر هيءُ ته اصلي نوٽ آهي؟"

"ها، اهو اصلي لڳي ٿو. اهو ان لاءِ ته هن اهو نوٽ ان مشين تي ڇپيو آهي، جيڪا هن آمريڪا جي رياست فلاڊيلفيا جي هڪ شخص کان خريد ڪئي، جيڪو پئسا ڇپڻ واري اداري ۾ ڪم ڪندو هو. هن اهي نوٽ هن مشين تي ڇپيا آهن."

ڊينئل ڪوپر تلخ انداز ۾ چيو، "تون ته صفا ڪو چريٽ آهين. هي هڪ عام پرنٽنگ مشين آهي، جنهن تي، سواءِ چند ليٽر هيڊز جي، ڪجهه به ڇپجي نه ٿو سگهجي."

"ليٽر هيڊز؟" گرئنگئر کي لڳو ته ڪمرو سندس اڳيان گردش ڪندو هجي، "درحقيقت تو ان ڪوڙي ڪهاڻيءَ تي يقين ڪيو، جيڪا ڪاغذ جي ٽڪرن کي اصل نوٽن ۾ تبديل ڪندي آهي."

"آئون توکي ٻڌايان ته مون پنهنجين هنن اکين سان ڏٺو هو."

پوءِ يڪدم ڪيس ياد آيو ته هن ڇا ڏٺو هو. چند آلا نوٽ، جيڪي تار تي ٽنگيل هئا. ڪجهه ڪاغذ جا ٽڪرا زمين تي پکڙيل ۽ هڪ پيپر ڪٽر. هاڻ ڪيس احساس ٿيو ته ساڻس ڪيڏو وڏو فراڊ ٿيو هو. سئٽزرلينڊ ۾ ڪو به انتظار نه ڪري رهيو هو.

"اتي هڪ آمريڪي سياح ڊينئل ڪوپرَ پڻ ايندو."

☆☆☆

هاڻي جاسوس سچو ڏينهن ٽريسيءَ جي پٺيان هئا. هوءَ اڪيلي اڪيلي ان هيٺ تي گهمندر رهي. مختلف هوٽلن ۾ ماني کائڻ ۽ ڏيکڻ جي ويڙهه ڏسڻ سندس مشغلا هئا.

پوليس چيف جو سيڪريٽري آفيس ۾ آيو، "سائين ڪو شخص اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. سندس نالو ڊينئل ڪوپر آهي."

پوليس چيف جا ڪيترائي آمريڪي دوست هئا. هو آمريڪين کي پسندڪندو هو. ٽرگننٽ، ڊينئل جي باري ۾ هن کي سڀ ڪجهه ٻڌايو هو.

"توهين سڀ بيوقوف آهيو. هوءَ هتي هڪ سياح جي طور نه آهي آهي، بلڪ ڪنهن ٻئي مقصد سان آئي آهي."

پوليس چيف کي ڪوپر جي لفظن تي چڙ آئي، پر پنهنجي طبيعت کي ٿڌو رکندي چيائين، "سائين! توهان خود چيو ته هوءَ جاذب نظر شين جي پٺيان هوندي آهي ۽ اهو ڪندي آهي، جيڪي ظاهري طور ناممڪن هجي، پر هتي هن هيٺ تي اهڙو ڪجهه به نه آهي، جيڪو ڪيس هتي جڪي اُڇي."

"ڇا هوءَ هتي ڪنهن سان ملي آهي؟ ڪنهن سان رابطو ڪيو اٿس؟"

"نه، ڪنهن سان به نه."

"پوءِ هوءَ ائين ڪندي."

☆☆☆

مئجورڪا ۾ به سؤ غارَ آهن، پر سڀني کان دلچسپ آهي "ڊرئگن وارو غار" جيڪا پالما کان هڪ ڪلاڪ جي ڊرائيو تي آهي. اهي قديم غارَ زمين ۾ هيٺ ڪافي گهرا آهن. اهي غارَ تمام خوبصورت آهن ۽ پنهنجي دور جي ڪاريگريءَ جو شاهڪار آهن. بنا ڪنهن سونهين جي، ڪير به اندر وڃي نه ٿو سگهي. انهن کي صبح جي وقت ماڻهن لاءِ کوليو ويو آهي، اهي هر وقت سياحن سان پريل رهندا آهن.

ٽريسيءَ فيصلو ڪيو ته چنچر جي ڏينهن هوءَ غارَ گهمڻ ويندي، جڏهن اتي ڪافي رش هوندي آهي. دنيا جي سڀني ملڪن مان سوين سياح هتي ايندا هئا. هن هڪ ڪائونٽر تان ٽڪيٽ ورتي ۽ ميڙ ۾ شامل ٿي ويئي. ڊينئل ڪوپر ۽ پوليس جا به اهلڪار سندس پٺيان هئا. هڪ گائيڊ، سياحن کي هڪ پٿر جي سوڙهي گس مان گذاري وٺي ويو. اتي پٿر جي ديوارن مان پاڻي ٽمي رهيو هو، جنهن سبب پٽ ترڪڻو هو ۽ قدم سنڀالي رکڻو هو. اندر جهان ئي ٻيو لڳو پيو هو. ڪئلشيم سان ٺهيل شاهڪار هر طرف نظر اچي رهيا هئا. پکي، جانور ۽ وڻ تمام

خوبصورت هئا. اڳيان اندھ جو سمنڊ هو ۽ اتي ٽريسي گم ٿي وئي.

ڊينئل ڪوپر تيز تيز اڳيان وڌيو پر هوءِ ڪٿي بہ نظر نہ آئي. ماڻهن جي رش ۾ ڪيس تلاش ڪرڻ ممڪن نہ هو. ڪيس خبر نہ هئي تہ آيا هوءِ ڪانئس اڳيان آهي يا پٺيان! پر هوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ واري آهي. ڊينئل ڪوپر ائين سوچيو.

غارن جي هيٺين حصي ۾ هڪ ڊنڊ جي پرسان هڪ رومن ٿيٽر آهي. ان جي چوڌاري پٿر جون بئنچون نهيل آهن، جتي تماشبين ويهي ٿيٽر ڏسندا آهن. ٿيٽر جو شو هر ڪلاڪ ۾ ٿيندو آهي. تماشبين اونده ۾ نهيل بئنچن تي ويهي شو هلڻ جو انتظار ڪندا آهن.

ٽريسي بئنچن جي ڏهين قطار جي ويهين نمبر سيٽ تي ويئي. سيٽ نمبر ايڪيھ تي ويٺل همراھ هن سان مخاطب ٿيو. "ڪو مسئلو؟"

"نہ گنٿر." هوءِ هن ڏانهن مڙي ۽ کيس ڳل تي چمي ڏنائين.

گنٿر ڪجهہ چيو، پر ماڻهن جي گوڙ ۾ ٻڌڻ ۾ نہ آيو. ان لاءِ هوءِ، هن جي ويجهو جهڪي.

"آئون سمجهان ٿو تہ اسان لاءِ بهتر آهي تہ اسانکي ڪير بہ گڏ نہ ڏسي. ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجو پيڇو ٿيندو هجي."

ٽريسيءَ چوطرف نگاھ ڊوڙائي، "نہ، اسان بلڪل محفوظ آهيون. هاڻي جيڪي ڪجهہ توکي چوڻو آهي، اهو تمام اهم هوندو."

"ها بلڪل اهم آهي." هو، هن ڏانهن جهڪيو، "هڪ شاهڪار گراهڪ، هڪ پينٽنگ خريد ڪرڻ چاهي ٿو. اها آهي "گويا"، جنهن کي يورٿو بہ سڏين ٿا. هو ان لاءِ اڌ ملين ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار آهي."

ٽريسي سوچيندي چيو، "ٻيا بہ ان لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن؟"

"ها، ٻيا بہ آهن، پر ڪاميابيءَ جا امڪان ٿورا آهن."

"اها پينٽنگ ڪٿي آهي؟"

"پراڊو ميوزيم ۾، يعني اسپين جي گاديءَ واري شهر ميڊرڊ ۾."

"پراڊو!" اهو لفظ ٽريسيءَ جو سوچ ۾ گردش ڪرڻ لڳو تہ اهو ناممڪن آهي.

هو ٽريسيءَ جي وڌيڪ ويجهو ٿيو ۽ چوطرف ماڻهن جي رڙين ۽ گوڙ جي ڪي نظرانداز ڪندي سندس ڪن ۾ ڪجهہ چيائين.

"وڏو فائدو آهي. ان لاءِ ئي مون تنهنجو انتخاب ڪيو آهي."

"واقعي وڏو فائدو ٿيندو. اڌ ملين ڊالر."

شو شروع ٿيو. اوچتو خاموشي ڇانئجي وئي. ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ بلب روشن ٿيا ۽ سڄي ٿيٽر ۾ موسيقي گونجڻ لڳي. ٿيٽر جي اسٽيج جي اڳيان هڪ ڊنڊ هئي. پاڻيءَ مان

مدهوش ڪندڙ سريلي ميوزڪ گونجڻ لڳي. چمڪدار روشنيون ماحول کي خوبصورت بڻائي رهيون هيون.

"تمام خوبصورت!" گنٽر چيو.

"بهتر هجي ها جو ان کي ڏسڻ بجاء ان ۾ سفر ڪجي."

"مون کي سفر ڏاڍو پسند آهي." ٽريسيءَ چيو. "۽ گنٽر توکي خبر آهي ته مون سدائين ڪيڏانهن سفر ڪرڻ چاهيو آهي؟"

"ها، مئڊرڊ ڏانهن."

غارن جي ٻاهران ڊينئل ڪوپر بيٺو انتظار ڪري رهيو هو. ٽريسي ٻاهر آئي، هوءَ اڪيلي هئي.

☆☆☆

مئڊرڊ جي علائقي پلازا ڊي لاليٽلنڊ جي رٽز هول اسپين جي بهترين هوٽل سمجهي ويندي آهي. گذريل هڪ صديءَ کان اتي جا مهمان يورپ جي ڪيترن ملڪن جا سربراهه، بادشاهه ۽ شهزادا رهيا آهن. ٽريسي ان جي باري ۾ ڪافي ڪجهه ٻڌو هو، پر حقيقت ۾ ڪجهه مختلف هو. ڪيس اها هوٽل گهٽو نه وڻي.

هوٽل جو مينيجر ڪيس سندس ڪمرن ڏانهن وٺي ويو. هن پنجين منزل تي ڪمرو نمبر 411 ۽ 412 لاء چيو هو.

"مونکي يقين آهي ته هي اوهانجي اطمينان مطابق آهن، مس وٽني."

ٽريسي دريءَ طرف وئي ۽ ٻاهر ليئو پائي ڏٺائين. دريءَ جي بلڪل هيٺ گهٽيءَ جي ٻئي طرف پراڊو ميوزيم هو. "ها واقعي، هي اطمينان بخش آهي، مهرباني."

سڄو ڪمرو ٻاهر گهٽيءَ ۾ هلندڙ ٽرئفڪ جي شور سان گونجيل هو، پر هن لاء ڪو مسئلو نه هو. چاڪاڻ ته سندس شڪار هر وقت سندس نگاهن جي اڳيان هو. ٽريسيءَ پنهنجي ڪمري ۾ ئي ڊنر جو آرڊر ڏنو ۽ جلد ئي سمهي پئي. جڏهن هو سمهڻ لاء بستريءَ تي ليٽي ته ڪيس احساس ٿيو ته هتي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ پاڻ تي تشدد ڪرڻ وانگر آهي.

☆☆☆

اڌ رات جو هوٽل جي احاطي ۾ هڪ جاسوس کي سندس ساٿيءَ ٻڌايو ته هوءَ ڪمري کان ٻاهر نه نڪتي آهي. شايد اڄ رات هوءَ آرام ئي ڪندي. مئڊرڊ جي پوليس هيڊ ڪوارٽرز جي عمارت شهر جي بلڪل وچ ۾ آهي. اها ڀاريلي رنگ جي سرن سان ٺهيل هڪ اوچي عمارت آهي، جنهن جي ڇت تي هڪ گهڙيال لڳل اوچو ٽاور آهي. عمارت جي مک دروازي وٽ اسپين جا ڳاڙها زردا جهنڊا ڦڙڪندا نظر ايندا آهن. چوويهه ڪلاڪ دروازي تي پوليس گارڊ بيٺل هوندا آهن. اهي گارڊ مخصوص قسم

جي هٿيارن سان ليس هوندا آهن ۽ هر وقت ڪارروائيءَ جي تاڙ ۾ رهندا آهن. انهيءَ پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ انٽرپول سان رابطه ڪاري هلندي آهي.

گذريل ڏينهن صبح جو پوليس هيڊ ڪوارٽرن جي چيف "سينٽيا گوراميرو" جي نالي هڪ ٽيليگرام آيو هو، جنهن ۾ ڪيس ٽريسيءَ جي مئڊرڊ آمد جي جانڪاري ڏني وئي هئي. سينٽياگو ٽيليگرام جي آخري فقري کي ٻه دفعا پڙهيو ۽ هڪدم پيرس ۾ انٽرپول جي آفيس ۾ وينٽل انسپيڪٽر ٽرگننٽ کي فون ڪيو.

"مونکي اوهانجو پيغام سمجهه ۾ نه آيو؟" سينٽياگو چيو، "توهانجو چوڻ آهي ته آئون پنهنجي اداري جو مڪمل تعاون هڪ اهڙي آمريڪيءَ کي ڏيان، جيڪو پوليس جو ماڻهو نه آهي. آخر ڪهڙو سبب آهي؟"

"ڪمانڊر سينٽياگو! توهان لاءِ ڊينئل ڪوپر ڪافي فائديمند ثابت ٿيندو. هو ٽريسيءَ جي هر چال کي خوب سمجهي ٿو."

"سمجهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟" ڪمانڊر چيو، "هوءَ هڪ مجرم آهي، پر خطرناڪ ۽ چالاڪ. پر اسپين جا جيل اهڙن مجرمن سان ڀريل آهن. هوءَ اسانجي چار مان ٻچي نڪري نه ٿي سگهي."

"بهرحال توهان ڊينئل ڪوپر سان مشورو ڪريو."

ڪمانڊر طنزيه انداز ۾ چيو، "جيڪڏهن اوهان چئو ٿا ته هو اسان لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو ته ٺيڪ آهي."

ڪمانڊر سينٽياگو ميرو، سندس پيرس جي دوست ٽرگننٽ وانگر آمريڪين کي پسند نه ڪندو هو. هن کي اهي تمام تلخ، ماده پرست ۽ بيوقوف لڳندا هئا. پر ٿي سگهي ٿو ته هي همراه انهن کان الڳ هجي. هن سوچيو، " ٿي سگهي ٿو آئون ڪيس پسند ڪريان." پر جڏهن سندس، ساڻس ملاقات ٿي ته هو هن کي ڪونه وڻيو.

☆☆☆

"هوءَ يورپ جي اڌ کان وڌيڪ پوليس فورس کي گهمرو ڏيئي چڪي آهي." ڊينئل ڪوپر، ڪمانڊر جي آفيس ۾ داخل ٿيندي چيو، "۽ توهان سان به هوءَ اهو ئي ڪرڻ واري آهي، جيڪو ٻين سان ڪيو اٿس."

ڪمانڊر سندس ڳالهين ٻڌي ڳاڙهو ٿي ويو، پر پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ ڪانسواءِ هو ڪجهه به نه ڪري سگهيو.

"سائين اسان کي ضرورت نه آهي ته ڪو ٻيو اسانکي ڏسي ته اسانکي پنهنجو ڪم ڪيئن ڪرڻ گهرجي. جنهن لمحي وٽني ٽريسي براجاس هوائي اڏي تي پهتي، اسان جي مسلسل نظر ۾ آهي. آئون اوهانکي خاطري ڏياريان ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن شخص

گهٽيءَ ۾ هڪ پن بہ ڪيرائي ۽ ٽريسيءَ اها ڪنئي تہ اسان ڪيس جيل جي هوا کارائينداسين. هن ڪان اڳ سندس اسپين جي پوليس سان واسطو نہ پيو آهي."

"هوءَ هتي پن ڪٽڻ لاءِ نہ آئي آهي."

"پوءِ توهانجي خيال ۾ هوءَ هتي ڇو آئي آهي؟"

"مونکي پڪ تہ نہ آهي پر هوءَ جيڪي ڪجهہ بہ ڪندي، اهو تمام وڏو هوندو."

"ٺيڪ جيترو وڏو ڏوهہ، اوترو بهتر. اسان سندس هر چرپر تي نظر رکنداسين."

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽريسي ان ايڊائينڊڙ بستري تي بيدار ٿي، وهنجي سهنجي هلڪي ناشتي ۽ بليڪ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي. پراڊو ميوزيم هڪ خوبصورت قلعو هو. جيڪو پٿر ۽ اسپين جي ڳاڙهين سرن سان ٺهيل هو. چئني طرفن کان گاهہ ۽ ساوا وڻ هئا. عمارت جي اڳيان بہ وڏا ٿنڀ ٺهيل هئا. ٻنهي پاسن کان سيڙهيون ۽ مٿي اندر داخل لاءِ دروازا هئا. هيٺ گهٽيءَ ۾ ٻڙ بہ دروازا هئا. اسڪول جا ٻار ۽ دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل سياح قطارون ٺاهيو دروازو کلڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ٺيڪ ڏهين بجي وارڊن دروازا کوليا ۽ ٻار ۽ سياح رش ڪندا گهمنڊڙ دروازي کان اندر داخل ٿيڻ لڳا. اوچتو فون جي گهنٽي وڃڻ لڳي. ٽريسي ڏڇي ويئي. "سواءِ گنٽر جي، ٻئي ڪنهن کي، بہ خبر نہ آهي تہ آئون مئڊرڊ ۾ آهيان." هن فون کنيو.

آواز ڇاتل سڄاتل هو. "آئون مئڊرڊ جي چيمبرس آف ڪامرس مان ڳالهائي رهيو آهيان. مونتي اها ڊيوٽي رکي وئي آهي تہ آئون اوهان لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪريان، جو اوهانجي مئڊرڊ جي ٽرپ کي شاندار ڪري ڇڏي."

"پر توکي ڪيئن خبر پئي تہ آئون مئڊرڊ ۾ آهيان جيف؟"

"چيمبر آف ڪامرس کي سڀ خبر آهي. مئڊرڊ ۾ تون پهريون دفعو آئي آهين."

"ها."

"پوءِ آئون اوهان کي هتي ڪافي جڳهيون ڏيڪاريندس. تون هتي ڪيترو وقت آهين؟"

اهو هڪ اهم سوال هو. "پڪ نہ آهي، بس ڪجهہ وقت سير و تفريح ۽ ڪجهہ شاپنگ. پر تون هتي ڪيئن؟"

"آئون... آئون بہ ساڳئي ڪم لاءِ، مطلب تہ ڪجهہ سير و تفريح ۽ شاپنگ."

ٽريسيءَ کي اعتبار نہ آيو تہ هو بہ ساڳئي ڪم لاءِ يعني" پيورنو"

چورائڻ لاءِ آيو آهي.

"ڇا تون رات جي ماني لاءِ واندي آهين؟"

ٽريسيءَ همٿ ٻڌندي چيو.

"ها."

"ٺيڪ پوءِ آئون جوڪي ۾ ٽيبل بڪ ڪرائي ٿو ڇڏيان."

☆☆☆

ٽريسيءَ جي ذهن ۾ جيف جو خيال به نه هو. پر جڏهن هوءَ لفٽ مان لهي هوٽل جي احاطي ۾ داخل ٿي ته ڪيس اهو ڏسي ڪافي مسرت ٿي ته هو سندس انتظار ۾ بيٺو هو.

جيف سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وڌو. "اڄ تون ڏاڍي خوبصورت پئي لڳين." هن تمام عمدو لباس پاتو هو. نيوي بليو رنگ جو ويلنٽينو وگو ۽ ڳچيءَ ۾ روسي اسڪارف.

ڊينيل ڪوپر پريان هڪ ٽيبل تي ويهي وسڪي پي رهيو هو. هن ٽريسيءَ کي جيف سان ايترو گرم جوشيءَ سان ملندي ڏٺو ۽ سوچيو. "انصاف ڪرڻ منهنجو ڪم آهي. خدا چئي ٿو آئون سندس تلوار ۽ هٿ آهيان. جنهن سان هو توکان انتقام وٺندو. منهنجي زندگي هڪ ڪفارو آهي ۽ اهو ڪفارو ادا ڪرڻ ۾ تون منهنجي مدد ڪنديئن. آئون ئي توکي سزا ڏيندس. مونکي پڪ آهي ته دنيا جي ڪابه پوليس توکي پڪڙي نه ٿي سگهي، پر آئون...تون منهنجي لاءِ آهين."

ڊينئل ڪوپر لاءِ ٽريسي ذميداريءَ کان وڌيڪ ڪجهه ب ٽجي وئي هئي. هوءَ سندس لاءِ هڪ خواب بڻجي، وئي هئي. هر وقت هن جا فوٽو ۽ فائل ساڻس گڏ هوندا هئا. رات جو سمهڻ کان پهرين هو ڪافي وقت هن جي فوٽن کي اٿلائي پٿلائي ڏسندو هو. "بيارٽز" ۾ هو دير سان پهتو ۽ "مئجورڪا" ۾ پڻ هوءَ سندس اکين ۾ مٽي وجهي وئي. پر هن دفعي هو ڪيس اٿين وڃڻ نه ڏيندو.

هوءَ ڪيس خواب ۾ ڏسڻ ۾ آئي. هوءَ هڪ وڏي قفس ۾ قيد هئي ۽ هن اڳيان ٻاڏائي رهي هئي. "مونکي آزاد ڪر."

"ها، آئون توسان پيار ڪريان ٿو، پر توکي آزاد نه ڪندس."

☆☆☆

جوڪي مئڊرڊ جو هڪ بهترين ريسٽورنٽ آهي.

"ڪاڏو تمام لذيذ آهي." جيف چيو.

ٽريسيءَ سوچيو ته هو ڪيترو خوبصورت ۽ پرڪشش لڳي رهيو آهي. ڪيس سمجهه ۾ نه آيو ته ڇو! هو ٻئي ڇتاپيڻيءَ ۾ هئا. ڪافي وقت کان هڪ ٻئي مقصد لاءِ ذهن جي راند ڪيڏندا رهيا هئا. پر ٽريسيءَ کي خبر هئي ته هوءَ ڪيس هڪ دفعو وري مات ڏيئي ويندي. ان کان اڳ جو هو ڪجهه ڪري، هوءَ اها پيئنٽنگ

چورائي ويندي.

"عجيب قسم جا افواهه ٻڌڻ ۾ آيا آهن." جيف چيو.

ٽريسي پنهنجي توجهه هن طرف ڪئي، "ڪهڙي قسم جا افواهه؟"

"تو ڪڏهن ڊينئل ڪوپر جي باري ۾ ٻڌو آهي؟ هو هڪ انشورنس جاسوس آهي ۽ تمام چالاڪ آهي."

"نه. هن جي باري ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي."

"خبردار رهه. هو تمام خطرناڪ آهي ۽ آئون چاهيندس ته توکي ڪجهه نه ٿئي."

"تون پريشان نه ٿيءُ."

"پر ٽريسي آئون تنهنجي لاءِ پريشان ٿي رهيو آهيان."

ٽريسي کلڻ لڳي، "منهنجي لاءِ! ڇو؟"

جيف پنهنجو هٿ هن جي هٿ مٿان رکيو ۽ آهستي چيو، "تون منهنجي لاءِ تمام خاص آهين. تو سان گڏ زندگيءَ جو حسن وڌي ويندو آهي."

"انداز ڏاڍو سٺو اٿس. آئون هن تي اعتبار ڪريان پر آئون ڪيس چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي." ٽريسي سوچڻ لڳي.

"ڪجهه آرڊر ڪريون." ٽريسيءَ چيو، "مونکي ڪافي بک لڳي آهي."

اينڊڙ ڏينهن ۾ هو ٻئي پوري مئڊرڊ ۾ گهمندا رهيا. هو ڪڏهن به اڪيلا نه هوندا هئا. ڪمانڊر سينٽياگو جا ٻه ماڻهو هر وقت انهن تي نگاهه رکندا رهيا. ساڻن ڊينئل ڪوپر به گڏ هوندو هو. ڪمانڊر اجازت ڏني هئي ته ڪوپر پلي تعاقب ڪندڙ ٽيم جو حصو هجي ته جيئن سندس آفيس ۾ ويهي هن جو دماغ خراب نه ڪري. اهو آمريڪي تمام هوشيار ۽ تيز فهم هو. ڪيس اها پڪ هئي ته ٽريسي، پوليس کي گهمرو ڏيئي وڏي ڪا واردات ڪري ويندي ۽ هتي جي پوليس پنهنجي بيوقوفيءَ تي ڏند ڪرٽيندي رهجي ويندي.

ٽريسي ۽ جيف، مئڊرڊ جي مشهور ريسٽورنٽ ۾ ماني کائيندا رهيا . ٽريسي، جيف سان گڏ ڪافي خوش نظر ٿي آئي. جيف کي مئڊرڊ جي اهڙن خوبصورت جاين جي خبر هئي،جن کان سياح به واقف نه هئا. اهي جيڏانهن به ويا ٿي، ڊينئل ڪوپر ۽ ٻه جاسوس سندن پٺيان هئا.

ڊينئل ڪوپر، ڪانئن پرپرو رهي سندس چرپر تي نظر رکندو هو ته مٿان ڪين نه شڪ ٿي پوي ته سندس تعاقب ڪيو پيو وڃي. هو تمام گهڻو پريشان هو ته هن سڄي ڊرامي ۾ جيف اسٽيونز جو ڪهڙو ڪردار هو. هن کي خيال آيو ته آخر هو آهي ڪير؟ ڇا هو ٽريسي، جو اڳيون شڪار آهي؟ يا هو ٻئي گڏجي ڪو منصوبو سٽي رهيا آهن؟

ڪوپر، ڪمانڊر رامرو سان رابطو ڪيو. "توهان وٽ هن جيف اسٽيونز جي باري ۾ ڪهڙي ڄاڻ آهي؟"

"بلڪل سيف. هن جو ڪوبہ مجرماڻو رڪارڊ نہ آهي. هو مئڊرڊ ۾ هڪ سياح جي حيثيت سان آيو آهي. مونکي لڳي ٿو تہ ان ۾ ٽريسيءَ جي ڪا چال آهي جو ڪيس پنهنجو ساٿي بڻايو اٿس."

پر ڊينئل ڪوپر جي لاشعور ۾ ڪجهہ ٻيو هو. هن دل ۾ سوچيو، "آئون نہ ٿو سمجهان تہ ٽريسي ان .... جيف جي پٺيان آهي. معاملو ڪو ٻيو آهي، پر ٽريسي، تون مون کان ڪيترو وقت ڀڄنديئن؟"

هڪ رات ٽريسي ۽ جيف دير سان هوٽل ۾ آيا ۽ جيف ڪيس روم جي در وٽ ڇڏڻ آيو. "ڇا اڄ رات آئون تنهنجي ڪمري ۾ ترسي سگهان ٿو؟"

ٽريسيءَ پنهنجي چهري تي مرڪ آڻيندي ۽ ڪيس ڳل تي چمي ڏيندي چيو، "تون، مونکي پنهنجي ڀيڻ وانگر سمجهہ."

"جنسي پيار متعلق تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

پر هوءَ دروازو بند ڪري چڪي هئي.

ڪجهہ منٽن بعد جيف ڪيس پنهنجي ڪمري مان فون ڪيو.

"سڀاڻي مون سان گڏ سيگوويا ۾ ڏينهن گذارڻ بابت ڇا خيال آهي؟ اهو مئڊرڊ کان ڪجهہ ڪلاڪن جي سفر تي تمام شاندار قديم شهر آهي."

"تمام سٺو. مهرباني هن شاندار شام لاءِ. هاڻي گڊ نائيٽ."

ٽريسي پنهنجي بستري تي ليٽيل هئي. سندس نگاهون مٿي ڇت ۾ ڪتل هيون. ڪافي ڪوشش جي باوجود ڪيس ننڊ نہ پئي آئي. ڪجهہ سوچن سندس ذهن کي مصروف رکيو هو. ڪافي وقت کان هوءَ هڪ شخص ۾ محو هئي. ڪو وقت هو جو سندس چارلس سان جذباتي تعلق هو، پر سندس جذبن کي ايتري ٺيس پهتي هئي جو هن پنهنجي زندگيءَ جو رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. جيف اسٽيونز هن لاءِ هڪ سٺو دوست هو ۽ هن چاهيو ٿي تہ هو دوست ئي رهي ۽ سندن لاڳاپن ۾ اضافو اچڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن هوءَ جيف جي وڌيڪ ويجهو ٿي تہ ڪيس ساڻس پيار ٿي پوندو ۽ پيار جي معنيٰ آهي هڪ دفعو وري جوڙ! تباهي، ۽ زندگي خلاص. انهن سوچن ۾ گم سندس اکيون بند ٿيڻ لڳيون ۽ ننڊ جا خمار اچڻ لڳس.

☆☆☆

سيگوويا جو سفر واقعي شاندار هو. جيف هڪ ڪار ڪرائي تي ورتي هئي. ٻئي ڄڻا مئڊرڊ مان نڪتا ۽ اسپين جي سرسبز علائقن جو سير ڪندا اڳيان روانا ٿيا. سمورو وقت هڪ ڪار سندن تعاقب ۾ هئي. اها

بتيون روشن ٿي ويون. پوءِ ساز وڄڻ لڳا. آهستي آهستي فنڪارن جو هڪ ٽولو اسٽيج تي ظاهر ٿيو. عورتن کي رنگ برنگي پوشاڪ پهريل هئي. مرود ناچن کي ٽائيٽ ٽرائوزرز پهريل هئا. گٽارن جو مدهوش ڪندڙ ساز ڇڙيو ۽ هڪ عورت اسپيني ٻوليءَ ۾ ڳائڻ لڳي.

"توکي سمجهه ۾ اچي ٿو ته هوءَ ڇا ڳائي رهي آهي؟" ٽريسيءَ پڇيو.

"ها، هوءَ چئي رهي آهي ته مون پنهنجي محبوب کي ڇڏڻ ٿي چاهيو، پر ان کان اڳ جو آئون کيس ڇڏيان، هو مونکي ڇڏي ويو ۽ منهنجي دل ٽوڙي ويو."

هڪ ناچو اسٽيج جي وچ ۾ آيو ۽ گٽار جي متر سر سان پنهنجي جسم کي چربر ڏيڻ لڳو. گٽار جو آواز تيز ٿيڻ لڳو ۽ ناچو به تيزيءَ سان حرڪت ڪرڻ لڳو. سندس قدم ائين کڄي رهيا هئا، ڄڻ گٽار جو آواز سندس رموٽ ڪنٽرول هجي.

پوءِ اوچتو ميوزڪ بند ٿي وئي ۽ ڪجهه لمحا خاموشي ڇانئجي وئي ۽ پوءِ هر طرف کان واهه واهه جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون.

"واقعي تمام شاندار ناچ هو!" ٽريسيءَ چيو.

پوءِ هڪ ٻي عورت اسٽيج تي آئي ۽ ناچ ڪرڻ لڳي. بار ۾ ويٺل سڀئي ماڻهو وڏي آواز ۾ واهه واهه ڪري ۽ دانهون ڪري رهيا هئا. ٽريسي به انهن سان شامل هئي. دراصل اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ ڪانپوءِ سندس جنسي جذبا جاڳي پيا هئا. سندس سڄو جسم ڏکي رهيو هو ۽ اکين ۾ مدهوشي تاري هئي. هن چاهيو ته سندس ان حالت جي جيف کي خبر نه پوي. هن پنهنجا هٿ هنج ۾ لڪائي ڇڏيا. هن محسوس ڪيو ته جيڪڏهن ٿورو به جيف کيس پيار ڪرڻ لاءِ زور پريو ته هوءَ ساڻس جنسي تعلق لاءِ تيار ٿي ويندي. تنهنڪري ڪوشش ڪرڻ لڳي ته جيف کي اهو محسوس نه ٿئي.

نيٺ ڊانس ختم ٿي ۽ هو واپس هوٽل ڏانهن موٽيا. رستي ۾ ٽريسيءَ، جيف سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو. هوٽل ۾ جيف کيس ڪمري تائين ڇڏڻ آيو.

"اڄوڪو ڏينهن...." ٽريسي وڏيڪ ڪجهه چئي نه سگهي.

"جيف کيس چيلهه کان پڪڙي پنهنجي ويجهو آندو ۽ چپن کي چمڻ لڳس.

"اڄوڪو ڏينهن واقعي شاندار گذريو. مهرباني، پر هاڻي مونکي ننڊ پئي اچي. آئون چاهينديس ته هاڻي آرام ڪريان."

"منهنجو به اهو ئي خيال آهي."

بئي هڪ ٻئي کي ڏسندي الڳ ٿي ويا.

☆☆☆

اتي ڪافي وقت ويٺي رهي ۽ ان پيوئرٽو کي گهوريندي رهي. جيئن ئي هوءَ اتان هلڻ لڳي، سياحن جو هڪ گروهه چاڙهين کان هيٺ لهڻ لڳو. انهن جي وچ ۾ جيف اسٽيونز هو. ٽريسيءَ پنهنجو چهرو ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو ۽ ان کان اڳ جو هو ڪيس ڏسي، هوءَ پاسي واري دروازي کان ٻاهر نڪري وئي.

"هيءَ هڪ ڇتاپيٺي آهي مسٽر جيف ۽ آئون او مقابلو ڪٽيندس." ٽريسيءَ دل ئي دل ۾ چيو.

"هوءَ پراڊو ميوزيم مان ڪا پينٽنگ چورائڻ جو منصوبو ٺاهي رهي آهي." ڪمانڊر راميرو اعتبار نه ڪرڻ واري انداز ۾ ڊينئل ڪوپر ڏانهن ڏٺو.

"اهو ممڪن ئي نه آهي جو هتان ڪير پينٽنگز چورائي سگهي."

ڪوپر سرڪشيءَ واري انداز ۾ چيو. "هوءَ ان ڏينهن اتي هئي."

"پراڊو ۾ ڪڏهن چوري نه ٿي آهي ۽ نه وري ڪڏهن ٿيندي. خبر اٿئي ڇو؟ ڇاڪاڻ ته اتان چوري ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي."

"ياد رک! هوءَ عام رواجي طريقا استعمال نه ڪندي. پورو ڌيان رک، متان گيس جو حملو ٿئي يا ڇانهه يا ٻاٽيءَ ۾ ڪا دوا مليل هجي. توکي هر شيءِ جو خيال رکڻ گهرجي."

ڪمانڊر راميرو جي برداشت حد ختم ٿي وئي. هن لاءِ اهو تمام ڏکيو هو جو گذريل هڪ هفتي کان ان مغرور ۽ تلخ طبيعت آمريڪيءَ کي برداشت ڪري رهيو هو. هن سندس انهن ڪيترن ئي ماڻهن جو وقت ۽ توانائي وڃائي هئي جيڪي چوويهه ڪلاڪ ٽريسيءَ جي پٺيان لڳل هئا. هن کي اڳيئي پوري سوري بجيٽ ملندي هئي جو هو پوليس ڊپارٽمينٽ کي هلائي. مٿان وري هي اجايو خرچ!

"منهنجي خيال ۾ ته هوءَ عورت مئڊرڊ ۾ گهمڻ واسطي آئي آهي، ان لاءِ هاڻي آئون پنهنجا جاسوس واپس ٿو گهرايان."

ڪوپر وائڙو ٿي ويو. "نه، تون ائين نه ٿو ڪري سگهين. ٽريسي...."

ڪمانڊر ڪاوڙ ۾ اٿي بيٺو. "ڪا ضرورت نه آهي ته تون، مونکي ٻڌائين ته مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي. آئون سمجهان ٿو ته تنهنجو هاڻي مون ۾ ڪو خاص ڪم نه آهي ۽ آئون هڪ مصروف شخص آهيان."

ڊينئل ڪوپر تمام مايوس انداز ۾ اٿي بيٺو. "پوءِ ٺيڪ آهي، اهو ڪم آئون اڪيلو ئي ڪندس."

ڪمانڊر مسڪرائڻ لڳو. "مطلب ته پراڊو ميوزيم جو بچاءُ ان هڪ عورت کان! تمام سٺو. مطلب ته آئون آرام سان ننڊ ڪري سگهندس."

☆☆☆

كاميابيءَ جا امڪان تمام گهٽ هئا. ڳنتر ڪيس ٻڌايو هو تہ تمام گهٽي هوشياريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو. هوءَ پنهنجي ڪمري جي دريءَ ڪان ٻاهر ڏسڻ لڳي. هيٺ پراڊو ميوزيم هو. ذهن ۾ ميوزيم جي اندر جو سڄو نقشو ڊوڙائي رهي هئي. اهو صبح جو ڏهين وڳي ڪان شام جو ڇهين وڳي تائين کليل رهندو آهي ۽ ان دوران الارم بند هوندا آهن. پر هر دروازي ۽ هر ڪمري ۾ گارڊ بيٺل هوندا آهن. جيڪڏهن ڪا پينٽنگ چوري بہ ڪجي تہ ٻاهر ڪڍي وڃڻ ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ دروازي تي سمورو سامان چيڪ ڪيو ويندو آهي.

ٽريسي، پراڊو جي ڇت جو معائنو ڪرڻ لڳي تہ شايد اهو ڪم رات جو ممڪن ٿي سگهي.' تمام گهٽيون مشڪلاتون هيون. هڪ تہ اها ڇت هر طرف ڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ٻيو تہ اتي لڳل بلب ميلن تائين جي علائقي کي روشن رکن ٿا، پر جيڪڏهن ڪنهن صورت ۾ اندر گهڙي بہ وڃي تہ اندر انفراريڊ شعاع ۽ رات جا پهريدار آهن.

پراڊو جو شڪار ڪرڻ واقعي ناممڪن لڳي رهيو هو.

"پر جيف جو منصوبو ڪهڙو آهي؟ هو بہ اهو ئي سوچي رهيو هوندو تہ گويا جي ان شاهڪار کي ڪيئن چورائجي." ٽريسي سوچڻ لڳي، "ڪنهن طريقي سان معلوم ڪجي تہ هن جي دماغ ۾ ڇا آهي، پر هڪ ڳالهہ طئہ آهي تہ هن کي اڳيان نڪرڻ نہ ڏبو. ڪو گس ڪڍڻو پوندو."

ٻئي ڏينهن صبح جو هوءَ وري پراڊو وئي. هر شيءَ ساڳي هئي، سواءِ سياحن جي چهرن جي. چوطرف جيف کي تلاش ڪيو، پر هو نظر نہ آيو.

"لڳي ٿو تہ هن منصوبو ٺاهي ڇڏيو آهي تہ اها چوري ڪيئن ڪجي." ٽريسي سوچڻ لڳي، "وڏو حرامي آهي. مونکي وندرائڻ جي چڪر ۾ هو مون ڪان گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ چاهي ٿو تہ منهنجو شڪار پاڻ هڙپ ڪري."

هن ڪاوڙ پيتي ۽ پنهنجي منطقي دماغ کي هلائڻ لڳي. هوءَ پيوٽرٽو نمائش ڏانهن وئي. سندس اکيون هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳيون. الرٽ گارڊ نقل ڪندڙ مصور، ماڻهن جا ميڙ جيڪي اندر ٻاهر وهڪري وانگر هلي رهيا هئا. يڪدم هن جي ذهن ۾ منصوبو آيو.

"هاڻي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ ڇا ڪرڻو آهي."

ٽريسيءَ هڪ پبلڪ بوٿ تان فون ڪيو. ڊينئل ڪوپر پريان هڪ دڪان جي اندر ويٺو هو. هن سوچيو تہ جيڪڏهن کو ڪيس اهو ٻڌائي تہ هو هن ويل ڪنهن سان ڳالهائي

پهتو ۽ پوءِ گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جا سائرن ٻڌڻ ۾ آيا. گاڏين جي جلوس ۾ شهزادو پهتو. ميوزيم جو ڊائريڪٽر شديد بي چينيءَ سان شهزادي جو انتظار ڪري رهيو هو. هر شيءِ جو بندوبست ڪيو ويو هو. گارڊ بلڪل الرٽ هئا. ڊائريڪٽر پاڻ سڄي ميوزيم جو جائزو ورتو هو. هن کي فخر هو ته ميوزيم جو شهزادي تي تمام سٺو اثر پوندو.

ميوزيم جي ڊائريڪٽر سوچيو ته وڏن ماڻهن سان دوستي رکڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته شهزادو ميوزيم جي انتظام کان متاثر ٿي صدارتي محل ۾ رئيل رات جي مانيءَ جي دعوت ڏئي وجهي.

ڊائريڪٽر سان هن وقت فقط اهو مسئلو هو ته ميوزيم ۾ موجود سياحن جي ميڙ کي روڪي نه ٿي سگهيو. پر کيس اها خاطري هئي ته شهزادي جا پنهنجا باڊي گارڊ ۽ ميوزيم جا گارڊ سندس تحفظ ڪندا. هاڻي هر شيءِ تيار هئي.

شهزادو پهريائني مٿئين فلور کي ڏسڻ لڳو. ڊائريڪٽر سندس گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ساڻس گڏ هلڻ لڳو. گارڊ سندس پٺيان هلڻ لڳا. ڪمرن مان ٿيندي هو ان ڪمري ۾ پهتا، جتي سورهين صديءَ ۾ نهيل اسپين جون شاندار پينٽنگز رکيل هيون.

ڊاڪٽر: "توکي ڪيئن خبر پيئي ته تنهنجي زال مئل آهي."
ماڻهو: "هن حرڪت ئي ڪو نه پئي ڪئي جڏهن مون هن کي تڏو هنيو هو."

شهزادو آهستي آهستي پينٽنگز ڏسندو اڳيان هلندو رهيو. کيس فن سان گهڻو چاهه هو ۽ مصورن سان گهڻي محبت ۽ سندن قدر ڪندو هو. سندس خيال موجب مصور ماضيءَ جي شاهڪارن کي فن پارن جي صورت ۾ نئون جيون ڏين ٿا ۽ اهي سدائين جي لاءِ امر ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ هو پاڻ مصور نه هو ۽ نه وري ڪڏهن پينٽنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين، پر جڏهن هن نوجوان مصورن کي انهن شاهڪار فن پارن جي ڪاپي ڪندي ڏٺو ته کيس اندر ئي اندر ۾ حسد ٿيڻ لڳو.

جڏهن شهزادي مٿئين فلور تي رکيل سڀئي پينٽنگز ڏسي ورتيون ته ڊائريڪٽر چيو، "هاڻي اچو ته توهان کي هيٺ گويا جا امر فن پارا ڏيکاريان."

ٽريسيءَ اهو ڏينهن ڏاڍي تنديءَ سان گذاريو هو. سندس سڀ منصوبا تيار هئا، پر شهزادي جي اچڻ جي دير هئي ته جيئن هوءَ پنهنجو ڪم ڪري سگهي.

*(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)*

آمريڪا جي پاسي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٽِڪنڊي شڪل ۾ هڪ اهڙي جاءِ آهي، جنهن کي دنيا جي پراسرار ترين جڳهه ۽ تباهيءَ جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. ان جو نالو برمودا ٽڪنڊو آهي. اهو ڇا آهي، ان منجهه ڪهڙي قسم جي تباهي اچي ٿي، ان جا سبب ڪهڙا آهن، تنهن کي هيٺين صفحن ۾ پڙهندا. شايد سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پراسرار برمودا ٽڪنڊي متان هي پهرين لکڻي آهي

# پراسرار برمودا ٽڪنڊو

ڊاڪٽر خالد نوراني

آمريڪا جي ڏکڻي اوڀر طرف ائٽلانٽڪ سمنڊ منجهه هڪ اهڙي جاءِ آهي، جنهن جي شڪل ٽڪنڊي وانگر آهي، ان کي "برمودا ٽڪنڊو" چيو وڃي ٿو. هن ٽڪنڊي جي هڪ ڪنڊ اتر طرف "برمودا" ٻيٽ کي، ٻي ڏکڻ طرف آمريڪا جي رياست "فلوريڊا" کي، ۽ ٽئين ڪنڊ وري بهاماس ٻيٽ کي پار ڪري "پيورٽو ريڪو" ٻيٽ کي ڇُهي ٿي. هن ٽڪنڊي کي دنيا جي خطرناڪ ترين علائقن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ڇو ته هن ٽڪنڊي ۾ 1945ع کان هيستائين هڪ سؤ کن سامونڊي ۽ هوائي جهاز بنا ڪنهن نالي نشان ڇڏڻ جي گم ٿي ويا آهن ۽ اٽڪل هڪ هزار ماڻهو پنهنجيون جانيون وڃائي چڪا آهن.

هي ٽڪنڊو سڄي دنيا لاءِ هڪ ڳجهارت بڻيل آهي ته آخر هن ٽڪنڊي ۾ ڇا آهي، جنهن جي ڪري ايڏا وڏا سامونڊي ۽ هوائي جهاز گم ٿي ويا آهن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انهن جهازن ۾ ان ۾ سوار ماڻهن جو اڄ ڏينهن تائين



ڪو نالو ۽ نشان بہ نہ ملي سگھيو آھي. جيتوڻيڪ آمريڪا سائنسي طور دنيا ۾ سڀ کان اڳرو آھي، پر باوجود سخت، ڳولا جي ڪا بہ خبر انھن بابت نہ پئجي سگھي آھي.

انھن مان ڪيترا تہ جهاز ان وقت گم ٿيا آھن جڏھن اھي پنھنجن پنھنجن زميني مرڪزن سان مواصلاتي رابطي ۾ ھئا ۽ ڪجھہ تہ جهاز اھڙا بہ آھن، جن پنھنجي گم ٿيڻ کان پھرين عام نوعيت کان ھٽيل مدد ۽ بچاءَ لاءِ پيغامَ اماڻيا. ڪن جهازن جي ھلائيندڙ پائلٽن گم ٿيڻ کان پھرئين آخري پيغامن ۾ اھو ٻڌايو تہ سندن جهاز جا سيئي مواصلاتي اوزار نامعلوم سبب ڪري بند ٿي چڪا ھئا. ڪن جهازن وارن آخري پيغام ۾ اھو ٻڌايو تہ سندس رخ ٻڌائڻ واري ڪمپاس بجاءِ ھڪ طرف ٻڌائڻ جي، مسلسل دائري ۾ تيز تيز گردش ڪري رھي ھئي. ڪين مٿي آسمان پيلو ڏسڻ ۾ اچي رھيو (جڏھن تہ تحقيق مطابق ان ڏينھن موسم سٺو ھو ۽ آسمان بلڪل صاف ھو) ۽ ھيٺ سمنڊ ۾ غير معمولي اٿل پٿل نظر اچي رھي ھئي (جڏھن تہ تحقيق مطابق ان ڏينھن سمنڊ ۾ مانار ھئي ۽ ڪنھن بہ طوفان وغيره جي اچڻ جو ڪو آثار نہ ھو). حيرت جي ڳالھہ اھا آھي تہ انھن جهاز جا ھلائيندڙ اھا ڳالھہ ٻڌائي نہ سگھيا تہ ساڻن اھو ڇا ٿي رھيو ھو ۽ ڇو ٿي رھيو ھو. انھن پيغامن بعد زميني مرڪزن سان انھن جهازن جو رابطو ھميشہ لاءِ ٽٽي پيو ۽ پوءِ وري ان جهاز ۽ ان ۾ سفر ڪندڙن جي باري ۾ دنيا وارن کي ڪجھہ بہ وڌيڪ معلوم ٿي نہ سگھيو.

1945ع ۾ پنجن ھوائي جهازن پنھنجي بچاءَ يا مدد لاءِ سندن زميني مرڪز کي پڪاريو. انھن جي مدد ڪرڻ لاءِ ھڪ ساموندي جهاز کي "برمودا ٽڪنڊي" ڏانھن موڪليو ويو. عجيب جي ڳالھہ اھا آھي تہ اھي پنج ئي آمريڪي ھوائي جهاز ۽ سندن مدد ڪرڻ وارو ساموندي جهاز بنا ڪنھن نشان ڇڏڻ جي گم ٿي ويا ۽ اڄ ڏينھن تائين سندن ڪو بہ پتو نہ پئجي سگھيو آھي.

برمودا ٽڪنڊي کي شيطاني ٽڪنڊو (DEVIL'S TRIANGLE) يا "موت جو ٽڪنڊو" "The Triangle of Death" پڻ چيو ويندو آھي. ڪافي ماڻھو ان پراسرار ٽڪنڊي کي "ائٽلانٽڪ سمنڊ جو قبرستان" بہ ڪري ڪوٺيندا آھن.

ھن علائقي ۾ سڀ کان پھرين واقعو 5 ڊسمبر 1945ع تي پيش آيو، جڏھن فلائيٽ نمبر 19 جا پنج آمريڪي ھوائي جهاز عام مشقن جي پرواز تي ھئا. اھي سندن ھوائي اڏي "لاڊر ڊيل فورٽ" (Fort Lauderdale) تان اڏاڻا. انھن پنجن جهازن ۾ ٽوٽل پنج پائلٽ ۽ پنج ساٿي پائلٽ (Pilot-Co) ويٺل ھئا.

جيتوڻيڪ هر جهاز ۾ هڪڙي پائلٽ ۽ هڪڙي ساٿي پائلٽ کي ويهڻو هو، پر واقعي واري ڏينهن انهن مان هڪ ساٿي پائلٽ بيمار ٿي پيو هو ۽ هو پرواز تي وڃڻ جي قابل نہ هو. مجبورن هڪ جهاز کي ساٿي پائلٽ کان سواءِ اڏائڻو پيو. اهڙي ريت پنجن بدنصيب جهازن ۾ ڪل نو ڄڻا چڙهيل هئا.

سندن جهاز بلڪل نوان ۽ جديد هئا، جن ۾ ايترو پيٽرول هو، جو ڪين هزارين ميل، اڏارجي سگهجيو پئي. ان ڏينهن موسم نهايت خوشگوار هو ۽ عام گرمي پد بہ مناسب حد تي هو. آسمان بلڪل صاف هو. اڪا دڪا ڪي ڪڪر نظر اچي رهيا هئا. بقول انهن اڏامندڙ پائلٽ جي تہ، اها موسم اڏامڻ لاءِ حد درجي جي مناسب هئي. انهن پائلٽن کي ٻن ڪلاڪن تائين هوا ۾ اڏامي مشقون ڪرڻيون هيون.

اهي جهاز منجهند جو ٻين وڳي هوائي اڏي تان اڏاڻا ۽ ڏهن منٽن اندر سڀئي جهاز هوا ۾ هئا. انهيءَ جهازن جي جٿي جي اڳواڻي ليفٽيننٽ چارلس ٽيلر نالي آفيسر ڪري رهيو هو، جيڪو هڪ بيحد تجربيڪار پائلٽ هو ۽ پنهنجي هوائي اڏام جا 2500 ڪلاڪ پورا ڪري چڪو هو. سڀني جهازن جا پائلٽ ۽ ساٿي پائلٽ هوا بازي جا ڄاڻو هئا، ان ڪري اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ انهن سڀني کي سندن غلطيءَ جي ڪري ڪو حادثو وغيره پيش آيو هوندو.

پر لازمي طور ڪين ڪو سخت حادثو يا غير معمولي مسئلو ضرور درپيش آيو هوندو، جو تہ انهن جو اڄ ڏينهن تائين وري ڪو بہ نالو ۽ نشان نہ ملي سگهيو آهي، جيتوڻيڪ ان واقعي کي سٺ سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي.

منجهند جو اٽڪل سوا ٽين وڳي، انهن جهاز جي زمين مرڪز يعني "فورٽ لاڊوڊر ڊيل نيول ايئر اسٽيشن ٽاور" (Fort Lauderdale Naval Air Station Tower) ، جيڪو انهن مشقي جهازن سان مواصلاتي رابطي ۾ هو، تنهن کي فلائٽ ليڊر ليفٽيننٽ چارلس ٽيلر جو هڪ عجيب پيغامن جو سلسلو مليو. هوائي اڏي جو ريڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ زميني مرڪز جي مواصلاتي ڊپارٽمينٽ جي ان آپريٽر ۽ ليفٽيننٽ چارلس ٽيلر جي وچ ۾ هيٺين ڳالهہ ٻولهہ ٿي.

چارلس ٽيلر: هيلو... ڇا ڪنٽرول ٽاور مون کي ٻڌي رهيو آهي. هتي ايمرجنسي صورتحال آهي. مون کي لڳي ٿو تہ اسان مشق جي رٿيل هوائي رستي کان ٿڙي ويا آهيون.. اسان کي هيٺ زمين ڏسڻ ۾ نہ پئي اچي... مان دهرايان ٿو... اسان کي هيٺ زمين ڏسڻ ۾ نہ پئي اچي.

ٽاور آپريٽر: توهان هن وقت ڪهڙي جاءِ تي آهيو. پنهنجي جهاز جي مواصلاتي اوزارن کي ڏسي جهاز جي صحيح بيهڪ ٻڌايو؟

چارلس ٽيلر: اسان کي فضا ۾ پنهنجي جهازن جي صحيح بيهڪ جي باري ۾ پڪ نه آهي... اسان سمجهون ٿا ته اسان فضائي مشق وارو رٿيل رستي کان ٿڙي ڪنهن ٻئي هنڌ پهچي ويا آهيون.

ٽاور آپريٽر: توهان ڪوشش ڪري اولهه طرف اڏام جاري رکو.

چارلس ٽيلر: اسان کي خبر نه ٿي پوي ته اولهه ڪهڙي طرف آهي. جهاز جو مواصلاتي نظام بند ٿي چڪو آهي. نهايت عجيب صورتحال آهي. مواصلاتي نظام امالڪ پنهنجو پاڻ، بنا ڪنهن سبب جي بند ٿي چڪو آهي. ان ڪري اسان کي ڪا خبر نه ٿي پئجي ته اسان ڪهڙي رخ ۾ اڏام ڪري رهيا آهيون.... وڌيڪ عجيب ڳالهه اها آهي ته هيٺ سمنڊ به اسان کي نهايت بدليل پيو نظر اچي."

ان ڳالهه ٻولهه کان پوءِ زميني ڪنٽرول ٽاور جو رابطو فلائٽ ليڊر ليفٽيننٽ چارلس ٽاور کان ڪٽجي ويو.

اٽڪل سادي ٽئين وڳي ڪنٽرول ٽاور کي باقي اڏامندڙ چار جهازن مان هڪ جهاز جي پائلٽ جو پيغام مليو. "مون کي خبر نه آهي ته اسان ڪٿي آهيون. لڳي ٿو ته اسان پنهنجي مشقي رستي کان ٿڙي ڪنهن ٻئي طرف نڪري ويا آهيون"

ايتري ۾ زميني ڪنٽرول ٽاور کي ٻيهر فلائيٽ ليڊر ليفٽننٽ چارلس ٽيلر جو پيغام مليو، " اسانجي جهاز جي مواصلاتي نظام جون ٻئي ڪمپاس بند ٿي چڪيون آهن ۽ اهي ڪنهن به طرف جي نشاندهي ڪرڻ کان معذور آهن. مان ڪوشش پيو ڪريان ته ڪنهن نموني فورٽ لائوڊرڊيل جي هوائي اڏي کي ڳولهي لهان... مان سمجهان ٿو ته آئون ڪيز (Keys) علائقي مٿان اڏامي رهيو آهيان، پر اها ڄاڻ نه ٿي پئي ته اهو مون کان ڪيترو پري آهي...."

ڪيس زميني ڪنٽرول ٽاور هدايت ڪئي ته هو انهي رخ ۾ پرواز ڪري، جيستائين ڪيس فورٽ لائوڊرڊيل جو هوائي اڏو نظر نه ٿو اچي. ايتري ۾ ڪنٽرول ٽاور کي ٻيهر جهاز منجهان پيغام مليو ته، "هيٺ سمنڊ ۾ اسان کي هڪ ننڍڙو ٻيٽ نظر آيو آهي، جنهن جي معنيٰ ته اسان ڪيز جي علائقي مٿان پرواز نه ڪري رهيا آهيون، ڇاڪاڻ ته ڪيز جي علائقي ۾ ڪو ٻيٽ نه آهي."

ان پوءِ زميني ڪنٽرول ٽاور کي انهن جهازن جي مواصلاتي اوزارن ذريعي ڳالهه ٻولهه ۾ ڀڻ ڀڻ ٻڌڻ اچڻ لڳي. ڪجهه دير کان پوءِ ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ انهن جهازن جي اڏائيندڙ پائلٽن کي زميني ڪنٽرول ٽاور جي مواصلاتي پيغامن کي ٻڌڻ ۾ ڏکيائي اچڻ لڳي هئي ۽ نيٺ اهي زميني ڪنٽرول ٽاور جي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ کان بلڪل معذور ٿي ويا. انهن جي ابتڙ زميني ڪنٽرول ٽاور انهن جهازن کي اڏامندڙ پائلٽن جي پاڻ ۾

گفتگو ڪي ڪجهه شور سان، پر ٻڌي رهيا هئا. انهن مان ڪجهه پائلٽ جهاز منجهه تيل جي ڪمي جو ذڪر ڪري رهيا هئا ته سندن جهاز جي ٽينڪيءَ ۾ صرف پنجهتر ميل اڏامڻ جو صرف تيل وڃي بچيو هو، ته ڪي وري اهو چئي رهيا هئا ته سندن جهاز جو مواصلاتي نظام جام ٿي چڪو آهي. ڪن اهو چيو ته سندن مواصلاتي نظام ڇڻ ڇريو ٿي پيو آهي، جو ته جهاز جي اندروني اوزارن جا ڪانٽا ۽ سيون وغيره هيڏانهن هوڏانهن تيز گهمي رهيا هئا. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته ان دوران زميني ڪنٽرول ٽاور انهن جهازن جي ڪنهن جي صورت ۾ فضا ۾ نشاندهي نه پئي ڪري سگهيو، جيتوڻيڪ ڪين انهن پنجن ئي جهازن ۾ سوار ماڻهن جا آواز مواصلاتي ذريعي ٻڌڻ ۾اچي رهيا هئا.

پوري زميني ڪنٽرول ٽاور ۾ چوطرف ڀڄڊنگ مچي وئي، جو ته سندن پنج جهاز خطري جي زد ۾ هئا. جيتوڻيڪ ٻي مهاڀاري جنگ کي ختم ٿئي ڪافي مهينا ٿي ويا هئا، پر ماڻهن اهي افواهه ڦهلائي ڇڏيا ته جنگ وري ڇڙجي چڪي آهي. بچاءَ جا جهاز يڪدم فضا ۾ موڪليا ويا، جن ۾ سڀ کان جديد جهاز "مارٽين ميرينر فلائنگ بوٽ پيٽرول جهاز" (Martrin Mariner Flying Boat Patrol Plane) هو، جنهن ۾ تيرنهن اڏام جا ماهر سوار هو.

چار وڳي ڌاري ڪنٽرول ٽاور مواصلاتي نظام تي فلائيٽ ليڊر چارلس ٽيلر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو چئي رهيو هو ته "اسان کي خبر نه آهي ته اسان ڪٿي آهيون. پر مان سمجهان ٿو ته اسان ڪنٽرول ٽاور کان سوا ٻه سو ميل اتر طرف اڏامي رهيا آهيون. منهنجي خيال ۾ اسان فلوريڊا رياست مٿان اڏامي، هينئر "ميڪسيڪو گلف" سمنڊ مٿان آهيون."

تنهن بعد ڪنٽرول ٽاور کي اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته فلائيٽ ليڊر سڀني جهازن کي واپسي جو حڪم ڏنو ته جيئن واپس فلوريڊا مٿان اڏامي پنهنجي ڪنٽرول ٽاور ڏانهن موٽي اچن. ان کان پوءِ فلائيٽ ليڊر جو آواز ڌيري ڌيري هلڪو ٿيندو ويو، تان جو اهو بلڪل ختم ٿي ويو.

ان وچ ۾ ڪنٽرول ٽاور کي بچاءَ واري جهاز يعني مارٽين ميرينر منجهان مواصلاتي پيغام مليو ته اهي سمنڊ مٿان جنهن جاءِ تي اڏامي رهيا هئا، اتي سخت واچوڙا هلي رهيا هئا. اهو آخري پيغام هو، جيڪو ڪنٽرول ٽاور کي ان بچاءَ واري جهاز کان مليو.

چوطرف هنگامي صورتحال جو اعلان ڪيو ويو ۽ انهن ڇهن ئي جهازن جي ڳولا جو وڏي پيماني تي حڪم ڏنو ويو، پر ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو.اهو بچاءُ وارو جهاز به پنهنجي تيرنهن مسافرن سميت پهرين پنجن جهازن وانگر نامعلوم

فضائي وسعتن ۾ گم ٿي چڪو هو.
آمريڪي فضائيه ان واقعي کي نهايت سنجيدگيءَ سان ورتو ۽ ملڪي سطح تي انهن گم ٿيل جهازن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پهرين ڏينهن اونداهيءَ جي ڪري هوائي ڳولا جي آپريشن کي ملتوي ڪيو ويو. جيتوڻيڪ آمريڪي بحري بيڙي جا جهاز سڄي رات انهن بدنصيب ڇهن ئي جهازن جي سمنڊ ۾ ڳولا ڪندا رهيا.

ٻئي ڏينهن وڏي پيماني تي انهن گم ٿيل جهازن جي ڳولا شروع ٿي وئي. ان ڳولا کي تاريخ جي سڀ کان وڏي ڳولا بہ ڪوٺيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ٽي سو ست هوائي جهازن، چار وڏن بحري جهازن، سوين آبدوزن ۽ ڪوسٽ گارڊ جي هزارن لانچن حصو ورتو. انهيءَ کان سواءِ هزارين ماڻهو پنهنجا نجي جهاز، لانچون ۽ ٻيڙيون بہ سمنڊ ۾ رضاڪارانہ طور تي ڪٺي آيا تہ جيئن انهن گم ٿيل بدنصيب مسافرن کي ٻَہ لهي سگهجي. پر باوجود هيڏي وڏي پيماني جي ڳولا جي، انهن گم ٿي ويل جهازن يا مسافرن جو وري ڪو بہ نالو ۽ نشان نہ مليو. ان کان پوءِ هر روز هڪ سو سٺهٺ هوائي جهاز، ٽي سو فٽ کن سمنڊ جي مٿانهين تي، فجر کان سانجهي تائين، پرواز ڪندا هئا ۽ انهن سڄي سمنڊ کي ڇڻ زير زبر ڪري ڇڏيو. اهي هر طرف هزارن ميلن جي دوريءَ تي بہ ويا تہ جيئن انهن گم ٿيل جهازن جو ڪو ڏس پتو ڪڍي سگهجي پر سڀ بي سود.

اها ڳولائي ڪارروائي ڪافي هفتا جاري رهي پر گم ٿيل جهازن يا ان ۾ موجود مسافرن جو وري ڪو ڏس پتو تہ ڇا پر ڪين سمنڊ ۾ ڪو ٻڏل ٽٽل تختو يا ڪو لاش وغيره بہ هٿ چڙهي نہ سگهيو، جو ڪٿي چئي سگهجي تہ خراب موسم ڪري اهي جهاز پاڻيءَ ۾ ڪري تباهہ ٿيا هوندا.

هن جهازن جي گمشدگيءَ جي ڳجهارت کي هڪ نئون موڙ 1974ع ۾ يعني ان واقعي جي اٺٽيهن سالن کان پوءِ مليو جڏهن آرٽ فورڊ نالي هڪ اخباري رپورٽر، مصنف ۽ ليڪچرر ٽيليويزن جي هڪ پروگرام ۾ انڪشاف ڪيو تہ فلائيٽ ليڊر چارلس ٽيلر، مواصلاتي آلي تي اهو چوندي بہ ٻڌو ويو هو تہ، "منهنجي ڪا، نہ اچو. هي تہ ڪنهن خلائي سياري جي مخلوق لڳن ٿا." آرٽ فورڊ 1945ع کان وٺي ان واقعي جي تحقيقات ڪري رهيو هو. سندس چواڻي تہ ڪيس ان خلائي سياري جي مخلوق جي باري ۾ چارلس ٽيلر جي لفظن کي ان وقت جي مواصلاتي نظام جي آپريٽر ٻڌايو هو. هن جي تحقيقات ۽ ان وقت جي مواصلاتي ريڪارڊ جي جانچ کان پوءِ کيس چارلس ٽيلر ۽ زميني ڪنٽرول ٽاور جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ۾ واقعي اهي لفظ نظر آيا. ريڪارڊ موجب چارلس ٽيلر

واقعي اهي لفظ چيا هئا ته. "منهنجي ڪڏهن نه اچو".
جيتوڻيڪ برمودا ٽڪنڊي ۾ ان کان پهرين به ڪافي ننڍا ننڍا جهاز ۽ ٻيڙيون غائب ٿينديون رهيون هيون، پر اهو پهريون دفعو هو جو يڪا سارا پنج هوائي جهاز گم ٿيا هئا ۽ باوجود سون هوائي ۽ بحري جهازن جي تلاش جي، انهن جي باري ۾ هيل تائين ڪا خبر پئجي نه سگهي آهي.

****

3 جولاءِ 1947ع تي آمريڪي فوج جو C-54 جهاز برمودا ٽڪنڊي مٿان پرواز ڪندي گم ٿي ويو. اهو جهاز پنهنجي عام رواجي پرواز تي هو ۽ ان جهاز ۾ ڇهن ماڻهن جو عملو موجود هو. هڪدم بري فوجي جهازن، بحري جهازن ۽ ڪوسٽ گارڊ جي سون جهازن ان بدنصيب گم ٿيل جهاز جي ڳولا شروع ڪئي ۽ چوطرف هزارن ميلن تائين چڪر هڻي ڏٺائون پر ڪجهه به نه وريو. ايتري قدر جو ان جهاز جي ڪنهن ملبي يا ڪريل تيل وغيره جو به ڪو نشان نه مليو، جو ايئن چئي سگهجي ته ان جهاز کي ڪو حادثو پيش آيو هوندو.

ان کان پوءِ به وڏيڪ ڪيترائي اهڙا حادثا رونما ٿيندا رهيا جنهن ۾ متواتر جهاز، لانچون ۽ ٻيڙيون وغيره غائب ٿينديون رهيون. تحقيقدانن اها ڳالهه خاص ڪري نوٽ ڪئي ته اهي واقعا خاص ڪري ان وقت رونما ٿيا، جڏهن ان علائقي ۾ سياحن جي گهڻائي هئي ۽ اهي سياحتي مهينا نومبر کان فيبروري تائين هوندا آهن. ان کان وڌيڪ چرڪائيندڙ اها ڳالهه سامهون آئي ته اهي واقعا گهڻو ڪري ڪرسمس ملهائڻ جي ڪجهه اڳين ۽ پوين ڏينهن ۾ رونما ٿيا هئا.

هڪ برطانوي جهاز جنهن جو نالو "اسٽار ٽائيگر" هو، سو برمودا ٽڪنڊي مٿان اڏامندي 29 جنوري 1948ع تي گم ٿي ويو. ان ۾ جهاز جي فضائي عملي جا ڇهه ماڻهو ۽ پنجويهه مسافر هئا. هن جهاز کي "ڪنڊلي فيلڊ" برمودا ۾ رات جو ساڍي ڏهين وڳي لهڻو هو. لهڻ کان ڪجهه منٽ اڳ جهاز جي پائلٽ، زميني ڪنٽرول ٽاور کي ٻڌايو ته " موسم خوشگوار آهي ۽ جهاز به بلڪل درست حالت ۾ آهي. اسان مقرره ٽائيم تي هوائي اڏي تي لهي وينداسين" ان کان پوءِ نه وري ڪو پيغام ان بدنصيب جهاز جو زميني ڪنٽرول ٽاور کي مليو ۽ نه وري ڪو نالو يا نشان مليو. هن جهاز کي ڳولڻ لاءِ به سوين هوائي ۽ بحري جهاز ڪتب آندا ويا، پر اڄ ڏينهن ان جو ڪو به نالو يا نشان نه مليو آهي.

"اسٽار ٽائيگر" جي گمشدگيءَ جي پوري سال جي ختم ٿيڻ کان ٻارنهن ڏينهن اڳ، ان جهڙو ٻيو جهاز به ان علائقي منجهان اڏامندي غائب ٿي ويو. ان

جو نالو "اسٽار ايئريل" هو. هن ۾ فضائي عملي جي ستن ماڻهن کان سواءِ تيرنهن مسافر بہ شامل هئا. هنن جي گمشدگي جي تاريخ 17 جنوري 1949ع آهي. هي جهاز لنڊن کان آيو پئي ۽ هن کي "برمودا بيٽ" تي ترسي تيل ڀرائڻو هو. اهو جهاز تيل ڀرائي صبح جو ست لڳي پنجيتاليهہ منٽن تي برمودا بيٽ کان اڏاميو. اڏام کان پنجونجاهہ منٽ پوءِ ان بدنصيب جهاز جي پائليٽ عام رواجي زميني ڪنٽرول روم کي هڪ پيغام موڪليو، جنهن ۾ هن جهاز جي نظام جي صحيح ڪم ڪرڻ ۽ موسم جي خوشگواريت جو ذڪر ڪيو. ان بعد وري ڪو بہ ٻيو پيغام ان بدنصيب جهاز جو نہ مليو.

هن جهاز جي ڳولا بہ وسيع پيماني تي ڪرائي وئي. 72 جهاز هڪ ئي وقت هڪ جٽي جي صورت ۾ سمنڊ مٿان اڏاڻا ۽ اٽڪل پندرنهن هزارميلن جو سفر طئہ ڪري ويا، پر ان بدنصيب جهاز ۽ ان جي ڪنهن مسافر يا فضائي عملي بابت ڪو بہ ڏس پتو نہ پيو. هن جهاز جي تلاشي جو ڪم ايڏي وڏي پيماني تي ان ڪري بہ ڪيو ويو، جو اٽڪل هڪ سال اڳ يعني 28 ڊسمبر 1948 تي "سان جوائن" کان "ميامي" ويندي هڪ چارٽرڊ جهاز ڊي سي ٿي (D.C.3) گم ٿي ويو هو. جنهن ۾ ڇٽيهہ مسافر ۽ عملي جا ماڻهو شامل هئا. هن جهاز جي بہ وڏي پيماني تي ڳولا ڪرائي وئي، جنهن ۾ چاليهہ فوجي جهازن ۽ .سون بحري جهازن حصو ورتو ۽ انهن اندازن سمنڊ جي مٿان ٽي لک ڪن چورس ميل تي ان بدنصيب جهاز لاءِ جانچيو، پر ڪو بہ ڏس پتو نہ ملي سگهيو. ان جهاز جي مسلسل ڳولا کي "اسٽار ايئريل جهاز" جي گم ٿي وڃڻ کان صرف هڪ هفتو اڳ بند ڪيو ويو هو.

ان ڊي سي ٿي جهاز جي گمشدگي اڃان بہ وڌيڪ منجهائيندڙ هئي. ٻين جهازن جي گمشدگيءَ جي واقعن وانگر، ان رات بہ آسمان صاف هو ۽ موسم خوشگوار هو. اهو جهاز رات جو ساڍي ڏهين وڳي هوائي اڏي تان اڏاميو. اڌ رات کن جو يعني چارلڳي تيرنهن منٽن تي جهاز جي پائلٽ جو پيغام آيو تہ "اسان زمين ڏانهن اچي رهيا آهيون ۽ ڏکڻ طرف صرف پنجاهہ ميلن جي مفاصلي تي آهيون. اسان کي ميامي شهر جون بتيون نظر اچي رهيون آهن." اهو آخري پيغام هو، جيڪو زميني ڪنٽرول ٽاور کي ان بدنصيب جهاز وٽان مليو.

ان بدنصيب جهاز کي بہ زمين ۽ سمنڊ تي ڳولهيو ڦولهيو ويو پر ڪٿي بہ ان جهاز جو ڪو ملبو وغيره هٿ نہ آيو ۽ نہ وري انهن جي مسافرن جي ڪا خبر پئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جيئن پائلٽ خود اهو ٻڌايو هو تہ هو ميامي شهر کان پنجاهہ ميل پري آهي، پر ان جي باوجود بہ نہ ڪنهن ڌماڪي

جي ماڻهن سميت گم ٿي ويو.

****

نہ رڳو هوائي جهاز هن پراسرار جڳهہ مٿان غائب ٿيا آهن، پر اهو بہ حساب ڪيو ويو آهي تہ 1945ع کان وٺي 1965ع تائين برمودا ٽڪنڊي جي مٿان پندرهن بحري جهاز پڻ بنا ڪنهن نالي نشان جڏهن جي گم ٿي ويا آهن. اجا تائين انهن جهازن جي گمشدگي هڪ راز ئي آهي.

1840ع ۾ "روزالي" نالي فرانسيسي جهاز ان جاءِ تي گم ٿيو. 1880ع ۾ برطانوي ساموندي جهاز "اٽلانٽا" برمودا کان انگليند وڃڻ لاءِ اسهيو. ان جهاز تي بہ سو نوي ماڻهو سوار هئا. برمودا کان نڪرڻ کان پوءِ اهو جهاز پنهنجي مسافرن سميت هميشہ لاءِ دنيا کان اوجهل ٿي ويو. چار مارچ 1918ع تي آمريڪي بحري فوج جو هڪ وڏو جهاز جنهن مٿان ٿي سو نو ماڻهو سوار هئا، هميشہ لاءِ دنيا کان ڏور ٿي ويو. 1925ع تي "ايس ايس ڪو ٽو پاڪسي" چارلسٽن کان هوانا ويندي غائب ٿيو، 22، آڪٽوبر 1944ع تي ڪيوبا جو جهاز سمنڊ ۾ ان حالت ۾ مليو جو ان جا هڙئي مسافر غائب هئا ۽ جهاز تي صرف هڪ ڪتو وينل هو. جون 1950ع ۾ "ايس ايس ساندرا" فلوريڊا ڏانهن ويندي هميشہ لاءِ گم ٿي ويو. اهڙي طرح ننڍا وڏا سوين جهاز هيستائين ان برمودا ٽڪنڊي مٿان سفر ڪندي نامعلوم ذريعي گم ٿيا آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن مان ڪنهن هڪ جو بہ پتو نہ پئجي سگهيو آهي.

****

برمودا ٽڪنڊي جي مٿان صرف اڏامندڙ جهاز يا ان جي پاڻي مٿان هلندڙ ساموندي جهاز ۽ ٻيڙيون ئي غائب نہ ٿيون آهن ۽ انهن جو ڪو نالو نشان نہ ملي سگهيو هجي، پر ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ آهن جن ڪي ان پراسرار ساموندي ٽڪنڊي جي مٿان هوائي ۽ بحري سفر ڪندي ناقابل يقين حالتن ڪي منهن ڏيڻو پيو آهي. اهي ماڻهو پنهنجي خوش قسمتيءَ جي ڪري ان پراسرار پاڻي جي ٽڪنڊي جي ور کان بچي ويا. انهن مان ڪجهہ اهڙن ماڻهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

ڊڪ اسٽيرن ( Dick Stern نالي ماڻهو ٻڌائي ٿو تہ 1944ع جي آخري ڏاري هي ستن جهازن جي هڪ ٽولي ۾ برمودا ٽڪنڊي مٿان سفر ڪري رهيو هو. ڪيس امالڪ ايئن لڳو چڻ جهاز ڪنهن وڏي طوفان جو ور چڙهي ويو هجي. جيتوڻيڪ کين اڏام ڪري اٿلي وڃڻو هو، پر ان وقت ان عجيب ۽ اوچتي طوفان جي ڪري کين جهاز کي واپس آمريڪا طرف موڙڻو پيو. موسم جي خرابي ايڏي شديد هئي جو سندس جهاز هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ گهٽائي

دفعا جهاز جي قلابازين جي ڪري ان ۾ سوار عملي جا ماڻهن جا مٿا ڇتين سان ٽڪرائي رهيا هئا. حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ ان وقت جهاز ڪان ٻاهر موسم بلڪل صاف هو ۽ انهن کي آسمان تي چمڪندڙ تارا پڻ نظر اچي رها هئا. پر الائي ڪهڙي ڳالهہ هئي جو جهاز لوڏا کائي رهيو هو ۽ ان مهل جهاز جي بلنديٰ ٻڌائڻ واري آلي بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. هڪ وقت تہ اهڙو بہ آيو جو جهاز وڃي سمنڊ جي پاڻي سان ذري گهٽ ٽڪريو هو. جڏهن اهو جهاز واپس پنهنجي هوائي اڏي تي موٽيو تہ خبر پيئي تہ انهن ستن جهازن جي ٽولي مان صرف هڪ ٻيو جهاز واپس پهتو هو. جڏهن تہ پنج جهاز غائب ٿي ويا هئا ۽ انهن سان زميني فضائي ڪنٽرول ٽاور جو ڪو رابطو نہ هو. هن پنجن جهازن جي گم ٿيڻ جو واقعو مشهور فلائيٽ 19 جي گم ٿيڻ ڪان سال پهرين جو آهي، پر ان وقت ٻي مها ڀاري جنگ پنهنجي عروج تي هئي، ان ڪري انهن پنجن ئي گم ٿيل جهازن کي جنگ ۾ ڪتب ايندڙ جهاز ليکيو ويو ۽ ڪنهن بہ ماڻهو جو ان وقت "پراسرار برمودا ٽڪنڊي" ڏانهن ڌيان ڪين ويو.

جو ٽالي (Joe Talley) نالي ماڻهو "جهنگلي آڙي" (Wild goose) نالي مڇي مارڻ جي هڪ وڏي لانچ جو ڪپتان هو. ڪيس بہ ان پراسرار ٽڪنڊي مٿان سفر ڪندي هڪ عجيب واقعو پيش آيو، جيڪو ڏک اسٽيرن واري واقعي ڪان بنهہ مختلف آهي. ان واقعي ۾ بجاءِ ڪنهن جهاز جي، سندس لانچ کي پراسرار قوتن نشانو بنايو هو.

ڪنهن سبب ڪري "جو ٽالي" واري لانچ سمنڊ منجهہ خراب ٿي پئي هئي ۽ ڪيس پاڻي مان ڇڪڻ لاءِ ٻئي جهاز جي مدد ورتي وئي. "جهنگلي آڙي" کي لوهي راڍ ذريعي سندس ڇڪيندڙ جهاز سان ٻڌو ويو ۽ ان "جهنگلي آڙي" کي پاڻي تي ڇڪڻ شروع ڪيو. "جهنگلي آڙي" ٻيڙي کي ڇڪيندڙ ننڍڙي جهاز جو نالو "ڪائيڪوس ٽريڊر" هو.

موسم انتهائي خوشگوار هو ۽ هوائون بہ هلڪي انداز ۾ لڳي رهيون هيون. هلندي هلندي ڪين رات پئجي وئي ۽ ڪپتان "جو ٽالي" ماني ذاتي ڪائي لانچ ۾ نهيل سندس ڪمري منجهہ سمهي پيو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ سندس اک اچانڪ پٽجي وئي. ڏٺائين تہ سندس سڄو ڪمرو پاڻيءَ سان ڀرجي رهيو هو. هي هڪ ماهر جهازران هو. هن نہ ڪا ڪئي هر ۽ نہ ڪا ڪئي تر، جهٽڪو ڏئي لائيف جيڪٽ کي ڪنيائين ۽ پنهنجي ڪمري منجهان ڪنهن نموني دروازو کولي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ٻاهر اچي ڏٺائين تہ لانچ پاڻيءَ اندر وڃي رهي هئي. اتفاق سان ڪيس "ڪائيڪوس ٽريڊر" جهاز جو سندس

ٻيڙيءَ کي ٻڌل لوهي رسو نظر اچي ويو ۽ هي ان لوهي تار جي ڪڍ هلندي ٻاهر سطح تي نڪري آيو. جنهن وقت هي پنهنجي لانچ مان ٻاهر نڪتو ته ان وقت تائين سندس لانچ چاليهن ڪان پنجاهه فٽن تائين پاڻيءَ اندر وڃي چڪي هئي.

ٻاهر سمنڊ جي سطح تي پهچندي ڪيس خبر پئي ته "ڪائيڪوس ٽريڊر" جهاز وارن هن جي لانچ "جهنگلي آڙي" سان ڳنڍيل لوهي تار کي ڪٽي ڇڏيو هو. چاڪاڻ جو ڪين ايئن پئي لڳو ته ڄڻ پاڻيءَ جي اندران ڪا نامعلوم طاقتور ڇڪ "جهنگلي آڙي" کي سمنڊ جي تري ڏانهن ڇڪي رهي هئي ۽ اها نامعلوم ۽ پراسرار ڇڪ جي طاقت ايڏي ته گهٽي جو "ڪائيڪوس ٽريڊر" جهڙي وڏي جهاز جي عملي اهو ڄاڻي ورتو ته جيڪڏهن انهن "جهنگلي آڙي" سان ڳنڍيل تار کي يڪدم نه ڪاٽي ڦٽو ڪيو ته پوءِ سندن جهاز به ان "جهنگلي آڙي" جي تار ڪري ان وانگر پاڻي منجهه غرق ٿي ويندو. ان ڪري پنهنجي جهاز کي ان پراسرار ڇڪ کان بچائڻ خاطر انهن "جهنگلي آڙيءَ" سان ڳنڍيل تار کي ڪٽي ڦٽو ڪري ڇڏيو. ڪائيڪوس ٽريڊر وارن کي اهو نظر اچي رهيو ته ڪو اونهو ڪن جهنگلي آڙيءَ کي پنهنجي اندر سموئي رهيو هو. "جوٽالي" سمنڊ جي مٿان پهچندي رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ سندس رڙين جي آواز تي ڪيس بچائي جهاز تي آندو ويو.

ڪيپٽن ڊان هينريءَ کي 1966ع ۾ ان پراسرار ٽڪنڊي مٿان هڪ عجيب حالت کي منهن ڏيڻو پيو. هن جي پنهنجي ساموئڊي جهازن جي ڪمپني هئي ۽ هي پاڻ نهايت ئي قابل جهازران هو. هن وٽ اهي جهاز هئا، جيڪي سمنڊ ۾ خراب ٿيل ٻين جهازن کي ڇڪڻ جو ڪم ڪندا هئا ۽ اهڙن جهازن کي (Tow Boats) چيو ويندو آهي. هي ٻڌائي ٿو ته هڪ دفعي سندس جهاز هڪ وڏي ساموئڊي جهاز کي ٽن ڏينهن کان گهلي رهيو هئو. ان گهلجندڙ جهاز جو نالو "گڊ نيوز" (Goods News) هو. هن جو جهاز هڪ سو سٺ فٽ ڊگهو هو ۽ ڪيس ٻن هزار هارس پاور جي قوت هئي ۽ "گڊ نيوز" جو وزن پنجويهه سو ٽن هو ۽ اهو سندن جهاز سان هڪ ڊگهي مضبوط لوهي تار ذريعي ٻڌل هو. اها لوهي مضبوط تار سوين فٽ ڊگهي هئي. انهن ٻنهي جهازن جي وچ ۾ڪافي مفاصلو ڏنل هو ته مٿان سمنڊ ۾ ڪنهن سبب، ويجهو هئڻ ڪري پاڻ ۾ ٽڪرائجي نه پون.

بقول ڊان هينريءَ جي ،"مون کي چڱي طرح ياد آهي ته اهو منجهند جو وقت هو ۽ موسم ڏاڍو خوشگوار هو ۽ آسمان به بلڪل صاف هو. آئون پنهنجي ڪيبن ۾ ڪنهن ڪم ڪري آيل هئس جو مون ٻاهران گوڙ ٻڌو. مان يڪدم

ڪيبن ڪان ٻاهر نڪري آيس ۽ رڙ ڪري پڇيم، "هي گوڙ ڇاجو آهي؟ ڇا ٿي رهيو آهي؟" ايتري ۾ منهنجي نگاهه جهاز جي ڪمپاس تي پئي، جيڪا بجاءِ ڪنهن طرف ٻڌائڻ جي، چرين وانگر مسلسل دائري ۾ ڦري رهي هئي. ڪمپاس جي اهڙي ريت ڪم ڪرڻ تي مان حيرت ۾ پئجي ويس. مون پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪمپاس کي ڪڏهن به اهڙي ريت ڦرندي نه ڏٺو هو. مون صرف اهو ٻڌو هو ته "ڪنگسٽن" جي علائقي ۾ سينٽ لارينس ندي (Lawrence River :St) آهي، جتي جهازن جا ڪمپاس اهڙي ريت حرڪت ڪندا آهن، پر ان جو سبب اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ان نديءَ جي تهه ۾ وڏيون لوهي ڪاٽيون هيون يا وري ڪو شهاب ثاقب اتي ڪريل هو. جنهن جي اندر جي لوهه جي ڪري ڪمپاس اهڙي ريت اڱيان پويان گهمنديون هيون. ان جاءِ ڪان سواءِ منهنجي ڄاڻ ۾ ڪا اهڙي جاءِ نه آهي، جتي جهاز جي ڪمپاس اهڙي نموني گول ڦري.

مون کي ڄاڻ نه پئجي سگهي ته برمودا ٽڪنڊي ۾ منهنجي جهاز جي ڪمپاس ايئن حرڪت ڇو ڪري رهي هئي، پر اها پڪي ڳالهه هئي ته اتي ڪا نه ڪا وڏي خرابي ضرور هئي، جنهن ڪري ڪمپاس ايئن چوڌاري گول ڦري رهي هئي. ايتري ۾ اسان کي ايئن لڳو ڄڻ اسان جي چوڌاري پاڻي مٽي گول دائري ۾ چڙهي رهيو هجي ۽ اسان ڄڻ پاڻي جي ڪنهن گول دائري ۾ اندر اڇي ويا هئاسين. هاڻ اسان کي نه سمنڊ جي سطح پئي نظر آئي ۽ نه وري ڏور افق پئي نظر نه آيو. چوطرف پاڻيءَ جي ديوار نظر اچي رهي هئي.ايئن پئي محسوس پئي ٿيو ته ڄڻ اسان ڪنهن کڻ اندر هجون. اسان کي ڄاڻ نه پئي ٿي ته اسان سمنڊ ۾ ڪهڙي هنڌ آهيون.
ايتري ۾ اسان جي بجلي جو نظام فيل ٿي ويو ۽ جنريٽر بند ٿي ويا. بجليءَ سان هلندڙ هر اوزار ۽ هر ڪا شيءَ بند ٿي بيهي رهي. جهاز جي انجنيئرن گهڻي ڪوشش ڪئي ته اهي جهاز جي اندر پيل ايمرجنسي جنريٽر کي هلائين، پر ان به ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ اهو بلڪل نئون هو ۽ جهاز اسهڻ کان پهرين ان کي هلائي چيڪ ڪيو ويو هو.
مان پنيان گهلجندڙ جهاز "گڊ نيوز" لاءِ پريشان هئس. مون ڏٺو ته هن جي ۽ اسان جي جهاز جي وچ ۾ ڳنڍيل لوهي تار ڇڪ جي ڪري بلڪل سڌي ٿي وئي هئي ۽ اهو جهاز اسان کي بلڪل نظر نه پئي آيو، جيتوڻيڪ ان کي اسان کان ڪجهه مفاصلي تي هجڻ کپي ها. جنهن جاءِ تي "گڊ نيوز" هو، اتي گهري ڌنڌ جو ڪڪر ڇانيل هو ۽ اسان کي "گڊ نيوز" جو ڪو به نالو نشان نه پئي ڏسڻ ۾آيو. اهو جهاز گهري ڌنڌ جي وچ ۾

گم هو ۽ سندس چوڏاري پاڻي ڪن جي صورت ۾ ڦري رهيو هئس. اهڙو لقاءُ مون پهرين اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. آئون حيرت ۾ هئس، ڇو ته صرف ان ڏنڌ کان سواءِ چوڌاري سمنڊ صاف هو ۽ سمنڊ ۾ مانڌاڻ به رڳو ان جاءِ تي متل هو.

مون يڪدم جهاز کي گيئر هٽي فل اسپيڊ تي رکيو. مون کي ڪا خبر نه هئي ته اسان جو رخ ڪهڙي طرف هو. پر مون ان پراسرار ڪن کان نڪرڻ پئي چاهيو. اسان کي ايئن لڳي رهيو هو ڇڻ ڪا طاقت اسان کي ڇڪي ان ڏنڌ طرف وٺي وڃڻ پئي چاهيو. ٿوري دير ۾ اسان کي ايئن لڳو ته اها پراسرار ڇڪ ڪمزور ٿي وئي هجي ۽ اسان جو جهاز جهٽڪي سان اڳتي وڌي ويو. اسان جي پويان "گڊ نيوز" به ان پراسرار ڏنڌ کان باهر اچڻ شروع ڪيو. يقين ڪريو، اها ڏنڌ صرف ان جاءِ تي هئي، جڏهن ته چوڌري سمنڊ بلڪل صاف هو.

چڪ ويڪلي (Chuck Wakeley) ٽيهن سالن جي عمر جو هو، جڏهن هن کي پراسرار برمودا ٽڪنڊي جي ماورائي قوت سان واسطو پيو. هي ٻڌائي ٿو ته، " 1964ع جي نومبر ۾ آئون "سن لائين هوا بازي" (Sunline Aviation) ۾ پائلٽ طور ڪم ڪري رهيو هوس. هڪ دفعي مون کي هڪ جهاز ۾ ڪجهه مسافرن کڻي "نسائو" پهچائڻا هئا ۽ پوءِ وري واپس ٿيڻو هو. مان جڏهن "نسائو" ۾ مسافرن کي لاهي واپس اچڻ لڳس ته رات ٿي وئي. موسم نهايت سٺو هو. ڪٿي به ڪنهن ڪڪر وغيره جو ڪو به نالو نشان نه هو.

رات جو سادي نائين وڳي مون "اينڊراس بيٽ" کي پار ڪيو. آئون ان وقت اٺن هزارن جي بلنديءَ تي پرواز ڪري رهيو هئس. اينڊراس بيٽ کان ڇاليهه پنجاهه ميل پري مون کي جهاز جي پرن تي ڪا چمڪندڙ شئي نظر آئي. پهرين مون سمجهيو ته اها هلڪي روشني شايد جهاز جي اڳين حصي جي روشني جي موٽ آهي. پر آهستي آهستي اها روشني تيز کان تيز تر ٿيندي وئي. ان روشني جو رنگ هلڪو نيري ۽ سائي رنگ جي ملاوٽ جهڙو هو. پنجن منٽن اندر اها روشني ايڏي ته وڌي وئي جو مونکي جهاز جي اڳين حصي جي اندر جي اوزارن کي ڏسڻ ۾ به تڪليف محسوس ٿيڻ لڳي. ايئن پئي لڳو ڄڻ باهر باهه جا ڀڪا اٿندا هجن. جهاز جو ڪمپاس چوڌري گول ڦرڻ لڳو. جهاز جي تيل ٻڌائڻ واري سئي، جيڪا پهرين "اڌ ٽينڪ" ٻڌائي رهي هئي، سا يڪدم "پورو پريل ٽينڪ" ٻڌائڻ لڳي. منهنجي جهاز جو گيئر خودبخود لڳڻ لڳو ۽ جهاز ساڄي پاسي حرڪت ڪرڻ لڳو. مون کي تڪڙ ۾ گيئر کي صحيح ڪرڻو پيو ۽ جهاز کي "خودبخود هلڻ واري حالت"

(Auto Pilot) مان ڪڍي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ورتو پيو. مون جهاز جي مواصلاتي اوزارن تي يقين ڪرڻ ڇڏي ڏنو، ڇاڪاڻ جو اهي عجيب نموني ڪم ڪري رهيا هئا. ان وقت ايئن پئي لڳو ڄڻ سڄو جهاز چمڪي رهيو هجي. اها روشني ايڏي تہ تيز هئي جو مون کي ٻاهر ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. ايتري قدر جو آئون آسمان تي چمڪندڙ تارن کي بہ ڏسڻ کان قاصر هئس. مون جهاز کي پوري رفتار ڏني ۽ خدا تي توڪل رکي، جهاز جو جيڏانهن رخ هو. اوڏانهن ڀڄائڻ شروع ڪيم. ايتري ۾ اهو اکين کي انڌو ڪندڙ روشني جو هالو آهستي آهستي مدم ٿيڻ لڳو ۽ ڪجهہ منٽن جي اندر جهڪو ٿي ختم ٿي ويو. ان پراسرار روشني جي ختم ٿيڻ سان جهاز جا سيئي مواصلاتي اوزار پنهنجا پنهنجا ڪم صحيح ڪرڻ لڳا. هاڻ تيل ٻڌائڻ واري سئي وري بہ اڌ خالي ٽانڪي ٻڌائي رهي هئي. مون آٽو پائلٽ کي جانچي ڏٺو تہ اهو بہ صحيح ڪم ڪري رهيو هو.

ڪجهہ ماڻهو ان راءِ جا بہ آهن تہ برمودا ٽڪنڊو ڪنهن خوفناڪ تباهہ ڪن طاقت جو ڳڙهہ آهي. "تلاش" (-Pur suit) نالي رسالو، جنهن ۾ غير معمولي ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ واقعن بابت مضمون ايندا رهندا آهن، تنهن ۾ مصنف "رابرٽ ڊيورنڊ" (Robert Durand) برمودا ٽڪنڊي سان لاڳاپيل هڪ غير معمولي واقعي بابت ٻڌائي ٿو، جيڪو بوئنگ 707 کي "سان جو آن" کان نيويارڪ ويندي يارنهن اپريل 1963ع تي هن پراسرار علائقي مٿان اڏامندي پيش آيو.

ان واقعي بابت ٻڌائيندي رابرٽ ڊيورنڊ چوي ٿو تہ جهاز کي اجان اڏامندي اڌ ڪلاڪ کن مس ٿيو هوندو تہ جهاز جي ساٿي پائلٽ کي منجهند جو اٽڪل ڏيڍ وڳي سمنڊ منجهہ هڪ غير معمولي حرڪت نظر آئي. هن جهاز جي ڪاڪ پٽ (جهاز جو اهو حصو جنهن ۾ پائلٽ ۽ ٻيو عملو هوندو آهي) جي سيني ماڻهن جو ڌيان ان طرف ڇڪرايو. سيني ڏٺو تہ سمنڊ جو پاڻي گوبيءَ جي گل جي شڪل ۾ مٿي بلند ٿي رهيو هو. رابرٽ ڊيورنڊ جو جهاز ان وقت ايڪٽيهہ هزارن جي بلنديءَ تي اڏامي رهيو هو. هيٺ ان غيرمعمولي پاڻيءَ جو قطر ايڏو تہ وڏو هو جو ڪاڪ پٽ ۾ ويٺل سيني ماڻهن کي اهو صاف نظر اچي رهيو هو. ايئن پئي لڳو چڻڪ سمنڊ ۾ ان هنڌ جي هيٺان ڪنهن ايٽمي ڌماڪو ڪيو هجي. پاڻي جو نيم قطر اٽڪل هڪ ميل کن هو ۽ ان جي اوچائي چوٿائي ميل کن جيتري هوندي. پري کان اهو واقعي گوبيءَ جو گل نظر اچي رهيو هو.

جهاز جي ڪيپٽن کي الائجي ڪهڙو خيال آيو، جو بجاءِ ان پاڻي جي مظاهر ي کي ڏسڻ لاءِ جهاز کي موڙي ان

۾ لڪل جبلن ذريعي تباهه ٿين ها ته گهٽ ۾ گهٽ انهن تباه ٿيل جهازن جو ملبو يا وري مسافرن جا لاش ته ضرور ملن ها، پر اهي جهاز ۽ انهن مٿان سفر ڪندڙ اهڙي نموني گم ٿيا آهن، جو اڄ ڏينهن تائين انهن جو ڪو نالو ۽ نشان به نه ملي سگهيو آهي.

برمودا ٽڪنڊي جي پراسراريت کي سمجهائڻ جي ڪوشش لاءِ هڪ ٻيو نظريو "وقت جو ڦيرو" آهي. ان نظرئي مطابق ان جاءِ تي ڪو اکين کان اوجهل وقت جو سوراخ آهي، جنهن جي ذريعي ٻيڙيون، جهاز ۽ ماڻهو ڪنهن ٻيءَ دنيا منجهه پهچيو وڃن ٿا ۽ جتان واپسي ڇڻ ناممڪن آهي.

ان سلسلي ۾ هڪ مشهور دليل هي ڏنو وڃي ٿو ته 1970ع ڌاري هڪ مسافر بردار هوائي جهاز هن علائقي مٿان پرواز ڪري رهيو هو. هيٺ زميني فضائي ڪنٽرول روم وارا ان جهاز کي پنهنجي راڊار تي اڏامندو ڏسي رهيا هئا. اوچتو راڊار کي چيڪ ڪندڙ آپريٽر ڏٺو ته اهو جهاز سانده ڏهن منٽن لاءِ راڊار تان غائب ٿي ويو ۽ ڏهن منٽن کان پوءِ وري ظاهر ٿي پيو. جڏهن اهو جهاز هوائي اڏي تي لٿو ۽ جهاز جي عملي کان ڪنهن غير معمولي ڳالهه جي باري ۾ پڇا ڪئي وئي ته انهن اهڙي ڪنهن ڳالهه کان لاعلمي ڏيکاري. جهاز جي عملي پنهنجي پرواز دوران ڪا به غير معمولي ڳالهه محسوس نه ڪئي هئي. جڏهن کين خبر پئي ته سندن جهاز راڊار تان مسلسل ڏهه منٽ غائب رهيو هو ته سڀني پنهنجي واچن ۾ نهاريو. سڀني جون واچون ڏهه منٽ پوئتي جو وقت ٻڌائي رهيون هيون ۽ جهاز اندر لڳل گهڙيال به ڏهه منٽ پوئتي وقت ڏيکاري رهيو هو. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته ان واقعي کان ويهه منٽ پهرين، جهاز جي عملي، مواصلاتي اوزار وسيلي پيغام ڏيڻ وقت زميني ڪنٽرول ٽاور کي بلڪل صحيح وقت ٻڌايو هو. هن عجيب ڳالهه جي هي توضيح پيش ڪئي وڃي ٿي ته اتفاقن اهو جهاز ڪنهن[1] زمان ۽ مڪان جي ڦيري[2] (Time and Space warps) اندر وڃي ڪنهن ٻي دنيا منجهه هليو ويو هو ۽ اتان وري خوشقسمتي سان ڪنهن ٻئي سوراخ ذريعي واپس هن دنيا منجهه موٽي آيو هو.

ڪجهه ماڻهن جو اهو چوڻ آهي ته برمودا ٽڪنڊي جي پاڻيءَ جي تهن ۾ وڏا لوهي ذخيرا آهن. جيڪي اصل ۾ قديم زماني ۾ ٻين دنيائن کان آيل خلائي مخلوق جي ڪريل جهازن جا ملبا آهن. انهن ملبن ۾ استعمال ٿيل مقناطيس (چقمق) ڪنهن وقت پنهنجو اثر ڏيکاري ٿو ۽ ان مهل، ان چقمق جي ڪري، هوا ۾ اڏامندڙ جهازن جي هلائڻ جا اوزار بيڪار ٿي وڃن ٿا ۽ اهي هوائي

جهاز ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ بحري جهاز ۽ ٻيڙيون، ان چقمق جي بي انتها ڇڪ جي ڪري هيٺ سمنڊ جي تهه ۾ ڇڪجي وڃن ٿا. پر هي نظريو انهيءَ ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ لاچار آهي ته جيڪڏهن واقعي هوائي ۽ بحري جهازن ۾ استعمال ٿيل لوهه، چقمق جي ڪري انهن جهازن کي سمنڊ جي تهه ۾ ڇڪي وٺي ٿو ته پوءِ انهن جهازن ۾ سوار مسافرن جو ڇا ٿيو؟ انهن کي ته چقمق نه ٿو ڇڪي سگهي؟ انهن جا لاش ته سطح سمنڊ تي اچڻ گهرجن ها. هڪ واقعي ۾ ته جهاز کي ته ڪجهه ڪو نه ٿيو هو، پر ان جهاز مٿان سفر ڪندڙ سيئي مسافر ۽ جهاز جو عملو غائب هو. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته جنهن وقت آمريڪي نيوي جي جهاز جو عملو جڏهن ان بدنصيب جهاز تي چڙهيو ته اتي کين صرف هڪ ڪتو زنده نظر آيو ۽ ٻئي ڪنهن به جاندار جو ڏس پتو نه مليو.

بحري ماهرن جو اهو به خيال آهي ته انهن هوائي ۽ بحري جهازن جي گمشدگيءَ جو راز ساموندي واچوڙن ۾ آهي، جنهن کي واٽر اسپائوٽ (Water Spouts) چيو وڃي ٿو. اهي ساموندي واچوڙا سوين فٽ بلند ٿين ٿا ۽ لمحن ۾ انهن بحري ۽ ساموندي جهازن کي پنهنجي قوت جو نشانو بنائين ٿا، جيڪي سندن رستي اندر اچي وڃن ٿا. پر ماڻهن جي هن خيال ۾ به ڪو گهڻو وزن ڪو نه ٿو نظر اچي، ڇاڪاڻ ته اهي ساموندي واچوڙا ته دنيا جي هر سمنڊ ۽ بحر ۾ پيدا ٿين ٿا. جيئن ته سڄي دنيا جي گولي جا ٽي حصا پاڻيءَ ۾ آهن ۽ صرف هڪ حصو خشڪي آهي، ان ڪري جيڪڏهن برمودا ٽڪنڊي مٿان اڏامندڙ هوائي جهازن يا پاڻيءَ مٿان ترندڙ ساموندي جهازن جي گمشدگيءَ جو ڪارڻ اهي ساموندي واچوڙا هجن ها ته پوءِ اهڙا واقعا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر ان جڳهه تي ٿين ها، جتي سمنڊ جو پاڻي آهي ۽ اهي خوفناڪ واقعا صرف پراسرار برمودا ٽڪنڊي مٿان ئي واقع پذير نه ٿين ها. ٻيو ته اهي ساموندي واچوڙا صرف ڪجهه سون جي بلنديءَ تائين مٿي وڃي سگهن ٿا، جڏهن ته گم ٿيل ڪجهه هوائي جهاز ته اهڙا به هئا جيڪي ٽيهن ٽيهن هزارن جي اوچائي تي پرواز ڪري رهيا هئا. ٽين ڳالهه ته جيڪڏهن اهي هوائي ۽ ساموندي جهاز انهن واچوڙن جا شڪار به ٿين ها ته پوءِ به مسافرن جي گمشدگي جي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. اڄ ڏينهن تائين انهن گم ٿيل جهازن جو ڪو به مسافر يا عملو دنيا وارن کي نه .زنده حالت ۾ ملي سگهيو آهي ۽ نه وري مرده حالت ۾ لڌو ويو آهي.

سڀ کان وڌيڪ قائل ڪندڙ نظريو ا آهي ته برمودا ٽڪنڊي جي علائقي . پاڻيءَ هيٺ ڪنهن انتهائي ترقي يا زير زمين تهذيب جو وجود آهي، . -

# ڪوڙو نبي
# طليحہ اسدي

رسول ڪريم جن جي دنيا مان پرده فرمائڻ کان پوءِ ڪيترائي فتنا اٿيا. جن منجهان ڪوڙن نبين جو فتنو سڀ کان وڏو هو. قبيلائي عصبيت جي ڪري ان دور جي قبيلن به پنهنجن پنهنجن ڪوڙن نبين جي حمايت ڪرڻ شروع ڪئي. اهو فتنو ايترو ته وڌي ويو جو ڄڻ اسلام خطري ۾ پئجي ويو. پر حضرت ابو بڪر رضہ جي فهم ۽ فراست جي ڪري ان فتني کي ڪچليو ويو

## هڪ ڪوڙي نبيءَ جو قصو جنهن هزارن کي گمراه ڪيو

**محبوب سمون**

حضور نبي ڪريم جي حياتي مبارڪ ۾ ئي هن ملعون شخص اسلام قبول به ڪيو هو پر پوءِ مرتد ٿي ويو. هن جو پورو نالو طليحہ بن خويلد اسدي هو ۽ اسلام کان منهن موڙي ويجڻ ڪانپوءِ هيءُ خبيث سميره ۾ اچي رهيو هو. هتي هن نبوت جي دعوي ڪرڻ شروع ڪئي. هيءُ هنڌ درحقيقت مڪرمہ ۽ مدينہ منوره جي وچ ۾ واقع ٽنهنڪري هن کي سٺي منزل ويندو هو. ان سبب جي ڪري هن "اسد" قبيلي جا گهڻا ماڻهو رهڻ لڳا ان جي چوڌاري بنو غطفان ۽ بنو هوا جا قبيلا وغيره آباد ٿي ويا هئا. انهن

جيتوڻيڪ سياسي لحاظ کان
اهي خيال بلڪل درست هئا. پر حضرت
ابوبڪر صديق مصلحت انديشيءَ کان
ڪم وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پاڻ
تہ رسول اڪرم جن جا تربيت يافتہ هئا.
پاڻ فرمايائين تہ" اي مسلمانؤ! جيئن تہ
توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ رسول
اڪرم جن وصال فرمايو آهي ۽ نبوت
منقطع ٿي ويئي آهي. وحي الاهيءَ جو
سلسلو بند ٿي چڪو آهي. سڄو
عربستان اسان جو دشمن بڻجي پيو آهي.
آئون پنهنجي فوجي قوت جي ڪمزوريءَ
کان چڱيءَ طرح واقف آهيان. پر آئون
اهو مور نہ سهندس تہ پاڻ سڳورن کي
جيڪي قبيلا زڪوات ڏيندا هئا. آئون
انهيءَ مان ڏيدي پائي بہ گهٽ ڪريان.
آئون اهڙن قبيلن سان جنگ جوتيندس.
جيڪڏهن توهان منهنجو ساٿ نہ ڏيندؤ
تڏهن بہ آئون وچي ساٿن وڙهندس ۽
زڪوات وصول ڪندس. اهو تہ ڪهڙيءَ
طرح بہ ممڪن ناهي تہ دين جو ڪو
رڪن توڙيو وڃي ۽ مان ماٺ ڪري ويهي
رهان. "

جڏهن ڪين هيءَ چيو ويو تہ
سائين اوهان تہ بلڪل درست فرمايو. پر
رسول اڪرم جن ارشاد فرمايو هو تہ
ڪافرن سان اوستائين جنگ ڪندا رهو
جيستائين هُو ڪلمو نہ پڙهن! هي قبيلا
تہ ڪلمو پڙهن ٿا. پوءِ سندن خلاف
ڪيئن جنگ ڪري سگهجي ٿي؟ تنهن
تي خليفہ وقت ڪين ارشاد فرمايو ها! ها!
اهي ڪلمو تہ ضرور پڙهن ٿا. پر نماز ۽
زڪوات جا منڪر آهن. تنهنڪري
انهن جي خلاف ضرور جنگ ٿيندي. ڇو
تہ اهي نماز ۽ زڪواة ۾ فرق پيدا ڪرڻ
گُهرن ٿا.

انهن مڙني ڳالهين کان بي خبر
ڪوڙي نبوت جا داعي ۽ زڪوات جا
منڪر پاڻ کي آزاد. مستحڪم ۽ مديني
پاڪ کي بي يارو مددگار سمجهي ويٺا
هئا. مديني پاڪ جي اصل صورتحال
کان ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ طليحہ اسديءَ
پنهنجي ڀاءُ حبال کي مديني پاڪ
موڪليو تہ هو ڏسي تہ حضرت
اسامہ جي مديني پاڪ مان روانگي
کانپوءِ مديني پاڪ جي فضا ڪهڙي
آهي؟ حبال جو مديني ۾ اچڻ جو هيءُ
مقصد هو تہ هُو ڏسي سگهي تہ هاڻي
مديني ۾ ڪيتري قدر اسلامي قوت وٽ
سپاهي موجود آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا قبيلا
اڃا تائين اسلام جا حمايتي آهن ۽
ڪهڙا ڪهڙا ڦري ويا آهن؟ طليحہ جو
دراصل اهو ئي خيال هو تہ انهن ڦريل
قبيلن کي گڏ ڪري اسلام جي خلاف
هڪڙو مضبوط محاذ قائم ڪري
سگهجي.

جڏهن حبال شهر ۾ داخل ٿيو
تہ هيءُ ڏسي ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي تہ شهر
سپاهين کان ٺلهو ۽ خالي هو. هيءُ بہ
ڪيس سڌ هئي تہ حضرت اُسامہ روانو ٿي
چڪو هو.

حضرت ابوبڪر صديق کي
جڏهن هيءَ خبر پيئي تہ طليحہ جو ڀاءُ
حبال مديني پاڪ ۾ آيو آهي تہ

ماڻهو موڪلي ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. جڏهن اهو وٽس حاضر ٿيو تہ حضرت عمر فاروق بہ اتي موجود هو. حضرت ابوبڪر پڇيس تہ "ڏي خبر! تنهنجو هتي اچڻ ڪيئن ٿيو؟ تون تہ باغين جو ساٿاري آهين. پوءِ تو هتي ڪيئن آيو آهين؟ ضرور تنهنجو خاص مقصد هوندو!"

حبال وڏيءَ عياريءَ سان وراڻيو تہ "يا اميرالمومنين! توهان منهنجي اون نہ ڪريو. آئون تہ ڏسان پيو تہ مدينو ويران پيو لڳي ۽ اسلام بلڪل ڪمزور ٿي ويو آهي. توهان انهيءَ پاسي ڌيان ڏيو."

حضرت ابوبڪر پڇيس، "چڱو هيءَ تہ ٻڌاءِ تہ توکي اها خبر ڪيئن پيئي تہ اسلام ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ هاڻي منجهس اها شان ۽ شوڪت ڪا نہ رهي آهي. ڪجهہ مونکي بہ تہ ٻڌاءِ."

حبال ڪي اڳيئي سڌ هئي تہ ڪانئس اهوئي سوال ڪيو ويندو تنهنڪري پاڻ جهٽ پٽ جواب ڏنائين، "ها! ضرور ٻڌائيندس. عرض هيءَ آهي تہ مونکي خبر پيئي آهي تہ ڪيترن ئي قبيلن توهانکي زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، ۽ انهن جي خيال ۾ تہ اهو هڪ طرح سان غلاميءَ جو هديو آهي."

[illegible] حضرت ابوبڪر چيس، "انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڏي، هيءَ تہ ٻڌاءِ تہ تون هتي ڇا جي لاءِ آيو آهين؟"

هن وراڻيو" آئون هتي رڳو انهيءَ لاءِ حاضر ٿيو آهيان تہ توهانکي سڌ ڏيان تہ اسانجو راڄ يعني بنو اسد ۽ اسانجا حريف قبيلا هاڻي توهانکي زڪوات ادا ڪو نہ ڪندا!"

جڏهن ڪانئس انهيءَ بابت پڇيو ويو تہ انهيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ تہ هن چيو "سائين! اسان جو نبي طليحہ بن خويلد حيات آهي، بنو اسد ۽ ٻين حليف قبيلن ڪي مٿس پورو ويساهہ آهي. توهان جو نبي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. پر جيئن تہ اسان جو نبي زنده آهي، جنهن ڪري اسان پنهنجي نبيءَ جي ڳالهہ مڃينداسون، نہ ڪي توهان جي نبيءَ جي!"

هن جي اها ڳالهہ ٻڌي حضرت ابوبڪر فرمايو"احڪام الاهيءَ ۾ ڪنهن بہ طرح سان تبديلي ممڪن ڪانهي. جيڪڏهن توهان جو اهو فيصلو آهي تہ اسان جو بہ فيصلو هيءَ آهي تہ توهان زڪوات مان اُٺ جي رسي يا نوڙي ڏيڻ کان بہ انڪار ڪندا تہ آئون توهان سان جهاد ڪندس. ڪن ڪولي ٻڌو تہ زڪوات دين جو اهم رڪن آهي، ڪنهن بہ رڪن کان انڪار ڪرڻ ڪفر آهي."

حضرت عمروه روايت ڪري ٿو تہ رسول اڪرم جن جي وفات ۽ اسامہ جي روانگي بعد ڪيترائي عام ۽ خاص عرب قبيلا مُرتَد ٿي ويا هئا. مسيلمہ ۽ طليحہ نبوت جي دعوي ڪئي

۽ سندن جماعت ۽ طاقت ٻه گهٽجي وڃي وئي. طائي ۽ اسد قبيلن طليحه جو ساٿ ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح بنو اشجع ۽ غطفان قبيلن جي ڪيترن ئي ماڻهن طليحه جي بيعت ڪئي. هوازن جا رهاڪو به اڃا ٻڏتر ۾ هئا، پر انهن به زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ثقيف ۽ انجي هٿ هيٺ قبيلا اسلام تي قائم رهيا ۽ انهن جي پيروي ڪندي بنو جديله ۽ بنو اعجاز پڻ اسلام تي بيٺا رهيا، جڏهن ته قبيلي بنو سليم جا گهڻا ماڻهو مرتد ٿي ويا. ان ڪانسواءِ يمن ۽ يمامه کان به قبيلن جي ڦيرين گهيرين جون خبرون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون.

حبال جيڪو پيغام حضرت ابوبڪر رضه کي ڏيئي ويو هئو. سو ڪو معمولي ڪو نه هو. حضرت ابوبڪر رضه هڪدم مديني جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ لڳو. پاڻ اهڙي اهم ڪم لاءِ طلحه ، زبير ، حضرت عبدالله بن مسعود ۽ حضرت علي جهڙن اصحابين کي مقرر فرمايائين. ان کان پوءِ پاڻ مديني واسين جو اجلاس گهرايائين جنهن ۾ پاڻ فرمايائين ته جيئن ته توهانکي معلوم ٿي چڪو آهي ته سڄو ملڪ مُرتدَ ٿي چڪو آهي. اهي ماڻهو توهان جو ٿورو تعداد ڏسي ويا آهن. اهي ضرور ڪنهن به مهل مديني پاڪ تي چڙهائي ڪري سگهن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته دشمن جي ويجهي کان ويجهي جماعت رڳو هڪڙي ميل جي پنڌ تي آهي. هو چاهين ٿا ته اسان سندن غير اسلامي شرطن تي ساڻن ڪو ناهه ڪريون. پر اسان سندن اهي شرط قبول ڪو نه ڪيا. تنهن ڪري توهان هاڻ ساڻن مقابلي لاءِ دل ۽ جان سان تيار ٿي وڃو!

حضرت ابوبڪر جي هن تقرير جڻ ته مديني واسين ۾ نئين تازي طاقت ڀري ڇڏي. مديني وارن پنهنجي وس آهر تياري ڪئي. اڃا رڳو ٽي ئي راتيون مس گذريون هيون ته مرتدن اُمالڪ رات جو مديني پاڪ تي چڙهائي ڪئي. هُو هڪڙو هٿيار بندن جو دستو احتياط طور "ذي حسيٰ" ۾ ڇڏي آيا هئا ته ضرورت وقت ڪم ايندو پر هينئر ته ڪين تمام گهڻي حيراني ٿي جڏهن مديني وارن سان سندن زبردست ٽڪراءُ ٿيو مرتدن جي سخت ۽ اوچتي حملي جو اطلاع خليفي تائين پهچايو ويو ته حڪم مليو ته پنهنجيءَ جڳهه تي ثابت قدم ٿي رهو. پاڻ مسلمانن کي پاڻ سان وٺي ڀرپور طريقي سان جواب ڏيڻ لاءِ هليو. دشمن درحقيقت انهيءَ صورتحال جي لاءِ هر گز تيار نه هئا. انهن جي خيال ۾ مديني تي آسانيءَ سان قبضو ٿي ويندو. پر هاڻي ته ڪين پوئتي هٽڻو پيو هو.

اسلامي فوج ڪين ڏڪيندي ڏڪيندي ذي حسيٰ تائين وٺي ڪيڏيو جتي سندن امدادي فوج اڳيئي لڪيل هئي. هاڻي مُرتدن هڪڙي اٽڪل ڪئي. هنن مسلمانن جي انن سامهون وڏيون رڪاوٽون ڪڙيون ڪري

ڇڏيون. جنهن ڪري ائن ۾ اچي پڄ ڏُک پيئي ۽ اسلامي فوج واپس اچي مديني کان نڪتي. مسلمانن جي انهيءَ ياچ، مُرتدن جا حوصلا ويتر وڌائي ڇڏيا ۽ انهن ڀانئيو ته هاڻ مسلمانن ۾ مقابلي جي طاقت صفا ڪا نه رهي آهي. تنهنڪري انهن ذي حسيٰ ۾ موجود پنهنجن ساٿين کي پنهنجي پر ۾ هيءَ خوشخبري سڻائي ته هليا اچو! هاڻي ڀاڻ کي سرسي حاصل ٿيندي.

ٻئي پاسي وري هيئن ٿيو ته سڄي رات حضرت ابوبڪر پنهنجي فوج کي ناهڻ ۾ رُڌل رهيو. رات جي پوئين پهر ۾ پاڻ دشمن مٿان حملو ڪري ڏنائين. پاڻ پيرين پيادي هلي رهيو هو. ساٿس گڏ حضرت نعمان بن مقرن، حضرت عبدالله بن مقرن ۽ حضرت سويد بن مقرن ساڻن گڏ هئا. ۽ ان کان علاوه اٺ سوارن جو دستو به پڻ هو. اڃا صبوح به ڪو نه ٿيو هو ته مسلمانن مرتدن جي سامهون صفون ٺاهي ڇڏيون. هيءَ ڪم اهڙيءَ ته ماٺ منوڙ ۾ ڪيو ويو جو مرتدن کي بلڪل مهل تي خبر پيئي ته اسلامي فوج اچي ويئي آهي!

مرتدن اڃا سنڀاليوئي ڪو نه هو ته مسلمانن مٿن سخت حملو ڪري سندن هوش حواس خطا ڪري ڇڏيا. اڃا ته سج به اڀريو ڪين هو ته مرتدّ ڀاڄ ڪائي چڪا هئا. طليحه جو ڀاءُ حبال ڏاڍي بڇڙي طرح قتل ٿيو. اسلامي سپاهين جي مرتدن جي خلاف هيءَ پهرين ۽ ڀرپور فتح هئي. جتي هن فتح مسلمانن کي حوصلو همت ڏنو اتي مُرتّد ٻنهه مڇرجي پيا. "بنو ذبيان ۽ "بنو عبس" قبيلن وارن پنهنجي علائقي جي مسلمانن تي اوچتو حملو ڪري ڪيترائي مسلمان شهيد ڪري ڇڏيا.

مرتدن جي خلاف هن پهرين سوڀ کان پوءِ مسلمان قبيلن جي ماڻهن ۾ خلوص ۽ استقامت وڌڻ لڳو. ٻئي پاسي وري هيئن ٿيو جو مُرتد به اسلام ڏانهن موٽڻ لڳا. مدينو پاڪ جيڪو ويران ۽ سنسان ڏسڻ ۾ پئي آيو اتي هاڻي مختلف قبيلن جا وفد اچڻ لڳا. سڀ کان پهرين هتي صفوان. زبرقان ۽ بنو عدي جون جماعتون داخل ٿيون. بنو صفوان شام جو جڏهن ته بنو زبرقان آڌيءَ رات جو پهتا. پر بنو عديءَ جي آمد فجر کان پهرين يعني اَسُرَ مهل ٿي. هڪ روايت مطابق ته جڏهن هي جماعتون مديني پاڪ ۾ داخل ٿيون ته ڪجهه ماڻهن گوڙ ڪيو ته هي ته دشمن جون جماعتون آهن. پر حضرت ابوبڪر ڪين چيو"ماٺ ڪريو چاڪاڻ ته هي اسانجا دوست آهن. ۽ اسانجي مدد لاءِ آيا آهن." انهيءَ وچ ۾ حضرت اسامه به واپس اچي ويو ۽ اهڙي طرح مسلمانن جي فوجي طاقت ۾ واڌارو آيو. هڪڙي سخت لڙائي ۾ ذي حسيٰ ۽ ذي القصه جي علائقن کي مسلمانن خالي ڪرائي ڇڏيو ۽ اتي حارث ۽ عوف کي شڪست ڪائڻي پيئي. انهيءَ ڪانپوءِ بني عبس ۽ بني بڪر ڀڄي ويا.

هن جنگ کانپوءِ حضرت ابوبڪر مرتدن ۽ ڪوڙن نبين جي سرڪوبيءَ لاءِ فوجن جي جوڙجڪ ڪئي. هڪڙي ٽولي جو سردار خالد بن وليد هو. سندس ذمي ڪوڙي نبي طليحہ بن خويلد جي فتني جو سدباب ڪرڻو هو. انڪانپوءِ کيس مالڪ بن نويره کي ختم ڪرڻو هو. حضرت خالد کان پهرين هيءَ مهم عڪرمہ کي سونپي ويئي هئي.

جڏهن بنو عبس بنو زبيان ۽ ان جي هٽ هيٺ قبيلن پنهنجو اجتماع "بزاخہ" ۾ ڪيو تہ طليحہ بني جديلہ ۽ غوث کي نياپو موڪليو تہ توهان هڪدم مون وٽ اچو. انهن قبيلن مان ڪجهہ ماڻهو تہ يڪدم وٽس هليا ويا. جڏهن تہ بيا ماڻهو اجا اچڻ لاءِ سنيري رهيا هئا.

خالد بن وليد جي روانگي کان اڳ حضرت ابوبڪر ، حضرت عدي بن حاتم کي بنو طائي جي طرف موڪليو تہ پاڻ وڃي پنهنجي راجوارن کي سمجهائي ائين نہ ٿئي جو اهي سڀ انهيءَ ڏقيڙ ۾ تباھ ٿي وڃن. حضرت ابوبڪر خالد بن وليد ، کي حڪم ڏنو تہ پهرين حملو "طائي" کان شروع ڪجان ۽ پوءِ بزاخہ ڏي منهن ڪجانءِ سڀ کان آخر ۾ بطاخ جي طرف وڃجان. انهيءَ وچ ۾ حضرت عدي بن حاتم. پنهنجي راج وارن کي سمجهايو تہ سُڌري وڃو نہ تہ نقصان ٿيندُو. انهن چيو تہ اسانکي بہ ٿي ڏينهن ڏيو تہ اسين "بزاخہ" مان پنهنجا ماڻهو گهرائي وٺون. ائين نہ ٿئي جو طليحہ انهن هڙني کي قتل ڪرائي ڇڏي

حضرت عدي ، حضرت خالد کي اها رٿ پيش ڪئي تہ حضرت خالد انهن کي ٽن ڏينهن مهلت ڏئي. جنهن تي حضرت عدي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي سمجهايو تہ وارو ڪريو پنهنجن ماڻهن کي "بزاخہ" مان ڪڍي اچو. پوءِ اُهي اتڪل سان پنهنجن ماڻهن کي اتان ڪڍي آئيا. حضرت عدي انهن ماڻهن کي نئين سر ڪلمو پڙهايو ۽ کين حضرت خالد جي خدمت ۾ وٺي آيو. انڪانپوءِ حضرت خالد "جديلہ" سان مقابلو ڪرڻ لاءِ "النسر" ڏانهن وڃڻ گهريو تہ حضرت عدي کيس چيو تہ سائين! جيڪڏهن توهان اجا بہ ٽورن ڏينهن جي مهلت ڏيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ شايد آئون انهن کي قائل ڪري وٺان. انڪانپوءِ حضرت عدي بني جديلہ وٽ آيو ۽ کين نيٺ قائل ڪري وڌائين. سندن پيهر مسلمان ٿيڻ سان مسلمانن کي ڏاڍو فائدو پهتو جو جڏهن اهي مسلمانن سان مليا تہ وٽن هزار اُٺ سوار جانباز بہ هئا. هي رڳو عدي بن حاتم جي فهم ۽ فراست جو نتيجو هو جو جنگ ڪرڻ کانسواءِ مسلمانن کي وڏي ڪاميابي نصيب ٿي هئي. حقيقت ۾ بنو طائي قبيلو حضرت عدي بن حاتم جو ئي هو جنهن تي سندس پيءُ جو اثر تمام گهڻو هو تنهنڪري ڪانئس راج جا ماڻهو منهن موڙي نٿي سگهيا.

جڏهن حضرت اُسامہ ۽ سندس فوجون واپس آيون تہ حضرت ابوبڪر مرتدن جي خلاف ڪاروائيءَ

جو آغاز ڪيو. "ذي القصہ"، جيڪو "نجد" جي پاسي مديني پاڪ ڪان رڳو ميل ڪن جي فاصلي تي هو سيني جماعتن کي جوڙيائين ۽ سندن سپهہ سالار حضرت خالد بن وليد کي مقرر ڪيائين. جڏهن حضرت خالد ، دشمن جي ويجهو پهتو تہ پاڻ پهريائين حضرت ثابت ابن اقرم ۽ عڪاالله بن معصبن کي دشمن جي سُڌِ لهڻ لاءِ موڪليائين. هي ٻئي جڏهن دشمن جي ويجهو پهتا تہ طليحہ ۽ سندس ڀاءُ سلمہ کين ڏسي ورتو. حضرت ثابت کي طليحہ جي ڀاءَ سلمہ اُمالڪ (اوچتو) حملو ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. پوءِ ٻنهي گڏجي حضرت عڪاالله کي شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت خالد بہ پنهنجي فوج وٺي اچي اتان لانگهائو ٿيو. اوچتو ڪنهن اٺ جو پير حضرت ثابت جي لاش مبارڪ مٿان وڃي پيو. مسلمانن کي غم وڪوڙي ويو. اجا انهيءَ ارمان ۾ هئا تہ حضرت عڪاالله جو لاش بہ ڏسڻ ۾ آئين. هيءَ حالت ڏسي حضرت عدي ، حضرت خالد کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان جو خيال هجي تہ منهنجي قبيلي ۾ بہ تي ڏينهن گذاريو. تان تہ توهان لاءِ اهڙو لشڪر تيار ڪريان، جو دلير ۽ بهادر هجي. سندس اها تدبير حضرت خالد قبول فرمائي. جيئن تہ حضرت ثابت ۽ حضرت عڪاالله جي شهادت جي ڪري مسلمانن ۾ بددلي پکڙجي چڪي هئي، تنهنڪري حضرت خالد انهيءَ صورتحال کي سامهون رکي پنهنجي فوج

کي فرمايو تہ "توهان جو جيڪڏهن خيال هجي تہ آئون توهان کي عرب جي هڪ وڏي قبيلي وٽ وٺي هلان. اهو اهڙو قبيلو آهي جيڪو شان وشوڪت ۽ تعداد ۾ اڳتي آهي ۽ انهيءَ قبيلي ۾ هڪڙو بہ مرتد ڪونهي. جڏهن مسلمانن پڇيو تہ سائين! اهو ڪهڙو قبيلو آهي؟ تہ حضرت خالد فرمايو تہ هيءَ قبيلو "طائي" آهي. مسلمانن چيو تہ توهان بلڪل صحيح ٿا فرمايو. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي فوج وٺي بنو طائي وارن وٽ ويو.

حضرت سعد بن مجاهد فرمائي ٿو تہ انهن حضرت خالد کي چيو تہ اسان بنو قيس سان پاڻيهي ٿا نبرون ۽ جيئن تہ بنو اسد اسانجو حليف آهي. تنهنڪري اسان کي ساڻن مقابلي ڪرڻ جي معافي ڏني وڃي. جنهنجي جواب ۾ حضرت خالد فرمايو تہ "بنو قيس قبيلو بہ ڪمزور نہ ڀانئيو. توهان ٻنهي قبيلن مان جنهن سان بہ مقابلو ڪرڻ مناسب سمجهو اهو صاف ٻڌايو."

حضرت عبدالسّلام بن سويد فرمائي ٿو تہ "حضرت خالد بن وليد جي اچڻ کان اڳ بني اسد ۽ بني فزاره جا مختلف فوجي دستا مقابلي لاءِ ضرور ايندا هئا. پر ڪڏهن بہ مقابلي جي نوبت ڪا نہ آئي. مگر هي ضرور چوندا هئا تہ "اسان ابوالفيصل (حضرت ابو بڪر ) جي بيعت ڪونہ ڪنداسون" ۽ انهيءَ جي جواب ۾ بنو طائيءَ جا سوار چوندا هئا تہ "اسان هيءَ اعلان ڪريون ٿا تہ ابوبڪر صديق توهانکي اهڙو تہ سِڌو

جوسات ڇڏي ڏنو آهي.“ جنهن جي جواب ۾ طليحه کين چيو ته ”توهان کھڙا نه بيوقوف آهيو جو منهنجيءَ نبوت کي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ سان ٿا پرکيو.“

طليحه انهيءَ دوران پنهنجيءَ قوت کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو. پر سندس سمورن حليف قبيلن تي حضرت خالد بن وليد جي هيبت ڇانيل هئي. اُهي حضرت خالد جي دشمني پرائڻ کان نتائي رهيا. هئا. پئي پاسي حضرت خالد به ساڻن جنگ ڪرڻ نٿي گھري سندس خيال هو ته اهي ماڻهو دير يا سوير ضرور مسلمان ٿي ويندا. بنو طائي قبيلي جي پيهر اسلام ڏانهن موٽڻ جي ڪري کيس ڪافي قوت ملي. حضرت خالد هڪ تجربيڪار ۽ دنيا جو اُٿل ويتل شخص هو. پاڻ چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته جيئن ته طليحه هڪڙو ڪوڙو نبي بڻيو ويٺو آهي، تنهنڪري سِگهوئي سندس وڪا پڌرا ٿي پوندا.

طليحه جا عام عقيدتمند ته سندس سامهون ادب ۽ احترام ڪندا هئا پر جوڻس متانئس ٺٺوليون ڪندي رهندي هئي. هوءَ ڪيترائي پيرا چئي چڪي هئي ته طليحه جي دعوي ۾ سچائي هرگز ڪانهي. گھڻو ڪري هئين ٿيندو هو جو جڏهن طليحه متان ڪا مشڪل گھڙي ايندي هئي ته هو متي تي ڪمبل يا ڪا چادر وجھي ڇڏيندو هو. اهڙن موقعن تي سندس حڪم هوندو ته ڪير به سندس ويجھو نه اچي، ڇاڪاڻ ته بقول هن جي، متانهس ان وقت وحي نازل ٿي رهي هئي.

طليحه کي سندس عقيدتمندن چيو ”مسلمان ڏانهس تيزيءَ سان اچي رهيا آهن. جنهنڪري طليحه! تون پنهنجي خدا کي چئو ته مسلمانن جي فوج کي ناس ۽ نابود ڪرڻ لاءِ فرشتا موڪلي ته مسلمانن مان ڇوٽڪارو ملي!“ هن هڪدم ڪٽي متي تي ڪمبل وڌو.

طليحه جا عقيدتمند ڪافي دير تائين سندس انتظار ڪندا رهيا. پر طليحه جي طرفان ڪا وَرندي ڪا نه ملين. انهن مان ڪجھه مکيه ماڻهن طليحه جي زال سان رابطو ڪيو ۽ کيس چيائون ته ”اي سائڻ! توهان ئي نبي محترم وٽ وڃو ۽ پڇوس ته وحيءَ جي ڪهڙي صورتحال آهي ۽ کيس خدا جي طرفان امداد جو وعدو مليو آهي يا نه؟ “ ان تي جوڻس سندس خيمي ۾ داخل ٿي ۽ چوڻ لڳي ته ”اي طليحه! تون ڪيستائين ائين ڪمبل اوڙهيو ويٺو رهندين. ماڻهو اوسيئڙي ۾ انتظار ۾ ويٺا آهن. توکي هيتري دير ٿي چڪي آهي، توکي خدا وٽان ڪو جواب ڪو نه ٿو ملي ڇا؟“

جڏهن جوڻس دانهون ڪري ٿڪجي پيئي ته طليحه جي متي تي پيل ڪمبل کي ڇڪي لاهي ورتائين. هن ڏنو ته طليحه متان جڻ تشنج جي ڪيفيت طاري هئس. جوڻس کي دڙڪو ڏيندي چيائين.” تون ڏاڍي ڪم عقل زال آهين. مون توکي چيو ڪو نه هو ته هن حالت ۾ مون سان ڪوئش نه ڪندي ڪر. ملائڪ

سگورو مونکي هڪ اهم اطلاع ڏيڻ وارو هو پر تو سچو ڪم ڦٽائي ڇڏيو.“

انهيءَ وچ ۾ مسلمانن جو لشڪر تيزيءَ سان منزلون طئي ڪندو ”بنو ذبيان“ قبيلي جي علائقي ”البرق“ تائين پُهچي ويو. بنو ذبيان جي ماڻهن تي مسلمانن جي هيبت ڇانيل هئي. انهن اتان ڀڄڻ ئي سنو ڀانئيو.

طليحه هاڻي هڪڙو ٻيو ڪم شروع ڪيو. جيڪي قبيلا اسلام کان ڦيرا تي منڪرتي چڪا هئا، انهن کي دوستيءَ جو پيغام موڪلڻ شروع ڪيائين ۽ کين پنهنجي مدد جو يقين ڏياريائين. انهيءَ ڪوشش ڪري هو ته طليحه هڪ وڏي فوج گڏڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي ويو هو.

ٻئي طرف هيءَ صورتحال به پيدا ٿي چڪي هئي ته بنو عامر، بنو هوازن ۽ بنو سليم قبيلا ارتداد واري ڏقيڙ ۾ ڦاسي چڪا هئا، پر اجا ٻُڏتر ۾ هئا ته کين ڇا ڪرڻ گهرجي. اهي قبيلا اجا تائين ”بنواسد“ ۽ ”بنو غطفان“ قبيلن ڏانهن ڏسي رهيا هئا ته اهي ڇا ٿا ڪن ۽ ڪنهن جي پويان ٿا لڳن؟

”بنو اسد“ قبيلي وارا دراصل طليحه کان هڪ اهم واقعي جي ڪري متاثر ٿيا هئا. بنو اسد جا ڪي ماڻهو قافلي سان سفر ڪري رهيا هئا ته اوچتو اهي اهڙي هنڌ وڃي پهتا، جتي پاڻي موجود ڪو نه هو. بنواسد قبيلي جي ماڻهن پنهنجا خيما کوڙيا ۽ پاڻي ڳولڻ ۾ لڳي ويا. انهيءَ قافلي ۾ طليحه پڻ شريڪ هئو. جڏهن مڙيئي ماڻهو پاڻيءَ لاءِ واجهائي رهيا هئا تڏهن ڪن ماڻهن ڏٺو ته طليحه هڪڙي هنڌ مٿي تي چادر وجهيو محو لڳو پيو هو. انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ کين اها ڳالهه ڪين وڻي. هڪڙي ماڻهوءَ ڪاوڙ ۾ اچي طليحه جي مٿي تان چادر ڇڪي چوڻ لڳو ته اي طليحه! تون ڪهڙو ماڻهو آهين. اسان سڀ پاڻيءَ لاءِ پريشان آهيون ۽ تون هتي آرام ۽ سک سان ويٺو آهين. توکي اسانجي ڪا به اون ڪانهي!“ طليحه کي اها حرڪت ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ پنهنجي ڪاوڙ پيئندي چيائين ته اي بيوقوفو! هي توهان جي بي عقليءَ جو دليل آهي. ڇا مونکي توهانجو خيال ڪو نه هوندو ته منهنجي قبيلي جا ماڻهو هيڏي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. آئون ته دراصل ملائڪ کي حاضر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ته ڪانئس پڇان ته پاڻي اسانکي ڪٿان ملندو؟ پر ملائڪ اجا حاضر ئي ٿيو هئو ته توهان ٻاراڻي حرڪت ڪري فرشتو ڀڄائي ڇڏيو.“ جنهن شخص طليحه جي مٿي تان چادر لاٿي هئي، سيئي انکي ڪاوڙ مان ڏسي رهيا هئا. انهن مان هڪڙي ماڻهوءَ عاجزيءَ سان چيو ”اي طليحه! اسانجي اها خطا معاف ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي فرشتي کي ٻيهر حاضر ڪري پُڇيس ته اسانکي پاڻي ڪٿان ملندو؟ ائين نه ٿئي جو اسان پاڻي ڳوليندي ڳوليندي موت جو شڪار ٿيون.“

”ها ها! توهانجي ڳالهه ته

صحيح آهي، پر جيستائين منهنجي مٿي تي چادر نہ وجهندؤ تہ آئون فرشتي کي ڪيئن حاضر ڪري سگهندس؟" طليحہ وراڻيو. بس پوءِ تہ جهٽ پٽ سندس مٿي تي چادر وڌي ويئي. ڪجهہ وقت تہ طليحہ انهيءَ انداز ۾ ويٺو رهيو. انهيءَ دوران پاڻ ٿڙڪي رهيو هو ۽ ڪجهہ پٽڪي بہ رهيو هو. ڪجهہ وقت کانپوءِ پنهنجي مٿي تان چادر لاهي ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ "اسانکي پاڻي ضرور ملندو خوش ٿيو." ماڻهو ڏاڍا سرها ٿيا ۽ کانئس پڇيائون." پلا! پاڻي اسانکي ڪٿان ملندو؟" تنهن تي طليحہ هڪ طرف ڏانهن وڃڻ جو ڏس ڏيندي ٻڌائين تہ انهيءَ پاسي ٻہ ٽي ميل ڪن پري انهن کي پاڻي ملي ويندو!" اها ڳالهہ ٻڌي قافلي مان ڪن ماڻهن اُٺ تيار ڪيا ۽ طليحہ جي ڏنل ڏس تي پهچڻ لاءِ ڪٽي انن کي ڊوڙايائون. جيئن اهي طليحہ جي ڏسيل جاءِ پهتا تہ ڏٺائون تہ واقعي اتي پاڻي موجود هو. پوءِ تہ ڏاڍا سرها ٿيا ۽ طليحہ کان ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ هن جي نبوت تي يقين ڪرڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ "واقعي هن وٽ فرشتو حاضر ٿيندو آهي." بس! پوءِ تہ طليحہ هڪڙي وڏي شخصيت بڻجي ويو ۽ قبيلي وارن سندس اهو معجزو مشهور ڪري ڇڏيائون.

هڪڙي ڏينهن "بنو خزراه" قبيلي جي سردار عيني بن حصين کي "بنواسد" قبيلي جي پوڙهن پڪن طليحہ جو اهو معجزو ٻڌايو. جيڪو اها ڳالهہ ٻڌي هزار ڪن جنگجوئن سان گڏ طليحہ سان ملي ويو. هن هڪ ڏينهن طليحہ کان پڇيو "اي محترم نبي! ڇا واقعي توهان وٽ حضرت جبرئيل عہ ايندو آهي؟"

طليحہ مُرڪندي چيو" ها! چو نہ! توکي جيڪو بہ ٻڌايو ويو آهي، سو سڀ سچ آهي، پر تون اها ڳالهہ چو ٿو پڇين؟" عيني پنهنجي گهبراهٽ لڪائيندي چيو تہ اي مانوارا نبي! ڇا توهانکي سُڌِ ڪانهي تہ مسلمانن جو زبردست لشڪر اسان ڏانهن تيزيءَ سان اچي رهيو آهي ۽ لڳي ٿو وڏي ويڙهہ ٿيندي. هن جنگ ۾ آئون اوهان جو هڙني کان وڌو حليف آهيان. هي تہ پلا ٻڌايو تہ اوهانکي جبرئيل عہ هن جنگ جي باري ۾ ڪو اطلاع بہ ڏنو آهي يا نہ؟" طليحہ هن جي سوالن کان ڏاڍو پريشان ٿي پيو. پلا هو ڪيئن جبرئيل کي گهرائي. پر هن ڳالهہ بدلائيندي چيو" اي عينيا! جنگ شروع ٿي ويئي ڇا؟ پهريائين جنگ تہ ٿيڻ ڏي، پوءِ جبرئيل عہ کان انهيءَ بابت آئون پڇي وٺندس. ٻي سچي ڳالهہ توکي ٻڌايان تہ جبرئيل منهنجي وس ۾ ڪونهي. هو ڪو منهنجو غلام ۽ ٻانهو تہ ڪونهي جو جنهن مهل آئون گهران تہ هو هڪدم اچي مون وٽ حاضر ٿئي. هو تہ خدا جي حڪم جو تابع آهي. خدا جي مرضي هوندي جبرئيل عہ کي مون ڏانهن موڪليندو. پر تون ڳڻتي نہ ڪر. جڏهن بہ جنگ ڇڙندي تہ آئون خدا کان ضرور پڇندس تہ هن جنگ جو

فيصلو ڪهڙو ٿيندو؟“

هن گفتگو کان ڪجهه دير پوءِ مسلمانن جو لشڪر به پُڄي ويو ۽ سپاهين ميدان ۾ پنهنجا تنبو کوڙڻ شروع ڪيا. جڏهن اسلامي فوج خيما کوڙيا ته فوج جو سپهه سالار حضرت خالد بن وليد طليحه جي فوج کي مخاطب ٿيندي فرمايو ”جيڪي ماڻهو مرتد (ڦريل) ٿي چڪا آهن، منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو. هاڻي ڪفر مان هٿ ڪڍو. خليفة المسلمين توهانکي معاف ڪري ڇڏيندو. منهنجي ڳالهه تي ويساهه ڪريو هاڻي اهو وقت سگهو اچڻ وارو آهي، جو توهان جو نبي جيڪو هٿ ٺوڪيو آهي، سو پاڻ به خوار ۽ خراب ٿيندو ۽ توهان پڻ ذليل ۽ بڇڙا ٿيندا.“

طليحه جي ماڻهن حضرت خالد جون ڳالهيون ڏاڍي متانت سان ٻڌيون. پر ”عينيه بن حصن“ اهڙو ماڻهو هو جنهن جي دل ۾ خالد جو ڊپ ويٺل هو ۽ پنهنجي ماڻهن جي مارجي وڃڻ جو پڻ هئس. چاڪاڻ ته ڪيس خبر هئي ته خالد هڪ اهڙو جرنيل هو جنهن جنگ ۾ ڪڏهن به شڪست نه کاڌي هئي. ٻئي ڏينهن جنگ شروع ٿي. ۽ جنگ جو ميدان گرم ٿيڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ عينيه ڊوڙندو طليحه جي تنبوءَ ڏانهن ويو پر ڇا ڏسي ته پاڻ تنبوءَ ۾ آهي ٿي ڪونا خيمي جي ٻاهران جوٽس ٻيٺي هئي. عينيه ڪانئس پڇيو ته ”طليحه ڪيڏانهن ويو آهي؟“ جوٽس پريشانيءَ واري انداز ۾ ٻڌايس ته اهو خيمي جي پٺيان ويٺو آهي. عينيه ڊوڙندي تنبوءَ جي پٺيان وڃي ڏٺو ته هو هڪ چادر مٿي تي وجهي ويٺو هو. کيس چيائين ته ”اي معزز نبي! هاڻي جنگ جو نتيجو نڪرڻ وارو آهي. مون ٻڌو ته توهان ڏکئي وقت ۾ جنگ جي ميدان ۾ هوندا. پر توهان هتي آرام سان ويٺا آهيو. هن مهل ۾ به آئون جنگ جو ميدان ڇڏي رڳو توهان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته توهان اسانکي ٻڌايو ته ڇا توهان جي ملاقات ملائڪ سگهوري سان ٿي آهي يا نه؟ ۽ هن توهانکي ڪجهه اطلاع به ڏنو آهي ته اسان سان هاڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي؟“ عينيه ڳالهائيندو رهيو ۽ طليحه خاموشيءَ سان سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيو. جڏهن عينيه ڳالهائي بس ڪيو ته طليحه مختصر جواب ڏنس.”اي سردار! آئون هتي اجايو ۽ بيڪار ڪونه ويٺو آهيان. آئون هتي انهيءَ لاءِ ويٺو آهيان ته مونکي ڪنهن وقت به اطلاع اچي سگهي ٿو. آئون حضرت جبرئيل جي اوسيئڙي ۾ آهيان.“

عينيه طليحه جي اها ڳالهه ٻڌي ٻيهر جنگ جي ميدان ۾ ويو پر جڏهن ڏٺائين ته هاڻي ڇتي ويڙهه شروع ٿي ويئي هئي ۽ مسلمانن. سندن لشڪر کي لتاڙڻ شروع ڪيو هو ته هڪڙو ڀيرو ٻيهر هي وري طليحه جي تنبوءَ ڏانهن آيو ۽ ڪانئس پڇيائين.”سائين! هاڻي ڇا پيا ڪريو؟“ طليحه هن کي ڇتائي ڏنو ۽ پوءِ

چيائينس تہ "اڙي سردار! تون ڪهڙو نہ بيوقوف شخص آهين. جو جنگ جي ميدان ۾ نٿو وڃين ۽ هر هر مون وٽ ٽنگيو بيٺو آهين. وڃي جنگ جي ميدان ۾ جوهر ڏيکار." طليحہ جون اهي ٽڙيون ڪائيندي عينيہ چيس تہ "اي اسانجا نبي! توهان تہ اسانکي چيو هو تہ مسلمانن سان جنگ ۾ اسانجي سرسي ٿيندي. پر هتي تہ صورتحال ان جي اُبتڙ آهي. اسان جا مجاهد آسماني امداد جي انتظار ۾ مرندا پيا وڃن" طليحہ چيس تہ "جي ڪڏهن تون ايئن منهنجي مٿان چڙهيو بيٺو هوندين ۽ جهڳي هٽندو رهندين تہ فرشتو ٿهي ويندو. هاڻ منهنجو مٿو نہ کاءُ. وڃي پنهنجي سپاهين کي چؤ تہ مسلمانن جي فوج سان دليريءَ سان وڙهن. مونکي پڪ آهي تہ فتح توهان جي ٿي ٿيندي"

عينيہ کي هن جي ڳالهين تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڪا بہ رُک رُکان ڪا نہ ڪيائين. بي ڏڙڪ چئي ڏنائينس "تنهنجي ڳالهين مان ائين لڳي ٿو تہ تون ڪوڙو آهين جڏهن کان جنگ شروع ٿي آهي، تون منهن لڪايو هتي ويٺو آهين. تون نبي نٿو ٿي سگهين. تون جيڪڏهن واقعي نبي هجين ها تہ هينئر پنهنجن اُمتين سان گڏ هجين ها. تون ڪهڙو نبي آهين، جو اُمتي تہ توتي سِرُ پيا ڏين ۽ تون مزي سان هتي ويٺو آهين. توکي پنهنجي اُمتين جو ڪو بہ احساس ڪونهي ۽ انهن جي مرڻ جو توکي ڪو بہ ڏک ڪونهي ۽ اهو ڪهڙو فرشتو آهي جو اجا تائين تو وٽ حاضر ڪو نہ ٿيو آهي؟ جيئن تہ تون ڪوڙو نبي آهين، ان ڪري تو وٽ ملائڪ ڪڏهن بہ ڪو نہ ايندو. آئون تہ هاڻي پڇتايان پيو تہ مون پنهنجن سپاهين سميت تنهنجي حمايت ڇو ڪئي؟" عينيہ پوءِ اتان ڊوڙندو جنگ جي ميدان ۾ پهتو ۽ وڏي واڪي پنهنجي ماڻهن کي گڏ ڪري چيائين تہ "منهنجا يائرو! هن جنگ کان هاڻي پاسو ڪريو ڇو تہ طليحہ هڪڙو ڪوڙو ماڻهو آهي. نہ تہ وٽس ڪو فرشتو ٿو اچي ۽ نہ وري ڪو نبي آهي. جيترو هاجو ٿيڻو هو سو تہ ٿي ويو ۽ سٺو اهو آهي تہ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي پنهنجيون جانيون بچائي هتان ڀڄي نڪرو ائين نہ ٿئي جو پنهنجا لاش ڪٽا ڪائين."

عينيہ بن حصين

جي لشڪر پنهنجي سردار جو حڪم ٻڌي جنگ جي ميدان مان نڪرڻ شروع ڪيو. طليحہ جڏهن اهو حال ڏٺو تہ ڀڄڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪو نہ بچيس. زال کي ساڻ ڪري پنهنجن ڪجهہ همراهن سان اتان ڀڄي شامَ ملڪ ڏانهن منهن ڪيائين. جتي "بنو ڪلب" قبيلي ڪيس امان ڏيئي مهمان ڪري پاڻ وٽ ٽِڪايو. هڪ روايت موجب تہ جڏهن عينيہ کي جنگ پريشان ڪيو تہ هو طليحہ وٽ آيو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ "اي طليحہ ڏي خبر ڇا جبرئيل تو وٽ آيو ۽ جيڪڏهن آيو تہ ڪهڙو جواب ڏنائين؟" طليحہ چيس تہ" اجا تائين تہ جبرائيل عہ

ڪو نہ آيو آهي.“ عينيہ اهو ٻڌي چيو تہ ” اهو ڪڏهن ايندو اسانجا تہ ڪم لهي ويا.“ ائين چئي پاڻ هڪ پيرو وري جنگ جي ميدان ۾ ويو. پر هن دفعي ڪيس مايوسي وڪوڙي ويئي. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن جو دٻاءُ وڌندو پئي ويو ۽ وري طليحہ وٽ آيو ۽ پڇيائينس تہ ”اي طليحہ! ٻڌاءِ جبرائيل عہ تو وٽ آيو ڪي نہ؟“ طليحہ چيو ”هائو! آيو هو.“ عينيہ پڇيس تہ ڀلا ٻڌاءِ تہ هو ڇا چئي ويو؟ طليحہ وراڻيو تہ ”جبرائيل عہ مونکي چيو تہ هيءَ جنگ توهان لاءِ وڏي مصيبت آڻيندي ۽ اتي جي ڇڪيءَ وانگر توهان منجهس پيسجي ويندؤ ۽ اهڙو واقعو ٿيندو جنهن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهجي.“

عينيہ پنهنجي ساٿين کي چيو ”ياٺجي ٿو تہ هيءَ جنگ هڪ وڏو حادثو ثابت ٿيندي. اڙي بنو خزراه! ڀلو اهو اٿو تہ هتان ڀڄي نڪرو. خدا جو قسم! طليحہ ڪوڙو مڪار ۽ دغاباز آهي.“ بس هن جي چوڻ جي دير هئي، جو بنو خزراه قبيلي وارن جنگ ڪرڻ ڇڏي ڏني. هنن جي وڃڻ سان جنگ جو رنگ بدلجي ويو. هڙئي مرتد ڀڄي طليحہ وٽ آيا ۽ کيس چوڻ لڳا تہ ”آقا! اسانجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟“ طليحہ تہ اڳئي پنهنجي زال واسطي بہ گهوڙا ساز و سامان سان تاهي جوڙي بيهاريا هئا. جڏهن سندس پاڇوڪڙ لشڪر وٽس آيو ۽ کانئس پڇڻ لڳو تہ آقا هاڻي ڪهڙو ارادو آهي تہ

هڪدم هڪڙي گهوڙي تي جوٽس کي وهاريائين ۽ هئي تي پاڻ ٽپ ڏيئي سوار ٿيو ۽ پنهنجي ساٿين کي چيائين.”وارو ڪريو ڀڄو جنهن کي پنهنجي جان پياري هجي تہ ڀڄي جان بچائي.“ طليحہ پوءِ ”حوشيہ“ جو گس ورتو ۽ اتان پوءِ شام ملڪ هليو ويو. سندس ڪيترائي ساٿي چڙوچڙ ٿي ويا. ڪيترائي مارجي ويا. ”بنو عامر“، ”بنو سليم“ ۽ ”بنو هوازن“ جي قبيلن وارا جنگ جي نتيجي جو انتظار ڪري رهيا هئا. بنو خزره ۽ طليحہ جي شڪست کانپوءِ اهي مڙيئي قبيلا پاڻهي حضرت خالد بن وليد وٽ آيا ۽ اچي چيائون تہ جنهن دين کي اسان پٺي ڏيئي ويا هئاسون، ان ۾ وري نئينءَ سر داخل ٿيون ٿا. اسان الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيون ٿا ۽ اسان پنهنجي جان ۽ مال جي سلسلي ۾ الله ۽ سندن رسول جي هر فيصلي کي قبول ڪريون ٿا.

طليحہ جنگ جي ميدان مان ڀڄي ”نقع“ ۾ ”بنو ڪلب“ قبيلي وارن وٽ وڃي رهيو ۽ پيهر اسلام قبول ڪيائين. اُتي هو حضرت ابوبڪر جي وفات تائين رهيو. چون ٿا تہ طليحہ ان ڪري پيهر مسلمان ٿيو جو کيس جڏهن اهو اطلاع مليو تہ ”بنو اسد“ بنو غطفان“ ۽ ”بنو عامر“ قبيلا مسلمان ٿي ويا هئا، تہ پاڻ بہ ٻي ڪا واه نہ ڏسي مسلمان ٿي ويو.

# وسيم سومري جي شاعري

وسيم سومري جي شاعريءَ جو ڪجهه نمونو اوهان جي سامهون آهي. جديد شاعريءَ جي حوالي سان وسيم سومرو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي، ڇو ته وسيم سومري جي شاعريءَ جو ڪافي حصو مختلف ادبي رسالن، ميگزينن، ادبي صفحن (ڀن ڪتابي صورتن) ۾ ڇپجي ادب ۽ شاعريءَ جي پارکن کان داد وصول ڪري چڪو آهي. اهو ئي سبب آهي جو وسيم سومري کي نوجوان شاعرن جي پهرئين سٽ ۾ ناميارِي شاعر جي حيثيت سان شمار ڪيو وڃي ٿو.

وسيم، شاعريءَ جي سمورين صنفن تي گذريل ڪيترن ئي سالن کان تمام گهڻو ۽ تمام سٺو لکندو پيو اچي. هن شاعريءَ ۾ نوان تجربا، نوان گهاڙيٽا ۽ نيون تشبيهون ۽ تمثيلون استعمال ڪيون آهن. سندس سچي شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ بعد مان ته انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ترقي پسند شاعريءَ جي معيارن ۽ ما پن تي وسيم جي شاعري گهڻي قدم نهڪي اچي ٿي، جيتوڻيڪ ميدان اجا به وسيع آهي. جنهن ۾ پاڻ ملهائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ ڪيس اجا به وڌيڪ محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي آهي. جنهن لاءِ ڪيس اجا وسيع مطالعي، عميق مشاهدي ۽ تجربي جي ضرورت پوندي.

وسيم جي شاعري ڇڙواڳ نه پر عروضي شاعري آهي. سندس شاعري صورت ۽ معنيٰ، هيئت ۽ مفهوم، مقصد ۽ مطلب جي لحاظ کان سونهن ۽ سچائيءَ جو حسين شاهڪار آهي. جنهن وسيم کي پنهنجي اديب دوستن ۽ پڙهندڙن ۾ هردلعزيز بنائي ڇڏيو آهي. بنيادي طور تي وسيم سومرو امن ۽ آتشي، پيار ۽ محبت، آس ۽ اميد جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ وطن جي محبت، ڌرتيءَ سان پيار ۽ پورهيتن جي پي سمايل آهي. هو ڌرتيءَ سان لاڳاپيل هڪ سچي، سبيتي ۽ جوابدار شاعر وانگر هڪ نئين سماج جي فڪري تخليق ۽ عملي جوڙجڪ ۾ پنهنجي سرت، ساڃاهه، ذات ۽ ڏاهپ سان ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ جدوجهد ۾ هو انتهائي مخلص آهي. ان ڪري ڪاريءَ ڪاريءَ رات ۾، ظلم ۽ ظلمات جي اونداهي باٽ ۾ هن جي خيالن جو عملي روپ ۽ خوابن جو تعبير هڪ ڏينهن اوَس ظاهر ٿيڻو آهي.

دور هوندين تون اکين کان دور ناهين،
چنڊ وانگر تون ورين ٿي،
روشنيءَ جو روپ ڌاري،
رت جو پهه پهه برين ٿي.

وسيم جي شاعريءَ جو ڪجهه نمونو توهانجي سامهون آهي. آئون روشنيءَ جي انهيءَ روپ ۽ اوهان پڙهندڙن جي وچ ۾ مزيد حائل بنجڻ نه ٿو چاهيان.

*عبدالحڪيم ارشد*

## هڪ هائيڪو نظم

(جيجي زرينہ جي ياد ۾)

جيجي زرينہ،
ڳائي پئي، يا پٽ تي،
وڄي پئي وينا.
جيجي زرينہ.
سر هئس، يا پئي اڏي،
ڪوئل ۽ مينا.

جيجي زرينہ،
ساڻس زيب النساءِ ۽،
امڙ امينہ.

جيجي زرينہ،
سرن سان ڏوئي ڇڏيا،
ڏرتيءَ جا سينا.

جيجي زرينہ،
گيت ڏئي هن ڏيهہ جا،
ڪوريا سپ ڪينا.

جيجي زرينہ،
جيئن سوچيم! آيا تري
اجرا آئينہ.

جيجي زرينہ،
رهنديون سندس راهہ ۾،
اکيون نگينہ!

جيجي زرينہ،
سارِيندا پيا سال جا،
سيئي مهينا.

جيجي زرينہ،
رهندا هاڻ اڪير ۾،
ان لئہ سازينہ.

## وائي

شام تري آيون
يادون جيءَ جهڙاليون.
مينهن وريون جيئن واءَ سان،
تيئن وري آيون،
يادون جيءَ جهڙاليون.
ڪنڌ ڳري جيئن ڳٽيون،
ايئن ڳري آيون،
يادون جيءَ جهڙاليون.
ڪولي دل جي اوڃتو،
دوست! دري آيون،
يادون جيءَ جهڙاليون.
تترن وانگر ساهہ تي،
پاڻ ڊري آيون،
يادون جيءَ جهڙاليون.

## غزل

صادق لاشاري

پاڻ ڦاسايو ٿي ڪٿي دل،
هاڻي ڪير اچي پڇي دل.
منهن جو منڙو، اندر جو ڪارو،
ڪيئن اهڙي ماڻهوءَ کي ڏجي دل.
ڏي پرچائي تون پاڻ پرين،
ڪا نه ٿي مون سان پرچي دل.
ڏس اهڙو ڪو ڏيو اوهان،
هن ڪان پنهنجي پلجي دل.
ضد ڪيو ويٺي آهي،
نه ٿي ڳالهه سمجهي دل.
ڏاڍي ڏکي پرچي ٿي پوءِ،
شل نه ڪنهن ڪان رسي دل.
پنهنجي نه ڏنو اٿس،
هن ڪان به نه وٺي دل.
هر هڪ جي سيني ۾ صادق،
هڪ معصوم ٿي وسي دل.

## وائي

موسيٰ ڏيٿو

درد جا منظر ڪٽي
واءُ وريو اوچتو.
ياد جي البم منجهان
عڪس ڪو دلبر ڪٽي
واءُ وريو اوچتو.
پاڻ کي ڪنهن پن جيان
اڄ ڪمهلو گهر ڪٽي
واءُ وريو اوچتو.
ڳوٺ تنهنجي مان پرين
نيڻ پنهنجا تر ڪٽي
واءُ وريو اوچتو.
سرد موسم ۾ ڪتان
خواب کي بنجر ڪٽي
واءُ وريو اوچتو.

# غزل

## وقار احمد هانڀي"علي شاھد سنڌي"

توکي روئڻ جي فرصت ناهي،
مونکي کلڻ جي فرصت ناهي.
حيرت آهي تہ توکي سائين،
مونسان ملڻ جي فرصت ناهي.
آهيان خاموشيءَ جي چار ۾ قاتل،
ڪجهہ بہ چوڻ جي فرصت ناهي.
آرام ڪٿي ملي ٿو نيٽن کي،
خواب ڏسڻ جي فرصت ناهي.
پيار تہ وسي ٿو هتي روزانو پر،
جهول پرڻ جي فرصت ناهي.

زندگي بہ هاڻي ايئن چوي ٿي،
مونکي مرڻ جي فرصت ناهي.
محدود آهي سوچ پنهنجي"شاھد"،
پري وڃڻ جي فرصت ناهي.

# غزل

## مسافر هاليپوٽو

ڇڪيا ڇيٽ ڪيئي، ڪٽيون بيشمار،
ويون روح روڙي، رتيون بيشمار.
مفلسيءَ جا ماريل، مهانڊا هي پڊرا،
ڇوليءَ تي ڏسي وٽ، ڇتيون بيشمار.
سدا تار رسمن جو، درياءُ وهيو آ،
وڇ سير سهٽيون، ٻڏيون بيشمار.
پيار ۾ دولاب، دوڪا سڻاسين،
رليون رڻ پٽن ۾، دليون بيشمار.
ڀائرن بہ ڇڏيا، پرم سڀ ڀلائي،
ڀيٽون ڪن ڪميڻن، ڪٽيون بيشمار.
ڪٿي انگ ڪٽلينبر، ڪٿي قوم پنهنجي!،
پنهنجو شعور پٽتي، صديون بيشمار.
لکان ڇا "مسافر". سنديون سور ڳالهيون؟،
لکيون اٿم هزارين، رهيون بيشمار.

# غزل

قرار ڪٿي ڳوليون،
پيار ڪٿي ڳوليون.
خزان ئي ملي ٿي،
بهار ڪٿي ڳوليون.
شهر، ڳوٺ يا گليءَ ۾،
غمخوار ڪٿي ڳوليون.
ڪنپ ويا ڪسي،
اڏار ڪٿي ڳوليون.
ڳلي ۾ پايون اهڙا،
هار ڪٿي ڳوليون.
پنهنجن خوابن جهڙي،
ڪنوار ڪٿي ڳوليون.

# غزل

## عاشق علي ڳاهو

غم وٽان ۽ خوشيون ڏيانس پيو،
بس مٿان گهور ٿيانس پيو.
هو اجان مرڪي ڏسندي آ مونکي،
ڇئبو آئون اجان وٺانس پيو.
تنگ هڏڪي مان ٿيندي هوندي،
ايترو ياد مان ڪيانس پيو.
اڳ جهڙي آهي يا بدلجي وئي،
سو ڏسڻ لئه ملڻ وڃانس پيو.
هن جي پٿرن سان دوستي آهي،
آرسيون پوءِ به مان ڏيانس پيو.
زندگي ڪيئن پئي گذري، پڇيو هن،
مون چيو بس مرڻي ڏڪيانس پيو.
هر ڪو هن تي مرڻ لڳو آهي،
آئون "عاشق" مگر جيئانس پيو.

# غزل

## ايم نديم شيخ

هن جي هر گام تي درد جو رقص آ.
پيار پيغام تي درد جو رقص آ.
روز اڳ رات کان خون ٿو سج مکي،
هر حسين شام تي درد جو رقص آ.
خواب هن جا اچي جاڳ مون کي ڏين،
منهنجي آرام تي درد جو رقص آ.
جت ٿا ويهي پکي سر سريلا ڪڍن،
جڻ ته ان لام تي درد جو رقص آ.
دل محبت جي ميخاني ۾ جو وئي،
عشق جي جام تي درد جو رقص آ.
جيئڻ چين آ ڪنيو دل تي ماتم سندو،
هر دفعي نام تي درد جو رقص آ.

# غزل

## محمد حسن لولائي

ڪنهن کي ٻڌائي سگهان ڪو نه ٿو.
درد به هي لڪائي سگهان ڪو نه ٿو.
خود کي پلائي ڇڏيو آ تو لئه،
پر توکي پلائي سگهان ڪونه ٿو.
نانءُ دل تي تنهنجو لکي جي ڇڏيو آ،
هاڻ تنهن کي مٽائي سگهان ڪو نه ٿو.
نظر اچي جنهن ۾ چاهت جو عڪس،
آئينو سو ٺاهي سگهان ڪو نه ٿو.
ملڻ لاءِ بيتاب "حسن" دل ٿي آهي،
دل کي ترسائي سگهان ڪو نه ٿو.

# غزل

ساحر راهو

پير ۾ تنهنجي روپ سونهرو، پوري چنڊ جو تجلو آهيان.
صحرا هوندي ساونڻ رت ۾، سنڌونديءَ جو جلوو آهيان.
ڌرتيءَ جي للڪار بہ آئون،دهشت وحشت درياه جي،
ڪارونجهر جا مور مڙئي ڏس، آئون نگر جو روپو آهيان.
رمتي جوڳيءَ جي آ منزل، ڏهر ڏهر جي خاڪ چمان مان.
روح مان پٽڪيل چارڻ جو ۽، راءِ ڏياچ جو پرتو آهيان.
مرڪ گلابي چپڙن جي مان،سرمو نيرن نيڻن جو مان،
سڏڪو تنهنجي روح جو راتا، ڳل تي ڳڙيل ڳوڙهو آهيان.
وشواسن جو سونو سورج، آئون پروسو امبر جو هان،
وهم ڪرين تون دل جو ڪٽڪو، بند اکين جو الڪو آهيان.
سارونڻين جي سيج تي آئون، ڳوليان وينو خواب وڃايل،
تنهنجي گهر ڏي ايندڙ تنهنجي، مهڪ ۾ واسيل رستو آهيان.
ماٿي جي تون بنديا سمجهين، جهومڪ چاٽي يا تہ ڪنن جا،
چوڙيون ڪومل پانهن جون مان، ريشم نڪ جو بولو آهيان.
سنڌڙي منهنجي ماتر يومي، تنهنجو پيار پناهون مون لئہ،
سنڌڙي منهنجي چاڻ سجاٽپ، عشق تنهنجي ۾ اوچو آهيان.
نيڻ مان نهنا نوريءَ جا ۽، چام سمي جي دل جي دڙڪن،
عشق جي پوتر آئون ڪهاٽي، سونهن نگر جو رتبو آهيان.
دل جي ڌڙڪن سمجهين مون کي، نور مان تنهنجي نيڻن جو،
پر جي نندپڻ پل چوي، گمنام قبر جو ڪتبو آهيان.
ڌوڙ دڳن تان اڌري پائنيان، چانگو تنهنجو چاڻ پڳو آ،
جنهن ڪان هن آس تي ساحر، پير پبن تي بيٺو آهيان.

## غزل

محمد يوسف پنو

حسن پرست آهيون، حسن تي فساد ڪيئن ڪجي،
جيڪو گذري چڪو، هاڻ ان کي ياد ڪيئن ڪجي.
مونکي تون ئي ٻڌائي پيارا! جڏهن بهارن ۾،
جيڪو اجڙي وڃي، اهو چمن آباد ڪيئن ڪجي.
راه هلندي جيڪو ساٿ ڇڏي ويو هجي يارو،
اڳتي لاءِ اهڙي شخص تي اعتماد ڪيئن ڪجي.
ناهي اها "زنجير" ناهي، اها دربار جهانگير جي،
تہ پوءِ اهڙي ماحول ۾، فرياد ڪيئن ڪجي.
مخالفت ڪندڙن سان ٺهي تہ پوءِ بہ سگهجي ٿو،
پر منافقن جي ٽولي سان اتحاد ڪيئن ڪجي.
اسين خوب ڄاڻون ٿا، باوجود تنهنجي دهشت جي،
سوليءَ تي ڳاٽ اوچو، اي جلاد ڪيئن ڪجي.
اسانجي مقابل آهي دشمن جو لشڪر، مگر"يوسف"
اسانکي خبر آهي،فتح اهو تعداد ڪيئن ڪجي.

## غزل

فراخ جانوري

نيٺ گذري رات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
ٿي سگهو پرڀات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
جنگ کي جاري رکيون اڄ ڏاڍ سان هڪ ڏينهن نيٺ،
ٿي ختم ظلمات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
بند ٿيندو شور ڏاڙن دهشتن جو ديس مان،
امن جي ٿي سانت ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
مشڪلن سان مڙس منهن ڏيندوآ، ٿي دور نيٺ،
هر ڏکي حالات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
دل شڪستا نوجوانن جي ڏکن جي وقت ۾،
ناهي ٿي جذبات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟
سوڀ آخر سچ جي ٿيندي، هار ڪائي"جانوري"،
ڪوڙ جي ڪمذات ويندي سست ڇا لئہ ٿو ٿئين؟



شريمتيءَ کي جڏهن ٻڌايم ته سنيتا آپگهات ڪيو آهي ته ڪانئس ڇرڪ رڙ نڪري وئي. چيائين،" انهيءَ مٿيءَ ڪري ڏيکاريو. جنهن جو ڊپ هو."

"ڇا مطلب؟" مون چيو.

"منهنجي دهلي وڃڻ کان اڳ جڏهن هت آئي هئي تڏهن چيو هئائين، "منهنجو پاٽيا سان وڌيڪ گذارڻ ممڪن نه آهي. گهرڻ تي به طلاق نه ٿو ڏئي." مون گهڻو ئي پڇيومانس ته ڇا ڳالهه آهي جو توهان جو جهڳڙو ايترو وڌي ويو آهي. پهرين ته ڪائي سٽس ئي ڪونه هئي ۽ هاڻي يڪدم طلاق جي ڳالهه؟"

"پوءِ ڇا چيائين؟"

"چيائين، تون پيڪن مان ٿي اچ، پوءِ سڀ ڪجهه ٻڌائيندي سانءِ. وري ته اسانجي گڏجاڻي ئي ڪونه ٿي."

"ڪمال آهي!.... هوءَ تنهنجي گهري ساهيڙي هئي، پر توکي به ڪجهه نه ٻڌايائين؟"

"گهرائپ ته هت اچي ٿي. ناسڪ ۾ رواجي واقفيت هوندي هئي، صرف ساڳئي اسڪول ۾ پڙهڻ ڪري."

"مون کي ته ڪجهه ڪجهه خبر پاهران پئي پوندي هئي." مون چيو.

اڏ ڪلاڪ کن ۾ تيار ٿي پاهر نڪتس. شريمتيءَ کي چتائي ڇڏيم ته رات جو شايد گهر نه اچان.

ڪجهه ڏينهن کان زال مڙس جي پاڻ ۾ اڻبڻت ضرور هئي. ايتري قدر جو گذريل ٻن مهينن کان سنيتا گهر ڇڏي مهابليشور واري بنگلي ۾ اڪيلي رهڻ لڳي هئي. حالانڪ مون کي خبر هئي ته پاٽيا اتي پڻ ساٿس ملڻ ويندو هو. ايترو سو سمجهي سگهيو هئس ته اها هڪ عجيب قسم جي اڻبڻت هئي، جنهن سبب نه ته هنن طلاق جي ٿي ڪئي ۽ نه گڏ رهڻ جي.گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي مرضي ڪونه هئي. پاٽيا چوندو هو ته رسي هلي وئي آهي ۽ پاڻيهي ايندي. وڌيڪ پڇ پڇ ڪرڻ مون کي واجب نه لڳندو هو.

نريش کي انهن سڀني ڳالهين جي خبر هئي. ان ڪري ئي هن مونکي چتايو. دل به چيو ته هڪ دفعو هلي سڀ روبرو نظر مان ڪڍي اچان ته سٺو. هن وقت هت ته ڪو ڪيس هٿ ۾ آهي ڪونه ۽ ٻي ڪا اهڙي مشغولي پڻ نه هئي، ان ڪري موقعو سٺائو هو.

سج ڇڳو چڙهي چڪو هو، پر وايو منڊل اجا ڪافي ٿڌو هو. اسان جيئن جيئن مٿي چڙهندا ٿي وياسين، تيئن تيئن ٿڌ جو اثر وڌي رهيو هو. هوا گهوگهاٽ ڪري جيپ جي اندر اچي رهي هئي. نريش جيپ ڊرائيور ڪري رهيو هو. ڪيس مون وانگر گرم سوٽ پيل هو. مون ته وري ڪنن تي مفلر پڻ

ويڙهي چڏيو هو. رات جو متان رهڻو پوي، ان ڪري اسان پاڻ سان گرم اوور ڪوٽ پڻ کنيا هئا.

اڍائي ٽن سالن جي ڳالهہ آهي، مان شريمتيءَ سان گڏ ريسٽورنٽ ۾ ويٺو هئس. اسان پڪچر ڏسي موٽيا هئاسين. ان وقت ريسٽورينٽ ۾ هونئن ڪان وڌيڪ چهل پهل هئي. اسان کي ويٺي اجا ڪجهہ منٽ مس ٿيا هوندا تہ پنيان هڪ عورت وڌي اچي شريمتيءَ سان ويٺي. مان ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويس. سفيد چمڙي، وٽندر روش، تندرست بدن، لنبو قد، صراحيدار گردن، مطلب تہ هن جي سونهن ۾ اضافو ڪندڙ عنصرن بدران مان اهو ڏسڻ لڳو هوس تہ ڪا ڪمي تہ ڪونہ رهجي وئي آهي.

شريمتيءَ کي چيائين، "ڪماري سڃاڻين ٿي؟"

ڪماري! شريمتيءَ کي منهنجي سامهون هن نالي سان ڪنهن سالن کان پوءِ سڏيو هو. هوءَ پهرين تہ ڪجهہ سيڪنڊن لاءِ ڪيس تڪڻ لڳي، پوءِ سندس چهرو ٻهڪي اٿيو ۽ هڪ ويڪري مشڪ سندس چپن تي نمودار ٿي وئي. چيائين، "اڙي سنيتا! تون هت ڪيئن؟"

"جيئن تون. مون تہ چيو پهرين تون سڃاڻيندينءَ سهي؟"

"شادي ڪئي اٿئي؟"

مون دل ۾ چيو، "سو تہ سندس زريءَ جي چمڪندڙ ساڙهيءَ ۽ هلڻ جي لوڏ مان ظاهر آهي."

هن مشڪي صرف پنيان هڪ شخص ڏانهن اشارو ڪيو.

مون چيو، "مسٽر پانڊيا؟" هو اسان ڏانهن ئي ڏسي رهيو هو. مون ڪيس هٿ سان پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. هو اچي مون سان ويٺو. پانڊيا سان منهنجي واقفيت ان وقت پوري پني هئي. هو هڪ سنو ڪرمنل لاير( وڪيل) هو ۽ چڱي شهرت حاصل ڪئي هئائين، حالانڪ عمر وڏي ڪونہ هئس. ائين اسان جي دوستي شروع ٿي.

هنن کي ڪيڏانهن تڪڙو وڃڻو هو ۽ چاڪاڻ تہ اڳ ئي ڪجهہ ڪائي پي چڪا هئا، ان ڪري اسان سان چانهہ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا ۽ گهر اچڻ جي دعوت ڏئي هليا ويا. هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ مان شريمتيءَ کان سنيتا جي باري ۾ پڇڻ لڳس. هن ٻڌايو تہ ٻئي ساڳئي اسڪول ۾ پڙهنديون هيون، سنيتا ڪانئس هڪ درجو هيٺ هئي، هيءَ سندن گڏجاڻي اٽڪل ڏهن سالن ڪانپوءِ ٿي هئي جو شريمتيءَ کي پيءُ جي بدليءَ ڪري ناسڪ ڇڏي دهليءَ وڃڻو پيو هو ۽ تنهن ڪانپوءِ هت پونا آئي. مون جڏهن ڪيس ٻڌايو تہ

فون ڪيو. ان وقت مان ڊيوٽيءَ تي ڪونہ هوس. مون کي ڪانسٽيبل گهران سڏڻ آيو. مان يڪدم ٻن ڪانسٽيبلن کي ساڻ ڪري واردات تي ويس. اوڏي مهل مسٽر پاٽيا کي فون ڪيم. 11 بجي کان ڪجهہ پوءِ هو بہ اچي پهتو. سڄي تپاس ڪري اسان ان راءِ تي پهتاسين تہ هي آپگهات ڪيل آهي."

"مسٽر پاٽيا تو سان گڏ هو؟"

"ها، پر هو اٽڪل هڪ بجي ڌاري ستارا هلي ويو. ان وچ ۾ لاش ستارا لاءِ روانو ٿي چڪو هو. سندس چوڻ هو تہ جيئن ئي ڪارونر جي آفيس، لاش رليز ڪندي تہ پاڻ ڪٺائي پونا ويندو ۽ اگني سنسڪار اتي ئي ٿيندو. هتان ڪن دوستن ۽ مائٽن کي فون ڪيو هئائين."

ڪرسچن ڪجهہ چانهہ ناشتو گهرايو. اسان هٿ منهن ڌوئي ڪجهہ تازا توانا ٿياسين.

مون چيو، "ڪرسچن، اسان کي اهو وڻ ڏسڻو آهي، جنهن ۾ لاش ٽنگيل هو."

"ڪجهہ وقت ترسو تہ پوءِ نڪرون ٿا. مان هڪ ڪال ايڪسپيڪٽ ٿو ڪريان، ڪارونر جي آفيس مان."

"ڪال الائي ڪيڏي مهل اچي. هيئن ڪر تون بنگلي جون چابيون اسان کي ڏي. اسين وڃي ٿي ٿا اچون."

"ٺيڪ آهي، بنگلي تي بہ پهريدار بيٺل اٿو. انهن کي چوندا تہ هو توهان کي سڀ ڪجهہ ڏيکاريندا."

ڪجهہ ئي منٽن ۾ اسان بنگلي تي پهتاسين. بہ سپاهي بنگلي جي گيٽ وٽ ڪرسيون وجهي ويٺا هئا. چوطرف شانتي ڇانيل هئي. هن ايريا ۾ بنگلا ڇدا هئا ۽ هي بنگلو تہ بلڪل ڇيڙي تي هو. اسان کي ڏسي سپاهي اٿي بيٺا ۽ سلام ڪيائيون. جيپ ڏسڻ سان سمجهي ويا تہ پوليس جا ئي ماڻهو آهيون.

نريش جي چوڻ تي هڪ سپاهي اسان کي ان وڻ ڏانهن وٺي هلڻ لڳو، جتان سنيتا جو لاش مليو هو. ٻيو سپاهي گيٽ وٽ ئي بيٺو رهيو. هي وڻ بنگلي جي بلڪل ساڄي پاسي هو. اسان بنگلي جي گيٽ کان ڪليل پڌر ۾ داخل ٿياسين. سامهون وارو رستو بنگلي جي پورچ ڏانهن ٿي ويو. اڳيون سڄو حصو سيمينٽ جو ٺهيل هو. سواءِ ان حصي جي باقي سڄو ميدان ڪچو هو. اسان گيٽ کان گهڙي سڌو هلڻ ڪانپوءِ ساڄي پاسي ڦرياسين تہ سامهون هڪ وڻ نظر اچڻ لڳو. مون کي سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اهو ئي وڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ بنگلي جي احاطي ۾ ٻيو ڪو وڻ هو ئي ڪونہ. وڻ جي پٺيان ٻيو ڪو بنگلو نہ هو. پريان هڪ وڏي ڪاهي نظر

اچي رهي هئي. بنگلي جي اتر اوپر ۾ هڪ ٻيو بنگلو هو. هي ٻئي هن ايريا جا پچاڙيءَ وارا بنگلا هئا.

سپاهيءَ کي ٻاهر موڪلي اسان جاءِ جو جائزو وٺڻ لڳاسين.

نريش چيو، "يار سنيال ڪجاڻ جيئن ڪو ثبوت هيٺ مٽي نہ لٿي."

مون مشڪي چيو، "چو گهران ئي تيار ٿي نڪتو هئين چا تہ ڪنهن خون جي تحقيقات ڪرڻ آهي. ڪرسچن تصديق ڪري چڪو آهي."

نريش چيو، "مان ائين نہ ٿو چوان تہ خون ٿيل آهي، پر متان ٿيل هجي. آزمودي مان ڏٺو ويو آهي تہ هن قسم جي آرسٽوڪريٽ سوسائٽيءَ ۾ ٿيل آپگهات گهٽي ياڳي خون جا ڪيس ثابت ٿيا آهن."

زمين ڪجهہ آڌوڪي هئي. اسان کي پيرن جا نشان صاف نظر اچي رهيا هئا. جي وڻ کان ٿورو اڳ اچي ختم ٿي ٿي ويا. وڻ جي چوڌاري سائي ڇٻر هئي. ان وڻ کان ڏهاڪو کن فوٽ پري هڪ چبوترو ٺهيل هو. جنهن تي تلسيءَ جي هڪ ڪونڊي رکيل هئي. پرسان هڪ اونڌو ٿيل ڏيو، هڪ ميڻ بتيءَ جو ٽڪرو ۽ ڪجهہ اڌ ٻريل اگربتين جا ٽڪرا پيل هئا. نريش ان چبوتري طرف ويو. زمين طرف نهاريندي چيائين، "ناواٽي هي ڏس! ساڳيا پير چبوتري تائين اچن ٿا."

ڳالهہ برابر هئي. نريش چيو، "ان جو مطلب تہ هي شخص، جو گهٽو ڪري مسز سنيتا ئي آهي، هن چبوتري طرف آيو آهي ۽ وڻ وٽ ايندي ڇٻر جي ڪري پيرن جا نشان ختم ٿي ويا آهن ۽ وري پنيان ڇٻر جي دائري ختم ٿيڻ تي شروع ٿيا آهن."

"ظاهري طرح تہ ائين ٿو لڳي." مون چيو.

اسان وري وڻ جي اڳئين پاسي آياسين. پيرن جي قطار وڻ وٽ جنهن هنڌ ختم پئي ٿي، ان هنڌ چئن پاون جا نشان هئا. جي ظاهري طرح ان اسٽول جا ٿي لڳا، جنهن تي چڙهي آپگهات ڪيو ويو هو. وڌيڪ تپاس ڪرڻ تي ٻہ فوٽ پري آلي زمين ۾ هڪ ٻيو بہ نشان نظر آيو. چڻ ڪنهن ڪاٺ جو تختو زمين تي اڀو ڪري اڇليو هجي. مون چيو، "نريش هي ڏس شايد اسٽول هن طرف ڪريو آهي ۽ هي ان جي تختي جو نشان آهي."

اسٽول اڳيان ڪار جي ٽائرن جا نشان ڏسي مونکي تپرس وٺي ويئي. مون چيو، "نريش هي تہ ڏس، هي نشان هت ڪيئن آيا؟"

"............"

ٽائرن جا نشان، اسٽول جي

نشانن کان ٻه ٽي فوٽ اول پٺي ختم ٿي ويا.
"هي ڏس ٽائرن جا نشان کجھ عليحده هڪ گيٽ کان ٻئي گيٽ تائين وڃن ٿا. يعني ڪوئي هن بنگلي مان لنگھيو آهي."
ائين ئي جيپ جي اچڻ جو آواز ٿيو. مون نريش کي چيو، "شايد ڪرسچن آهي. اسان هن کي پنهنجي آبزرويشن نه ٿا ٻڌايون. ڏسون هي ڇا ٿو چوي."
ڪرسچن اسان ڏانهن وڌي آيو. نريش پڇيو، "ستارا مان فون اچي ويو؟"
"ها! پاٽيا پونا روانو ٿي چڪو آهي. لاش رليز ٿي ويو."
"پوسٽ مارٽم جي رپورٽ؟"
"موت گلو دٻجڻ سبب ٿيو آهي. موت جي وقت جو اندازو شام جو ڇهين کان ائين جي وچ م لڳايو ويو آهي. چاڪاڻ ته لاش سڄي رات ٻاهر کلي ٿڌ ۾ پيو هو، گھڻو ڪجھ پڪ سان چئي نه ٿو سگھجي. ان ڪري ٻن ڪلاڪن جيتري وٿيءَ ۾ ٽائيم جي ڪٽ ڪئي وئي آهي."
نريش زمين طرف نهاريندي جڻ عجب مان پڇيو، "پر ڪرسچن هي ٽائرن جا نشان ڇا جا آهن؟"
ڪرسچن هٿ هوا ۾ لوڏيندي چيو، "اوھه! هي نشان هن پاسي واري بنگلي وارن جي ڪار جا آهن."
"اهو وري ڪيئن؟"
"مون صبح جو ان ڳالھه جي پڻ تحقيقات ڪئي هئي. دراصل ڳالھه هيئن آهي ته هن بنگلي وارا جڏهن به شهر جي ڏکڻ پاسي ايندا ويندا آهن ته هن بنگلي جي ڪمپائونڊ مان لنگھندا آهن، جو ٻاهريون رستو ڪافي ڏگھو آهي. پريان وچ ۾ هڪ ڪاهي اچي ٿي، سو ٻاهران اچڻ وڃڻ لاءِ ان ڪاهيءَ کي پارڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري اهي هن گيٽ کان اچي (پريان گيٽ ڏانهن اشارو ڪندي، جو ان وقت بند هو) هن گيٽ کان (جتي سپاهي بيٺا هئا) نڪري ويندا آهن. اهڙي منظوري ڪين مسز پاٽيا ڏئي ڇڏي هئي."
"توکي ڪيئن خبر پئي؟"
"مسز پاٽيا تصديق ڪئي."
نريش چيو، "پر ڪار هن وڻ طرف ڇو آئي؟"
"وقتي ڪنهن سبب ڪري...واپس ڦيرائڻ ڪري."
مان ڪجھ چوڻ هارڪو هئس، جو نريش جو اشارو سمجھي چپ ٿي ويس.
نريش چيو، "تو هنن کان پڇا ڪئي آهي؟"
"ها هنن جو چوڻ آهي ته هو

ڪالهه شام جو سئنيما ڏسڻ ويا هئا. موٽڻ وقت هتان ڪونه لنگهيا هئا. ڪين شهر ۾ ڪجهه ڪم هو. ان ڪري نارٿ ڪان آيا هئا. پر اها ڪا خاص وزندار ڳالهه نه آهي. چاڪاڻ ته ڪار جي رواجي زستي ۽ وڻ جي وچ ۾ ڪو خاص مفاصلو ته آهي ئي ڪونه."

اسان ٽئي اچي جيپ ۾ ويناسين. ڪرسچن جي جيپ سپاهين حوالي ڪري ۽ ڪين گيٽ لاڪ ڪري ترت اچڻ لاءِ چيوسين. پوليس اسٽيشن تي پهتاسين ته ان وقت شام جا ڇهه وڳا هئا. ڪرسچن چانهه پاڻيءَ جو آرڊر ڏئي فوٽو آڻڻ لاءِ ڪنهن کي فون ڪيو.

اسان چانهه پي مس ويناسين ته فوٽو اچي ويا. هڪ فوٽي ۾ اسٽول پاسيرو ڪريل هو، بلڪل ساڳي پوزيشن ۾، جنهن جو اسان اندازو لڳايو هو. ٻيو فوٽو لاش جو هو، جو بلڪل ويجهڙائيءَ تان ورتل هو. سنيتا جو خوبصورت چهرو ان وقت به بيجان نه لڳي رهيو هو. ٻيا به ڪجهه فوٽو هئا، جي واردات واري جاءِ جا، جدا جدا ڪنڊن تان ورتل هئا. فوٽو مان باريڪيءَ سان ڏسي رهيو هئس ۽ ڪجهه به راءِ زني ڪرڻ جي ضرورت نه سمجهيم. نريش پڻ فوٽو چڱيءَ طرح تپاسي رهيو هو.

سنيتا کي پرت پريل اوڇي ساڙهي پاتل هئي. ميڪ اپ.پڻ سٺي نموني ڪيل هئس، چڻ ٻاهر گهمڻ ويندي هجي.

مون چيو، "فوٽوءَ ۾ چمپل جو صرف هڪ پادر ٿو نظر اچي."

ڪرسچن چيو، "اسان ڏاڍي ڳولها ڪئي، پر ٻيو پادر ڪونه مليو."

"اهو هڪ پادر ڪٿي آهي؟"

ڪرسچن پرسان پيل ڪبٽ مان پادر ڪڍي آڻي ڏيکاريو. مون پادر ڌيان سان ڏٺو ۽ پوءِ ٽڏو ساهه ڪٽي ڪيس واپس ڪيو.

ڪرسچن چيو، "مسٽر ناواڻي ڳالهه صاف آهي ته مسز پاٺيا آپگهات ڪيو آهي. وڻ تائين سندس پيرن جا نشان ملن ٿا. اسٽول، جنهن تي چڙهي، ڦندو ڳچيءَ ۾ وڌو اٿائين، اهو آهي. لاش نوڙيءَ ۾ لٽڪندو ڏٺو ويو آهي. پوسٽ مارٽم جي رپورٽ آهي ته موت گهٽي اچڻ سبب ٿيو آهي...پر هڪ ڳالهه مان سمجهي نه سگهيو آهيان!"

"ڪهڙي؟"

"ته هن آپگهات جو ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟"

"توکي ان بابت پڻ تحقيقات ڪرڻ ڪپندي هئي."

"برابر!...۽ مون ڪئي پڻ آهي. سڀ کان اهميت وارو شاهد مسٽر پاٺيا آهي. ان جو چوڻ آهي ته سندن

شادي خوشگوار نہ پئي رهي .آهي ۽ بدقسمتيءَ سان ڪجهہ وقت کان جدا پئي رهيا آهن. پر هو پڪ سان چئي نہ ٿي سگهيو تہ اهو ڪو آپگهات جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو."

"ڇو؟"

"ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو سبب هجي ها تہ هيءَ ڳالهہ سندن جدا رهڻ کان ترت پوءِ ٿيڻ کپندي هئي، پر اڄ ڪين جدا رهندي لڳ ڀڳ بہ اڍائي مهينا ٿي چڪا آهن.

"توکي مسز پاٺيا جي هٿ اکري يا ڪو بيو نوٽ وغيره آپگهات جي باري ۾ هٿ آيو هوندو؟" نريش چيو

"اها ئي تہ وڏي ڳالهہ آهي، جو ڪا چٺي وغيره هٿ ڪانہ آئي آهي. وري پاٺيا کي بہ شڪ آهي تہ سندس پاڻ ۾ اڻبڻت ئي ڪو آپگهات جو سبب آهي."

مون چيو، "ائين نہ آهي ڪرسچن، ڪڏهن ڪڏهن عرصي پوندي ماڻهو وڌيڪ ۽ وڌيڪ پنهنجي اسٿتيءَ تي سوچيندو آهي ۽ پاڻ کي وڌيڪ دکي ۽ پريشان محسوس ڪندو آهي. ان ڪري جيڪڏهن دير سان آپگهات ٿيو تہ ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان لاءِ اصلي ڪارڻ ڪانسواءِ بيو بہ ڪو سبب ٿي سگهي ٿو."

"ان جو مطلب تہ توهان مون سان سهمت آهيو."

"ظاهر طرح تہ ائين ٿو لڳي."

"مسٽرپاٺيا جو پڻ چوڻ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿي سگهي ٿو."

"مون پڇيو، "تو مسٽر پاٺيا کان پڇيو تہ هو ڪالهہ ڪٿي هو؟"

"ها پڇڻ وانگر تہ مون پڇيو، پر دراصل مونکي خبر هئي تہ هو پنهنجي آفيس پونا ۾ ئي هو."

"اهو وري ڪيئن؟"

ڪجهہ ڏينهن کان مان پونا هئس، ڪالهہ شام جو 5 بجي پاٺيا جي آفيس مان ٿي سڌو مهابليشور آيس. مون پاڻ ڪيس آفيس ۾ ويٺل ڏٺو."

"تون پونا ڇو آيو هئين؟"

"چار ڏينهن موڪل ورتي هئم ۽ ائين گهر سيني سان گڏجڻ آيو هئس."

"ها برابر تنهنجو تہ گهر ئي اتي آهي. پر تون پاٺيا جي آفيس ۾ ڇو وئين؟"

ڪرسچن ٿورو هبڪيو، پوءِ مشڪي چيائين، "يار توهان کان ڇا لڪائڻو. مسٽر پاٺيا جي سيڪريٽريءَ سان پنهنجو افيئر آهي."

"تون پاٺيا جي موجودگيءَ ۾ ساٿس ملڻ ويندو آهين؟"

"ٻڌايانوَ ٿو سڀ ڪجهہ. مان نہ صرف پاٺيا جي موجودگيءَ ۾ جين

"ها! ان ٽائيپ جي ڪڙيءَ واري چمپل جا نشان ڪونہ هئا. ازانسواءِ ڪپڙا پڻ سٺا اوچا پاتل هئس، جي رواجي طرح ٻاهر گهمڻ وقت ئي پائيندي هوندي."

"اهو تہ برابر آهي. لاش جو فوٽو ئي ان ڳالهہ جو ثبوت آهي. سندس ميڪ اپ يا وارن جي اسٽائيل وغيره پڻ اهڙي نموني آهي، چڻ ٻاهر وڃي رهي هجي. هڪ گهومائيل شخص اهڙيءَ طرح هار سينگار جيڪر نہ ڪري."

اسان هڪ پنجابيءَ جي هوٽل وٽ اچي پهتاسين. هٿ منهن ڌوئڻ ڪانپوءِ اسان ڪنڌ واري ڪئبن ۾ وڃي ويٺاسين. ٻئري کي ڊنر آڻڻ لاءِ چئي اسان ڳالهين ۾ لڳي وياسين.

مون چيو، "مون کي هاڻي پڪ ٿيڻ لڳي آهي تہ هي خون ٿيل آهي ۽ آپگهات جو ڏيکاءُ ڪيو ويو آهي. هن طرح خونيءَ پنهنجو رستو صاف ڪرڻ چاهيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ، جيسين ثبوت مٽجي وڃي."

"بلڪل! ڏس تہ جيڪڏهن اسان اڄ هت نہ پهچون ها تہ هي ابهرو تہ آپگهات جي رپورٽ ناهي ڪيس ڪلوز ڪري ڇڏي ها. ڦيٽن ۽ پيرن جا نشان تہ ٿورن ڏينهن ۾ لئہ مٽي ٿي وڃن ها. پوءِ اسان جي شڪ جو باعث صرف هن جا فوٽو ۽ شايد ڪپڙا ئي ٿين ها. ممڪن آهي تہ پوءِ اسانجو پڻ ان ڳالهہ ڏانهن شڪ نہ وڃي ها."

"سڀ کان وڏو ثبوت چمپل آهي. پيرن جا نشان ڪڙيءَ واري چمپل جا نہ آهن، پر آخر هڪ پادر ويو ڪيڏانهن؟"

"هوءَ هڪ پير ۾ چمپل پائي تہ ڪونہ نڪتي هوندي. ڪير ڪٿي ويو، ڪٿي رهجي ويو؟"

"عجيب ڳالهہ آهي. ڏس نہ ڪجهہ ڏينهن کان ڪوهيڙو وڌيڪ آهي ۽ ان ڪري زمين کي سڪڻ جو موقعو نہ مليو آهي، ورنہ پيرن جا نشان غائب ٿي وڃن ها."

نريش شانت هو. شايد ڪجهہ سوچي رهيو هو. مون چيو، "تنهنجي معنيٰ تہ خون ڪجهہ هن ريت ٿيو آهي. خونيءَ کي خبر آهي تہ سنيتا روز تلسيءَ تي پاڻي چاڙهيندي آهي ۽ ان وڻ وٽان لنگهندي آهي. سوپاويڪ سندس پيرن جا نشان وڻ تائين ايندا. ازانسواءِ هن لوڪلٽيءَ کان پاڻ واقف آهي تہ پنيان کو بنگلو ڪونہ آهي ۽ پاسي اوسي ۾ بہ بنگلا ڇڊا آهن. هو ڪار ۾ آيو ۽ ڪنهن طرح اندر بنگلي ۾ داخل ٿيو آهي. هو گهڻو ڏئي يا ڪنهن ڪپڙي يا نوڙيءَ سان گلو دٻائي خون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. گلي ۾ نوڙي ٻڌي لاش هن ڪار ۾ رکيو آهي. هڪ اسٽول

پڻ ڪنيو اٿائين، جيئن سڀ ڪجهه سوپاويڪ لڳي. پاڻ ڪار مان سڌو وڻ تي چڙهيو آهي، جيئن پيرن جا نشان نه ڇڏي."

"هن ڪار مان لاش ڪيئن سڌو هيٺ لهڻ ڪانسواءِ ٽنگيو هوندو؟"

"ٿي سگهي ٿو ته لاش آٽي هن ڪار جي ڊڪيءَ ۾ رکيو هجي ۽ اسٽول پڻ. ڪار رورس ۾ آٽي وڻ وٽ بيهاري هجي. در کولي سڌو ڪار جي ڇت تي چڙهي سگهجي ٿو."

"وقت چڱو لڳي سگهي ٿو."

"سوپاويڪ! پر هو سڀ ڳڻتي ڳوتي آيو هوندو. جاءِ پڻ ڏس نه، ڪهڙي سنسان هنڌ تي آهي! اونده ڪانپوءِ ته ڪير به هت ڪونه ايندو هوندو. هي بئي بنگلا خالي هئا. اندريون بتيون بند هيون. اسٽريٽ لائيٽ ته آهي ئي ڪانه."

"بي ڳالهه ته ٻاهرئين گيٽ کان بنگلي جي دروازي تائين سيمنٽ جو رستو آهي، يعني جيڪڏهن ڪار، بنگلي وٽ اچي بيهارجي ۽ ٻاهر نڪري بنگلي ۾ داخل ٿجي، يا بنگلي مان نڪري ڪار ۾ ويهجي ته ڪٿي به پيرن جا نشان نه ٿيندا."

"هڪ ڳالهه آهي ته ڪرسچن بلڪل ابهرو آهي. نه ته وڻ هيٺ لاهڻ مهل، لاش جي پيرن ۽ زمين جي وچ ۾ جو فرق هو، اهو اسٽول جي اوچائيءَ سان ماپي سگهجي ها."

"برابر! پر ان وقت هن ڳالهه ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان جيڪر نه وڃي. ان وقت ته سڀ کان پهرين ڳالهه جنهن ڌيان لهڻو، سا هئي لاش يڪدم وڻ مان لاهي هيٺ رکڻ. سواءِ ڪِ پهرين ئي خون جي رپورٽ ٿيل هجي. اَزانسواءِ اها ڪا خاص اهميت واري ڳالهه پڻ نه آهي، ڇاڪاڻ ته ان مان خونيءَ جو ڪو سڳ نه ٿو ملي. باقي رهي ڳالهه ته اهو آپگهات آهي يا خون، سو فيصلو ڪرڻ لاءِ بيا به ڪيترائي مدا آهن."

"............"

ماني اچي وئي. ڪائڻ ڪانپوءِ مون چيو، "هينئر اسانجو پهريون ڪم ٿيندو سامهون واري بنگلي جي مالڪ سان ملڻ. هڪ ته هو پهريون شخص آهي، جنهن لاش ڏٺو آهي. ٻيو ته ڪيس ڪار آهي ۽ بنگلي مان لنگهڻ جي اجازت پڻ."

"هينئر ئي هلون؟"

"بيشڪ! اجا ته نوَ مس ٿيا آهن. اسان کي جيترو ٿي سگهي، هي ڪم جلد پورو ڪرڻ گهرجي."

"سوال آهي ته خون جو مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟"

"ان ڳالهه جي ئي ته تلاش ڪرڻي آهي."

هئي. ان کي چيائين، "پٽ، مميءَ کي چئُ، ڇانهه ناهي وٺي، مهمان آيا آهن."

مونکي هن جي اهڙي پنهنجائپ تي عجب لڳي رهيو هو. مان سمجهي ويو هوس تہ هي چمنداس ئي آهي. نيٺ پڇيائين، "ٻڌايو سائين ڪهڙي خبر چار آهي؟"

"بيو مڙيئي سک، مون توهانجي ڪار جي....."

مونکي ڪٽي چيائين، "اها تہ وڏي ڳالهہ ڪونہ آهي، پر مون وٽ ڊرائيور نہ آهي، جيڪڏهن پاڻ ڊرائيو...."

مون چيو، "اهو سڀ ڪجهہ..."

"اهو سڀ ڪجهہ صرف توهان لاءِ نہ آهي. مان تہ چوندو آهيان ڪنهن جي ڪم اچجي." چوندو هو ٻئي روم ۾ هليو ويو. مون نريش ڏانهن نهاريو، هو مشڪي رهيو هو. چيائين، "هي تہ اسان کي ڪو پراسپيڪٽ سمجهي رهيو آهي."

چمنداس آيو. سندس هٿ ۾ هڪ پليٽ هئي، جنهن ۾ بسڪيٽ هئا.

ڳالهيون ڇڻ نئين سر شروع ڪندي چيائين، "اڄ صبح کان ئي موڊ خراب ٿي ويو آهي. پاسي ۾ هڪ عورت آپگهات ڪيو. توهانکي تہ خبر هوندي. صبح جو مون ئي لاش ڏٺو ۽ پوليس کي فون ڪيو. ڪيترو وقت پوليس جي لفڙن ۾ ويو. صبح جو اسانجي آفيس ۾ خاص ليڪچر هو. هڪ نئين اسڪيم ڪڍي اٿائون. مان وڃي تفصيل تہ وٺي آيس، پر من ايترو تہ ڊانوان ڊول هو جو پوريءَ طرح اپياس نہ ڪري سگهيو آهيان. ٻڌندا پاليسيءَ جا فائدا؟ سچ پچ بلڪل انوکي قسم جي پاليسي آهي. توهانکي عجب لڳندو تہ هيترا سارا فائدا ڪيئن ڪمپني آفر ڪري ٿي سگهي."

مون چيو، "سائين هاڻي پهرين اسانجي واقفيت بہ تہ پڇو؟"

"ها! اهو تہ مون کان ڏيان تان ئي لهي ويو."

"مان آهيان سي. آءِ. ڊي. آفيسر ناواڻي ۽ هي آهي پوليس انسپيڪٽر نريش. اسان پونا مان آيا آهيون."

"اوهہ! توهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي." هٿ ملائڻ لڳو.

"بندي کي چمنداس چوندا آهن."

دل ۾ چيم، "سا تہ خبر اٿم."

مون چيو، "توهان ڪيئن ٿا چئو تہ مسز ڀاٽيا آپگهات ڪيو آهي."

"اهو تہ پوليس اڳ ۾ تصديق ڪري چڪي آهي."

مون ڪوئي جواب نہ ڏنو.

ڪار ڪي ٻاهران چوڌطرف چڱيءَ طرح ڏسڻ لڳس. مون نريش کي اشارو ڪيو تہ هن کي ٿورو پريرو وٺي وڃي. نريش ٻاهر گئريج جي دروازي ڏانهن ويندي چيو. "مسٽر چمنداس توهان جو بنگلو تہ عاليشان آهي." مان ڪار کي تپاسڻ جو بهانو ڪرڻ لڳس." چمنداس ٻاهر نريش ڏانهن ويندي چيو. "ها سائين اسانجي ننڍي سائز واري فيمليءَ لاءِ ڪافي آهي."

هو ڪجهہ ٻاهر نڪري ويا تہ مون ڪيسي مان ٽيپ ڪڍي ڪار جي ٻن ڦيٿن جي وچوٽيءَ جي ماپ ورتي ۽ هڪ ٽائر جي ويڪر جي پڻ. ماپ ياد ڪري مان ٻاهر نڪري آيس ۽ چيم. "مسٽر چمنداس ڪار لاڪ ٿيل آهي. جيڪڏهن کوليو تہ...."

"اوهہ! لاڪ ٿيل آهي؟ چڱو ترسو پلا تہ چاٻيون کڻي اچان." هو ترت ئي چاٻيون کڻي آيو.

مان پهرين ڊکي کولي تپاسڻ لڳس. چمنداس چاٻي لڳائي اڳيون در کوليو. اچانک ان وقت گئريج جي بتي وسامي وئي. ٻاهران نريش ٽارچ ٻاري روشني سڌو چمنداس جي منهن ۾ اڇلائي. چمنداس، جيڪو جهڪي رهيو هو، سڌو ٿي بيٺو ۽ هٿ سٽرن سان اکهندي چيائين، "اوهہ! توهان وٽ ٽارچ آهي...مان تہ ڪار جون بتيون ٻاري رهيو هوس." سندس آواز ۾ هڪ قسم جي لرزش هئي.

مون ٽارچ، نريش کان وٺي، ڪار جو چپو چپو جاچي ڏٺو. پر جنهن چيز جي مونکي تلاش هئي، سان نہ ملي ۽ نہ ئي ڪو اهڙو سگهہ. مون ٻاهر اچي چمنداس کان پڇيو. "توهان پچاڙيءَ جو مسز پاٽيا سان ڪڏهن گڏيا؟"

"اڄ صبح جو."

مونکي ڪجهہ چڙ اچي رهي هئي، پر دٻائي سوياويڪ لهجي ۾ چيم، "منهنجو مطلب آهي تہ هوءَ جڏهن حيات هئي."

"اوهہ! مان سمجهان ٿو ڪالهہ اٽڪل 4 ڪن شام جا ٿيا هئا جو اسان هن جي ڪمپائونڊ مان لنگهياسين. اسانکي ڇهين واري شو تي وڃڻو هو، پر ڪنهن ٻئي سبب گهران سويل ئي نڪتاسين. مسز پاٽيا پڻ هلٽي هئي، پر جنهن وقت اسان لنگهياسين تہ سڏ ڪري چيائين پاڻ گهٽو ڪري نہ هلي سگهندي. اسان سڀ ٻڌڻ لاءِ ڪونہ ترسياسين. اهڙي کهڙي خبر هئي تہ هيءَ اسانجي آخري ملاقات ٿيندي."

اسان چمنداس جا شڪرانا مڃي ٻاهر اچي جيپ ۾ ويٺاسين. نريش چيو، "ڪار ۾ ڇا ڏسي رهيو هئين؟"

مون چيو، "جيڪڏهن هيءَ ڪار ڪم آندل آهي تہ ٿي سگهي ٿو، چمپل جو پادر پاڻ ان مان ملي، پر اول هلي ڏسڻو آهي تہ هيءَ ڪار ڪم آندل آهي يا نہ؟"

نريش جيپ اسٽارٽ ڪري ڦيرائي. مون چيو، "هن جو چوڻ آهي تہ سنيتا جو سئنيما تي وڃڻ جو پروگرام هو، پر اوچتو 4 وڳي رد ڪيائين، جيڪڏهن آپگهات جو ويچار هجيس ها تہ ضرور Derpressهوندي ۽ پوءِ هي پروگرام ڪيئن ٺهي ٿي سگهيو؟"

"پروگرام تہ صبح جو ئي ٺهيل ٿو لڳي جو 4 بجي رد ٿيو."

"وري سوال آهي اهو پروگرام هن اوچتو ڇو رد ڪيو؟ هار سينگار ڪري ٻاهر وڃڻ جي تياري ڇو؟"

"هي نشان چمنداس جي ڪار جا ٿي سگهن ٿا؟"

"مون کي شڪ آهي. مون هن جي ڪار جي ڦيٿن جي وڇوٽيءَ ۽ ٽائرن جي ماپ ورتي آهي. واردات واري هنڌ هلي ان سان ڀيٽي ٿا ڏسون."

"ٺيڪ آهي."

اسان بنگلي وٽ اچي پهتاسين. پهريدار وڃي چڪا هئا. بنگلي جون چابيون مون ڪرسچن ڪان وٺي ڇڏيون هيون. جيپ ڪمپائونڊ مان ڪٽي بنگلي جي در وٽ بيهاريسين. جيپ پڪي رستي ڪان آئي ۽ اهو رستو سڌيءَ طرح بنگلي جي مکيہ دروازي جي ڏاڪن سان ڳنڍيل هو.

ڪلف ڪولينڊي مون چيو، "نريش! هڪ تہ چمپل جي پادر جي تلاش ڪرڻي آهي. ٻيو تہ اندر خون وقت سامان ۾ يا ڪنهن هنڌ ضرور اٿل پٿل آئي هوندي، ان جو جائزو وٺڻو آهي. ازانسواءِ ڪي ڪاغذ پٽ جي ملي سگهن تہ ڏسجي هنن زال مڙس جي اٿبٺت ڪيتري قدر وڌيڪ هئي."

دروازو ڊرائنگ روم ۾ ٿي کليو. سامهون هڪ ٻيو در هو. ٻتي ٻاري اسان جڳهہ ڏسڻ لڳاسين. سامهون وارو در ڪولڻ سان سوڙهو ڪليل ورانڊو نظر آيو. جنهن جي هڪ طرف ڪچن ۽ اسٽور روم هئا ۽ ٻئي طرف ڪجهہ پريرو باٿ روم ۽ ڪاڪوس هئا. ڊرائنگ روم جي ساڄي پاسي کان هڪ ڏاڪڻ مٿي ڪاريڊور ڏانهن ٿي وئي. هيٺ ڪجهہ نہ ڏسي اسان مٿي وياسين. ڪاريڊور ۾ ٻن رومن جا دروازا ٿي کليا. پهرئين روم جو دروازو ڪولي اندر داخل ٿياسين. در ڪولڻ لاءِ اسانکي چابيءَ ڪان ڪم وٺڻو پيو. ٻتي ٻارڻ سان اسانکي ائين لڳو تہ هي روم خاص ڪم نہ آندو ويندو آهي. فرنيچر ٽڙيو پکڙيو پيو هو ۽ ان مٿان ڪافي دز

چڙهيل هئي. ان روم ۾ به دروازا هئا. هڪ بالڪنيءَ ۾ ٿي کليو ته ٻيو اٽيچ باٿ ۾. بالڪني ڪافي ويڪري هئي ۽ ڊيگهه ۾ ٻن رومن جي برابر. باٿ ۾ سامهون ٻيو دروازو هو، جو کولڻ سان اسان ٻئي روم ۾ داخل ٿي سگهياسين. هڪ باٿ روم ٻن بيڊ رومن سان ڳنڍيل هو. هن روم ۾ سامان سهٽي نموني جيئن جو تيئن رکيل هو. هي بيڊروم ڪم ايندڙ ٿي لڳو

سڄي بنگلي ۾ ڪنهن به هنڌ ڪا چير ڦاڙيل پکڙيل يا اٿليل پٿليل نظر نه اچي رهي هئي.

سامهون ميز تي رکيل پرس کڻي، ڪوليندي نريش چيو، "ڏسون ته هن ۾ ڇا آهي؟" پرس کولي ميز تي اونڌي ڪيائين. ڪجهه سڪا، سوا سؤ کن جا نوٽ، لپ اسٽڪ، پائوڊر، ڦڻو وغيره هئا. نريش سائي رنگ جا ٻه ڪاغذ کڻي چيو، "هي سئنيما جون ٽڪيٽون آهن. ريگل ٽريولنگ ٿيٽر. ٻيو شو. تاريخ 15 نومبر."

"تنهنجي معنيٰ ته ٽڪيٽون ايڊوانس ۾ بڪ ٿيل آهن."

"ها! پر ڇو؟ ٻيو ڪير؟ جيڪڏهن چمنداس سان وڃڻي هئي ته ٽڪيٽون جدا هن پاڻ وٽ ڇو رکيون؟"

"عجيب ڳالهه آهي، پر ائين ٿي سگهي ٿو ته گهران نڪرڻ جو ٽائيم الڳ الڳ هئڻ ڪري هڪ ٻئي لاءِ ٿيٽر تي انتظار ڪرڻو پوي. ان لاءِ هن ٽڪيٽون الڳ ڪيون آهن، پر ٻيو ڪير؟"

"۽ سوال آهي ته اهي ٽڪيٽون ڪڏهن جون گهرايل آهن...يا ورتل آهن."

"اهو ته ٿيٽر مان ئي معلوم ٿي سگهندو."

"اهو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي، پوءِ هلون هينئر ئي؟"

مون لهر سان چيو. "هلون ٿا. تڪڙ ڪهڙي آهي. پهرين هت ته ڪم پورو ڪيون...ٻڌ هو سامهون اسٽيل جو ڪٻٽ يا ميز جا خانا کولڻ کان اول ضروري آهي ته اسان انهن جون فنگر پرنٽس وٺون."

"ان لاءِ ته پونا مان ايڪسپرٽ گهرائڻو پوندو..."

"ته هاڻي صرف اوسي پاسي ۾ جاچ ڪجي، متان چمپل جو پادر ملي وڃي."

اسان ٻنهي رومن، ڊرائنگ روم وغيره جي تپاس چڱيءَ طرح ڪئي پر چمپل نه مليو. داخل پهرئين روم کان ٿيا هئاسين، پر پوءِ ٻيو دروازو کولي اسان ٻاهر نڪتاسين. دروازو ٻاهران بند ڪرڻ وقت مون ڏٺو ته ان جي لاڪ ۾ هڪ چاٻين جو ڇلو لٽڪي رهيو

آهي. مون چلو کٽي ڏٺو. چار چابيون هيون. هڪ هن در جي ۽ ٽي ٻيون. هڪ "S" مارڪ وارو گول پتلو سنهي زنجير ذريعي چلي ۾ پيل هو.

مون چيو، "نريش! اهڙو هڪ ٻيو چلو به ته اندر ٽيبل تي پيو هو؟" نريش ڪنڌ ڌوڻي "ها" ڪئي. مان يڪدم اندر ويس ۽ چلو کڻي آيس. ان ۾ پڻ ساڳيو "S" مارڪ وارو پتلو هو ۽ ٽي چابيون. ٻنهي چلن ۾ چابيون الڳ الڳ هيون. صرف هن هڪ بيڊ روم واريون ساڳيون هيون.

مان سوچڻ لڳس، سنيتا کي ٻن چلن ۾ چابيون رکڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي. نريش جو چوڻ هو ته شايد وزن نه وڌي وڃي، ان ڪري هن چابيون ٻن حصن ۾ ورهايون هونديون.

مون چيو، "ائين نه آهي. ڪرسچن اسانکي بنگلي جون ٻه چابيون ڏنيون آهن. هڪ ٻاهرئين ڊرائنگ روم واري در جي ۽ ٻي پاسي واري روم جي. هن گهٽو ڪري اهي ٻئي چابيون اندرئين چلي مان ڪڍيون آهن. ڇاڪاڻ ته ڊرائينگ روم واري چابي اندرئين چلي ۾ نه آهي، پر ٻاهرئين ۾ آهي." مون ڪرسچن وارين چابين سان چابيون ڀيٽيندي چيو، "وري ٻهرئين چلي ۾ پاسي واري روم جي چابي نه آهي ته اندرئين چلي ۾ به نه آهي. ان جو مطلب ته هي ٻاهريون چلو ان شخص جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي صرف ڊرائنگ روم کان داخل ٿي بيڊ روم ۾ اچڻ جو اختيار آهي ۽ سوپاويڪ ڇاڪاڻ ته پاسي وارو ڪمر ايندڙ نه آهي. ڪرسچن اندرئين چلي مان صرف ڊرائنگ روم ۽ پاسي واري روم جون چابيون ڪڍيون آهن. هونئن به بيڊ روم ۾ اچڻ لاءِ پاسي واري روم جي چابي ئي ڪافي آهي."

" ٻئي ڪنهن شخص جو سوال ئي ڪيئن ٿو اٿي؟"

"ڇاڪاڻ ته گهر ڏياڻي جيڪر هن طرح ڪڏهن به ڪنجيون در ۾ نه ڇڏي وڃي ۽ مان پڪ سان چئي ٿو سگهان ته هن چلي ۾ ٻيون جيڪي چابيون آهن، هن گهر جي ڪنهن به تالي ڪي نه لڳنديون."

"جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ضرور ڪو ٻيو شخص آيل آهي."

اسان تپاس ڪئي، ٻيو ڪو اهڙو ڪٻٽ هٿ نه لڳو، جنهن تي ڪا چابي آزمائي سگهجي، سواءِ هڪ گادريج جي ڪٻٽ جي، جو بيڊ روم ۾ رکيل هو. مون صفائيءَ سان اندرئين چلي ۾ پيل هڪ وڏي چابي ان ڪٻٽ جي لاڪ ۾ گهمائي. لاڪ کلي ويو، پر مون هئنڊل دٻائي ڪٻٽ جو تاڪ کونه کوليو. ان خيال کان ته متان فنگر پرنٽس ناس ٿي وڃن. هن چابيءَ جهڙي

بي چابي ٻاهرئين چلي ۾ ته هئي ڪانه.

نريش چيو، "ٻاهريون شخص ڪير ٿي سگهي ٿو؟"

"خوني!"

"ڪيئن چئجي؟ چو ڪونه ائين چئجي ته هي چابيون ڪنهن پوءِ لڳايون آهن. منهنجو مطلب آهي، ڪرسچن جي تحقيقات ڪانپوءِ. بي حالت ۾ ڪرسچن کي هي چلو هٿ لڳي ها ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻيو نه ته چلو ڪڍي اندر ٽيبل تي يا ڪنهن ٻئي هنڌ رکي ها."

"ائين نه آهي. تحقيقات ڪانپوءِ بنگلي تي مڪمل پهرو رهيو آهي. سواءِ ان ٿوري وقت جي، جو اسانجي هينٽر اچڻ ۽ پهريدارن جي وچڻ وچ ۾ ٿيو آهي. هڪ ٻي ڳالهه ته چابين وارو شخص بنگلي اندر اچ آيو آهي يا ڪالهه، پر اهو خوني يا خونيءَ جي ماڻهوءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ٿي نه ٿو سگهي...ٻئي ڪنهن جو اهڙي نموني اچڻ جو ضرور به ڪهڙو؟"

مون ٻئي چلا ڪيسي حوالي ڪيا. بنگلي جي ٻاهرئين احاطي واريون سڀ بتيون ٻاري، اسان پنئين پاسي ان ساڳئي وڻ وٽ آياسين.

ڦيٽن جي نشانن جي ويڪر جي ماپ ڪئيسين ۽ پڻ ٻن ڦيٽن جي وچ واري مفاصلي جي، پر اهي چمنداس جي ڪار سان نه ٿي مليا. نشان پڻ جدا هئا. مون نشانن جو پيٽرن ياد ڪري ڇڏيو هو.

نريش چيو، "هيءَ ڪنهن ٻئي ميڪ جي ڪار آهي."

"سو ته ظاهر آهي. اچ پنهنجي جيپ سان پيٽي ڏسون."

اسان ٻاهر جيپ وٽ آياسين، پر ان جي ماپ پڻ الڳ هئي. مون چيو، "نريش هيءَ سڄي ماپ پاڻ وٽ نوٽ ڪر. پونا هلي ويسٽرن انڊيا آٽو موبائيل ائسوسيئيشن مان پڪ ڪري اچج ته ڪهڙي ميڪ جي ڪار ۽ ٽائرن جا هي نشان ٿي سگهن ٿا. اتان گهٽو ڪري هر ڪار جا اسپيسيفڪيشنس توکي ملي سگهندا."

مون چيو، "هڪ دفعو بنگلي جو چڪر لڳائي اچان." بنگلي جي ساڄي پاسي ڪوبه در ڪونه هو. بلڪل ڪاٻي پاسي وانگر هو. احاطي جو هڪ گيٽ بنگلي جي ڪاٻي پاسي ڪنڊ ڪان هو. ساڄي پاسي ڪان به دريون هيون ۽ بائونڊريءَ جي پٽ اٽڪل 15 فوٽ پري هئي. بنگلي جي ديوار ڪان اٺ فوٽ پري ڪاٻي پاسي بائونڊريءَ جي پٽ هئي. هن پاسي ڪجهه بوٽن ۽ گلن جا ڪونڊا رکيل هئا. ان جڳهه تي پيرن جا نشان ڏسي منهنجو چاهه وڌيو. مون نريش کي سڏ ڪيو. ٽارچ ٻاري اسان

پيرن جا نشان جاچڻ لڳاسين.

مون چيو، "صبح جو تحقيقات ڪندي ممڪن آهي تہ ڪوئي هن پاسي آيو هجي."

"ڳالهہ شڪي ضرور آهي. پوليس جو بوٽ تہ نہ آهي. پوليس ڪانسواءِ ٻيو شخص صرف پاڻيا صبح جو موجود هو."

"مونکي لڳي ٿو تہ پهرئين دفعي هي نشان اسانکي نظر ڪونہ آيا."

"ٿي نہ ٿو سگهجي."

اڳتي هلي ڏٺوسين تہ اهي نشان بنگلي جي پٺيان شروع ٿي ٿيا. لڳي ٿو تہ اندريئن ورانديءِ مان ڪير ٽپي آيو آهي.

مون چيو، "تون هيئن ڪر، بوٽ جي نشانن جو هڪ خاڪو تيار ڪر ۽ ٽيپ سان ماپ وٺي نوٽ ڪر. پوءِ ڪجهہ اندازو تہ لڳائي سگهبو."

"ٺيڪ آهي."

نريش نشانن جو پورو خاڪو تيار ڪيو. سڄي بنگلي ۾ ٻي ڪا اهڙي اهميت واري ڳالهہ نظر نہ آئي.

ان وقت ساڍا ڏهہ وڄي چڪا هئا. مون چيو، "هل ريگل سئنيما ۾. آفيس ۾ اڃا ڪوئي ويٺو هوندو. لاسٽ شو جي انٽرويل تائين گهڻو ڪري تہ سڀ آفيس ۾ موجود هوندا آهن."

بتيون بند ڪري، بنگلو لاڪ ڪري، اسان اچي جيپ ۾ ويٺاسين. چوڌطرف شانتي لڳي پئي هئي. ڪجهہ ئي منٽن ۾ اسان اچي سئنيما وٽ پهتاسين. اسان اندر مئنيجر جي آفيس ۾ وياسين. هو ان وقت مرادي ڳڻي رهيو هو. اسان کي ڏسي چيائين، "معاف ڪجو، شو تہ ڪڏهوڪو چالو ٿي چڪو آهي ۽ اسان ٽڪيٽون ليٽ تائين اشو نہ ڪندا آهيون."

"اسانکي پڪچر ڪونہ ڏسڻي آهي، پر توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي."

"توهان جي واقفيت؟"

"مان آهيان پوليس انسپيڪٽر ناواڻي ۽ هي انسپيڪٽر نريش."

هن کان ٿورو چرڪ نڪري ويو، اٿي هٿ ملايائين، چيائين، "ويهو! چئو مان توهانجي ڪهڙي خدمت ٿو ڪري سگهان."

اسان ڪرسين تي ٿي ويٺاسين. هن ڪيش ۽ ڪاغذ وغيره سڀ ڪٺي ميز جي خاني ۾ اڇليا.

مون چيو، "توهان بڪنگ گهٽا ڏينهن ايڊوانس ۾ ڪندا آهيو؟"

"هٽ سائين ڪهڙو ايڊوانس سسٽم آهي. صرف روز صبح جو 9 وڳي کان 12 وڳي تائين ان ڏينهن جي

پوءِ اسان مان ڪنهن جي پيرن جي ٽيل
نشانن ڪري غلطفهمي ٿي آهي."
"تو موٽر جي ٽائرن جا نشان
تہ ڏٺا هئا."
"ها!"
"۽ تو اهي ان ڪري نظرانداز
ڪيا جو پاسي واري ڪار گهٽو ڪري
احاطي اندران لنگهندي هئي."
"ان ڳالهہ جو هڪ سبب اهو
بہ آهي ۽ بيو تہ مون آپگهات سمجهي
تحقيقات ڪئي هئي."
"اها ئي تہ ڳالهہ آهي. تو وٽ
اڳ سوچيل انومان هئا ۽ ان حساب سان
ڪم ڪيو آهي. لاش نوڙيءَ ۾ ٽنگيل
ڏسڻ سان تو فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هي
آپگهات ٿيل آهي. اسان سڀ ڪجهہ
چڱيءَ طرح جاچ ڪرڻ ڪانپوءِ ان نتيجي
تي پهتا آهيون تہ ڪنهن شخص خون
گهر ۾ ڪيو آهي، پوءِ ڪار در جي
اڳيان بيهاري ان ۾ لاش رکي پنيان
اچي، وڻ ۾ ٽنگيو آهي. ڪار ۾ هئڻ
جي ڪري ڪيس هيٺ لهڻ جي ضوررت
نہ ٿي آهي. سڌو ئي ڪار جي ڇت تي
چڙهي وڻ جي ٽاريءَ ۾ نوڙي ٻڌي لاش
لٽڪايو اٿائين. وري هيٺ اسٽول پڻ
رکي ڇڏيو اٿائين."
"اها ڳالهہ ممڪن ٿي سگهي
ٿي، خاص ڪري جڏهن بنگلو بلڪل
ڇيڙي تي آهي ۽ چوطرف سنسان آهي."

"تون بنگلي تي پهرو قائم
رک يا بلڪل بند ڪري سيل ڪري ڇڏ.
احاطي جا در پڻ لاڪ ڪرائي ڇڏ.
ڪجهہ فنگر پرنٽس وٺيون آهن ۽ مان
ايڪسپرٽ ڪي ڏينهن ٻن ۾ پونا مان
وٺي ايندس. تيسين ڪجهہ هيٺ مٿي نہ
ٿيڻ گهرجي."
"ٺيڪ آهي."
"پاٽيا کي پڻ وڃڻ نہ ڏنو
وڃي."
ڪرسچن ڪنڌ ڌوٽي "ها"
ڪئي.
مون چيو، "هڪ ٻي ڳالهہ.
اسانکي مٿي بيڊروم مان هڪ چابين
جو ڇلو مليو آهي."
"ها! اهو مون پڻ ڏٺو هو. ان
مان ٿي تہ بہ چابيون، جيڪي توهان وٽ
آهن، نڪتل آهن."
"هڪ ٻيو ڇلو. ساڳئي نموني
جو بيڊ روم جي ردوازي واري لاڪ مان
مليو آهي."
"دروازي واري لاڪ مان؟"
"ها! ظاهر آهي تہ ڪنهن
ڪمرو کولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،
پر ڪنهن کي ايندو ڏسي ڇڏي ويو آهي
۽ تڪڙ ۾ چابيون بہ نہ ڪڍي سگهيو
آهي."
"ڪيئن چئجي." ڪرسچن
بي دليو جواب ڏنو.

ڪان موڪلائڻ لڳاسين. مون چيو، "هن ڪيس ۾ ڪائي بہ ڊيولپمينٽ ٿئي تہ مونکي فون ڪج."

"ٺيڪ آهي. توهان هينئر ئي ٿا پونا وڃو؟"

"بس ڪلاڪ ڪن ۾. هوٽل ۾ وڃي سنان پاڻي ڪري نڪرنداسين."

نريش چيو، "ڪرسچن اسان جي جيپ جو فيول وغيره چيڪ ڪرائي رک. تيسين اسان تنهنجي موٽر سائيڪل کڻي ٿا وڃون."

اسان موٽر سائيڪل تي هوٽل ۾ آياسين. سنان پاڻي ڪري، ماني ٽڪي کائي واپس پوليس اسٽيشن تي آياسين. ان وقت ڪرسچن ہن ڄڻن سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هو. اسانکي ڏسي اٿي بيٺو ۽ انهن شخصن سان واقفيت ڪرائڻ لڳو. هڪ شخص، جيڪو عمر جو ڪجهہ چڙهيل هو، ان ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "هي آهي مسٽر رسڪ لعل مودي بامبي سي فيس هوٽل جو مئنيجر ۽ هي دنيش شاهہ ساڳي هوٽل جو رسيپشنسٽ."

ساڳئي نموني اسان جي واقفيت ڪين ڏنائين.

ڪرسچن چيو، "هنن کي آپگهات واري ڪيس لاءِ ڪجهہ ڳالهائڻو آهي."

منهنجو سوپاويڪ منجهن چاهہ وڌي ويو. پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيم، "توهانکي هن آپگهات واري ڪيس لاءِ ڇا چوڻو آهي؟"

"آپگهات سان اسان جو ڪوبہ واسطو آهي. اسانجو صرف چوڻ آهي تہ جنهن شخص سان هن عورت جو فوٽو آهي، اهو سندس مڙس آهي، ان جي توهانکي پڪ آهي؟"

"مون ڪان ڪيئن ٿا پڇو توهان؟ ان جو جواب تہ پريس وارا ئي ڏئي سگهندا."

"جيتري قدر اسانجي ڄاڻ آهي تہ هي سندس مڙس نہ آهي."

"توهان هن کي ڪيئن سڃاڻو؟"

"هيءَ عورت پنهنجي مڙس سان گڏ اسانجي هوٽل ۾ رهي چڪي آهي."

"توهانجي هوٽل ۾ ڪٿين ماڻهو اچن ٿا. ڇا توهان هڪ هڪ جو اخبار ۾ فوٽو ڏسي ڇئي سگهندا تہ هو توهانجي هوٽل ۾ رهي چڪو آهي يا نہ؟"

"اها ڳالهہ نہ آهي. هي جوڙو جنهن حالت ۾ اسانجي هوٽل ڇڏي ويو، اهو خاص ياد رهڻ وارو واقعو هو. هونئن تہ اسانجو هن ڪيس سان ڪنهن بہ قسم جو واسطو نہ آهي، پر توهانکي تہ خبر آهي ماڻهو آپگهات ۽ خون

مون چيو، "ڪالھ تو جڏهن
تلاش ڪئي تہ بيڊ روم جو در کوليو
هيئي؟"

ڪرسچن ڪجھ ياد ڪندي
چيو، "نہ، اسان هن ٻئي روم ۾ پهرين
داخل ٿيا هئاسين." اتان ئي ٻاٿ روم
ذريعي بيڊروم ۾ داخل ٿياسين ۽
نڪتاسين."

" مطلب تہ توکي پڪ نہ
آهي تہ ان وقت چابيون در ۾ هيون يا
نہ؟"

"برابر!"

"ڏس ڪيڏي نہ سطحي تپاس
ڪئي اٿئي؟"

"..........."

ڪجھ لمحن جي شانت بعد
ڪرسچن چيو، "هي ٽائيمس پڙهو. مون
اڳ ئي آپگهات جو بيان ڏئي ڇڏيو هو.
تيسين مان چانھ ناشتي جو انتظام ٿو
ڪريان." هو ٻاهر هليو ويو.

نريش چيو، "اها ڳالھ برابر
آهي تہ چابيون ڪوئي تڪڙ ۾ هراس
وچان ڇڏي ڀڄي ويو آهي ۽ اهو هراس
بہ ممڪن آهي ڪنهن جي اچڻ جو ٿي
هجي."

"برابز" مون اخبار ۾ منهن
وجهي ڳولهيندي چيو، "پوءِ ڪنهن جي
اچڻ تي هو ڀڄي ويو؟"

"خون واري رات ٻيو ڪهڙو
شخص ٿي سگهي ٿو، جو بنگلي تي آيو
۽ ان جي ڊپ ڪري خوني ڀڄي ويو.
مان تہ سمجهان ٿو، هو ڪالھ رات
پهريدار جي وڃڻ ڪانپوءِ آيو آهي ۽
اسانجي جيپ جو آواز ٻڌي هراسجي
ڀڄي ويو آهي."

"............."

"مان تہ ائين بہ سمجهان ٿو تہ
پنيان اهي پيرن جا نشان پڻ هن جا
آهن. هن اسانجي جيپ جو آواز ٻڌو آهي
۽ پنيان ڀڄي وڃي لڪو آهي."

مون چيو، "ٿي سگهي ٿو. هو
ڀڳو آهي تہ صرف پنئين گيٽ ڪان،
چاڪاڻ تہ ٻئي ڪنهن هنڌ اهڙا پيرن جا
نشان نہ ٿا ملن."

"ممڪن آهي."

"پر هڪ ڳالھ آهي ٻئي
ساڳئي قسم جا چلا چو؟"

"هون..." چئي نريش سوچ
۾ پئجي ويو.

ٽائيمس ۾ مسٽر ۽ مسز
پاٽيا جو فوٽو ڇپيل هو. مسز پاٽيا جي
آپگهات جي رپورٽ هيٺان ڏنل هئي.
مسٽر پاٽيا جو فوٽو شايد ان ڪري
ڇپيو ويو هو جو هو پونا جو هڪ
مشهور ۽ برڪ وڪيل هو. نہ تہ رواجي
طرح اهڙين خبرن سان فوتي يا فوتڻ جو
بہ فوٽو نہ هوندو آهي.

اسان ناشتو ڪري ڪرسچن

جھڙيون خبرون ڪهڙي نہ چاھ سان پڙهندا آهن. مون پڻ فوٽو ڏسي هيٺيون سچو بيان پڙهيو. جو دراصل مٿان ڏنل عنوان ڪري ئي پڙهيو. مونکي ائين پئي هريو. ڇڻ هيءَ عورت ڪٿي ڏٺي اٿم. پوءِ دنيش ياد ڏيارينو تہ هيءَ تہ اها ئي عورت آهي."

"اها ئي عورت ڇا؟"

"هيءَ عورت اڄ ڪان اٺڪل ڏھ مهينا اڳ پنهنجي مڙس سان گڏ اسانجي هوٽل ۾ رهي چڪي آهي."

مونکي هنن جي ڳالهائڻ تي عجب لڳي رهيو هو. مون چيو. "پر اها ڪهڙي ڳالھ آهي، جنهنڪري توهان هنن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهيا؟"

"اها هڪ عجيب ڳالھ آهي."

"پر ڪهڙي؟" مون ذرا بي صبر ٿي پڇيو.

"هڪ رات اٺڪل انين بجي هو اسانجي هوٽل ۾ آيا. هن عورت کي ڪلهي ۾ هڪ پلاسٽڪ جو ٿيلهو هو ۽ مرد کي هٿ ۾ چمڙي جي بيگ....بهتر ٿيندو تہ وڌيڪ دنيش توهانکي ٻڌائي."

دنيش ڳچي سڌي ڪندي چيو. "ان وقت ڪائونٽر تي منهنجي ڊيوٽي هئي. هوءَ عورت اڳتي وڌي مون وٽ آئي ۽ چيائين تہ هڪ ڊبل بيڊ وارو روم ڪپي. مون پڇيو. "گهٽڻ ڏينهن لاءِ؟"

چيائين. "ٽن چئن ڏينهن لاءِ!"

مون کين هڪ روم الاٽ ڪيو. رجسٽر وغيره هن عورت ئي صحيح ڪيو. هو شخص هڪ فرمانبردار ٻار جيان سندس اشارن تي هلي رهيو هو. هو ٻئي ڪلاڪ کن روم ۾ هئا. پوءِ ٻاهر آيا ۽ ان عورت اچي مونکي چيو. "اسان ذرا ٻاهر ٿا وڃون ۽ ڪلاڪ ٻن ۾ موٽي ايندا سين."

اسانجي عجب جي حد نہ رهي، جڏهن هو ٻئي ڏينهن تائين نہ آيا. اسانکي سوپاويڪ شڪ پئجي ويو. ڪمري ۾ وياسين تہ سندن سامان پيو هو. اهڙي نموني جو بيگ ۽ ٿيلهو کوليا ئي ڪونہ ويا هئا. بسترو ڪر آندل تي لڳو. اسان بيگ ۽ ٿيلهو کوليا تہ اندران صرف ردي ڪاغذ نڪتا."

"توهان جو مطلب تہ بيگ ۽ ٿيلهو ٻئي خالي هئا، سواءِ ردي ڪاغذن جي."

"بلڪل!..."

"توهان پوليس ۾ رپورٽ ڪئي؟"

"نہ! رپورٽ ڪرڻ جو ڪو مطلب ئي ڪونہ هو."

"ڇو؟"

"ڇو تہ اسانکي پڪ هئي تہ هنن نالا سچا ڪونہ لکايا آهن."

اسانجو پنهنجو ته لڦڙي ۾ ڪو هٿ هو ئي ڪونه. اسان ايڊوانس نه وٺي پل ڪئي، پر ٿيلهي ۽ بيگ جي قيمت مان اسان جي هڪ ڏينهن جي مسواڙ بلي ڪجهه ته وصولي ٿي وئي. ٻئي بلڪل نوان هئا."

"توهان سمجهو ٿا، خاص پونا مان سيڙجي هي ٻئي ان ڪم لاءِ بامبي آيا هوندا، صرف ڪلاڪ ڪن لاءِ؟"

"اسان کي ان وقت اها خبر نه هئي ته ڇوڪري ڪا پونا جي آهي."

"هاڻي ته ڄاڻ پيوَ نه؟"

"ها!"

"پوءِ ڇا ٿا سمجهو؟"

"مان سمجهان ٿو ته اها ڪا خاص اهميت واري ڳالهه نه آهي ته مان ڇا ٿو سمجهان، جيتري قدر توهانجي ڪيس جو واسطو آهي."

"هو ٻئي هوٽل ۾ ڪيئن آيا هئا؟"

"يعني؟"

"هو ٽيڪسيءَ ۾ آيا هئا يا ڪار ۾ هئا يا ماڳهين پنڌ آيا هئا."

"سندن وڃڻ ڪانپوءِ پهريدار مان خبر پئي ته هو ٻئي هڪ اسٽيشن ويگن ۾ آيا هئا. نمبر وغيره ته نوٽ ڪرڻ جو ان وقت ضرور ٿي ڪونه هو."

"هن وقت توهان پوليس اسٽيشن تي ڪيئن آيا؟"

"اسان هت ائين گهمڻ جي خيال کان نڪتا هئاسين. ڪالهه شام جو آيا آهيون. صبح اخبار پڙهڻ سان خبر پئي ته هن ڇوڪريءَ آپگهات ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته فوٽو هڪ شخص جو ڏنل هو ۽ ڇوڪريءَ جي چوڻ موجب سندس مڙس ڪو ٻيو هو ته اسان کي لڳو ڳالهه ۾ ڪا گڙٻڙ آهي. ان ڪري اسان پوليس کي واقف ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو."

"شڪريه! توهان ايتري تڪليف وٺي اسانکي هن ڳالهه جي چڱي ڄاڻ ڏني آهي. توهان ڪيس جي هڪ پهلوءَ تي روشني وڌي آهي." هي سڀ ڪجهه ڪرسچن چئي رهيو هو. هو اٿي کڙا ٿيا ۽ هٿ ملائي ٻاهر هليا ويا.

هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ اسان ڪرسچن کان موڪلائي پونا ڏانهن رخ رکيو. ڏينهن ڪافي چڙهي چڪو هو. مهابليشور پار ڪرڻ ڪانپوءِ نريش چيو، "سوال آهي ته جيڪڏهن سچ پچ اها سنيتا آهي ته هو شخص جو ساٿس گڏ هوٽل ۾ ويو، اهو ڪير ٿي سگهي ٿو؟"

".......

"ٿي سگهي ٿو ڪوئي ـ بليڪ ميل ڪري رهيو هجي."

"هن نموني؟"

"بليڪ ميل ته کهڙي

گھڻجي ويو. ميز تان گلاس کڻي پاڻي پيتائين. پوءِ ٿڌو ساھ کڻي چيائين، "سچ پڇين ناواڻي، منھنجو خبر نہ آهي سنيتا ۾ ڪيترو موھ پئي رهيو آهي. سندس ايڏي حد تائين وڌڻ ڪانپوءِ بہ پڇاڙيءَ تائين مان ڪيس سمجھائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. منٿ بہ ڪئيمانس. پنھنجي زندگي ۽ آبروءَ جو واسطو وڌومانس، پر سڀ بيسود. ڪيس اهو پڻ سمجھايم تہ هو پائي ڪو ڏنڊو ڏاڙي نہ ٿو ڪري ۽ سندس نظر سنيتا کي ورثي ۾ مليل ملڪيت تي ئي آهي. پر خبر نہ آهي هن جو ڪھڙو جادو چڙهي ويو هوس جو منھنجي ڪجھ بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. ٻئي ڏينھن هوءَ مهابليشور هلي وئي. اتي سنيتا جي پيءُ وارو بنگلو آهي، جو اسان مسواڙ تي نہ ڏنو، صرف ان خيال کان تہ اسان کي پنھنجي لاءِ ڪارائتو ٿيندو. سنيتا اتي وڃي رهي تہ بہ هفتي ۾ هڪ ٻ دفعو مان ساڻس ملڻ ويندو هوس. منھنجو پڇاڙيءَ تائين ساڻس اهو ئي ورتاءُ پئي رهيو. اتي گڏ سينيما تي پڻ ويندا هئاسين. مونکي اميد هئي تہ هوءَ ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور باز ايندي. ان ڪري مون طلاق جي ڳالھ نہ پئي مڃي. مونکي ڪھڙي خبر تہ هيئن ڪري ڏيکاريندي."

مون چيو، "پڇاڙيءَ جو توسان ڪڏهن ملي هئي؟"

"مهابليشور ۾ 10 تاريخ. هن مونکي فون ڪيو هو. مان ويس تہ ڪجھ ڪاغذن جو بنڊل ڏيندي چيائين، "سڄي ملڪيت، سواءِ هن بنگلي جي، مون تنھنجي نالي گفٽ ڪئي آهي." مون ڏٺو اها هڪ Assignment irrev-ocable منھنجي فيور ۾ هئي. ان موجب سڄي ملڪيت منھنجي نالي ۾ ٽرانسفر ڪيل هئي. مون پڇيو، "هن جو ڇا مطلب؟" چيائين، "هاڻي تون ائين نہ چوندين تہ سندر مون سان منھنجي ملڪيت لاءِ شادي ڪري رهيو آهي." مون ڪيس چيو، "تو سندر کي هن ڳالھ کان واقف ڪيو آهي؟" تہ چيائين، "ان جي ضرورت نہ آهي. هاڻ ٻڌاءِ تنھنجو ڇا ارادو آهي؟" مون ڪيس ڪو سڌو جواب نہ ڏنو، پر سندس ڳالھ مڃڻ جو ارادو ڪونہ هو. هڪ تہ مونکي پڪ هئي تہ جڏهن سندر ٻڌندو تہ سڄي ملڪيت سنيتا منھنجي نالي ٽرانسفر ڪئي آهي تہ پاڳل ٿي پوندو. ٻيو تہ مان سنيتا کي وساري نہ ٿي سگھيس."

مون چيو، "اهي Deeds مون کي ڏيکاريندين؟"

هن اتي ڪٻٽ مان ڪاغذ ڪڍي مون کي ڏنا. مون ڏٺو تہ ستارا سب رجسٽرار جي آفيس ۾ اهي ڊيڊس 6 تاريخ پيش ڪيا ويا هئا. هي سڀ

نقل هئا. اصل ڪاپيون تہ هونئن بہ رجسٽرار وٽان اچڻ ۾ ڇهہ اٺ مهينا لڳي ويندا آهن. مون ڪاغذ پڙهي ڪيس واپس ڪيا.

پاٽيا پاڻ هڪ سٺو ڪرمنل لاير هو. مون چاهيو تہ ڪيس حقيقت ٻڌائي، سندس ڪجهہ صلاح وٺان. مون چيو، "پاٽيا! مونکي ڏک سان چوڻو ٿو پوي تہ سنيتا آپگهات ڪونہ ڪيو آهي، پر سندس خون ڪيو ويو آهي."

پاٽيا جو وات عجب ۾ ڦاٽي ويو. چيائين، "پر مان پاڻ سرزمين تي انسپيڪٽر ڪرسچن سان گڏ هوس. ان وقت مان پاڻ ڪرسچن سان شامل راءِ هوس تہ سنيتا آپگهات ڪيو آهي. تون ڪيئن ٿو چوين تہ خون ٿيل آهي؟ لاش وغيره تہ اهڙي نموني مليو ڄڻ آپگهات ٿيل آهي."

"مونکي ڪلهہ ئي خبر پئجي وئي هئي تہ سنيتا آپگهات ڪيو آهي. مان يڪدم مهابليشور ويس. تون منهنجي پهچڻ ڪان ٿورو اڳ نڪري ويو هئين."

"ڇا ڪيان، لاش جي ڊليوري وٺڻي هئي."

"پر اها حقيقت آهي تہ خونيءَ ڪم نهايت خبرداريءَ سان ڪيو آهي. سچ ٿو ٻڌايانءِ جيڪڏهن مان وقت سر نہ پهچان ها تہ سڀ ثبوت ناس ٿي وڃن ها ۽ ان ڪانپوءِ ڪنهن کي بہ شڪ نہ پوي ها تہ ڪو آپگهات نہ ٿيل آهي. صرف هڪ رات وڌيڪ پوي ها تہ ڪوهيڙي جي آلاڻ ۾ ئي سڀ ثبوت گم ٿي وڃن ها."

"پاٽي شڪ تہ مونکي بہ ڪونہ پيو." ٿڌو ساهہ کڻي پاٽيا چيو، "توهان پوليس وارا قيامت جي نظر رکندا آهيو."

"پر تون ڪيئن ٿو چوين تہ خون ٿيل آهي."

مون ڪيس ٿوري ۾ سمجهايو تہ هنن، تحقيق وقت ڇا ڇا نظرانداز ڪيو هو. مون ڏنو سندس اکيون پرجي آيون هيون. چيائين، "هيءَ تہ ماڳهين بي الجهن ٿي. منهنجو تہ دماغ ئي ڪم نہ ٿو ڪري تہ هي سڀ ڪجهہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ آخر بہ ڪير اسان جي پٺيان آهي."

ڪجهہ گهڙين جي خاموشيءَ بعد مون چيو، "تون پندرهين تاريخ ڪٿي هئين؟"

"ڇو؟ مان ان ڏينهن، سڄو ڏينهن آفيس ۾ هوس. ڪورٽ ۾ ڪا ڊيٽ ڪانہ هئي، سو سڄو ڏينهن مس جين سان گڏ ڪي رپورٽون ناهڻ ۾ مشغول هوس."

"هاڻ ان ڳالهہ جي تہ پڪ ٿي آهي تہ هي آپگهات نہ آهي. توکي ڪن

اهڙين ڳالهين جي ڄاڻ آهي ڇا جيڪي هن معاملي تي ڪجهه روشني وجهن؟"

"بهرحال ته مان ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. مونکي پڻ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي."

"تو ان شخص جو نالو ڪونه ٻڌايو؟"

"سندر آهوجا. شڪروار پيٺ ۾ رهندو آهي. پوري ايڊريس جي ڄاڻ نه اٿم."

"توکي اهڙي ڪا خبر آهي ڇا ته هو سنيتا کي ڪنهن سبب بليڪ ميل ڪري رهيو هجي؟"

"مان نه ٿو سمجهان. ڇو ته جنهن صورت ۾ ڳالهه ايتري قدر وڌي وڃي ٿي، جو هوءَ مونکي طلاق ڏيڻ لاءِ چوي ٿي، صاف صاف قبول ڪري ٿي ته سندر سندس پهريون پيار آهي، جنهن سان کيس شادي ڪرڻي آهي ۽ ڪلي عام هن سان رستو وڌائي ٿي، ان حالت ۾ به مان کيس نه صرف سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر منٿ پڻ ڪيان ٿو ته پوءِ ڳهڻ ۾ گهٽ بليڪ ميل کان بچڻ لاءِ هوءَ پنهنجو بيو ڪوبه اٿوٽندڙ پهلو ٻڌائي پئي سگهي. کيس ان وقت منهنجي همدرديءَ جي پڪ ٿي پئي سگهي. هڪ بي ڳالهه پڻ آهي ته هر شخص کي بليڪ ميل ٿيڻ ۽ بليڪ ميل ڪندڙ کان نفرت ٿيندي آهي. ان حساب سان هن کي ته سندر کان نفرت ٿيڻ ڪپندي هئي ۽ نه ازحد پيار."

"ائين برابر آهي. هن وقت سڀ کان اهميت واري ڳالهه آهي ته خون ڪرڻ جو سبب ڇا آهي؟"

"سنيتا .سموري ملڪيت تنهنجي نالي ٽرانسفر ڪئي هئي؟"

"گهڻي ڀاڱي، اڃا ڪجهه شيئرس ۽ روڪڙ پاڻ وٽ رکيا هئائين."

"اٽڪل اندازا"؟

"مان سمجهان ٿو ته اڌ لک بئنڪ بيلنس هوندس ۽ اوتري ئي رقم جا شيئرس وغيره."

ڪجهه منٽن جي خاموشيءَ کانپوءِ مون چيو. "چڱو! مان هلان ٿو. ڪوشش ڪرڻ منهنجو فرض آهي. جيترو ٿي سگهيو، اوترو جلد خونيءَ کي هٿ ڪبو."

"منهنجي مدد جي ڪڏهن به درڪار محسوس ڪرين ته مان حاضر آهيان."

مون ساڻس هٿ ملائيندي چيو. "دراصل توکان مون کان وڌيڪ چنتا ڊپارٽمينٽ کي آهي ته خوني جيترو جلد پڪڙجي، اوترو سٺو."

ياٺيا کان موڪلائي سڌو گهر اچي آرامي ٿيس. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي اجازت نه ڏني.

مون ڪجهہ ان واقفيت جي ڪري حجت رکي پڇيو ۽ ڪجهہ صرف عجب مان تہ هن کي ايتري ڪيش ڇو کپي؟"

"ها پوءِ؟"

"مون ڪيس چيو تہ "ايترا جواهرات ۽ سون تہ پونا يا بامبي مان وٺندي هوندينءَ ۽ ڇو ڪونہ ٿي اتان جو ڊرافٽ وٺين؟" پر چيائين، "بروڪر هت ئي اچڻو آهي ۽ ان کي پئسا روڪڙا کپن. هو چيڪ يا ڊرافٽ وٺڻ نہ ٿو پسند ڪري." وڌيڪ پڇڻ تي دلال جو نالو پريمچند وورا ٻڌايائين. مون کيس پئسا ڪيئي ڏنا. مونکي خبر آهي تہ وورا ڪجهہ سمگلنگ جو مال پڻ رکندو آهي ۽ ممڪن آهي تہ روڪڙا پئسا وٺڻ ئي پسند ڪندو هجي."

"توهان يار، مونکي ان ڳالهہ کان واقف ڪرڻ ضروري نہ سمجهيو؟"

"پهرين تہ سوچيم توکي فون ٿو ڪيان پر وري چيم تہ جواهرات ۽ سون لاءِ هي پئسا هروپرو وڌيڪ ڪونہ آهن ۽ هت اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي جو اهڙو ڏنڊو ڪنڊڙ ڪيش لاءِ ئي ضد ڪن."

"چڱو! مان اڄ شام تائين مهابليشور اچي ويندس."

"چڱو باءِ!"

مون فون بند ڪري ڇڏيو. آفيس مان ٻاهر نڪري آيس. ڪار ٻاهر ڪڍي، سڌو شيئر بازار ۾ پريمچند وورا جي آفيس طرف رخ رکيم. پارڪنگ جي جڳهہ ڪجهہ پريان هئي. ڪار پارڪ ڪري ڪجهہ پنڌ موٽي هن جي آفيس ۾ آيس. ساڻس گڏ هڪ ٻيو شخص پڻ ويٺو هو. خوش خيريافت ڪانپوءِ چيائين، "چڱو مسٽر ناواٽي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

"توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو هو، پر اڪيلائيءَ ۾."

هو شخص اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين، "مسٽر وورا، مان پوءِ شام جو توهان سان ملندس."

"چڱو! پر ڏسو ايڊوانس جو چيڪ ڪٽي ايندا. ڇو تہ ٻيءَ حالت ۾ مان خاطري نہ ٿو ڏئي سگهان تہ مال توهان کي پهرين ڪنسائينمينٽ مان ملندو يا نہ."

"ٺيڪ آهي، چڱو." هو هليو ويو.

وورا چيو، "چئو، مان توهانجي ڪهڙي خدمت ڪري ٿو سگهان؟"

"توهان ڪجهہ ڏينهن اڳ مسز سنيتا پاٺيا سان مهابليشور ۾ ڪو سودو ڪيو آهي، ان جا تفصيل کپن."

"مهابليشور ۾؟ سودو تہ هت پونا ۾ ٿيو هو."

"اهو سودو ڪڏهن ٿيو؟"

پوءِ وورا جي سرگرمين جي تهه تائين وڃي، جيترو جلد ٿي سگهيو ڪيس قانون جي حوالي ڪندس.

ان وقت مونکي تڪڙ هئي جو مهابليشور وڃڻو هو ۽ مون اجا فنگر پرنٽس ايڪسپرٽ سان نه ڳالهايو هو. ڪار تيز رفتار سان هلائڻ لڳس ۽ ترت ئي اچي گهر پهتس.

هڪ منهن ڌوئي شريمتيءَ کي چيم، "ماني تيار ڪر، مهابليشور وڃڻو آهي."

"جو شام جو پڳڙين تي نه هلندا؟"

"ڏس! تون وڃي ٿي اچ. هي ڪيس تمام ضروري آهي ۽ منهنجو اتي پهچڻ وڏيڪ ضروري آهي."

جيستائين ماني اچي، تيستائين آفيس فون ڪيم. سب انسپيڪٽر دارو والا کي لائين تي گهرائي چيم، "مسٽر دارو والا، مان آهيان ناواٽي."

"گڊ آفٽر نون سر."

"ٻڌ! اڄڪلهه تون ڇا ڪري رهيو آهين؟"

"هن هفتي اينڊ رن واري ڪيس جي رپورٽ اڃا صبح ڪمپليٽ ڪئي اٿم. هن وقت تائين ٻي ڪنهن ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ويو آهي."

"تون هن وقت مون سان گڏ مهابليشور هلي سگهين ٿو؟"

"ڪهڙو ڪيس آهي ڪوئي؟"

"نه! اهو ئي مسز پاٺيا جي خون وارو. ڪجهه وڌيڪ تحقيقات ڪرڻي آهي ۽ مان سمجهان ٿو فنگر پرنٽس ۽ فوٽو گراف وٺڻ جي ضرورت پوندي."

"ڀلي هلو! مان گهر فون ڪري ٿو ڇڏيان."

"گهٽو ڪري رات جو اتي رهڻو پوندو. گهر وڃي اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ تيار ٿي مون وٽ اچ."

"آل رائيٽ!"

"ٻڌ پاڻ سان فنگر پرنٽس جي پوري ايڪيوپمينٽ کڻي اچج."

"ها!"

"چڱو آفيس مان هينئر ئي نڪر." چئي مون فون رکي ڇڏيو.

مون ماني کاڌي کاڌي. دارو والا لاءِ ترسي ويٺس. ائين آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. سوچڻ لڳس ڪنهن کي سنيتا جي خون ڪرڻ جي ضرورت جو پئي. سوچ ئي سوچ ۾ سڄي ڪيس تي نظرثاني ڪرڻ لڳس. خون جو ڪارڻ ڇا ٿو ٿي سگهي؟ ملڪيت؟ جيستائين ملڪيت جو سوال آهي ته صرف پاٺيا ئي ڪري ٿي سگهيو، جو هو ئي سنيتا ڪانپوءِ ملڪيت جو وارث آهي ۽ ڇاڪاڻ ته

سنيتا ڪانئس طلاق جي گهر ڪئي تہ هن ڪي سوپاويڪ ائين لڳو هوندو تہ ملڪيت بہ هوءَ پاڻ سان ڪٽي ويندي. ان ڪري ڪنهن بہ نموني جيڪڏهن سندس موت ٿئي تہ هو ملڪيت جو حقدار ٿي سگهيو ٿي...پر هاڻي اهو سوال تہ اٿي ئي نہ ٿو. چاڪاڻ تہ خون ڪان ٿورا ئي ڏينهن اڳ سنيتا سڄي ملڪيت پاڻيا کي گفٽ ڪري ڏني هئي. ازانسواءِ خون واري ڏينهن...لڳ ڀڳ خون واري وقت ئي پاڻيا پنهنجي آفيس ۾ پونا ۾ موجود هو. ڪيس پوليس جي هڪ ذميدار ماڻهوءَ اتي ويٺل ڏٺو آهي...ازانسواءِ پاڻيا کي ملڪيت جي پيئي ڪونہ آهي. پريڪٽس تمام سٺي هلندڙ اٿس. باقي سوال آهي سندر آهوجا جو. هو ئي گهٽو ڪري اهو شخص آهي، جو سنيتا سان گڏ سي فيس هوٽل ۾ ويو آهي. هن وٽ اسٽيشن ويگن آهي. سنيتا وٽ مهابليشور ۾ بہ ويندڙ هو. هو اهڙو ڪم ڪري سگهي ٿو؟ ٿي سگهي ٿو تہ پاڻيا جي ڳالهہ سچي بہ هجي تہ هو سنيتا سان شادي صرف سندس ملڪيت لاءِ ڪري رهيو هو ۽ جڏهن هن اها ڳالهہ ٻڌي تہ سنيتا سموري ملڪيت پاڻيا کي ڏئي ڇڏي آهي تہ سهي نہ سگهيو آهي. سنيتا جي پيءُ کي بلڪل پسند نہ هو ۽ سنيتا کي بيحد پسند....آخر بہ ڇو؟ ڇو سنيتا ڪڏهن بہ هن شخص جو مون سان يا پنهنجي ساهيڙيءَ سان ذڪر نہ ڪيو؟

مون فيصلو ڪري ڇڏيو تہ مهابليشور مان تحقيقات پوري ڪري آهوجا سان ملندس ۽ سرگرمين تي چوڪسي رکندي. هن وقت هن سان ملڻ واجب نہ آهي، چاڪاڻ تہ نريش کان پهرين هن شخص جي ۽ سنيتا جي ماضيءَ بابت معلوم ڪرڻ بهتر ٿيندو. نريش سڀاڻي صبح جو اچي ويندو. ازانسواءِ سنيتا جي وڪيل سان پڻ ملڻو پوندو تہ سنيتا گفٽ ڇو ڪئي ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ ڪئي.

ائين ئي ويٺو هوس تہ دارو والا اچي ويو. مون چيو، "ايترو جلد؟"

"بس، موٽر سائيڪل تي ترت ئي نياپو ڏئي هليو آيس."

"چڱو! موٽر سائيڪل اندر گئريج ۾ ڪري رک." اسان پوءِ گڏجي ماني کاڌي. ٻاهر اچي ڪار ۾ ويٺاسين. دارو والا چيو، "ڪار مان ٿو ڊرائيو ڪيان."

"مون چيو، "چڱو، پهرين سڌو پيٽرول پمپ تي هل."

اسان اٽڪل ساڍي پنجين بجي مهابليشور پوليس اسٽيشن تي پهتاسين.

مون ڪرسچن کي چيو، "تون

ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڪرسچن ۽ دارو والا پڻ اچي ويا. ڪرسچن چيو، "ڪم پورو ٿي ويو." مون دارو واوا ڏي سوالي نگاهن سان نهاريو. هن چيو، "هتان جو ڪم پورو ٿيو آهي، باقي پرنٽس تہ پونا هلي ڊوپلپ ڪرٿيون پونديون. جي ضروري هجي تہ هت پڻ ٿي سگهن ٿيو، پر بهتر ٿيندو پونا هلي ڪجن جو اتي مڪمل بندوبست آهي."

مون چيو، "ٺيڪ آهي، پونا هلي ڪنداسين."

ڪرسچن ڪجهہ چانهہ ناشتو گهرايو. پورو ڪرڻ ڪانپوءِ مون چيو، "ان ڏينهن مان گهر جي تلاشي چڱيءَ طرح نہ وٺي سگهيو هوس. اچ وجي وٺي ٿو اچان، جيئن سپاٽي صبح جو موٽي سگهون."

"مان گڏ هلائوَ؟" ڪرسچن چيو.

مون چيو، "نہ! مان اڪيلو ئي ٿي ٿو اچان." مون کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي تہ ڪرسچن مون سان گڏ هجي.

رات جا اٺ وڳا هئا. اوندهہ ڪافي هئي، زبردست ٿڌ جي ڪري ماڻهو گهرن جون دريون پڻ بند ڪري وينا هئا. جاين جي روشندانن مان روشني نظر اچي رهي هئي، جنهن مان خبر ٿي پئي تہ ماڻهو اجان سمهيا ڪونہ آهن. هونئن بہ سمهڻ جو تہ اجا وقت بہ ڪونہ ٿيو هو.

مان ڪار ۾ چڙهي بازار لتاڙي، چوراهي تي آيس. اتي ڪار ڦيرائي سنيتا جي بنگلي ڏانهن رخ رکيم. بازار ۾ پڻ شانتي هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان ۽ ڪي هوٽلون کليل هيون. آمدرفت بلڪل ڪونہ هئي.

سنيتا جي بنگلي وٽ احاطي ٻاهران ڪار بيهاري گيٽ کولي وري ڪار ۾ چڙهي اندر آيس. ڪار بنگلي جي در وٽ پورچ ۾ بيهاري. بنگلي جو اهو مکيہ در ڊرائنگ روم ۾ ٿي کليو. ٻتي ٻاري روم جي باريڪيءَ سان تلاش ونڻ لڳس تہ من ڪي فيملي ڪتاب يا خط وغيره ملن، پر اهڙو ڪجهہ نہ مليو.

مٿي اچي ٻهرين روم ۾ داخل ٿي ٻتي ٻاريم. هن روم ۾ تہ سامان ٽڙيو پکڙيو ئي پيو هو. سڄي روم ۾ ديوارن، فرش توڙي سامان مٿان چڳي لٽ چڙهي چڪي هئي. ان روم جي ٻتي وسائي ٻاهر نڪري آيس ۽ چابين جي ٻئي چلي جو استعمال ڪري ٻئي روم ۾، جتان سنيتا جي پرس ملي هئي، داخل ٿيس. ٻتي ٻاري مون ٽيبل جا خانا کوليا. پلنگ جون چادرون الٽ پلٽ ڪيون، اهڙي ڪا اهميت واري چيز نظر نہ آئي.

گادريج جو ڪبٽ کولي ڏٺم. اندر ڪجهہ ڪپڙا، هار سينگار جو

سامان وغيره هو. هيٺان ٽجوڙي هئي. مون کولي ڏٺي، بلڪل خالي هئي. ڪبٽ ۾ مٿي هڪ بيو لاڪر پڻ هو. اهو کولي ڏٺم ته اندر هڪ باڪس نظر آيو. ڪڍي کوليم. ڪيترائي سونا زيور وغيره باڪس ۾ رکيل هئا. مان اهي ڪڍي قيمت جو تخمينو لڳائڻ وينس. عين ان وقت مونکي پنئين وراندي ۾ پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. مان منهن زيور باڪس ۾ ڪري آواز جي ٽوهه وٺڻ لڳس ۽ اجا ٻاهر نڪرڻ جو سوچي ئي رهيو هوس ته هڪ پٿر زور سان اچي منهنجي پنيءَ تي لڳو. مان ان جي پرواهه نه ڪري اڳيان وڌي وراندي جو در کولي ٻاهر نڪري آيس. ٻريان ڏٺم ته هڪ ڊگهو شخص ڪارن ڪپڙن ۾ تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي رهيو هو. مونکي دروازي کولڻ ۾ وقت لڳو، جنهن ڪري هو شخص اڳ نڪري ويو. مان پڻ سندس پنيان هيٺ لهڻ لڳس، پر منهنجي پهچڻ کان اڳ هو باٿ روم جي ڇت کان ٽپو ڏئي هيٺ پچي ويو. سندس رخ ٻاهرين گيٽ طرف هو، جنهن کان مان آيو هوس. مان پڻ باٿ روم جي ڇت کان هيٺ لهي آيس. ٻاهر احاطي مان ڦري وري ڊرائينگ روم کان اندر داخل ٿيس.

منهنجي سرير ۾ هلڪي ڏڪٽي پيدا ٿي وئي. هيءُ همٿ هارڻ جو وقت ڪونه هو. مون اندر اچي بنگلي جون اندرون توڙي ٻاهريون، سڀ بتيون ٻاري ڇڏيون. اندر بيڊروم ۾ اچي اهو پٿر ڪنيم، جو مونکي لڳو هو. پٿر سان هڪ چٺي ٻڌل هئي. سامهون ڏٺم، دري کليل هئي ۽ اهو پٿر ان دريءَ مان ئي آيو هو. مونکي ڇڙ اچي رهي هئي ته ڪرسچن ۽ دارو والا هيءَ دري کليل ڇو ڇڏي ويا. اڳتي وڌي دريءَ طرف ويس. دريءَ ڪي ڪا ضرب آيل ڪانه هئي، جنهن مان سمجهجي ته دري بند ٿيل هئي ۽ پوءِ پيڇي کولي وئي آهي. مان چٺي کولي پڙهڻ لڳس.

"مسٽر ناواڻي!

جيڪڏهن زندگي پياري اٿئي ته سڀ خفو ڇڏي ڏي. پوليس توڙي دنيا ڇاڻي ٿي ته مسز پاڻيا آپگهات ڪيو آهي."

چٺي ٽائيپ ٿيل هئي ۽ لکندڙ جو نالو ڪونه هو. مان ٻاهر نڪري هڪ دفعو وري سڄي بنگلي جو چڪر هڻي آيس. ٻاهر بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٻريان وڻن جا پوندڙ ڊگها ڊگها پاڇا هڪ پوائنٽو نظارو پيدا ڪري رهيا هئا. ٿڏ پڻ غضب جي پئجي رهي هئي. مون پاڻ ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق نه سمجهي. جواهرات ڪبٽ ۾ ساڳئي هنڌ رکي، بنگلي جا در بند ڪرڻ لڳس. بيڊ روم جو در بند ڪندي، ٻاهر

ورانڊي ۾ مونکي هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو نظر آيو. کڻي آيس، ڏٺم پنو بلڪل ساڳئي قسم جو هو ۽ ٽائيپ پڻ ساڳيءَ ۾ لکيل هو.

"نمبر 12 اڄ هي ڪم پورو ڪري جهاز واري رپورٽ باس کي اڄ رات کان اڳ ضرور پهچائج."

هن ۾ پڻ لکندڙ جو نالو ڪونه هو. بئي چٺيون کڻي مون کيسي ۾ وڌيون. جلد ئي بنگلي جا در ۽ دريون چڱيءَ طرح چيڪ ڪري، بتيون گل ڪري مان ٻاهر آيس. ساڳئي نموني ڪار ٻاهر بيهاري گيٽ لاڪ ڪيم ۽ سڌو پوليس اسٽيشن ڏانهن رخ رکيم. ان وقت مونکي تڏ بلڪل گهٽي محسوس ٿي رهي هئي. مان سوچڻ لڳس...ڇا هن معاملي ۾ ڪنهن گينگ جو هٿ آهي؟ ان وقت وڌيڪ ڪجهه به سوچي نه سگهيس. پوليس اسٽيشن تي پهچي ڪرسچن کان پهريون سوال جو مون پڇيو، اهو هو دريءَ بابت ته ڇو کليل رکي وئي هئي.

دارو والا چيو. "مون پاڻ سڀ دريون چڱيءَ طرح بند ڪيون آهن. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته اها دري کليل هئي؟"

مان سوچڻ لڳس، ڇا ان بدمعاش وٽ بنگلي جون چابيون آهن؟ هو سائي وانگر بنگلي تي پهرو رکي رهيو آهي؟...ڇو؟ دارو والا ۽ ڪرسچن جي وڃڻ کان ترت پوءِ هن بنگلي اندر داخل ٿي دري کولي آهي. صرف اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ٿي ته مان ويو آهيان.

++++++

ٻئي ڏينهن ٻاهرين بجي ڌاري پونا پهتاسين. مان سڌو گهر آيس ۽ دارو والا کي پڻ چيم ته گهران ٿي آفيس اچي پرنٽس ڊويلپ ڪري. هو پنهنجي موٽر سائيڪل کڻي هليو ويو. گهران ڪجهه آرام ڪري 3 بجي آفيس آيس. نريش واپس اچي چڪو هو ۽ منهنجي آفيس ۾ ئي ويٺو هو. روايتي گڏجاڻيءَ کان پوءِ مون چيو، "ڏي خبر معاملو ڪٿي پهتو؟"

"مان سمجهان ٿو اسان تهه تائين اچي پهتا آهيون."

"ڇڻ ڪيئن؟"

"سربستي ڳالهه هن ريت آهي. مان هتان سڌو ناسڪ ويس. اتي انسپيڪٽر ڪلڪرنيءَ سان منهنجي سٺي واقفيت آهي. ان جي مدد سان مونکي لڇمڻداس جي سچي ڪٿنب جي چڱيءَ طرح خبر پئجي وئي. شروع ۾ جڏهن هو اتي آيو هو ته ڪيس ايترو پئسو ڪونه هو، پر آهستي آهستي ٺيڪداريءَ مان چڙهيو. ماڻهو نيڪ نيت ۽ محنتي هو. سنيتا اتي انٽر تائين

داخل ٿي پنهنجي پنڌ ٿي. ترت ئي نريش پڻ اچي پهتو. ٻئي اچي ڪرسين تي ويٺا. نريش چيو، "هي آهي مسٽر سندر آهوجا.... ۽ هي انسپيڪٽر ناواڻي."

مون اٿي ساڻس هٿ ملايو.

مون چيو، "توهان کي مسز پانڊيا جي خون جي ته خبر هوندي؟"

"ها! هيل تائين ته مون ائين پئي سمجهيو ته هن آپگهات ڪيو آهي، پر هينئر انسپيڪٽر نريش ٻڌايو ته سندس خون ڪيو ويو آهي ۽ ان باري ۾ توهان، مون کان ڪجهه پڇا ڪرڻ ٿا چاهيو."

"توهان مسز پانڊيا کي ڪڏهن کان سڃاڻو؟"

"اٽڪل ڇهن سالن کان."

"توهان جو ساڻس رستو ڪيئن پئي رهيو آهي؟"

"مطلب؟"

"مان سمجهان ٿو، مان بلڪل صاف ڳالهائي رهيو آهيان."

"اسانجو صرف دوستيءَ جو رستو پئي رهيو آهي."

"اها حقيقت نه آهي ته توهان پهرين هن سان شادي ڪرڻ وارا هئا؟"

"دراصل اها هن جي راءِ هئي."

"پر توهان پڻ ساڻس شامل راءِ هئا."

"اهو ته..."

"بهتر ٿيندو ته سڌو جواب ها يا نه ۾ ڏيو."

"ٺيڪ ها!"

"توهانجي هانگ ڪانگ وڃڻ ڪانپوءِ، هن جي شادي مسٽر پانڊيا سان ٿي. ان جي جڏهن توهانکي خبر پئي ته توهان ڇا ڪيو؟"

"ڪجهه نه! ڇاڪاڻ ته منهنجو ان وقت شادي ڪرڻ جو ويچار ڪونه هو. مان هانگ ڪانگ هوس."

"توهان هانگ ڪانگ مان واپس اچڻ ڪانپوءِ هن سان ملندا هئا؟"

"ها! ۽ ان ڳالهه جي مسٽر پانڊيا کي پڻ ڄاڻ هئي."

"توهان هن سان جلد جلد ملندا هئا؟"

"ڇوته نه ٿو سگهان جلد جلد ڇا کي چئجي پر ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ملڻ ضرور ويندو هوس. دراصل منهنجي مسٽر پانڊيا سان پڻ دوستي ٿي وئي هئي. مان سندن ڪٽنب جو دوست هوس ۽ نه صرف مسز پانڊيا جو."

"توهان وٽس مهابليشور ملڻ ويا هئا؟"

"ها اٽڪل ٽي يا چار دفعا."

"ڇو؟"

هو ٿورو جهنجهلائجي اٿيو. چيائين، "ڪيس اهو سمجهائڻ ته هن

ٽري آٽي ٽيبل تي رکي. مان ڇانهه ٺاهڻ لڳس. مون چيو، "پر نريش ڪم ايترو سولو نہ آهي. هن ڪيس پٺيان ڪنهن اسمگلر گينگ جو هٿ آهي. منهنجي تہ مرضي آهي تہ مان آفيشل آرڊرس وٺي ڇڏيان. مون وٽ وري پستول بہ تہ آهي."

"تون هن ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪر. مان پوليس اسٽيشن تي وڃڻ شرط آهوجا جي چرپر تي نظر رکڻ جا آرڊرس ڏئي ٿو ڇڏيان. سموري تحقيقات هيڊ ڪوارٽر سان ڪنڊڪٽ ٿيندي. واردات پلي ستارا ضلعي ۾ ٿي آهي، پر ڇاڪاڻ تہ فوٽڻ پونا جي هئي تہ سچو ڪوڙو سراغ هت ئي حاضر هئڻ جي پاسيبلٽي وڏيڪ آهي. مان سڀ ريگيولرائيز ڪرائي ٿو ڇڏيان."

"مونکي تہ لڳي ٿو تہ آهوجا مان ئي سچو سڳ ملندو." مون ڪيس ڇانهہ جو ڪوپ ڏيندي چيو. بيو ڪوپ دارو والا ڏانهن وڌايم.

نريش ڇانهہ پيئندي چيو، "ءِ هو پريمچند وورا؟"

"ها!...هو جيڪڏهن ڪيس ۾ آهي تہ معاملو پاڻ وڏيڪ منجهيل سمجهہ. وورا جا ڪم بہ ڪجهہ اهڙا ئي آهن." مون چيو.

نريش چيو، "توکي هن بدمعاش واري جيڪا چٺي ملي، ان ۾ ڪنهن جهاز جي باري ۾ چيل آهي. ان جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ ڪجهہ اسمگلنگ وغيره جو معاملو پڻ آهي. وورا تہ هن ڳالهہ ڪي وڏيڪ ويجهو آهي، پر لڳي ٿو تہ آهوجا بہ ٿي سگهي ٿو."

"ڪيئن؟"

"ڇاڪاڻ تہ ظاهري طرح هو ڪو ڏنڊو ڏاڙي نہ ٿو ڪري. ڪنهن بہ ڪرت ۾ رڌل نہ هئڻ جي باوجود ڪار رکي وينو آهي. آهي برابر اڪيلو سر. سوال آهي تہ هي سڀ ڪجهہ ڪير ٿو مئنٽين ڪري؟"

"سنتيا! تو پاڻ ٻڌايو تہ هو ان ڳالهہ تي هريل آهي."

"بيشڪ! پر سنيتا هن کي هيترو خرچ اڪيلي سر ۽ اڻ ڇاٽايل مدي تائين پهچائيندي رهندي، ان ڳالهہ جي آهوجا کي پڻ پڪ نہ هوندي. ازانسواءِ سنيتا ڪيترو خرچ هن پٺيان ڪندي هئي، اهو پڻ ڇٽي نہ ٿو سگهجي."

"ائين نہ آهي. مون توکي سنيتا جي اسٽيٽمينٽ آف اڪائونٽس ڏيکاري هئي. هن ڪيترن وقتن تي ضرورت کان ڪافي وڏيڪ انداز ۾ پئسا پئي ڪڍايا آهن."

"برابر. جيڪڏهن هيءَ ڪنهن گينگ سان انوالو ٿيل آهي تہ ٿي سگهي

تو تہ ڪوئي ڪيس بليڪ ميل ڪري
رهيو هجي."

"ائين بہ ٿي سگهي ٿو.
بليڪ ميل ان گينگ پاران آهوجا ڪري
رهيو هجي يا وورا يا ٻئي."

"اهو سڀ تہ هن وقت چوڻ
مشڪل آهي."

مون ڪو جواب ڪونہ ڏنو.
ڪجهہ لمحن جي شانتيءَ بعد مون چيو.
"پر ان گينگ کي مونکي چتاءُ ڏيڻ جو
ڪهڙو ضرور پيو؟"

"اهو تہ سوپاويڪ آهي. هنن
آپگهات هلايو ۽ تو خون ثابت ڪيو.
هنن کي وري اهو اچي ڊپ ويٺو تہ متان
تون ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي وڃين."

"نہ! مان تہ وري ائين ٿو
سمجهان هنن ڏٺو تہ اسان ڳالهہ جي
بلڪل ويجهو اچي پهتا آهيون. ان
ڪري هنن ٻيو ڪو چاڙهو نہ ڏسي
دڙڪي کان ڪم وٺڻ جو سوچيو."

"تون سمجهين ٿو اسان هينئر
ڳالهہ جي ويجهو اچي پهتا آهيون؟"

"هينئر نہ. ان وقت جڏهن
چتاءُ مليو هو."

"ان وقت تہ اسانکي ڪيترين
ڳالهين جي ڄاڻ پڻ نہ هئي. اسان اڃا
شروعات ڪري رهيا هئاسين."

"شروعات تہ ڪري ڇڏي
هئيسين نريش!...هو سمجهن پيا تہ
اسان ويجهو پهچي چڪا آهيون...مان
ڪجهہ سوچ ۾ آهيان...پر ٻہ ٽہ ڳالهہ
پڪي ريت سجهي نہ ٿي."

ڪي گهڙيون بلڪل شانت
رهي، نريش چيو، "چڱو، تون سوچ مان
هلان ٿو." هو اٿي کڙو ٿيو..دارو والا
کي چيائين، "جيپ ۾ هلين ٿو؟ يا موٽر
سائيڪل آندي اٿئي؟"

هو بہ اٿي کڙو ٿيو. چيائين،
"هلو! مونکي هيڊ ڪوارٽر هلڻو آهي."
هو ٻئي موڪلائي هليا ويا.
مان ائين ئي ويچارن ۾ غلطان ويٺو
رهيس."

****

(ٻيو ۽ آخري حصو آئيندي شماري ۾ پڙهندا)